
ڊولا مارُو ڏَت
(خاڪا)
امر رائيسنگھ راجپوت
ڊولا مارُو ڏَت
امر رائيسنگھ راجپوت
ڪنول پبليڪيشن نمبر
260

# ڊولا مارُو ڏَٿ

(خاڪا)

## امر رائيسنگهہ راجپوت

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

BOOK NO: (260)

ڪتاب: ڍولا مارُو ڍٽ

(خاڪا)

ليکڪ: امر رائيسنگهه راجپوت

ڇاپو: آڪٽوبر 2019ع

ڇپائيندڙ: ڪنول پبليڪيشن، قنبر

03337523132

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع

www.sindhsalamat.com

قيمت: 300 روپيه

DHOLA MAROO DHAT

(PROFILES)

*: Amar rai Singh Rajput*

First Edition@ Oct: 2019

All rights reserved with the author

@ KANWAL, Publication Kamber

استاڪسٽ

سمبارا ڪنول ڪتاب هائوس، سيد آرڪيڊ، قاضي محلو ــ حيدرآباد

پٺاڻي ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو حيدرآباد ـ ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد ـ

شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاهه ـ ڪانياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي ـ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو ـ

مهراڻ ڪتاب، ڪپرو ـ العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ ـ سليمان برادرس، نواب شاهه.

مدني بڪ اسٽور، دادو ـ سراج بڪ اسٽور، قنبر، ٽر ڪتاب گهر، مٺي ـ

ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص ـ المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ ـ

عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ ـ مرچولال بوڪ ڊيپو، بدين ـ سوجهرو ڪتاب گهر، بدين ـ

سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر ـ ڪنول ڪتاب گهر، مورو ـ

# ارپنا

ننگر جي نامور سماجي اڳواڻ ۽ مسڪينن جي مسيحا
**مسڪين جهان خان کوسي**

ٿر جي مشهور شاعر ۽ سُگهڙ
**غلام محمد جنجهي**
۽
ڏيپلي جي ڏات ڌڻي
**سومجي مل ڌاراڻي**
جي نانءُ

- امر رائيسنگهہ راجپوت

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڍولا مارو ڍَٽ“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب سنڌ خاص ڪري ٿر، پارڪر ۽ ان سان لڳندڙ علائقن جي 54 شخصيتن جي خاڪن تي مشتمل آهي جنهن جو ليکڪ **امر رائيسنگهہ راجپوت** آهي. هو لکي ٿو:

”هي ڪتاب مون ماڻهو تي لکيو آهي نہ ڪي پٿر تي. هي ڪتاب لکندي مون نوي سيڪڙو ڌرتيءَ جو حقُ ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون اُنهن ڪردارن تي لکڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪئي آهي جن تي اڳ ۾ تمام گهٽ لکيو ويو آهي. يا انهن تي لکيو اٿم جن تي اڳ ۾ ڪنهن بہ ناهي لکيو. پنجاهہ کان مٿي شخصتين تي خاڪا هن ڪتاب جي خوبصورتي بڻيا آهن، ان ڪري توهان کي ڪٿي ورجاءُ محسوس ٿيندو، پر مون ورجاءُ کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ورجاءُ ان ڪري محسوس ٿيندو جو هڪڙي شخص واريون خوبيون ٻئي ۾ بہ ساڳيون ٿي سگهن ٿيون .باقي مون پنهنجي حساب سان سُٺو لکڻ جي سُٺي ڪوشش ڪئي آهي، بس پڙهندڙن جي اک پسند ڪري تہ مون لک ڪتيو .“

هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون امر رائيسنگهہ راجپوت جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي پاران: | امر رائسنگھہ راجپوت | 07 |
| ○ روپلو ڪولهي | | 11 |
| ○ رائچند راٺوڙ | | 15 |
| ○ صادق فقير | | 21 |
| ○ فقير مُقيم ڪُنڀار | | 27 |
| ○ امر جڳديش ڪمار ملاڻي | | 31 |
| ○ ارباب امير حَسن | | 36 |
| ○ ڀُورجي ”درٻار“ | | 41 |
| ○ ارباب نُور محمد راهمون | | 44 |
| ○ ارباب مقبول احمد راهمون | | 48 |
| ○ رام سنگھہ سوڍو | | 51 |
| ○ سنپو هميراڻي | | 56 |
| ○ گُل مُحمد لاٽ | | 63 |
| ○ نُور احمد جنجهي | | 67 |
| ○ امر ساهڙ | | 73 |
| ○ سُومجي مل ڏاراڻي | | 79 |
| ○ ڀارو مل امراڻي سُوٿهڙ | | 83 |
| ○ آس عبدالله هنڱورجو | | 89 |
| ○ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ | | 93 |
| ○ شريف هنڱورجو | | 97 |
| ○ ديوان ٽيڪچند راٺوڙ | | 99 |
| ○ امام علي جنجهي | | 102 |
| ○ موهن لعل لوهاڻو | | 108 |
| ○ ارباب عثمان راهمون | | 110 |
| ○ يوسف فقير | | 112 |
| ○ نيت سنگھہ سوڍو | | 114 |

- پيرجي نَگُر 118
- ناٿن سنگهہ سوڍو 123
- لکجي مهر 127
- ممتاز نهڙيو 130
- مُشتاق جنجهي 134
- ساگر خاصخيلي 137
- اشوڪ ڪُمار خاموش 142
- معصوم سُوندرائي 145
- بلاول اوٺو 150
- ارباب رياض احمد راهمون 155
- عارب فقير 159
- هيميڏان چارڻ 161
- ڊاڪٽر حاجي شفيع ميمڻ 165
- نثار بلوچ 169
- شنڪر ساگر 172
- جاني لنجو 178
- فيضُو فراقي 181
- پيرولال سُوٿهڙ 186
- پرت ڪمار نگاٽي 188
- محمد سانوڻ نُهڙيو 191
- دليپ ننداٽي 194
- محبُوب درس 198
- واگهو ڪولهي 204
- هيمراج سنگهہ سوڍو 207
- صفدر پنهور 208
- احمد ڪٽي 211
- ڇهن سنگهہ ڪوتڙيو 214
- ٽپيدار سروپ سنگهہ ڪوتڙيو 216
- غُلام رسول نهڙيو 222
- جَڳُو نائي 224

# پنهنجي پاران

ڌرتيءَ جا درد لکندي لکندي هڪڙي ڏينهن سوچيم تہ ڇو نہ اُنهن مهان ماڻهن تي لکجي جن، ڌرتيءَ لاءِ جيون دان ڪيا. جن صحي نموني ڌرتيءَ جو حق ادا ڪندي پنهنجي ماتائن جي ٿڃ ملهائيندي، پتائن جي پَت رکي، جن سماج جي ڀلي لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون. جيڪي اڄ بہ اسان لاءِ رول ماڊل واري حيثيت رکن ٿا .مُنهنجي ننڍڙي ذهن ۾ ايڏي وڏي سوچ تہ آئي، پر خاڪا نويسي وارو خفو تمام ڏُکيو محسوس ٿيو پر پوءِ بہ ان سان نوي سيڪڙو نيائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم .عبدالقادر جوڻيجي ڪٿي لکيو آهي تہ ”غير جانبدار صرف پٿر ٿيندا آهن“ سو آئون هن ڪتاب ۾ اوهان کي ڪٿي ڪٿي جانبدار نظر ايندس، ڇاڪاڻ تہ آئون بہ پٿر ناهيان، هڪڙو جيئرو جاڳندو ماڻهو آهيان، ماڻهو جنهن کي ٻُک بہ لڳي ٿي، تہ اُڄ بہ ستائي ٿي، ماڻهو جنهن کي پائڻ لاءِ ڪپڙا بہ کپن ٿا تہ رهڻ لاءِ اڀرو سيرو اولو بہ کپي ٿو. هي ڪتاب مون ماڻهو تي لکيو آهي نہ کي پٿر تي. هي ڪتاب لکندي مون نوي سيڪڙو ڌرتيءَ جو حقُ ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون اُنهن ڪردارن تي لکڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪئي آهي جن تي اڳ ۾ تمام گهٽ لکيو ويو آهي. يا انهن تي لکيو اٿم جن تي اڳ ۾ ڪنهن بہ ناهي لکيو. پنجاهہ کان مٿي شخصتين تي خاڪا هن ڪتاب جي خوبصورتي بڻيا آهن، ان ڪري توهان کي ڪٿي ڪٿي ورجاءُ محسوس ٿيندو، پر مون ورجاءُ کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ورجاءُ ان ڪري محسوس ٿيندو جو هڪڙي شخص واريون خوبيون ٻئي ۾ بہ ساڳي تي سگهن ٿيون . باقي مون پنهنجي حساب سان سُنو لکڻ جي سُني ڪوشش ڪئي آهي، بس پڙهندڙن جي اک پسند ڪري تہ مون لک ڪٽيو .

مون سياستدانن تي بہ لکيو آهي تہ صحافين تي بہ لکيو آهي. زميندارن تي بہ لکيو آهي تہ هارين تي بہ لکيو آهي. شاعرن ۽ اديبن تي لکندي مون سُگهڙن تي بہ لکيو آهي تہ فنڪارن تي بہ لکيو آهي. مون جتي ونگي جي ڄام ارباب اميرحَسن تي لکيو آهي اُتي هوٽيئر جي حَسين ڇوڪري ڄڄو نائيءَ تي بہ لکيو آهي. آروڪيءَ جي راڻي رام سنگهہ سوڍي تي لکيو آهي تہ ڪونياريءَ جي ڪِنگ روپلي ڪولهي تي بہ لکيو آهي. مون

ذات، پات، مذهب، رنگ، نسل کي هڪڙي پاسي رکي متيءَ جو ماڻهو ٿي متيءَ جي ماڻهن تي ئي لکيو آهي .مون فنڪاراڻي انا کي هڪ پاسي رکي اُنهن تي بہ لکيو آهي، جن مون کي سدائين” ڪري جو ٻاهريون ڪڻ“ سمجهيو آهي. هي ڪتاب هڪڙو هيرن جو هار ڪري پويو آهي .ان هار جو ٻيو حصو بہ ايندو. هڪڙي ڪتاب ۾ سيئي هيرا نٿا سمائجي سگهن. ڪتاب وڏو ٿئي ٿو. ان ڪري ان جا بہ واليوم ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. هن ڪتاب جو نالو مون شيخ اياز جي مشهور بيت مان کنيو آهي جيڪو بيت هن ڪتاب جي مُنڍ ۾ شامل آهي. باقي مون ڇا لکيو آهي؟ مُنهنجي لکڻيءَ ۾ ڪهڙو چس آهي يا بي سواد آهي .ان ڳالهہ جو فيصلو توهان پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو .

واندو ويهڻ کان لکڻ بهتر سمجهندو آهيان. مُنهنجي تخليق کي ڪتابي شڪل ڏيارڻ ۾ دوستن جا وڏا هٿ آهن، نت هڙي مهنگائيءَ جي عذاب ۾ آئون بيروزگار ڪٿي ٿو ڪتاب ڇپرائي سگهان. اها سڀ دوستن جي ڪرم نوازي آهي. آئون اُنهن جا وڙ ڪيئن وساريان جن مون کي سدائين سڳن ڀائرن وانگي ڀانئيو آهي، جن مون کي پنهنجي پريوار جو ڀاتي سَمجهي پيار ڪيو آهي، اُنهن مور ماڻهن ۾ جهرمريو جو ڪمانگر ڪوي پيرجي نَڳر، سومڻهار جو چَتر منش چتر سنگهہ رانوڙ جهرمريو جو جوان حاڪم سنگهہ عُرف حاڪم جي، ڪُتاني جي پاڳاراڻي پريوار جا ڪرم وير پُتر پير ڪيت سنگهہ ، پير صاحب پاڳارا ڪانجي سنگهہ ۽ درياءَ دل سوڍو ڪيسر سنگهہ، پابوهر جو رمٽيڪ سوڍو راجوير سنگهہ، منهنجي ڳوٺ جي چند چڱن ۾ پلا ڀائر نيت سنگهہ ڪونپاڻي ۽ ڊاڪٽر موهن سنگهہ رانوڙ DVM، پابوهر جو پَر اُپڪاري سوڍو رائسنگهہ، مندر واريءَ جو مور سليم راهمون، آروڪيءَ جو ابابيل سوائي سنگهہ سوڍو سروپاڻي، هوٿيڙ جو پروانو پدم سنگهہ پٽي، همير جي ڍاڻي جو پدم سنگهہ سوڍو، هيلاريو پير جو دانش ٻالاڻي، ڪيرٽيءَ جو ڪامريڊ سوڍو سورن سنگهہ، اسلام ڪوٽ جو نبو سردار سروپ سنگهہ سوڍو، هٽڙيءَ جو راج ڏٽي خليل الله راهمون، مچيائوُ جو مور نگجي راجپُوت شامل آهن.

**ـ امر رائيسنگهہ راجپوت**

**ڪڻ ڪڻ منجهہ ڪهاڻيون، ڍولا مارو ڏٿ،**
**مُور نہ تنهنجو مٿ، ڌرتيءَ تي ڪو ديسڙا!**
(شيخ اياز)

# روپلو ڪولهي

اوڻهين صديءَ ۾ جڏهن سموري سنڌ پرڳڻي ڪي انگريز شاهي پنهنجي هٿ ڏرميءَ سان هٿ وس ڪري ورتو هو. جڏهن سنڌ جا حاڪم مير ٽالپر ڊُبيءَ ۽ مياڻيءَ جي معرڪن ۾ هارائي ويا هئا. جڏهن آزاد سنڌ جو جهنڊو حيدرآباد واري قلعي تان لهي ويو هو. تڏهن پارڪر جي پرڳڻي جي پت رکڻ لئہ سوڍا سنڌرا ٻڏي بيهي رهيا هئا ۽ انهن بير بانڪن سان گڏ ڪاترون ۽ ڪُهاڙيون کڻي رڻ پوميءَ ۾ ڪنهن ڪيهر جيئن للڪاريندي لٿا هُئا, ڌرتيءَ جا اصلوڪا ڌڻي دراوڙ نسل جا دلير, پوئينگ رنگ ڪارڙا ڪولهي. اُنهن ڪولهين ۾ هڪڙو ڪونياريءَ جو ڪِنگ گوئيل گوتر سان تعلق رکندڙ جوراور جوڌو ۽ رڙيامڻو رڻ بانڪو بہ هو. جنهن جي وفاداريءَ ۽ سورهيائيءَ جا گُڻ ننگر جو وڻ وڻ واڪاڻن ۾ ڳائي ٿو. پارڪر جو پٽر پٽر هُن جي ويرتاھ جي وڏن اکرن سان پريو پيو آهي. ديس جي ڪلاڌاري ڪلاڪارن جا ڪنٺ روپلي جا گيت ڳائي ڳائي اڄ بہ ناهن ٿڪا. ڌرتيءَ جي چِتر ڪوي چارٽن ڪارونهجر جي هن ڪونپي ڪي رزميہ ڪوتائن ۾ ڪيئي رنگ ڏنا آهن:

**ڪارونجهر ري ڪونگري وڏا واجين ڍول**
**راوتان ۾ ڪولهي روپلو ونڪا ٻولي ٻول**

اپريل1859ع تي ٽيليگراف ڪاتي ۾ ڪنهن ڪلرڪ سان هڪ ڪولهيءَ جي ٽيل معمولي ڏند اوٽل وڏو ممڻ مچائي وڌو. رعيت جي رکوالن جو رت ٽهڪي پيو. بغاوت جي باھ ۾ ڏونگر ڏينهن جيئن تپي پيو هو. رڻ گجيو ۽ راڙو ٿيو. يڌ پوميءَ ۾ ويندڙ ويرماڻسين جي ماٿي تي سندن پٽنين، مائرن ۽ ڀينرن ”وجئہ تلڪ“ لڳائڻ شروع ڪيا. چارڻن سُوراتڻ ڏيڻ لئہ رزميہ ڪوتائن ۾ ڌرتي ڌڻين ڪي رنگ ڏنا. امل ڪنسوبا ڪري يوڌن تلوارن جي تجلن سان رڻ پوميءَ ۾ راند ڪئي. سر ٻاجهر جي سنگن جيان لٽيندا ۽ لُٽائيندا رهيا. سرڪاري آفيسن ۽ سرڪاري شين کي تباھ ڪندا رهيا.

ننگر ناس ٿي ويو. مختيارڪار بهادر لڪي ڀڄي پنهنجي جان بچائي، گورن کي اطلاع ڪيو تہ ننگر ٻري رهيو آهي. ساندھ ٿي ڏينهن جي جنگ ڪانپوءِ انگريز فوج بلوچ ريجمينٽ جي روپ ۾ آئي ۽ چندن گڊ ۾ چاوو ٿيو. جوڏي جهيڪ رڻ مچائي ڇڏيو. آخرڪار ڪن لالچو لُچن ديس دروهي ڪندي ”پنهنجن پُٽ ۾ هنيا“ واري ڪار ڪئي ۽ ننگر هارائي ويو. سوڍا ڇڙ وڇڙ ٿي ويا جن لئہ ڪارونجهر ماءُ جي ڪُک ٻڌيو. پالڻهار ٿيو ڪونياريءَ جو روپلو ڪولهي. جنهن راڻن کي رازداريءَ ۾ رات جي پيٽ ۾ رزق رسائڻ وارو ذمو کنيو ۽ آخري پساهن تائين نڀايو پر هڪ لهاڻي ۽ ٻاوي جي دغابازي وطن جي هن وير بهادر کي دشمن وٽ ڦاسائي وڌو.

اڄ کان ڏيڍ صدي اڳ رڻ ڀومي جي اُن روپاڙي ڪولهي پنهنجي رت جو رنگ هڻي ڌرتيءَ جي ڏوج کي انجس سان ڪارونجهر جي ڳر تي دودي سومري جي رڦندڙ مُڇ جيان ڦڙڪايو هو. ڪونياريءَ جي اُن ڪيهر جو رمڻيڪ نانءُ هو رُوپلو. رُوپلو جنهن جي رُوپ تي هي روپونتي ڌرتي اڄ بہ انجس ڪري ٿي. روپلي نہ رڳو دوستيءَ جو ڌرم سنڀاليو پر سرزمين سنڌ جي مٽي جو مان رکندي ويرگتيءَ کي ويجهو ٿيو. هن جو ڳاڙهو رت پارڪر جي پٿرن تي ڪٿوري ٿي ڪليو. اُپجس ڏاري لالچوءِ ديش دروهي دغاباز ڌرتيءَ جو سراپ نہ سهندي مٽي جو ڪاڄ ٻڻجي ويا، جن جي ڪير ورٿي بہ نہ ٿو ملهائي، پر هن امر نامي مسڪين مارو ماڻهون روپلي ڪولهي کي هن روپالي ڌرتيءَ جي تابناڪ تاريخ پنهنجي وشال هنج ۾ ائين رکيو آهي جيئن ڀٽ جي ڀٽائي هن بيت ۾ فرمايو آهي تہ:

لائي لام الف سين ڪاتب لکيو جيئن
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾

روپلي کي ڪنهن بہ گجراج يا ڌجراج جي لوڙھ نہ هُئي نہ ئي وري هن ڪنهن فرسٽ ڪلاس يا ٿرڊ ڪلاس جاگير حاصل ڪرڻ جا جتن ڪيا هُئا. هُن تہ سر ڏنو هو فقط ساٿيهہ لئہ. هُو سر ڏيئي سرهو ٿيو هو پنهنجي ساھ

سريکن سوڍن لئہ. اُنهن سوڍن لئہ جن وٽ ڌرتيءَ جاگير کان وڌ ماءُ جو درجو رکندي هُئي. هُن گورن کي پوميءَ تان پڇائڻ لئہ آخري هچڪي تائين لڙڻ پسند ڪيو هو پر ڪنهن اجنبي جي اڳيان آڻ نہ مڃي هُئائين. هُن کان روپوش سوڍن لڏو سنگهہ ۽ اُڏيسنگهہ جو ڏس پڇيو ويو تڏهن زنده دليءَ سان مُڇن کي تاوَ ڏيئي اهو چيو هيائين تہ سوڍن جو آئون ڏس ڏيندس تہ منهنجو ديس لجي ٿيندو. منهنجي ماءُ ڪيسري ڪولهڻ جي ڪُک ڪلنڪ دار ٿي ويندي. منهنجي ارڌانگي ميٺاوتيءَ جي ماٿي ۾ مينهن وسازي جيئڻ جرڪندڙ سنڌُور جو رنگ سانورو ٿي ويندو. ان ڪري اي تروٽ! آئون تو سان مرڻ گهڙي تائين مقابلو ڪندس. اهڙي طرح هُن سوڍن جو ڏس نہ ڏنو هو. انگريز تروٽ طرحين طرحين جا ويڻ چوندي ڪيئي لالچون ڏنيون، پر هي مرد مجاهد لالچن تي بہ نہ هرکيو تڏهن ائہ تہ ڪيترن قسمن جون اذيتون ڏنيون ويون. هٿ جي ترين تي تيل جا ڏيئا ٻاريا ويا هئا. اُگهاڙن پُٺن تي ڦٽڪا هنيا ويا هئا. هٿن پيرن جا نُنهن پڪڙن سان ڇڪي ڪڍيا ويا هئا، پر مادر وطن جو هي نو رتن وير بانڪو ڪولهي پُٽ پنهنجي پرڻ تان انچ بہ نہ ڦريو هو. سامتي سُوراٽي جو سُت ڪپوت ڪيئن ٿي ٿي سگهيو. هُن پنهنجي پيءُ جي رت جي پت رکي پاڻ ملهائڻ چاهيو ٿي .ان ڪري ڪنڌ مٿي ڪٽي چوندو رهيو تہ سوڍا منهنجي ساهہ ۾ آهن. راٺا منهنجي روح ۾ رمي رهيا آهن. منهنجو ساهہ ڪڍي راٺا هٿ ڪيو. منهنجو روح قبض ڪري هن ڌرتيءَ تي قبضو ڪري سگهو ٿا باقي جيستائين جسم جي پنجري ۾ روح جو عقاب رمي رهيو آهي تيستائين منهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي ڌٽين ڌانهن ڪنهن ميري اک کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ آئون اکيون ترورن سميت ڪڍي ڇڏيندس. سوڍن ۽ ساٽيہ سان غداري ڪرڻ جهڙي گار پرائي پنهنجي اڇي ڪبوتر جهڙي اُجري ڪردار تي ڪلنڪ لڳڻ نہ ڏيندس . پنهنجي ماٽينگر ماتا ڪيسري ڪولهڻ جي مضبوط ٿڃ پي وڏو ٿيل آئون روپلو ڪولهي ڪارونجهر جي ميٺوڙي ڪور کي رت جي سُرخي هٽي صدين لئہ سُرخرو تہ ڪري سگهان ٿو پر غداريءَ جي ڪاجل سان ڪلنڪ

نٿو هٽي سگهان. چاهت مان چونئريءَ جا چار ڦيرا ڦري پنهنجي جيون کي جرڪائيندڙ ميٽاوتيءَ جي مانگ ۾ چرميءَ جي ڏاٽي جيئن چمڪندڙ منهنجي نالي جي سندُور کي ڍاٻڀٽي جي ڏُک سان ميٽائي ته سگهان ٿو پر ڪانئرتا جي ڪاري ڪجل سان هن جي اوجيسوان اکين کي شرم مان هيٺ جهُڪائي نہ ٿو سگهان. جڏهن آئون ڦاهي جي

ڦنڌي کي چُمي ويرگتي کي پراپت ڪندس تڏهن منهنجو وطن مون کي پنهنجي گگن جو ڪفن اوڍائي سرهو ٿيندو. منهنجي ويرگتي پرائڻ تي منهنجي ماتا جي اکين مان انجس جا آنسو برکا رُت جيئن برسندا. منهنجي پتي ورتا پتنيءَ جي هردي ۾ مون لئہ مان وري بہ وڌي ويندو. هُوءَ پنهنجي سهيلين ۾ ڳاٽ اوچو ڪٽي مون تي مَرڪ ڪندي.منهنجو بابل سامتو ڪولهي پنهنجي ساٿين سان ڪچهريون ڪندي منهنجي نالي جا نوحا نہ پر منهنجي ويرتاهہ جا راسوڙا ڳائيندو. منهنجو ايندڙ پُٽ آزاد ڪارونجهر جي هنج ۾ بنا ڪنهن ڪُٽڪي جي راند ڪندو. منهنجو ڳوٺ ڪونياري پارڪر جي سرزمين تي اوچي ڳاٽ سان ناٺ ڪندي ڪوٽن ۽ قلعن برابر رهندو ۽ منهنجو نالو سنڌ جي سُور ويرتائي اتهاس ۾ امر رهندو اهو ئي منهنجو جنم سُڌارڻ جو موقعو هوندو. اهو ئي مون لئہ وڏو انعام هوندو:

***گدان سريگو گام راهسي ڪونياري راج ۾**
**امر روپي تٽون نام ڪولهيان ڪُل اجالي گيو**

چوڻ وارا چون ٿا تہ 1860ع ۾ روپلي جي ساٿي باغي سوڍن اڌيسنگهہ ۽ لڌوسنگهہ کي چوڏهن سال ڪاري پاڻي(اندمان ڪوبر جا جهنگلي ٻيٽ ) اُڪاريا ويا ۽ روپلي کي ٻبر جي وڻ ۾ ڦاهي ڏني ويئي.ان ڪري گوئيل گوتر وارا ڪولهي اڄ ڏينهن تائين ٻبر جو ڏنڊڻ ڪون ڪندا آهن.

* روپلي بابت ٻئي دوها پارومل امراڻي جي ڪتاب ”چتر ٻولي چارڻان“ تان کنيل آهن.

# رائچند راٺوڙ

هُئين تہ ٿرپائيءَ جي سموري سر زمين هيرن جي کاڻ آهي. پر ٿرپ واري ٻوڻءَ جو ڀاڳ سيني ڀاڳن کان ڪجهہ سرس ۽ سوايو آهي. انهي ڀاڳ ۾ سُڀاڳ ڏات جي دل ڇيلهار جي چمنستان نگري آهي. هن ننڍڙي نگريءَ جو نصيب ئي نرالو آهي ، جو ان جي آڪاش تي اهڙا چلولا چنڊ ڪڙيا آهن جو انهن جي سهائيءَ ۾ سمورو ساٽيهہ ڪنجهي تي وڄ وانگي چمڪي رهيو آهي . آيل کي آدر ڏيندڙ سوڍائڻ جي سورج جوجهارسينگهہ ساڏور، پارڪر جي ٿرن کي لتاڙي صدري ساهتيہ جا سمنڊ ولوڙي ” پراڻي پارڪر“ جهڙو رتن پراپت ڪندڙ منگهارام اوجها ۽ مٽيءَ جي ماڻهن جون ڳالهيون ڳوليندڙ همروت ڇتيسيءَ جي سنڌيڪار ، ٿر جي لوڪ ديوتا ڀارومل امراڻي کان وٺي هن واريءَ جي ڪڻ ڪڻ جون ڪهاڻيون ڳولي وڻ وڻ جي وارتا لکي ٿر کي جڳا جڳ جئيرو ڪندڙ سرگواسي رائچند راٺوڙ تائين هن ڀهگٽي ڌرتيءَ جا اهڙا املهہ ڪردار آهن ، جن کي اتهاس پنهنجي اندر ۾ صدين لاءِ سانڍي رکندو. ڇيلي ڇارڻ جي هن چلولي نگريءَ جي مٽيءَ ۾ مالڪ اهڙي ڪا مٺيا رکي آهي، جو هڪ کان مٿي هڪ هيرو پيدا ٿئي ٿو. مهمان نوازيءَ جي مريادا رکڻ کان وٺي اتهاس اڏڻ تائين هن شهر جي سر زمين سنڌي تهذيب کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي.

بليڪ اينڊ وائيٽ واري پراڻي دؤر ۾ سندس فلمايل ڦوٽو کي ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ استاد رائچند راٺوڙ جو تعلق راجستان جي ڪنهن سورج ونسي راٺوڙ پريوار سان هو. مٿي تي راجپوتاڻي وڙي سان ٻڌل ڦينٽو، سفيد ويس ۽ مڇن جا ڪُنڍا ڇلي نما ونگ ڏسي ائين لڳي ٿو تہ جڻ ڪو رڻ ٻوميو راجپوت امل ڪسونبا ڪري اجهو يڌ جي تياري ۾ طبل وڄڻ جو انتظار ڪري رهيو هجي. مالڪ هن مهان هستي کي نوراني سونهن سان نوازيو هو. هن جي وشال اکين ۾ اهڙي ڪرشمائي ڪشش جهلڪي ٿي، جو ڪيئي سال پراڻو ڦوٽو بہ تازگيءَ جو احساس ڏياري ٿو. سر زمين سنڌ جي هن سڀاڳي

پُٽ جو جنم 8 ڊسمبر 1912ع تي چتون مل جي گهر ۾ ٿيو. چتون مل چيلهار شهر جو پڙهيو ميگهواڙ هو. شريمتي هانسو ٻائي جي ٿاوَر ٿج پي وڏو ٿيل رستم رائچند راٺوڙ ٿر جو اهڙو لاکيڻو رتن آهي، جنهن جي چمڪ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ هن ڀومي جي چارڻ ڪي تارن وانگي چمڪايو آهي. هن جي شهر آفاق تصنيف ”تاريخ ريگستان “ (ٻن جلدن ۾) جنهن بہ پڙهي هوندي، تنهن اهو ضرور چيو هوندو تہ رائچند جهڙا مهذب ماڻهو ڪنهن خوشنصيب خطي جي ئي مقدر ۾ ملندا آهن. اهڙا ماڻهو ديومالائي آتما جا مالڪ هوندا آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ سجاڻي، پنهنجي حصي جو ڪم مڪمل ڪري ونندا آهن. اهڙن الوڪڪ ماڻهن جا گڻ صديو ڳائينديون آهن. ٿر وطن جو هي مور پنک جهڙو مورخ شروعاتي تعليم کان ونئي ست درجا سنڌي فائينل تائين پنهنجي اباڻي شهر چيلهار ۾ پڙهيو. پڙهائي پوري ڪندي ئي ترت ماستري جي نوڪري ملي ويئي. سن 1928ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين چيلهار ۾ استاد مقرر ٿيو. بر صغير جي ورهاڱي وقت ٽرنينگ ڪاليج فارمين ۾ هن بہ سال سکيا بہ حاصل ڪئي.

استاد رائچند راٺوڙ سرڪاري نوڪري واري وقت سنڌ جي الڳ الڳ شهرن واهڻن وستين ۾ پنهنجا فرض بنهہ ايمانداريءَ سان سرانجام ڏنا. خاص ڪري مٺي، ٽنڊو محمد خان، آهوري، ڀوريلو، رائلو ۽ جوڳي مڙهي شامل آهن. استاد جڏهن چيلهار ۾ ڊيوٽي ڪئي، تڏهن سندس دوستن محمد سومار بجير، سائين ڀانو مل ۽ گٽيس داس سان گڏجي هڪ ننڍڙي لائبريري جو بہ بنياد رکيو. اها لائبريري گٽيس داس جي دڪان ۾ قائم هئي. جتي تاريخ تي وڏا وڏا بحث ٿيندا هئا.

تاريخ تي بحث ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ ٿر جي واريءَ جي سمنڊ کي جهاڳڻ ۽ کوجنا ڪرڻ استاد رائچند جو ننڍي هوندي کان ئي وڏو شوق هو، ان شوق هن کي سڄي عمر سکون سان ٽانيڪو تي ويهڻ نہ ڏنو. ڪڏهن گهوڙي تي تہ ڪڏهن اُٺ تي، ڪڏهن پير ۾ جُتي تہ ڪڏهن پيرين اُگهاڙون پنڌ ڪندو رهيو. جهونن جي سينن جي سمنڊن مان صدري ساهتيہ جا

موتي ميڙڻ لاءِ هي مرد مجاهد نہ ڏينهن ترسيو نہ رات.! ڏوراهن ڳوٺن ۾ وڃي ساڄاهہ وندن جي ڪچهرين مان فيض پرائڻ لڳو. سفري سهولتين جي قحط ۽ علمي آسائشن جي اٽاٽ جي باوجود هي مڙيو مُور ڪونہ. هار مڃي ماٺ ڪري ويهي رهڻ هن جي وڙ ۾ ئي نہ هو چاڪاڻ تہ هن پڪو پهہ ڪيو هو تہ. ڪيئن بہ ڪري ٿر جي تاريخ ضرور لکندس. ٿر جي تاريخ لکڻ ڪو مذاق نہ هو. هي انتهائي غير معمولي ڪم هو پر، چوندا آهن تہ، همٿ بندو مدد خدا! سو هن همٿ ڪئي ۽ مالڪ هن جي سهائتا ڪئي. ڏهہ ٻارنهن سالن جي مسلسل جدوجهد کان پوءِ نيٺ وڃي هن گهڻي پاڱي مواد هٿ ڪري ورتو. سال 1947ع ۾ جڏهن محمد اسماعيل عُرساڻي مٺيءَ ۾ پهريون اسسٽنٽ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي آيو تڏهن هن پنهنجو لکيل سمورو مواد سائين کي ڏيکاريو. عُرساڻي صاحب مواد ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ جلد ڪتاب لکي پورو ڪر. آئون مدد ڪندس. عرساڻي صاحب جي ڪيل همٿ افزائي هن جي اندر ۾ توانائي وارو ڪم ڪيو ۽ هن ڪم کي جاري رکيو. 1950ع ۾ جناب مير محمد بخش خان ٽالپر سان ملاقات ٿي. جنهن بہ ڪيس همٿايو ۽ ڪجهہ ڪتاب مطالعي لاءِ ڏنا ۽ چيائين تہ ڪتاب لکي پورو ڪر. تنهن کان پوءِ رائچند صاحب سڄو مواد نئين سر سنواري سڌاري وري لکيو. جيڪو عوام جي هٿن تائين ”تاريخ ريگستان ) “ بہ جُلد ) جي نالي سان پهتو. جنهن کي پڙهي ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويون تہ. هڪ ميگهواڙ ماستر هيڏو وڏو ڪم ڪيئن ڪيو. انهن کي شايد اها سُڌ نہ هئي تہ ” ذات نہ آهي ذات تي جو وهي سو لهي“ ڇوت ڇات واري ڦهري دور ۾ جڏهن ميگهواڙن کي اڇوت جي ذمري ۾ آڻي، انهن سان ڳالهائڻ بہ گناهہ تصور ڪيو ويندو هو. انهن کي پلجي ڇهڻ کان پوءِ ” سوناڻي پاڻي “ جو ڇنڊو هڻايو ويندو هو .ڪنهن وار پرب تي انهن جو مُنهن ڏسڻ بہ پاپ سمجهيو ويندو هو. جڏهن اڇوتن لاءِ اعليٰ ڪپڙا پائڻ بہ منع هو. جڏهن ڌرمي ڪتابن تي صرف هٿ ٺوڪين روايتن آڌار اتم ذاتين جو قبضو هو. جڏهن ٻڳوان جي گهر مندر جي اندر بہ پيد پاوَ وارو برتاوَ ڪيو ويندو هو.

اهڙي درد ناڪ دؤر ۾ ڪو ديومالائي ڪردار ئي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏيئي سگهيو ٿي. اهو ديومالائي ڪردار رائچند راٺوڙ ئي هو. جيڪو پنهنجا برتن ساڻ کڻي وقت جي "وڏن" جي اوطارن ۾ پٽ تي ويهي، پنهنجو پاڻ کي ننڍو ڪري بہ ٿر کي اوچو ڪندو رهيو. هن ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪئي. جتي بہ ويو صرف ٿر لاءِ ويو ۽ ٿر جي ڳالهہ ڪئي. هن کي ٿر جنميو ۽ هن ٿر کي صدين لاءِ جيئدان ڏيئي ڇڏيو! هن مرد مجاهد غير جانبدار ٿي تاريخ لکي آهي، هي جانبدار بہ ٿيو آهي تہ صرف ٿر جو هن ذاتي بغض ۾ اچي ڪنهن سان بہ ناانصافي ناهي ڪئي، هن تہ انهن جي بہ ساراهہ لکي آهي جن هن جي قبيلي جي اوقات سدائين اڪ جي پُڙي سان ناپي آهي، اهڙا ئي هوندا آهن سچا ۽ کرا مُورخ، جيڪي ڌرتيءَ جي هر دور کي سچائيءَ سان قلم بند ڪندا آهن، ڌرتيءَ جي هن دادلي قلم ڪار پنهنجي ڪُلوان قلم سان سندس شهر آفاق تصنيف "تاريخ ريگستان" ۾ قلم بند ڪيون آهن پٽ پٽ جون کهاڻيون، ڏهر ڏهر جا ڏيک، کيتن جا خوبصورت نالا، مڙهن جون مُسافريون، وڻ وڻ جون وارتائون، ٻوٽن جو ٻاٻورجڻ، گاهن جي گلزاري، ولين جا واڪاڻ، ٿر جي آباد ٿيڻ جا ازلي اهڃاڻ، قومن جا ڪرم، ٿر جي ٻولي ۽ ان جا لاڪيٽا لهجا، ڍاٽيون ۽ ڳوٺ، سنئوڻ ۽ ساٿ بہ هن اتهاس جو حصو بڻايا آهن، هن لکيو آهي ٿري عورتن جي ورن سان وفاداريءَ ۽ گهرن سان گهرائپ، پنچائتن جا پانپرا، گوترين ۽ گناتن جو گيان، ذاتين جون نُکون، نياڻين جي اُڪلاءَ جا طور طريقا، شادين جون محبوب رسمون، ڏوري جا ڏنجهہ، ميٽ محبت، برسات جي سڪ ۽ ان جون آڙيڪاپ اڳڪٿيون، مورن جون پُڪارون، تاڙن جي تڙپنا، اُٻن جا آسرا، موڳن جي من ڀاونا، ڦوڳسي جا ڦُل، ترايون ۽ تلاء بہ هن ڪتاب جو حصو آهن. هن ڪتاب ۾ اوهان کي پڙهڻ لاء ملندا، سانيڪن کوهن جا دلربا منظر، ويرين جو وارڻ، کوهن کوٽڻ جي ديسي انجنيئرنگ، پاڻي لاء پُڪارون، روينيو جا رواج، پوک پوکڻ جا نرالا نمونا، هاريپ جا هڏ ٽوڙ درد، پکين کي ڀڄائڻ ۽ اَنُ کي بچائڻ لاء ٿيندڙ پانپرا، ٽاٽ جا ٽڙڪاٽ، گوڦڻ جا زوڪاٽ، ڀينيئي جا ڀُرڙاٽ، آٻٽن جا آڪار، همرچن

جي هونگار، ڪري ڳُڻڻ جا جتن، اَنُ رکڻ جي انجنيئرنگ، سورن ۾ سيڪڙ ڪرڻ جا سعيا، پلو گڏ ڪرڻ جا طريقا، ڪانن جي ڪالر ڪرڻ جا ڪمال، بہ هن ڪتاب جي سونهن سوپيا آهن. پنهنجي پيري پيءُ کان وراثت ۾ مليل ڏات جو صحيح استعمال ڪندي استاد رائچند سموري ٿر جا پيرا ليکيا آهن. هن لکيو آهي پالتو جانورن جي پيار تي، ڌڻ ڌارڻ جي ڏُوچ تي، چراگاهڻ ۾ چارڻ جي چاهت تي، وٿاڻن ۾ وارڻ جي نالن تي، ڌوجهارٽين جي مال ڏُهڻ واري ڏيک تي، مال جي ٻوٽ تي ٻوٽاري هٽڻ تي، ڳپيار ڪي هيج ڪرائڻ واري هُنر تي، دونهي دڪائڻ، مال جون حالتون، بيمارين کان بچائڻ، ڌنارن جا درد، مال جي ساچاھ ۽ سڃاڻپ هر ذات جا الڳ داغ، پاڳين ۽ پيرين جي پت، ٻڪرين ۽ رڍن جا راز، پکي جيت ۽ بلائون بہ هن تاريخ جو حصو بڻايون آهن.

رائچند هريجن نہ رڳو ڏيهہ جي ڏُٽ ۽ ڌوٽيئڙن تي لکيو آهي، پر هن تہ چونئرن ۽ چونڪين کان وٺي ٿري عورتن جي ويس، وڳن تهذيب ۽ تمندن تي بہ لکيو آهي، هن لکيو آهي تولن ۽ تاجوئن تي، ٻڙهيڪن ۽ ٻٽڙيڪن تي، سُڪار ۽ ڏُڪار تي، مهمان نوازيءَ جي شان ۽ مان تي، ڌنڌي ۽ هُنر تي، ڳُجهارتن ۽ پرولين تي، آهتپي ۽ ڪسبين تي، دولت ۽ غربت تي، نشن پتن تي، پليڪار ۽ ڪُسرات تي، ميلن ۽ ملاکڙن تي، راندين ۽ پينگهن تي، چيڪلن ۽ رانديڪن تي، راڳ ۽ ساز تي، وهمن ۽ وسوسن تي، ناچ ۽ ڪلاتي، شاعريءَ ۽ لوڪ ادب تي، لوڪ گيت ۽ سنگيت تي، قبر پرستيءَ ۽ ٿان تي، مقام مساڻ تي، پوت ۽ پوپن تي، هور ۽ ڦالن تي، جهاڙن تي، ٽوٽن ۽ ڦيٽن کان وٺي هٿ جي ٽوٽڪن تائين هن وطن جي هر شيءِ کي پنهنجي تخليق ۾ تراشيو آهي، بس رڳو ان کي پڙهڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي. سنڌي لوڪ ادب مان ٿري لوڪ ادب کي ڪڍيو وڃي تہ بي سواد ۽ ڇسو ٿي پوندو. سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي سرڪاري اسڪيم ملي هئي ۽ هن سرڪار جي سرپرستيءَ ۾ لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ ٿر جا بہ پنڌ ڪيا هئا. ٿر جي ريگستاني سمنڊ ۾ هن کي هڪ

هيرو هٿ چڙهيو هو اُهو هو چيلهار جو چنور رائچند رانوڙ ڊاڪٽر اين اي بلوچ کي لوڪ ادب سهيڙڻ لاء مدد ڪرڻ ۾ رائچند جو وڏو هٿ هو. ان اسڪيم ۾ استاد رائچند ڪرنگهي جي هڏي وارو ڪردار ادا ڪيو هو. استاد رائچند ٻہ شاديون ڪيون هيون .پهرين شادي ڳوٺ نهٽو مان ڪئي، جنهن مان ٻہ نياٽيون ۽ چئن پُٽن جو اولاد هو جواهر لال، پريو لال ناشاد (جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿيو) پرتاب راء ۽ ساجن داس هئا. ٻي شادي چاچري جي ڳوٺ حيات هاليپوٽو مان ڪئي، جنهن مان هڪ پُٽ جو اولاد ٿيو جيڪو ننڍي عمر ۾ ئي گذاري ويو. ٿر جو هي محبوب ليکڪ سڄي عمر ٿر لاء پاڻ پتوڙيندي نيٺ سلھہ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ آخرڪار زندگيءَ جي جنگ هارائيندي 31 مئي 1968ع تي هميشہ لاء هن فاني جهان مان الوداع ڪري ويو. سندس ابدي آرامگاهہ اباڻي شهر چيلهار ۾ آهي. چيلهار ۾ سندس نالي سان هڪ لائبريري بہ قائم ڪئي وئي آهي جتي سنڌي ادبي سنگت جا پروگرام ٿيندا آهن .ان ڪانسواءِ چيلهار جو مين پرائمري اسڪول بہ سندس نالي سان منصوب ڪري هڪ بهترين شرڌا انجلي ڏني وئي آهي. اسان کي گهرجي تہ اسين پنهنجي ديس جي اهڙن املهہ هيرن جو قدر ڪندي سندس ياد ۾ پروگرام ڪيون، انهن جي سوچ، ويچار ۽ فڪر کي ڦهلائيندي ڪي خاص اُپاءُ وٺون.

# صادق فقير

هُو جنهن جو وڏوا جي ورلاپ جهڙو آلاپ ٻُڌڻ کان پوءِ پرديسي پيا جي اولاڪي ۾ اُداس دلين جا درياءُ اوسام ۾ اچي ڪڏهن اوپارا تہ ڪڏهن لهوارا ٿي وهندا آهن. هن جي هڪڙي صدا ٻُڌي بي تحاشا بک ۾ برندڙ ٿوهر ڏانڊن جهڙا ٿڪايل ٻار ڪن پل لئہ ماٺ ٿي، ٿڌڙا ساهہ ڀريندا آهن سنڌ جو وکتر هارا ... صادق فقير جڏهن موهن ڀڳت جي آشرم تي ويهي، تنبوري جي تال تي سين هٽندو هو. تڏهن پلر جي ٻاٻيس ۾ تپندڙ ٻاٻيها پنهنجي سموري سال جي عطش وساري هن جي الحان دائودي آلاپ جي سُوز ۾ سڪون ماڻيدا هئا. ٻاٻاڻي ديس جو هي ٻانڏيلو راڳي نہ رڳو ارباب بصيرت هو پر باضمير ۽ بُردبار بہ هو. هُن سرسوتيءَ جي ڏنل سُوکڙيءَ تي ڪڏهن بہ سودو نہ ڪيو. هن وطن ۽ ويڙهيچن کي پئسن ۽ پيٽ کان مٿي سمجهيو هو. ڪنهن بہ مصنوعي افتخار کان اعليٰ منش هو. افتادگي ئي هُن جو اُتم اهڃاڻ هئي. هُن ڪلا جي جلا کي ئي پنهنجي ڪُل پونجي سمجهي، ست راڃي سَماج ۾ مُحبتون ونڊيون ورچيون ۽ قُرب ڪمايو هو. هُو قول ۽ فعل جي تضاد کان مَتانهون ماڻهو هو. هُن کي هِن دورنگي دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي غرض هئي تہ، فقط اُنهن ماروئڙن جي هئي، جيڪي هُن سان ائين محبت ڪندا هئا. جئين موري مڇي ڦاڙهي جي سڱ سان ڪندي آهي! جئين سارس پنهنجي ساٿي سان ڪندو آهي. اُنهن سانگيئڙين جي ايذائن، عقوبتن ۽ افلاس تي هي ڀُري ۽ جُهري پنهنجي ڪنٺ ڪلا سان عليم آلاپ ائين اڏاريندو هو. جيئن سانوڻ جي پهرين برسات تي وڄ ڪڙڪي ۾ مري ويل مور لئہ ڍيل دانهون ڪندي آهي، هاڻي ايشيا کنڊ کان اهو صادق موڪلائي ويو آهي، جنهن جي ڪنٺ ۾ ڪوئل جو روح اوتيل هو. جنهن کي ڪمال جي ڪلا ڪلتار وٽان سُوکڙي طور مليل هئي. هُن جي ڪلمک ڇهري تي سدائين مُرڪن جا ململي مينهن ماماٽا پيا پسار ڪندا هئا. هُن جي شيتل سَياءُ تي مون ڪڏهن بہ ڪاوڙ جي آگ نہ ڏٺي، هُو سدائين ڪلندو هو ۽

ڪلائيندو هو. ڪيس اِها انوکي ڏات بہ ڏاتر وٽان ڏيا طور مليل هئي ۽ هُو مايوس چهرن جي آڪاشن تي منٺن ۾ تبسم جا تارا چمڪائي ڇڏيندو هو. ڪچهرين جو ڪوڏيلو صادق، لطيفا ٻڌائڻ جو بنهہ شوقين هوندو هو. هُن جي سنڌ جيڏي وسيع سيني ۾ ڌڙڪندڙ دلربا دل وانگي هُن جو دستر خوان بہ ڪشادو هو. ڏٽي تعاليٰ طرفان مليل عزت، شُهرت، ڌن ۽ دولت جي باوجود هُن ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪئي، سدائين فقير رنگ ۾ رچيل نظر ايندو هو

20مارچ 1964ع تي مٺي شهر ۾ فقير فيض محمد تپيدار جي گهر جنم وٺندڙ صادق فقير شاگرديءَ واري وهي ۾ پنهنجي مامي حُسين فقير کان راڳ جي باقائدي سکيا ورتي، پر سندس سُوز ڀريون صدائون ٻُڌي ائين لڳي ٿو تہ هي ڄمندي ئي ڄام هو. هن کي قدرت اهڙو آواز ۽ انداز ارپيو هو جو هو اهڙو راڳ سکڻ سان ناهي ملندو ۽ اها حقيقت آهي، بقول ڏاتڪي ڪهاوت جي تہ،

**راڳي پاڳي پارکو ناڙي پيد نياءِ،**
**اي سکايا نه سِکين جانهين را اُکلين هنياءِ**

ڳائڻو پيرن جو پارکو، حِڪمت جو حاڪم ۽ انصاف ڪندڙ ماڻهو اهي سيئي سيکارڻ سان ناهن سکندا، پر انهن جي اندر قدرت اهو آرٽ اوتيندي آهي ۽ اُهي دلي طور دنيا ۾ نروار ٿيندا آهن،

صادق1992ع ۾ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اياز گل جي وائي” توکان ٿيندي ڏار “ ڳائي هئي، تڏهن سنڌ جي ساڃاهہ وند سماعتن وڏي سڪ مان سويڪار ڪيو هو ۽ هو سنڌ جو ٻيجل ۽ ٿر جو ٻاٻيهو ٿي وطن جي فضائن ۾ گونجندو رهيو. سندس سوز ڀريو آلاپ ٻُڌي مهان شاعر شيخ اياز بہ چئي ڏنو هو تہ منهنجي شاعريءَ کي اهو آواز ملي ويو آهي جنهن جي ضرورت هُئي، اُن ڪانپوءِ صادق، شيخ اياز کي خوب ڳايو، ”سکي پيا کي ملين تہ چئجانءِ “ ۽ ”ٿي املتاس تان ڪوڪ ڪوئل ڪري “جهڙا لاجواب ڪلام ڳائي هو سنڌ جي امر اتهاس ۾ هميشہ لئہ اجر ٿي ويو .

صادق فقير پيشي جي لحاظ کان پي، ٽي ٽيچر هو. هُو تاحيات ”سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيشن ( سِگا ( ٿرپارڪر جوضلعي صدر هو. ڳائڻ هن جو شوق هو. مٺيءَ سان مائٽي هئڻ ڪري هُن پنهنجي امر آواز کي جهر جهنگ جهومايو. هُو بهار جي پور جوبن ۾ جائو ۽ پَري ٽُري بهار ۾ ميلو مٽل ۽ رهاڻ رتل ڇڏي، هميشہ لاءِ هن جهان مان هليو ويو.

صادق پوئينرن ۾ ٽي پٽ، هڪ نياڻي، بہ ڀائر ۽ گهر واري سميت سموري ايشيا کنڊ کي سوڳوار ڇڏي ويو آهي. اڄ هو نہ آهي، پر هن جون صدائون تہ آهن! صادق کي وڇڙئي هاڻي وڏو عرصو ٿيو آهي، پر لڳي ائين ٿو تہ ڄڻ هن کي وڇڙئي ڪي پل گذريا آهن. هن جي وڇوڙي جو ڏک ٿاريلين دلين کان برداشت ٿئي ئي نٿو. اڄ هر ٿاريلو دانهن ڪري چوي ٿو تہ اي مٺي جا ماڻينگر! بنان موڪلائڻ جي ائين اچانڪ هليو وئين؟ تنهنجي وئي کان پوءِ مٺي کان مرڪون موڪلائي ويون آهن.

اُن سال تُنهنجي جدائيءَ جي جهوريءَ ۾ جُهرندڙ مٺي شهر ۾ ڪنهن بہ هولي نہ ملهائي هئي، هوليءَ جا حُلواڻيل رنگ پن ڇڻ ۾ پيلي ٿيل پن جيان ٿڪا ٿي ويا هئا. هيل بہ هولي ايندي، پر تون نہ هوندين! ”هولي آئي هولي ويئي، مون تي ڪنهن بہ رنگ نہ هاريو“ واريون تنهنجون صدائون ٻُڌي تو سان محبت ڪندڙ سيئي سَماعتون سوڳوار آهن، توتي گُلال ۽ لال منجيٺ جهڙا رنگ هارڻ لئہ ڪيئي حِنائي هٿ آتا آهن، پر تو ناهين! ڪاڪي جهامن مالهي واري ” ايور گرين هوٽل “ ۽ ” ٿر ڪتاب گهر “ ڏي ويندڙ سيئي رستا سوڳوار آهن. اوڏانهن وڃن لئہ دل نٿي چوي ڇاڪاڻ تہ هاڻي تون اتي نہ هوندين ۽ اُها محفل ئي ڪهڙي جنهن ۾ محفل جو مور نہ هجي! تون تہ نہ رڳو محفلن جو مور هُئين پر دلين جو بہ چور هئين !تون نہ رڳو محفلون لٽيندو هئين، پر معصوم ۽ مُحبتي دلين تي بہ ڌاڙا هڻندو هئين! اڄ اهي سيئي دليون سوڳوار آهن. توکي وڏي چاهہ مان ڏسندڙ مڙني محبوبن جا چهرا لٿي سج سورج مُکي وانگي لٿل آهن. يلي پار جي پاڳوند ڏرتيءَ تي پراڻ ڏيندڙ سباجهڙي سنڌ جا سارس پکيئڙا! تُنهنجي وڇوڙي ۾ ڪارونجهر جو

ڪنڌ جهڪيل آهي، گڏيءَ تي مايوسيءَ ۾ ماٺ ڇانئيل آهي. روهيڙي جا گل مرجهائجي ويا آهن .ٻاٻيهن ڪان ٻوليون وسري ويون آهن. تنهنجي اچانڪ اولاڪي ۾ جتي تنهنجي مور پنک جهڙي پريتم پاءُ پياري جون اکيون ٻڏي جو ڪڪر ٻڻجي وئيون آهن، اتي تنهنجو ڪارونجهر جي پهڻن جيان اٽل ۽ ارڏو دوست خليل بہ گليشرن جيان ڳري رهيو آهي، ۽ چئي رهيو آهي:

**تون نريڙي ڏنڍ تي ڪُونج جي ڪُرلاءُ جئين**
**ڄڻ هنيئن جي ڳهاءُ جيئن هاڻ جي ويندين هليو**
**ڪير پائيندو وطن، مون ڪي ڪائيندو وطن.**

حياتيءَ جي صحرا ڪي رت جو ريج ڏيندڙ سماج شيوڪ ”ماما وشن ٿري“ تنهنجي بي منداتي موت تي ائين رنو هو جئين واهوندي تي وِلهہ پوندي آهي. تنهنجي جدائي رڳو صحرا کي سوڳوار ناهي ڪيو پر اتر سنڌ جي دلين ۾ بہ تنهنجي تعزيت جا تڏا وڇائجي ويا آهن.

**توکان ٿيندي ڌار**
**منٿي ڪوڙي ٿي لڳي**
**صادق منهنجا يار**

**(ايازگل)**

سنڌي موسيقيءَ جي آڪاش جا تارا! تنهنجي الوپ ٿي وڃڻ کان پوءِ اونداهي نظر اچي ٿي. تو جهڙا امر راڳي ۽ ڳٽواڻ انسان صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن، وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سرمد کان پوءِ تون بہ ائين ئي ڳاڏين جي ٻَک ٻڻجي وئين! الاس! الاس!

ڪُنل تتر جي تنوار جهڙا سريلا راڳي صادق! توکي وڃڻ ۾ ايتري تڪڙ ڪا نہ ڪرڻي هئي، توکي اجا ”اياز“ کي ڳائڻو هو. توکي پنهنجي وڏ ڪنور ڏيءَ جي هٿن جا پاند پيلا ڪري سياءِ پلي لڳائڻو هو. توکي تہ اجا

راحت ۽ نزاڪت ...جي سِرن تي سهرا سجائي سرهو ٿيڻو هو. تو ڪي تہ اجا ديس جي اُنهن ڏيئارين جو نوحو ڳائڻو هو جيڪي ريتن ۽ رسمن جي آٽن ۽ گهاٽن ۾ پيڙهجي پنهنجي وطن کان جئين وڇڙيون تہ وري واپس نہ آيون؛ توڪي تہ اجا ماءُ جي پيٽ ۾ رهجي ويل اُن اپاڳي ٻار جي رڙ ڳائڻي هئي، جيڪو ڄمڻ کان اڳ ئي قوت مدافعت واري ڪميءَ ۾ مري ويو. جنهن جي اختر سُوختہ امڙ ڪي سنڌ جي وڏي ڪُرسيءَ تي ويٺل ” سائين“ نہ سهڻ جوڳا ويڻ چوندي وڏا مذاق ڪيا هئا. ان مُنهن جي ڇُوٽ وزير ڪي مُنهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لئہ نہ تون آهين ۽ نہ ئي وري اُهو اڃي پٽڪي ۽ چاپئين ڏاڙهي وارو فقير مقيم ڪنيار آهي، جنهن منظور سولنگيءَ کي تڏهن جواب ڏنو هو جڏهن ڍٽ ڏيجاڻين کي هُن ” ڏاچين “ جهڙو ڏڏ لقب ڏنو هو. الا! ماڻهو سڀ خاڪ ڪائي وئي، نہ موهن رهيو نہ مقيم نہ تون نہ تنهنجو مُحسن موسيقار حُسين فقير . . .بقول حاجي احمد ملاح جي تہ:

خاڪ ڪائي ڇڏيو مڙني جو مٽو

اڃا خاڪ جو پيٽ پرجي نٽو

صادق تُنهنجي سُرن ۾ انهن ٻاٻيهن جون ٻوليون سمايل آهن جيڪي ڏڪارن جي ڏولارن ۾ اڃ مري ويا آهن! انهن ڍٽ ڏيجاڻين جون اڏرايون اوچنگارون بہ تنهنجي صدائن ۾ گونجنديون هيون، جن جا ٻچڙا بہ ويلا ماني نہ ملڻ ڪري بي رحم ٻُکن جي نذر ٿي بي موت مري ويا آهن. صادق جڏهن نما شام ويلي گڏيءَ تي ويهي گنهگار مان گنهگار ڳائيندو هو تڏهن صدين جا اڄايل ٿر جا مُسافر ٿوهر بہ روئي پوندا هئا. ڪارونجهر جا اڄايل مور بہ سڏڪي پوندا هئا. صادق جي امر آواز ۾هڪ اهڙو درد سمايل آهي، جنهن ۾ صدين جي سفر جا سور بہ آهن. تہ پرياتي پاڻيارين جا پُور بہ آهن. ماروئڙن جي لقون ٿيل پيرن جي پيڙائن جا پنڌ بہ آهن تہ ڪاسبي هي گهٽين ۾ ٻُڪندڙ ٻيلن جا اوچا ڪنڌ بہ آهن. صادق جي سُرور پرئي آواز ۾ وونڪا جي خمار جهڙا ڪيپ بہ آهن تہ نووراني وڏوا جي اوچنگارن جهڙا اذيت پريا سُور بہ آهن. صادق جي اڻ مُندائتي موت تي سموري سنڌ سوڳوار آهي.

سنڌي موسيقيءَ جي سينڌ جو سنڌور اجڙي ڇُڪو آهي، مجون ٿا تہ اسان وٽ ڪريم جهڙي ڪنٺ ڪلا ۽ برڪت جهڙي سُونهن صدا بہ موجود آهي، پر اهو ٻاٻيهيو "رمي ڇڪو " آهي، جيڪو روح جي روهيڙي ٽارين تي ٻوليندو هو جنهن جي هڪڙي آلاپ ۾ هزارين سارسن جي مناس سمايل هئي. صادق کي سنڌ ڪڏهن بہ نہ وساري سگهندي. هو سنڌ جي انهن سونهري يادن ۾ سمايل هوندو جن کي ساري سنڌ ڪڏهن سڏڪندي تہ ڪڏهن ٽڏا ساهہ ڀري مُرڪندي، سنڌ اڄ بہ صادق جهڙن سپوت پٽن کي سنڀاري فخر ڪري ٿي.

ڀلي پار جي ڀلي ڏرتي " دشت عرب " ۾ وڇڙي ويل اسان جي صحرا جا سارس! تو پنهنجي ڪيريئر جو پهريون ڪلام واقعي صحيح ڳايو هو تہ " لکئي ڙي پنڌ ڪرايو " توکي بہ لکئي پنڌ ڪرايو هو....اهو بہ آخري پنڌ...!

# فقير مُقيم ڪُنيار

هُو جيڪو نبي سوڍي جو پوٽيئي ٻڌ هو. هُو جنهن جي سُندر مُکڙ تي سفيد پٽڪي جو تاج ائين ملوڪ لڳندو هو جيئن پوڏيسر جي پوڻ تي تلورا ڏيندڙ مور جي مستڪ تي نيل ڪنول جهڙي ڪِلنگي سُونهندي آهي! چانپوئي ڏاڙهي وارو چاچو مقيم ، ٻگلي جهڙي اڇي اُجري ويس ۾ جڏهن ٽر جي واريءَ تي وکون کڻندو هو تڏهن سراپا ٽر لڳندو هو! هو سدائين هرکي ميگهواڙ جي هنر مند هٿن مان ٺهيل چَمِ واري موچڪي چاکڙي پائيندو هو. هن ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪئي چاڪاڻ تہ هُو وڏائيءَ کان وڏو ماڻهو هو!

سنڌ جي امر اتهاس ۾ نرالي نوعيت واري حيثيت رکندڙ ٿر جي قديم وستي ”نهٽي“ ۾ ڪاڪي خميسي ڪنيار جي گهر ۾ اک کوليندڙ فيقر منش فقير مقيم ڪنيار پنهنجي هرک جهڙي اجري حياتيءَ ۾ ڪيئي ڪرب ڏٺا، پر ڪڏهن بہ ٻڙڪ نہ ڪڍي. ”نينهائيءَ کان نينهن سِک منهنجا سپرين “ واري سهڻي سِٽ سندس هينئن ۾ حل ٿيل هئي، نہ رڳو ايترو پر سندس ڪومل ڪايا ۾ ڪوري دلي جهڙي ديا بہ شامل هئي. هُو ڏڪار ۾ ڏکي ٿيندڙ ٻاٻهين جي اُجارين ٻولين ۽ سُڪل ڇاتين وارين ڍٽ ڏڇاٽين جي اداس لولين تي ڇرڪي پوندو هو. توڙي جو پاڻ بہ سڄي عمر آسائش جي اُڃ ۾ تڙپندو رهيو. هن جو مزاج اُن ماءُ جهڙو هوندو هو جنهن جو ٿڃ پياڪ ٻار سرڪاري اسپتال جي وارڊ ۾ بنان علاج جي دم ڏٽي حوالي ڪندو آهي، هر غريب جي غم ۾ من ملول ڪندڙ هن مرد قلندر جو مزاج ان مورٽيءَ جي دانهن جهڙو هو جنهن جو مور راڻي کيت ۾ رمي ڳيو! هر غريب جي درد تي ڏڙڪندڙ هن فقير منش جي درد مندانہ دل ان نوورني وڏوا جي آنسوڙن جهڙي هئي، جن کي اُگهڻ لاءِ اڃا ڪو رومال ايجاد ناهي ٿيو. هن جي وسيع سمنڊ جيڏي سيني ۾ ڏڙڪندڙ مور جهڙي معصوم دل سدائين ٻين ڪاڻ جيئڻ لاءِ جستجو ڪندي هئي. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي ٻين کان الڳ نہ

سمجهيو. ڇو تہ هي ڏات جي اُها متي مُٺ هو جنهن کي پوڻ ۾ جو پرم رکڻ چڱي ريت ايندو آهي. سموري ٿر لاءِ سوچيندڙ مسڪين جهان خان کوسي واري واٽ تي هلندي هن فقير پنهنجو هڙان توڙي وڙان گهڻو ڪجهہ وڃايو، پر ارادا ڪارونجهر وانگي اٽل رهيا. مفلسي باوجود هو ادب جي اڙانگي پنڌ جو پانڌيئڙو رهيو. ”هو جي سُور سُجهن سي مون پينگهي ۾ پرايا“ وانگي هو. ننڍپڻ واري نازڪ وهيءَ ۾ ئي يتيم ٿي ويو. ڇو جو هن کان ٻڙ جي گهاٽي ڇانوءَ جهڙي بابل جو روح ڇانورو هميشہ لاءِ هٽي ويو. غربت جي گهاون ۾ جيئندڙ سندس جيجل ماءُ تي ڏکن جا پهاڻ ڪري پيا. پر پوءِ بہ هن مسڪين جي عظيم ماءُ حياتيءَ ۾ هار نہ کاڌي. فقير مقيم جي والده هن کي نہ رڳو علم جا ٻہ اکر پڙهايا پر اعليٰ گڻن جو اهڙو گٽڪو ڏنو جو هو وڏو ٿي فقير مُحمد مقيم ڪُنڀار بڻيو !

جڏهن هن جي ڏکي ڏيل تي جوانيءَ جو جهڙ وٺو تڏهن ”نهٽي“ جي نگريءَ کي الوداعي وارا هٿ لوڏي هميشہ لاءِ ”مٺان بجير“ واري مناٽي ۾ سڪونت پذير ٿيو. هن کي ٿالهي واري الف ميمڻ جي مهربانيءَ سان مٺيءَ جي ٿانون جي اُڏاري گاڏي ملي ۽ هو حسيني فقير هاٽوڪي پريس ڪلب مٺيءَ جي پر وارين ديوين جي جُهڳٽي ۾ غريباڻو جُهوپڙو جوڙي وينو ۽ زندگيءَ جو گاڏو هلائيندو رهيو. هن لاءِ ڇپر ڇانوَ بڻيو مٺيءَ جو مهراج ڪرشن شرما جنهن نہ رڳو دلاسا ڏنا، پر مسڪين مٺي ٿورن جا ٿر سَٿي ڇڏيا. مقيم بہ پوري حياتي موٽ ۾ محبت جي گلن جا ڪانبا پري ڏنا.

فقير جي فن ۽ فڪر جو مرڪز اها جهريل جهوپڙي ئي هئي جيڪا هن لاءِ اوتاري جو درجو رکندي هئي. جتي هر روز واهيري جي وير جو ساڃاهہ وندن جا ٽولا ائين گڏ ٿيندا هئا جيئن سياري جو سانگا ڍنڍ تي پرديسي پکي گڏ ٿيندا آهن. ۽ هن غريب جي اوطاري تي نہ رڳو امل ڪسونبا ٿيندا هئا، پر فن ۽ فڪر جون نديون وهنديون هيون ۽ ڳالهيون ٿينديون هيون. قديم سنڌ جي سُونهن جون ڏرتيءَ جي راڄ ڏٽين جون، مارئيءَ جي اٽل ايمان جون، ڪيسوپاءَ سوڍي جي محب وطنيءَ جون، لاکي ڦلاڻيءَ جي لوڙائن جون،

مطلب تہ هن فقير وٽ فهم فضيلت، علم ۽ عقل جا ڪورا ڀريل هوندا هئا، انهن ڪورن مان هو سيني ساڃاهه وندن کي فيضياب ڪندو هو.

فقير مقيم ڪنڀار جڏهن ”رنگ منچ“ تي چڙهي پنهنجي شرين زبان جي سواد سان لفظن جا پوپٽ اڏائيندو هو، تڏهن پنڊال ۾ ويٺل ساڃاهه وندن تي سحر طاري ڪري ڇڏيندو هو. اها ڪلا ڪلتار وٽان سوڪڙي طور مليل هئي. آخري ڀيرو تقرير راڻا همير سنگهہ جي جشن تاج پوشي ۾ ڪئي هئي، جيڪا انتهائي يادگار آهي.

مورن ۽ ڍورن کان وٺي ٿر جي هر شيءِ سان بي پناهه محبت ڪندڙ فقير مقيم ڪنڀار وڏو درد رکندڙ ماڻهو هو. هُو سنجها ويلي ”جکري واري پٽ“ تي ويهي جڏهن ڏکڻ ڏسا ۾ ڏسندو هو، تڏهن سندس اکين جي اوطاري ۾ ورهاڱي جي وڇن ۾ لڇندڙ لڙڪن جا ٻہ ٽي ٻاٻيا اچي ترسندا هئا ۽ هو ڀنل نيڻ کڻي، ڪڇ رڻ مان ڪهي آيل ڪونجڙين ۾ انهن ديس جي ڏيئرن جو درد پسندو هو جن کي ريتن جي رکوالن قديم روايتن جا نيئر هٽي، ميران جي ديس ۾ شينهن کلهي چاڙهيون. هُو اڪثر انهي درد ۾ ونجهلندو هو!

سُونهن ۽ صرحائي جي شوقين راجپوتن سان بي انتها محبت ڪندو هو. فقير منش، الستي عاشق ۽ محب وطن سوڍي ڪيسوپاءَ جي قبر کي ڀاڪر وجهي روئيندو هو. سندس وشال نيڻن جي واديءَ مان نير ائين نروار ٿيندو هو جئين انچليشور جي پهاڙن تان پاڻي وهندو آهي. حب الوطنيءَ ۾ هن جو آئيڊيل ڪيسوپاءُ هوندو هو. ڪيسوپاءَ جنهن جو ذڪر ڪنداسين تہ هي مضمون تمام طويل ٿي ويندو .

فقير مقيم ٿر جي هر ٻرندڙ مسئلي تي وڏي بيباڪيءَ سان ڪالم لکيا. سندس ڪالمن کي سهيڙي، سندس فرزند خالد ڪنڀار هڪ ڪتاب بہ ڇپرايو آهي، جنهن جو نالو آهي” فقير“ فقير جي ٻولي ڏاڍي چاشني واري آهي. هڪڙي هند لکي ٿو ”وڻ جيڪي ڏڪار ۾ رڳو ڇوڏا ٿي ويا آهن، جيئن سَتن نياڻين جي پيءَ جون سُڪل پاسرائيون“ ڇا تہ دردناڪ تشبيهہ آهي! هو ٿر جي هر حسن کي احساس واري اک سان ڏسندو هو. هن کي ڀاريهرن جا

پيير ۾ لُنڊين جا ليڪا موهي ماريندا هئا. پنهنجي هڪ ليک ۾ لکي ٿو تہ ”نئين جي پيٽ تي جيت گينگهن ۾ لُنڊين جا ليڪا ڪنهن عظيم مصور جي ليڪن کان بہ خوبصورت تصويرن جئيان هوندا آهن! ڇا تہ سندس نثر هيو!؟

فقير مقيم ڪنڀر جيڪا دونهي دُکائي هئي ان کي سندس لائق فرزند خالد ڪنڀار، جنهن کي هُو ”جوگيڙو“ چوندو هو اهو اڄ بہ جاري رکندو اچي ۽ ٻيو لائق پٽڙو خليل ڪنڀار وري شاعري واري خفت سان لاٽ ٻاريندو اچي ۽ ادي پناٽي پنهنجي پيءُ جي ثقافتي ورثي کي اجاگر ڪندي اڄ بہ ٿري عورتن لاءِ جاکوڙي رهي آهي، محترمہ فاطمہ جناح ايوارڊ يافتہ ادي پناٽي ٿر ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ سرڪار کان گهر ڪئي آهي،

سڄي عمر هڪڙي ئي سياسي پارٽيءَ سان وابستہ رهندڙ هي فقير سنڌ نيشنل فرنٽ جي مرڪزي صدر کي ڏهيسر سنڌ چوندو هو .جڏهن ڏهيسر سنڌ وچي رائيونڊ جي راڻن سان مليو تڏهن منيءَ جي هن مور جو هانءُ ڦاٽي پيو. صحرائن ۾ آخري هڇڪي 17 مئي 2012ع تي ڀري. هن جي محنتن، محبتن ۽ ڪاوشن کي ٿر ڪڏهن بہ نہ وساريندو. هن کي ساري منهنجو صحرا اڄ بہ سڏڪي پوي ٿو.

# امر جڳديش ڪمار ملاڻي

مٺي، جنهن جي آڪاش تي جرڪندڙ ستارن ڪان وڌ ڌرتيءَ جا تارا تڙپائن ٿا. مٺي جنهن جي نرڙ تي گدڙيءَ جو گُلابي تِلڪ ڪنهن سهاڳڻ جي سينڌ ۾ سندُور وانگي جرڪي ٿو. مٺي جنهن جي مڌ پرين گهٽين ۾ سنڌيا ويلي سُوم رس جي سُڳند سان گڏ آلن وارن جو هڳاءُ اگربتين جي خوشبوءَ سان ملي انوکي خمار جا کيپ پري ٿو. مٺي جنهن جي مور پانک جهڙن مندرن ۾ ٻرندڙ ڏيئن جي روشنيءَ ۾ جهلملائيندڙ مورتين اڳيان سيس جُهڪائي سجدا ڪندڙ ديوداسين جي حُسن کي ڏسي پڳوان پولي ناٿ بہ گدگد ٿئي ٿو. مٺي جنهن جي چوٽا بازار ۾ چوڙيلين جا چوٽا سنهڙين چيلهن تي، سفيدي جي لام وانگي لُڏن ٿا، ۽ مينهن وساڙن جهڙن مهانڊن تان مُرڪن جا پوپٽ اُڏن ٿا. مٺي جنهن جي ماٺ ۾ بہ گُرو رنجنيش اوشُو جي گيان جا گُفتا ملن ٿا، مٺي جنهن جي ٿهڪن ۾ راڌا جي جهانجهر جهڙو سرگم سمايل آهي.

اُن مٺيءَ جي محبوب سُڃاڻپ آهي ملاڻي پريوار...ملاڻي پريوار جيڪو مٺيءَ جي ڳچيءَ ۾ سچن هيرن جي هار وانگي پوبل آهي. مٺيءَ جي شهر کي پوٽينيءَ جي پُٽ وانگي مليل هي پنڊتن جو پريوار نہ رڳو اڙين جو آڌار آهي، پر هن شهر جي سُونهن پڻ آهي. اهڙي سُونهن جنهن کي وقت جو ڪوبہ واءُ ميري نہ ٿو ڪري سگهي .

اُن ملاڻي پريوار ۾ بہ هڪ مور تي ڪلنگيءَ جهڙو خوبصورت شخص پيدا ٿيو هو جنهن جي سحر آميز شخصيت اڳيان وڏا وڏا بُت ڊير تي ويا هُئا. اهو هو امر جڳديش ڪُمار ملاڻي....! ولهارن تي وتل چيٽ جي چاندوڪي جهڙو چٽو ماڻهو جنهن جي پرخلوص پيار ۾ جنتا جو جيئدان هو. اهو جڳديش ڪُمار ملاڻي جنهن کي سنڌ راڻي شهيد محترما بينظير ڀُٽو پنهنجو سڳو ڀاءُ چوندي هُئي. اهو جڳديش ڪُمار ملاڻي جنهن کي بيگم نصرت ڀُٽو شاهنواز جي نالي سان سڏيندي هُئي. اهو جڳديش جنهن کي

جاگير جو جهونو نمي پرٽام ڪندو هو. اهو جڳديش ڪمار ملاٽي جنهن جي الماس اکين ۾ سياست جو سحر پريل هو. جنهن جو ريگستاني پٽن ۾ گونجندڙ شينهن جهڙو آواز اسلام آباد جي دلين ۾ ڏڙڪندو هو. اهو جڳديش ڪُمار ملاٽي جنهن جي تصوير مٺيءَ جي هر گهر ۾ مورت وانگي سجايل آهي. اهو جڳديش جيڪو پيپلز پارٽيءَ جو جيالو هوندو هو. اڄ ڪلهہ جي ڪُتي ڪائو جيالن وانگي نہ هو. هُو جيلون ڀوڳيندڙ بهادر جيالو هو جنهن جي شُجائت تي سنڌ راڻي فخر ڪندي هُئي .جيڪو ايم آر ڊي تحريڪ ۾ وڏي تحرڪ ۾ هو.

هُو ڪو جاگيردار يا سرمائيدار ماڻهو نہ هو. هُو پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ اهو وچولو ماڻهو هو جيڪو غريبن سان گوڏو گڏي پَٽ تي ويهي پيار ڏيڻ ڄاڻيندو هو. هُن وٽ پورهيتن جي وڏي اهميت هوندي هُئي، ڇاڪاڻ تہ هُو خود پورهيت هُو .هُو غُربت سبب اڳتي تعليم پرائي نہ سگهيو. انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار جو پيٽ پالڻ وچولي جي ننيڊڙي شهر شيخ پرڪيو ۾ ميڊيڪل اسٽور هلائڻ لڳو. اسٽور هلائيندي هن کي وچولي ۾ ڪجهہ لاکيڻا ماڻهو مليا جن جي شاندار صحبت ۾ رهي ڪري هن جي اندر ۾ سياست جو شوق جاڳي پيو. سندس سياسي اُستاد هُئا ماتلي وارو اسماعيل اُڍيجو جنهن سنڌيءَ ۾ بجيٽ پيش ڪئي هئي.۽ ٻيو مولا بخش چانڊيو. جڳديش يارن جو يار هو. دوستيءَ تان سر قربان ڪرڻ وارو هو. غُلام قادر پليجو ۽ روزاني جاڳو اخبار جو ايڊيٽر صحافت جو وڏو نالو فقير محمد لاشاري امر جڳديش جا انتهائي ويجها دوست هئا .

هُن سياست سان عشقُ ڪيو هو. هُو ڏيهہ جي ڏُتڙيل عوام جي خدمت عبادت سمجهي ڪندو هو. مالڪ وٽان مليل ٿوري عمر ۾ هُن تمام گهڻا ۽ ڀلا ڪم ڪيا. الئہ ڪيترن مسڪينن کي نوڪريون وٺي ڏنيون.جواني جي دلفريب ڏينهن ۾ هن ڏاڪٽرا ڏٺا. پور جوبن ۾ 1986ع واري دؤر ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ دؤران هن جي سياست پروان چڙهي ۽ هُن ٽُرم ياترا بہ ڪئي. فقير شير محمد بلالاڻيءَ ۽ جڳديش ڪمار ملاٽيءَ سان گڏ 40_50

ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو هو. 1990ع ۾ بہ جڳديش ۽ فقير شير محمد ٻلالاڻي جيل ياترا ڪري آيا هئا. جڏهن محترما بينظير ڀُٽو صاحبہ مٺي ۾ آئي هئي. مٺي واري جلسي کي ناڪام بڻائڻ لئہ اختيارين پاران هي قدم کنيو ويو هو پر انهيءَ سان اٿلندو جلسو انتهائي ڪامياب ويو.

پ پ پارٽيءَ سان انتهائي سچي ۽ سرگرم ڪارڪن هئڻ جي ناتي هن کي سڀ کان پهرين مٺي سٽي صدر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ضلعي ٿر پارڪر جو جنرل سيڪريٽري پڻ مقرر ڪيو ويو. پ پ پارٽيءَ ۽ ڀُٽو پريوار سان عشق جي حد تائين مُحبت هئڻ ڪري هن جي سچائي سموري ڏيهہ ۾ ڏيئو ٿي ٻرڻ لڳي، جنهن جا جرڪندڙ ليئا محترما جي دورانديش نظرن تائين بہ پهتا، جنهن ڪيس 1988ع واري عام چونڊ ۾ پ پ پارٽيءَ جو ٽڪٽ ڏنو ۽ هُو وڏي مارجن سان صوبائي سيٽ کٽي حياتيءَ ۾ پهريون ۽ آخري ڀيرو ايم پي اي ٿيو. هن جو جوان آواز جڏهن اسيمبليءَ جي پنڊال ۾ پهتو تہ ٿر جي ٿوهرن ۾ بہ خوشيءَ جي لهر جاڳي پيئي. هي آواز ڏنارن جي دلين جو آواز هو. هي آواز پورهيتن جي ٻُڪين پيٽن جي پُڪار بڻيو. هن جو آواز وڻن جي وجود جي بقا جو آواز هو. هن جو آواز نہ رڳو اقليتن جو آڌار هو پر اڪثريت جو آلاپ پڻ هو. هن جو آواز نوجوان ٿر جو گجندڙ آواز هو.

ملاڻي پريوار جون پيپلز پارٽيءَ سان وفاداريون ڪنهن کان بہ ڳجهيون ناهن. ملاڻين آمريت جي ڪاري دؤر ۾ بہ ڪا سياسي قلابازي نہ کاڌي. تمام ڏُکين حالتن ۾ هي پنهنجا گهرو بنگلا مسواڙن تي ڏيئي، ننڍڙن ڪمرن ۾ رهڻ لڳا. پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم کان محروم رکي ڇڏيائون. ميڊيڪل اسٽورن تي مزدوريون ڪندا رهيا، پر ڪنهن بہ پارٽيءَ جي آڇيل لولي پوپ لڏُو تي هرڪجي بي وفا نہ ٿيا. ٿرپارڪر کي پ پ جو قلعو بڻائڻ ۾ ملاڻي پريوار جو وڏو هٿ آهي. جيڪو هميشہ ياد ڪيو ويندو. پارٽيءَ کي اهڙن سچن جيالن جو قدر ڪرڻ کپي. اهو هر ڪنهن کي ياد هوندو تہ ملڪ جي وزارتِ اعظما جي عهدي جي اميدوار شوڪت عزيز جي سامهون بہ ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي فارم ڀرايو هو ۽ هُن مٺي شهر جون سيئي پولنگون وڏي مارجن تان کٽيون هيون. اهو هڪڙو تاريخي رڪارڊ آهي .

17جولائي 1993ع جي اياڳي ڏينهن مٺيءَ جو هي مور ماڻهو پنهنجي ٻن دلي دوستن، فقير محمد لاشاريءَ ۽ اسماعيل اُڍيجو سان گڏ، شهيد راڻيءَ جي لانگ مارچ واري سڏ کي ورنائڻ لئہ اسلام آباد وڃي رهيو هو. وچ رستي تي پنجاب جي ڳوٺ وٽ هن جي ڪار هڪ ٽرالر سان ٽڪرائجي ويئي، هي سخت زخمي ٿيو ۽ سندس ٻئي دوست ٿڏي تي دم ڏئي حوالي ڪري ويا. هن کي محترما بينظير ڀٽو پنهنجي خرچ تي پمز اسپتال اسلام آباد ڪڻائي ويئي. جتي سندس چوڏهن ڏينهن علاج هليو. راجا پرويز اشرف هن جا روز حال احوال وٺندو هو. آخرڪار اڃوڪي ڏينهن يعني 31 جولاءَ 1993ع تي مٺيءَ جو هي مور ملڪ جي گادي واري شهر ۾ زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو. مٺيءَ جي شهر جي مانگ اُجڙي ويئي. چانڊوڪيءَ ۾ چُوڙا ٽُٽي پيا. ڪنڪو جو تلڪ ڪارو ٿجي ويو.

امر جڳديش ڪمار ملاڻيءَ جي المناڪ موت کان پوءِ ترت اليڪشن ٿي ان ۾ سندس پاءُ موتي رام ملاڻيءَ کي قومي اسيمبليءَ جي سيٽ جو ٽڪٽ مليو ۽ هُو وڏي مارجن سان اها سيٽ کٽي آيو. موتي رام ملاڻي دل جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو. پنهنجي نجي ڪلنڪ هلائي پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار جو پيٽ گُذر ڪندو هو. 2000ع ۾ ساڳي بيماري سبب دل ساٿ نہ ڏنو ۽ هُو ديهانت ڪري ويو. ان کانپوءِ ملاڻي خاندان جي سياست جون سموريون ذميواريون ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻيءَ جي ڪلهن تي اچي ويون، جنهن واقعي انهن ذميوارين کي هڪ ذميوار سياستدان وانگي مُڙس ماڻهو ٿي نڀايون آهن. هن نہ رڳو پيپلز پارٽيءَ جي پت رکي آهي، پر ٿر جي ڏُ ُتڙيل عوام جي دلي خدمت بہ ڪئي آهي. هن هر متيپيد کان مٿاهين سياست ڪئي آهي. پيپلز پارٽي پاران 2008ع ۾ هن کي قومي اسيمبليءَ جي مخصوص سيٽ ڏني ويئي، ۽ 2013ع واري عام چونڊ ۾ هي پي ايس 62 مٺي تي ارباب نعمت الله ۽ ڍاٽ جي راڻي راڻا همير سنگهہ جي سامهون بيٺو ۽ 3 هزار جي لڳ ڀڳ ليڊ سان کٽي هن خطي جي سياست ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. ٽرٽلو تہ هن تڏهن بہ مچايو جڏهن 2018ع واري اليڪشن ۾ پ پ پ

جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي ارباب ذڪاالله جي سامهون بيٺو ۽ سواءِ لک ووٽ کڻي گهڻن کي چڪرائي وڌو. نہ رڳو ايترو پر پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون غير مسلم شخص هو جيڪو گڏيل اليڪشن ۾ جنرل سيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو رڪن بڻيو. هن وقت ايم اين اي ۽ پ پ جو ڊويزنل جنرل سيڪريٽري ميرپورخاص آهي.

امر جڳديش ڪمار ملاڻيءَ کي اولاد ۾ ٻہ پُٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. وڏو پُٽ ونود ڪمار ملاڻي پنهنجو بزنس سنڀالي ٿو ۽ ننڍو پُٽ شُشيل ملاڻي پنهنجي والد صاحب کان ورثي ۾ مليل سياست جي واڳ سنڀالي ٿو . سموري منيءَ جي ٻَڌي چوڙي هن وقت شُشيل ڪمار ملاڻيءَ جي هٿ هيٺ آهي. هن جو جهڙو نالو آهي تهڙو ئي هي گُڻن سان ڀريل آهي. عوام جي خدمت هن جو اولين منشور آهي.

# ارباب امير حَسن

هُو جنهن جي مُڇن جا ونگ اڄ بہ ونگي پٽڪ جي هر ماڻهوءَ جي من ۾ ”مُينهن ڪُنڊي پورُ“ جيان دل وراڪو ڏيئي ويٺل آهن. هن جي تيج روپي نگاهن ۾ سنگاروپي ادائن جا شاهد اُهي ترائي جا ترور آهن، جن جي ڇانءُ ۾ ويهي هُن ٻاروتڻ جا ٻالڪ روپي ڏينهن گذاريا هئا. هو جنهن جي هڪڙي جهلڪ پسڻ لاءِ جنتا ائين انتظار ڪندي هئي، جئين ڪو ڪو الستي عاشق پنهنجي محبوبا جي وصال لاءِ واجهائيندي ڪندو آهي. هو جنهن ڪي صحرا ٿر جا وڻ ۾ ڏڻ بہ وساري ناهن سگهيا. ان ڪي ٻيلا اسين ڪئين ٿا وساري سگهون. ڪئين وساريون ان اڙٻنگ ۾ ارڏي انسان ڪي جنهن ڪارونجهر جيان ڪنڌ مٿي ڪٽي، وڏي فخر مان ڇيو هو تہ جيڪڏهن آئون گرفتار ٿي ويس تہ سمجهو ٿر گرفتار ٿي ويو ۽ هن ڪڏهن بہ ٿر ڪي گرفتار ٿيڻ نہ ڏنو. روپوشيءَ جي رولاڪين ۾ سياسي عتابن ڪي سِر تي سهندي بہ هن پنهنجي پرڻ ڪي پاڻي ڏنو. هُن ٿر ڪي پنهنجي لوئي ۾ لڄ برابر سمجهيو ٿي. هن هميشہ نڪ ڪي تڪليفن ڪان مٿي رکيو. هن نہ رڳو نانا ڻڪو ننگ رکيو پر پنهنجي ڇَتراڻي ماتا جي ٿڃ بہ ملهائي.

سنڌ جي حاڪم ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪي سياسي پيٽيون هٽندڙ ڪيتلاري جي توڳاڇاڻي ڪُل جي ڏيئي ارباب تاج محمد جي گهر 1938ع ۾ اڪ ڪوليندڙ اُن ارڏي انسان جو اسم گرامي آهي ارباب امير حسن....!! جهڙو سيبائتو نالو هو تهڙو ئي سندس مزاج موهيندڙ هو. منصفاڻي صلاحيت سان ڀرپور دماغ ۾ عقل الله سائين طرفان ائين اوتيل هو جئين پلوڙ وسڪاري ۾ ڀريا ٽُريا تلاءِ ۾ ترايون تار هونديون آهن. ٽُلهي ليڪي ڇئجي تہ هي چند انهن ماڻهن منجهان هڪ هو جن ڪي ڄمندي ڄام ڇئجي تہ بہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. ڪيتلاريءَ جي خوبصورت ڌرتي تي چندن جي وڻ جيان مهربانين جا ڏهلا ڏار پکيڙيندڙ هن مهربان ماڻهوءَ جي ڇتر ڇايا خطي جي غريب ماڻهن

جو تحفظ هُئي .هُو يوميءَ جو پير جهلو هو. هُن جي اکين ۾ پنهنجي ۽ پرائي جي پرک هوندي هُئي .

تڏهوڪا ست درجا سنڌي فائنل پاس ارباب اميرحسن ٿر جو اهو بيدار مغز ماڻهو هيو. جنهن وٽ ٿر جي سؤ فيصد جنتا پنهنجا فيصلا کڻي ايندي هُئي. کيتلاري جهڙي خوبصورت ڳوٺ جو هي رند راوت مرد سياسي بصيرت ۾ ايترو تہ پڙ هيو جو وقت جو کو بہ وڏيرو هن سان سينو ساهي نہ سگهيو. تڏهوڪي ميرپورخاص ضلعي (ٿر، عمرڪوٽ ، سانگهڙ ، ميرپورخاص) جي سياسي ٽمورتي هئي، ارباب اميرحسن، خانصاحب عبدالڪريم پليجو ۽ راڻا چندرسنگهہ. هنن مدبر سياستدانن کي پلا کير وساري سگهندو؟ راجوٽي سياست جا هي ٽيئي رتن پنهنجو مٽ پاڻ هئا. 1971ع واري پاڪ ڀارت جنگ ۾ ارباب امير حسن ٿر جي هندوئن جي جان مال جي وڏي حفاظت ڪئي. هزارين ڳوٺ هند وڃڻ کان روڪي ورتا. انهن جي جان مال جي پاڻ هٿيار کڻي حفاظت ڪئي جنهن جا شاهد آروکي کان وٺي عالمسر تائين ڪيئي ڳوٺ آهن. جيڪي ارباب صاحب جي ڏيڍ تي هڪ انچ بہ نہ ڇُريا ۽ اڄ بہ پنهجن اباڻن اجهن ۾ قيام پذير آهن.

سياسي راند هن جي رت ۾ شامل هُئي. هُن سياست جي شروعات اباڻي تڪ کيتلاري تان ڪئي. پلا ڪنهن کي ياد نہ هوندي اُها دلچسپ اليڪشن جنهن ۾ پ_ پ_پ پارٽي جي سيلاب سموري ملڪ ۾ وڏا وڏا جاگيردار بُت ڊاهي پٽ ڪيا هئا. 1973ع واري ان چونڊ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ٿرپارڪر جي سياسي آکاڙي ۾ پ_پ جي ميمبر جاگير جي جهوني راڻا چندر سنگهہ کي لاٿو هو. هن سمورو ضلعو سوئيپ ڪيو پر ترائي جي هن تخت ڏٽي کي لوڏي نہ سگهيو. ان سيلاب ۾ واحد ارباب اميرحسن هو جيڪو پنهجي تڪ تان آزاد اليڪشن وڙهي ايم_ اين _ اي جي سيٽ تان سوڀارو ٿيو هو. ٿر جو هي مردم شناس مرد 1985ع ۽ 1988ع جي پ،پ پارٽي جي سونامي ۾ بہ سياست جو مها ساگر پار ڪري ٻئي ڀيرا قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو هو.

هو جيڪو ڪنهن وڏ ڀاڳي وينگس جي اڻ سمهوبل وارن جهڙا مُنجهيل مامرا منٽن ۾ حل ڪرڻ جو ماهر هو. هُو جيڪو انصاف ۽ عدل تي اٽل هوندو هو. ارباب صاحب تي ڪڏهن بہ ڪنهن اهو الزام نہ مڙهيو تہ هن اسان سان ناانصافي ڪئي آهي، چاڪاڻ تہ هو اهڙي مهارت سان فيصلا ڪندو هو جو ناانصافي بہ انصاف لڳندي هئي. ارباب اميرحسن  چند اُنهن مُدبر سياستدانن مان هڪ هو. جيڪي عوام وٽ ووٽ لاءِ نہ ويندا هئا، پر عوام هنن وٽ ووٽ کڻي ايندي هئي. ٿر جي غيور عوام هُن جي” چني“  تي چيو مڃيندي نياپي تي نچاور ٿيندي هئي. جتي وڏن وڏن آمرن جا دهشت ڀريا داٻا بہ نہ هلندا هئا، اتي ارباب صاحب جي چپٽي جيڏي چنيءَ بہ ڪمال جو ڪم ڪري ڏيکاريندي هئي. هن سڄي عمر حق سچ تي هلندي پنهنجي دامن تي ڪوبہ داغ لڳڻ نہ ڏنواَ

ارباب اميرحسن سموري حياتي ٿر جي لوئيءَ ۽ لڄ جي حفاظت ڪندي گذاري. مارئي جي پٽن جي وطن جو ڀرم رکندي هُن ڏرم ڪان ڪرم کي وڌيڪ سمجهيو.! هن وٽ ڪو بہ مذهبي متڀيد نہ هو. جنرل ضياالحق 1977ع ۾ جڏهن شهيد ذوالفقارعلي ڀٽُي جي حڪومت جو تختو اونڌهو ڪري مجلس شوريٰ قائم ڪئي، تڏهن گهٽا ٽٽا سياستدان گهرن تائين محدود ٿي ويا، پر ٿر جو هي شير ان مجلس جو نہ رڳو ميمبر ٿيو پر ٿر جي عوام جي خُوب خدمت بہ ڪندو رهيو. مذهبي جنونيت ۾ مبتلا جنرل ضياالحق جي مجلس شوريٰ جو ميمبر  هئڻ باوجود هن ٿر جي عوام ۾ ڪو بہ فرق نہ سمجهيو هن هندو مُسلم  هڪ ڪري ڇاڏيو!..

1987ع واري رُوڙهو ڏڪار ۾ جڏهن نگران وزيراعظم محمد خان جوڻيجي ٿر ۾ ڏڙاڏڙ امداد ورهائڻ شروع ڪئي، تڏهن ٿر واسين دل سان آجيان ڪئي. هرڪو مفت جي مال تي ڏمال ڪندي محمد خان جي مدح سرائي ۾ پورو هو.اُن وقت فخر ٿر ارباب اميرحسن اُهو واحد اڳواڻ هو جنهن وڏي واڪي جوڻيجي صاحب کي جواب ڏيندي چيو هو تہ” جوڻيجا صاحب! ڏيڻو هجي تہ مستقل روزگار ڏيو ٿرين سان ٿِر جيتري بہ همدردي آهي تہ انهن

ڪي نوڪريون ڏيو. باقي منهنجي خود دار ٽر ڪي پنڻ تي نہ هيرايو "

ارباب صاحب جي دُور انديشي ڪمال جي هئي. جوڻيجي صاحب روزگار تہ نہ ڏنو پر پن تي اهڙو هيرايو جو ٽر اڄ صفا نڪمو ٿي پيو آهي. عالم آشڪار اڳيان فقير جو ڪشتو ٿي ويو آهي .

ارباب صاحب تمام وڏو اختر ضمير انسان هيو. سياست جا اهڙا گُر پيچ ڄاڻيندو هو، جو ماڻهوءَ جو عقل دنگ ٿي ويندو هو. سندس سمي جا ساڻاري چون ٿاتہ، هڪڙي ڀيري اليڪشن جا ورڪ ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ پهتا جتي پ پ جي ايڏي تہ ڇاپ نظر آئي جو وجي ٿيا ست خير، ارباب ڏنو تہ هتي هڪڙي ووٽ جو بہ آسرو ناهي. تڏهن پنهنجي دماغ سان اهڙي چال هلائي جو ٻڌي حيران ٿي ويا. ڇا ڪيو جو ڳوٺ جي پٽيل ڪي اوطاق مان ٻاهر ڪڍي چيائين تہ "ٻيلي پاڻ جا پيڙهياتا واسطا آهن ايتري هُج اسان جي بہ هلي ٿي. ووٽ ڀلي ڪٽي نہ ڏيو پر مهرباني ڪري پ پ جا جهنڊا لهرائي ڇڏيو. تون ڳوٺ جو چڱو خاصو ماڻهو آهين. ڳوٺ وارا تنهنجو ايترو چيو ضرور ڪندا ،، تڏهن ان پٽيل سمجهيو تہ ڳالهہ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي. سو چيائين تہ ارباب صاحب ڳالهہ بہ ايتري....

صبح جو نہ ڏسندا جهنڊو ڪو .ارباب ساباش ڏيئي گاڏي ۾ چڙهيو. پويان پٽيل ڳوناڻن ڪي چيو تہ جهنڊا لاهيو .ڳوناڻن ٺپ جواب ڏنو. ان تان پٽيل ڪاوڙيو ۽ ڳوٺ جا اڌو اڌ ووٽ ارباب ڪي مليا. جتي هڪ ووٽ جي اميد ڪونہ هئي اتي اڌ ووٽ ڪنيا. ڇا تہ دماغ جو ڪيل هو .نانگ بہ مئو لٺ بہ بچي.

ارباب امير حَسن صاحب جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو هو جو هُن ٿرپارڪر ضلعو قائم ڪرايو. مسڪين ٿرواسين ڪي معمولي ڪم لئہ بہ ميرپور خاص جو پنڌ ڪرڻو پيو ٿي. اهو پنڌ مني تائين محدود ڪرائي وڏن ڪشالن ڪان بچائي ورتا. ٿريا اڄ بہ سندس ٿورا ڳائين ٿا، پر ڏُک ٿئي ٿو حُڪمرانن تي جن ضلعو قائم ڪندڙ جي نالي ٿر ۾ ڪا بہ شيءَ ناهي ڪئي. ڪو روڊ، ڪا اسڪول، ڪا سپتال، ڪا لائبريري سندس نالي قائم

ڪري هن کي مجتا ڏيڻ ڪپي. هينئر سندس فرزند بہ حُڪمران جمائت سان تعلق رکي ٿو سو اُن کي بہ هن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. ارباب صاحب اسان جو اثاثو آهي .

ٿر جو هي محبوب اڳواڻ پنهنجا عرش جهڙا رنگ هن ديس ۾ ڇڏي نيٺ هميشہ لاءِ هليو ويو. رمضان شريف جي پلاري ميهني ۾ انگريزي تاريخ 15سيپٽمبر 2007ع تي ٿر کي اداس ڪري ويو. دعا آهي تہ مالڪ جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي ۽ ان سان گڏ اِها اُميد ڪيون ٿا تہ سندس لائق فرزند ارباب لطف الله سندس سِڪون لاهيندو.

# ڀُورجي "درٻار"

توڙي جو هاڻي نہ درٻارون رهيون آهن نہ ئي درٻار. برصغير مان انگريزن جي اوج بہ ويئي تہ ميرن جي موج بہ ماضي ٿي ويئي. پر پوءِ بہ هن ڌرتيءَ تي ڪي اهڙا ڳُوٺڙا ڪُونڊر ۽ ڪُل رَتن ڏيرجوان درٻار هُئا جن جون پاڙون پاتال ۾ هيون. جن جون ڪورٽ ڪچهريون ۽ پنچائتون پڻ پنهنجون هُيون. جن جا راڄ ڀاڳ بہ پنهنجا هئا، سيمن جا دنگ ۽ ناموس جا ننگ بہ پنهنجا هئا. اُهي ڪنهن بہ حاڪم جي حُڪم جا محتاج نہ هُئا. نہ ڪنهن جابر اڳيان جُهڪيا نہ ڪنهن مظلوم کي مارڻ ڏنائون .انهن جا پنهنجا حُڪم هلندا هُئا. هُئين تہ سَمورن راجپوتن، سوڍن توڙي رائوڙن کي "درٻار" ئي چوندا آهن، پر وَٽ واري ڳَس ۾ رڻ ڪنڌيءَ تي آباد هڪ ننڍڙي نگري، لاڳُوڙيءَ جو هي لعل ڀورجي ڀڳوئاڻي سوڍو مڙني کان مختلف ان ڪري هو جو هُو ڪنهن بہ مِير يا پِير جي درٻار جو درٻاري نہ هو. هُن کي اهو لقب اُن راڄ ڏنو هو جنهن جي رکوالي ڪندي هُن عمر اربي چڙهي.

جوانيءَ ۾ گهوڙي سُواري جو شوقين هُئڻ ڪري، جتي بہ ويندو هو پنهنجي سُرخاب گهوڙي تي سفر ڪندو هو. سدائين سلوار قميص واري لباس ۾ ملبوس هوندو هو. مٿي تي سنڌي ٽوپي اڪثر پائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پَٽڪو بہ ٻڌندو هو. ڳائي گيهہ ۾ نج نبار ماکي ملائي کائڻ هن سوڍي جي اميراڻي عادت ۾ شُمار هو. دارون کي دل سان واپرائيندڙ ڀورجي درٻار گوشت جو وڏو شوقين هو. وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ، تنهائي پَسند ماڻهو هو. "ايري گيري نٿو خيري" سان هن جي ڪڏهن بہ نہ پيئي .ڪنهن سان ملڻ وقت هٿ جون هميشہ بہ آڱريون ملائيندو هو. اهو ڪو وڙلي ماڻهو هوندا جن سان ڀُورجي مُڪمل هٿ ملايو هُجي يا پاڪر پائي مليو هُجي. هُن پنهنجي بادشاهي حيثيت هميشہ برقرار رکي. سوين ايڪڙ بيراني زمين جو مالڪ هئڻ ڪري هن کي صرف مالڪ جي پرواهہ هُئي. هُن ڪنهن اڳيان ڪڏهن جهُڪڻ نہ سکيو .فيصلا بہ اهڙا هوندا هُئا، جو وجي ٿيا سَت خير. انصاف بہ

اهڙو جو راج پيا رهاڻن ۾ تذڪرو ڪندا هئا. چوريءَ جا، چونئرن تي چڙهيل مَل پُورجي سوڍي لاهرائي ڏيکاريا هُئا. هڪڙي پيري سندس پنج ٻڪريون ڪير چوري ڪري ويو چوري ثابت ٿيڻ تي چور کان پنجيتاليهہ ٻَڪريون ڀَرائي ورتيون. لاڪوڙيءَ جي سيم مان ڪو لڪڙي (ڪاٺي) بہ وڍي نہ سگهندو هو. شڪار ڪرڻ ۽ وڻ وڍڻ جي انتهائي خلاف هو. اهڙو فيصلو ٿر جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪنهن ڪيو هُجي. مجال آهي جو چور ڪي ٻيهر جرئت بہ ٿئي، جو هُو پُورجي جي بادشاهيءَ ۾ چوري وارو ڪم سرانجام ڏئي. سڄي ڄمار پنهنجي نرالي نوعيت واري ٺَٺِ باٺ ۾ گُذاري.

آخر ڪار مُختلف بيمارين جو شڪار ٿي سول اسپتال مٺيءَ جي مرداڻي وارڊ ۾ دل جي دوري پوڻ سبب هن دنيا کي الوداع ڪري ويو. هن جي وچوڙي ۾ نہ رڳو وَٽ وِنجهلي ٿي، پر سامروٽي بہ سُڏڪا ڀري ساري ٿي. ٿيپاري جي سُن کان وٺي لاڏڪيءَ واري لوهرٽي تائين سمورو ڏيهہ هن سوڍي کي صدين تائين ساريندو رهندو .

پڇاڙڪن ڏينهن ۾ اڇي ٽويوٽا ۾ سفر ڪندو هو. جتي بہ شادي مُرادي يا فيصلي وغيره ۾ وڃڻ ٿيندو هو. تقريبن ڏينهوڙي واپس ورندو هو پر جي رات ٽِڪي بہ رهيو تہ. رات واري محفل سينيءَ کان الڳ اوطاري ۾ هوندي هُئي جتي هڪ ٻہ مخصوص ماڻهن سان گڏ مئہ نوشي ڪندو هو. ارباب عطاالله ، ارباب جبار ۽ ارباب سَتار جو نڪتم سمبنڌي هو. ان ڪري ٿر جي سياست تي بہ هن جو وڏو اثر هو. ڪيتلاري، لاڏڪي ارجڻ، ٻونديو ناٽڙو ۽ ڪونئرل ۾ مِٽي ماڻٽي هُئڻ ڪري اڪثر ويندو رهندو هو .ڪٽي ڪنهن سان ڪا ڪونسل (صلاح مشورو) ڪندو هو تہ. ماڻهوءَ کي ميڙ مان ٻاهر وٺي پرڀرو ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هو پر ايڏي وڏي آواز سان ڳالهائيندو هو جو اوطاري ۾ ويٺل سمورو ميڙ ڳجهہ ڳوهہ واري صلاح صفا سولي نموني سمجهي وٺندو هو. ماڻهو کي مُنهن تي چوڻ ڪڏهن بہ نہ وساريو. پرپُٺ ڳالا ڪرڻ هن جي مزاج ۾ ئي نہ هو. نواب کي بہ سچ مُنهن تي چئي ڏيندو هو.

هڪڙي ڀيري سندس ڳوٺ ۾ منهنجي بہ نيڪ ناڪ تيمارداري ڪئي هيائين تہ نشا ڪرين ٿو. مُنهنجي ماءُ جو سڳو ماسات هو. اُن حساب سان منهنجو ماما ٿيندو هو. هن جو چوڻ حق هو. مون هن جي ڳالهہ دل ۾ نہ ڪئي.

ڀُورجي دربار ڳوٺ ٻانڌي جي ڏوهٽ رائوڙن مان شادي ڪئي، اولاد ۾ ڪيس پنج پُٽ ۽ پنج نياڻيون آهن. پرٿوي راج سنگهہ وڏو پُٽ آهي، رٽائرڊ ماستر آهي جيڪو ڳوٺ ڊونڊيو مان اگروجي ٻاڙميرا جي گهران پرڻيو آهي، لڇمڻ سنگهہ بہ ماستر آهي. گنڌارو مان پرڻيو آهي .وينجهراج سنگهہ ڊونڊيو مان هنوجي ٻاڙميرا جي گهران پرڻيو آهي. رام سنگهہ جُهن مان شادي ڪئي ۽ ڪوجهراج سنگهہ سيني کان ننڍو آهي. سيئي سَرڪاري ملازم آهن. تمام پيارا ۽ مُحبتي ماڻهو آهن. مهمان نوازيءَ ۾ ڀُورجي کان مٿيرا آهن. مچيءَ ماني وارا آهن.

# ارباب نُور محمد راهمون

ٿرپارڪر جي طبعي ڀاڱي سامروٽيءَ جي اولهہ واري گس ۾ رڻ ڪنڌيءَ تي، راهوڪي بازار جي ڀر سان آباد ڳوٺ سينگالو ٽر جي سياست ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ هي ڳوٺ ٽر جي وڏي ۾ وڏي برادري (آدمشماريءَ جي لحاظ سان) يعني راهمان برادريءَ جي پڳدار سردارن جو ڳوٺ آهي. اڄ کان هڪ صديءَ اڳ يعني 1924ع ڌاري هن ڳوٺ جي هڪ نيڪ مرد ميرخان راهمون جي گهر ۾ هڪڙو نُور محمد راهمون نالي نيڪ مرد ۽ عقل جو ٻاون وير ٻار پيدا ٿيو هو جنهن راهمن جي راڄ ۾ پنهنجي سِر تي تاج پارائڻ وارو عظيم ڪم ائين ڪيو هو جيئن ڪورو گهڙو پنهنجو پاڻ کي پاڻهي ڇانوَ ۾ رکرائيندو آهي. ڪوري گهڙي جهڙي شيتل ڪايا ۽ غريبن لئہ ڇتر ڇايا هن کي مڙنيءَ کان مختلف ڪري بيهاريو. هُو هاريءَ کي هٿ ڏيڻ يا ڪنهن مزور سان ملڻ وقت انتهائي نوڙت سان جهڪي پوندو هو پر ڪنهن وڏيري جي آڪڙ اڳيان جُهڪڻ هن جي مزاج ۾ ئي نہ هو. غريبن سان ڪچهريون ڪرڻ ۽ اُنهن جي ڏُکن ۽ ڏاکڙن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ هن جو وڏو مشغلو هو. هُو مال ميڙيندڙ سياستدان نہ هو. هُو عوام جي تڪليفن مٿان سڀ ڪجهہ نڇاور ڪندڙ نامور نيتا هو. جنهن لاءِ جنتا اڄُ بہ اوڇنگارون ڏيئي روئي ٿي. هُو هيٺن جي همراهي ڪندي ڪڏهن بہ نہ ٿَڪو. هُو اُنهن چند ماڻهن مان هڪ هو جيڪي پئدا ئي ان لاءِ ٿيندا آهن تہ عوام جي خدمت ڪري سگهن.

نهڙين جي نامدار شخص ارباب الهجڙيو سان سياسي طور سڱ پرائي پيٽيون هٽندڙ هن وير بهادر جو تعلق ٻانيٽيا راهمن جي گهريا نُک سان هو. هن مرد قلندر پنهنجي ابتدائي تعليم راهوڪي بازار مان حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ جو امتحان ممبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيو. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ٿُرت روينيو کاتي ۾ سرشتيدار واري ملازمت ملي ويئي. پنهنجي انوکي انداز سان ملازمت ڪندي، ساڳي کاتي ۾ ڊپارٽمينٽل امتحان ڏيئي اسسٽنٽ مختيارڪار واري عهدي تائين پهتو.

پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن کي معمولي ڪم ڪار لاءِ بہ در در جا ڌڪا کائيندي ڏسي هن جي مومي دل ۾ ديا جو درياءَ اُٿلي پيو. اندر ۾ هڪ اُڻ تُڻ جاڳي پيئي تہ هنن مارواڙن جي واهر ڪئين ڪجي؟ ٺَڪي جي ڪم ڪار لئہ منهنجا لکن جا ماڻهو ٺَڪي جي ماڻهن اڳيان سجو ڏينهن منٿون ۽ ايلاز ڪن پوءِ بہ ڪير ٻُڌڻ وارو ناهي. سڄي ٿر ۾ وڏو ووٽ بئنڪ رکندڙ منهنجا راهمان ننڍڙيڪا ٽي رُلي رهيا آهن. ڇا ڇاڇري کان وٺي سينگالي تائين ڪنهن جيجل جي ڪُک مان ڪو اهڙو راهمون ناهي ڄائو جيڪو سندس ڪُل جو ڪلياڻ ڪري. 1926ع کان وٺي 1953ع تائين يڪو منهنجا ماڻهو دربدر آهن. آئون هڪڙو سرڪاري ملازم هئڻ جي ناتي عوام جي خدمت صحيح طور سرانجام نہ ڏيئي سگهندس. ان ڪري هن پنهنجي روزي روٽيءَ کي عوام تان قربان ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو. هُن پنهنجي ڇاتي ٺوڪي چيو تہ آئون اليڪشن وڙهندس. آئون پنهنجن راهمن جي رکوالي ڪندس.

چوڻ وارا هيئن بہ چون ٿا تہ هڪڙي پيري هي پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو تہ ٿر جو ڪو وڏيرو ڪنهن اليگل ڪم تي صحيح ڪرائڻ لاءِ هن وٽ آيو. هن ايماندار آفيسر ان وڏيري کي تڙو ڪڙو جواب ڏيئي ڇڏيو تہ آئون صحيح ڪونہ ڪندس. تڏهن اُن وڏيري وراڻيو تہ تون اڄ صحيح نہ ٿو ڪرين، سياڻي اليڪشن لڙندين ڇا؟ چون ٿا تہ نور محمد جو جواب هو ها لڙندس ۽ ڪٽي بہ ڏيکاريندس. ان ڏينهن نور محمد نوڪري تان هٿ ڪڍي پنهنجي راڄ جي رکوالي ڪرڻ لئہ چونڊ وڙهيو ۽ اهڙو وڙهيو جو صدين لئہ سوڀارو ٿيو .

ارباب نور محمد جو سياسي ڪيريئر انتهائي شاندار ۽ جاندار رهيو آهي. ارباب صاحب ٽيهہ سال سياست ۾ رهڻ ۽ ارباب اختيار هئڻ باوجود پنهنجو دامن داغدار ٿيڻ نہ ڏنو. ٿر جي بهترين ليکڪ محترم عبدالخالق راهمون جي مضمون، ”ارباب نور محمد راهمون هڪ معتبر دانشور“ ۾ ڏنل بنيادي انگ اکر مطابق ارباب صاحب پهريون ڀيرو 54-1953ع ۾ اليڪشن لڙيو هو. سن 1953ع ۾ صوبائي سطح تي عام اليڪشن ٿي جنهن

۾ ارباب نور محمد راهمون ڇاڇرو جي صوبائي سيٽ تي ترائيءَ جي ارباب الهجڙيو نهڙيو سان مقابلو ڪري، شاندار سوڀ حاصل ڪئي ۽ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو MLA چونڊجي آيو. هن چونڊ ۾ ڪاروڙي جي سيدن ارباب نور محمد جو وڏو ساٿ ڏنو .

62_1960ع ڌاري ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چونڊ ٿي، ان ۾ ارباب نور محمد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. 1968ع ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو ۽ ڏاٽ جي راڻي راڻا چندر سنگهہ سوڍو ڪي انتهائي ويجهو رهيو .

ڊسمبر 1970 ع ۾ عام چونڊ ٿي، جنهن ۾ ڪيس پيپلز پارٽيءَ جي طرفان ڇاڇرو ۽ عمرڪوٽ تي مشتمل سيٽ جو ٽڪٽ مليو. پر اندر ابليس ۽ هلڪي دل جي هرجائي سياستدانن ڪائنس هٿ ڪٽايو ۽ خانصاحب عبدالڪريم پلي MPA چونڊجي آيو ۽ غُلام حيدر شاهہ کي شڪست ملي.

1970 ع واري جنرل اليڪشن ۾ هن وڏو دوکو کاڌو. ڪيس دوکو ڏيڻ ۾ مقامي قيادت کان وڌيڪ ٻاهرين قوتن جو وڏو هٿ هو .ارباب نور محمد راهمون انهيءَ خال کي پرڻ لئہ ارباب امير حسن سان ناهہ ڪيو ۽ راهمن ۽ نهڙين وچ ۾ اها ڳالهہ طئي ٿي تہ ٻاهرين قوتن جو مقابلو گڏجي ڪنداسين. جيستائين اهي ٻئي برادريون گڏ هيون ۽ رجواڙن جا ڏٽي سندن ڏُر ٿيل هئا، تيستائين ڪين ڪوبہ ڀُڙي نہ پئي سگهيو. اهي ٻئي سُپر پاور ذاتيون پاڻ ۾ وڙهي وڻ وڻ جي ڪاني ٿيون ۽ ريتن جي رکوالن سان پريت پُراڻي ڪيائون تنهن کان پوءِ ٿر جا ڪرتا ڌرتا ئي بدلجي ويا. ٿر جو سياسي ڍانچو ئي تبديل ٿي ويو. ڇنين جو قدر ماضيءَ جو قصو ٿي ويو. راڄ ڀاڳ جي ڳالهہ رکڻ وارا قدر ئي بدلجي ويا. جڏهن کان ڀَٽيوالين پوبان ڀَٽيلن پٽ وجائي ايمان وڪڻڻ شروع ڪيا تڏهن کان ٿر جي سياست جو موت اچي ويو آهي.

1977ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي طرفان ڪيس ننگر پارڪر جي سيٽ جو ٽڪٽ مليو. جتان هو بنان مقابلي ڪامياب ٿيو.

سن1979 ع ۾ ارباب نور محمد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿرپارڪر جو ميمبر چونڊجي آيو1983 .ع ۾ وري لوڪل باڊيز جي چونڊ ٿي جنهن ۾ ڪيس غلط مشورا ڏيئي تعلقه ڇاڇرو جي گڏڙو تڪ تان ضلع ڪائونسلر واري سيٽ تان ٻيهاريو ويو. جتي هن جو مقابلو سندس ئي برادريءَ جي محمد رحيم عرف ڦگڙ راهمون سان ٿيو. اليڪشن ته ارباب نور محمد کٽي ويو پر دلي طور خوشُ نه ٿيو. ڇاڪاڻ ته سندس برادريءَ ۾ بغاوت جو عنصر اُڀري آيو. ڦگڙ جي ڦيري راهمان برادريءَ ۾ وڏي قوت آندي, جيڪا اجا تائين هلندي اچي. ٿر پارڪر جي وڏي ۾ وڏي برادريءَ ۾ قوت پوڻ جي ڪري ٿرپارڪر جي اليڪشن ٻاهرين قوتن لئه انتهائي دلچسپيءَ جو سبب رهي. 1983ع جي چونڊ ۾ ضلع ڪائونسل جون گهٽيون سيٽون ته ارباب اتحاد کٽي آيو هو, پر ڇاڇرو جي چئرمني مولوي شهاب الدين نهڙيو کٽي ويو. ننگر پارڪر واري چئرمني ارباب مخالف کوسا گروپ کٽي, ۽ مٺي واري چئرمني به ارباب مخالف گروپ کٽي ويو. هاڻي عقل جي تقاضا اها هُئي ته, راهمان ۽ نهڙيا ضلعي چئرمن لاءِ گڏيل اميدوار آڻين. ان ڪري ارباب نور محمد ضلعي چئرمن واري سيٽ لاءِ خواهشمند هو, پر ارباب غُلام رحيم به ساڳي سيٽ تي فارم ڀرائي ڇڏيو. ارباب امير حسن صاحب راڻا چندر سنگهه کي فون ڪري چيو ته, راڻا صاحب ارباب نور محمد کي توهان چئو ته ارباب غُلام رحيم جي حق ۾ هٽ ڪٽي. راڻا صاحب ارباب نور محمد کي ڪال ڪري چيائون ته راهمان نهڙيي کي چئرمن ٺيڻ جو شوق ٿيو آهي ڇڏ ته پورو ڪري.ارباب نور محمد مُرڪي وراڻيو بس راڻا صاحب ڳالهه به ايتري.اهڙي طرح 1983ع ۾ ارباب غلام رحيم ضلع چئرمن ٿيو .

21آڪٽوبر 1983ع تي رات جو دل جي دوري پوڻ ڪري ٿر جو هي دور انديش دانشور, سمجهدار سياستدان ۽ مسڪينن جو مسيحا هميشه لاءِ موڪلائي ويو.

# ارباب مقبول احمد راهمون

جهڙو سندس نالو هو تهڙو ئي عوام ۾ مشهور هو. هُن نہ رڳو پنهنجي پيءُ نور محمد جو نڪُ رکيو پر پنهنجي نالي جي بہ لڄُ رکيائين. تمام ننڍڙي وهيءَ ۾ برادريءَ جو وڏو بار ملڻ ڪري هُو انتهائي ذميوار شخص هو. هن کي ٻارنهن سالن جي ٻالڪ اوستا ۾ ”پڳ“ ٻڌرائي راهمن جي راڄُ جي واڳ هٿن ۾ ڏني ويئي. ايڏي وڏي واڳ ملڻ جي ڪري ڪيئي ڇُڙواڳ ٿي ويندا آهن، پر هن وڏي ذميواري سان ان پڳ جي پت رکي پنهنجو ست قائم رکيو. 22 آڪٽوبر 1983ع تي ارباب نور محمد جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ ارباب مقبول احمد کي راهمن جي ساڍا ارڙنهن نُکن تي مشتمل تمام وڏي برادريءَ جي پڳ ٻڌرائي ويئي هئي. ارباب مقبول پنهنجي حياتيءَ جا سمورا ڏينهن عوام جي خدمت جي نظر ڪري ڇڏيا .

هُو تمام سادگي پسند ماڻهو هو. غريبن سان گڏ کائڻ پيئڻ وارو هو. هُو انهن مڙني وڏيرن کان مختلف هو جيڪي پاڻ کٽ تي ۽ عوام پَٽ تي ويهاري پنهنجي پر ۾ وڏا ماڻهو ٿيندا آهن. هي عوام سان گوڏو گڏي پَٽ تي ويهڻ وارو هو. عام ماڻهن سان گڏ ڪاڄن ۾ ساڳي ڇَني ۾ ساڳي طعام، ساڳي پليٽ ۾ کائڻ وارو هو. ڪا بہ وڏائي نہ هئس، پر سندس نالو ايڏو وڏو مشهور هو جو ماڻهو هن جي درشن لئہ اُتاولا هوندا هئا. جڏهن ماڻهن کي هن جو ديدار نصيب ٿيندو هو تہ ماڻهو دنگ رهجي ويندا هئا. هرڪو سوچڻ تي مجبور ٿيندو هو تہ هيڏو وڏو ماڻهو جنهن جي حُڪم هيٺ لکين عوام آهي. اهو ايڏو سادو جو صفا عام ماڻهو لڳي ٿو. ماڻهن کي کهڙي ڪل تہ مقبول جي اها ئي تہ سادگي آهي جنهن کيس ايڏي وڏي پد تي پهچائي مڙني کان مٿي مقبوليت ڏني آهي. ارباب مقبول صاحب جو رويو عام ماڻهن سان تمام بهترين هوندو هو. بهترين رويو ۽ سادگي پسند هئڻ ڪري هرڪو ماڻهو مداح ٿي ويندو هو. هن جا فيصلا بہ راڄن ڀاڳن وارا هوندا هئا. پوليس پٽيليءَ

ڪان پري پڄندو هو. عوام ڪي عوام ۾ ملائيندڙ ماڻهو هو. هن ويڙهايو ۽ راڄ ڪيو وارو نابين نظريو ڪڏهن به نه اپنايو. توڙي جو ٿر جي گڙنگ پٽيلن ۽ نام نهاد سياستدانن هن درويش دل اڳواڻ ڪي هر جڳهه استعمال ڪيو. مختلف هربا هلائي ڪيس ڪڏهن به اقتداري طور سوپارو ٿيڻ نه ڏنو ويو. پر پوءِ به هي اقتداري وڏيرن ڪان هزارين ڀيرا مٿي مقبول ۽ مشهور هو. ماڻهو جتي اقتداري وڏيرن جي سامهون انهن جا حُڪم ٽُڏي ڇڏيندا هئا، اُتي ارباب مقبول جي، سگريٽ جي پاڪيٽ اندران نڪرندڙ پرچي تي لکيل ننڍڙي ڇِٽي تي لبيڪ چوندا هئا .

امير ماڻهن جي عاليشان دعوتن ڪي ٺُڪرائي غريبن جي ڪنڌ خُشڪي ڀَت تي خوشيءَ سان ويندو هو. ڪيس ڪو چوندو هو ته سائين هي ڇا ڪيو؟ ڦلاٽي وڏيري جي وڏي دعوت ڇڏي هي خيرو ڪُتل جي ڀَت تي پيا وڃو. ته مُرڪي وراڻيندو هو "يار! جيڪو غريب جي محبت مان پيارپل پاٽيءَ جي ڏُڪ مان سواد ملي ٿو سو امير جي پُلاءُ مان ڪٿي ملندو." هُن جي غريبن سان وڏي لڳندي هُئي. هُو غريبن جو صفا يار هو .هُن جي وڏن پيٽن وارن وڏيرن سان نه لڳندي هُئي. هُن جون ڪچهريون انهن عام ماڻهن سان هونديون هيون جيڪي ريٽن تي ويهي حيدر رند جو ڏورو ٻُڌي ڏيهه سان ٻٽيهه دليون جوڙيندا هئا، جن جي ٽُٽل کيسن ۾ ناس جي چپٽي، اولپمڪ سگريٽ، ننڍي آرسيءَ ۽ پنج روپئي وارو ڦُٽيو هوندو هو. جيڪي ڏرتيءَ جي پيار مان ڍاپيا نه ڍاپندا هئا. ڏرتيءَ جي ڏَراڙن ۽ وڇراڙن سان هيٺن جي حُب مان حال احوال ڪندڙ هي سامروٽيءَ جو سرنگهو جي سائي وڻ جهڙو وجود رڳو راهمن جو رکوالو نه هو پر خطي جي هر ماڻهوءَ جو خيال ڪندڙ هو. هُن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي تر جي عوام ۾ ڪنهن سان به انياءُ ٿيڻ نه ڏنو.

هُو مار ماران ۽ ڀيج ڊاهُ جي خلاف هوندو هو. هُو انتهائي امن پسند اڳواڻ هو .هُو هٿيارن جي پاسي نه هو. هُن کي ماڻهن جي هٿن ۾ گُل وڻندا هئا. هڪڙي ڀيري ڪنهن ڪيس هڪڙي دعوت ۾ بندوق جو تحفو ڏنو. تحفو واپس ڪندي مُرڪي چيائين"پُٽ! آئون ماري وڏيرن مان ناهيان. آئون

بندوق کي ڇا ڪيان؟ آئون شڪارين جي سخت خلاف آهيان. آئون پکي ماريندو نہ، پر پاليندو آهيان. آئون فطرت سان پيار ڪندڙ آهيان.“ اهو ٻُڌي ميزبان دنگ رهجي ويو. هڪڙي دعوت ۾ سندس برادريءَ جي هڪ ابوبڪر راهمون نالي شخص نو لکي گهوڙي جو تحفو ڏنو. جيڪو دلي خوشيءَ سان قبول ڪندي وراڻيائين”ها اها منهنجي ڪم جي شيءِ آهي “گهوڙن ۽ گُلن جو شوقين هوندو هو. گهوڙيسواري ڪرڻ، سگريٽ پيئڻ، ۽ موسيقي ٻُڌڻ ارباب مقبول جو وڏو مشغلو هوندو هو .

1985ع،1988 ع، ۽ 1990 ع، جون چونڊون هارائڻ ڪري هي اڳتي وري اليڪشن نہ وڙهيو پر هن جو اثر رسوخ خطي ۾ جيئڻ جو تئين رهيو. هُو جنهن کي سپورٽ ڪندو هو اهو سوڀارو ٿيندو هو. ارباب مقبول جو تمام وڏو ووٽ بئنڪ هو پر ٿر جي پيٽيدار ڪيڏارين ۽ اندر ابليس سياستدانن جا گُر پيچ هن جي سمجهہ ۾ ڪڏهن نہ آيا، ان ڪري هي هڪ بہ اليڪشن نہ کٽي سگهيو پر پنهنجي مُحبتي مزاج جي ڪري لکين دليون کٽي ويو. دليون کٽڻ ڏاڍو ڏُکيو ڪم آهي. الئہ ڪيترا سياستدان الئہ ڪيتريون اليڪشنون کٽي بہ ڪا هڪ اڌ بہ دل نہ کٽي سگهيا. هي نيت صاف سياستدان، راج ڀاڳ جو رکوالو جڏهن 22 سيپٽمبر 2014ع جو روشنين واري شهر ۾ دم ڏٽي حوالي ڪري ويو هو تڏهن پٽن جي ديس مان اُٿيل ڪوڪون ڪراچيءَ جي ساحل ڪناري تائين پهچي اهو چئي رهيون هيون تہ اج رڳو سينگالو ناهي سُڏڪيو پر راج يتيم ٿي ويا آهن. ٿر جي هن شهنشاهہ سياستدان جو جسد خاڪي جڏهن سندس اباڻي ڳوٺ ڏي نيو پئي ويو تڏهن بدين کان وٺي سينگالي تائين مختلف شهرن ۾ روڊن جي پاسن تي قطارن ۾ ماڻهو گُلن جي ورکا ڪري پنهنجي هر دلعزيز اڳواڻ کي الوداع ڪري رهيا هئا. سينگالي کان وٺي شاهہ حُسين قبرستان تائين هزارين ماڻهن جي هجوم ۾ آلين اکين ۽ سرد شوڪارن واري درد جي نيل درياءُ جون ڇوليون ڏسي هر دل چئي رهي هُئي تہ، عوام جي دل ۾ رهڻ لئہ اقتدار نہ، پر اخلاق، پيار، پنهنجائپ، ۽ نوڙت کپي ٿي .

# رام سنگهہ سوڍو

هُو جيڪو ”پرين جي پاڇي“ جهڙي سُرنگي سنڌ جو اهو سپاويڪ ڪردار آهي جنهن ڪي تاريخ پنهنجي ترازو ۾ لفظن جي لال قُلن سان توريندي، ”جيها جي تيها مون مارو مچيا“ واري ست جي مترادف مهانتا ڏيندي رهندي. هُو هميشہ هن وطن جي من ۾ هڪڙي اهڙي ڳوڙهي ڳالهہ بڻجي رهجي ويندو جنهن جي سار سدائين سينو سيڪندي رهندي. هُو جنهن جي سپاويڪ سونهن تي سامروٽي اڄ بہ مَرڪ ڪري ٿي. هُو سامروٽيءَ جو نڪُ ۽ ڏِڪ هو. هُن جي پٽڪي جي وڙيءَ جو هر وڙ ماڻهن جي دلين ۾ ونگي وار وانگي وراڪو ڏيئي ويٺل آهي. هن جي تريٽي جي طور جتي انوکي ۽ الڳ آهي اُتي هُجومن ۾ هلڻ واري ٽنبيلي ٽور بہ ڪنهن مور جي مينهن وسندي مٽڪو جي مترادف آهي. سدائين شيرواني ۾ سُونهندڙ هُن جي ماٽينگر مهانڊي تي مُڇن جا ونگ هُن جي جونجهارڪي جُنگ هجڻ جي هام پرن ٿا. هُو جنهن جي نيڻن جا نقش پسي نہ رڳو مالديو سوڍن جي مهانڊن تي سرهائي جي تبسم تري ٿي، پر هن سموري صحرا جي سوڍاڻ هُن جي ڇهري جي چتر ريکائن جو درشن ڪندي مهڪي ۽ ٻهڪي پوي ٿي. هُو جيڪو آروڪيءَ جي نامور نگريءَ جي نيڪ مرد پرٿويراج سنگهہ جي پريوار جي پرتيشالي پُرش راڻسنگهہ سوڍي جي اڱڻ ۾ اک کوليندڙ اهو ٻاون وير ٻالڪ آهي جنهن پنهنجي نيمي جو نانءُ ملڪن ۾ مشهور ڪيو آهي. هُو جيڪو راڃنيتيءَ جو راڻو آهي. جيڪو پنهنجي پراُپڪاري پيءُ جي پيڙهياتي پَٽ رکڻ وارو ست نيائيندي نہ رڳو سياست ۾ سوپارو ٿيو آهي، پر سماجيات ۾ بہ سيني ڪان سُرخرو رهيو آهي. هُن جي ڏيرجوان ديهي جو ڏونگر ڪڏهن بہ جهڪو ناهي ٿيو. هُو ٻُڍاپي ۾ هوندي بہ ڪنهن صحتمند ٻار وانگي هر وقت چُست ۽ چوِيند رهي ٿو. هُو جنهن جي نوڙت پري نهار تي ٻلهار ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. هُن جي ناز نظر ۾ ڪنهن ڀوڳهلي ٻار جي اهڙي نناڍاڪي مُرڪ جهلڪي ٿي جنهن ڪي پسي ماڻهو جا صدين جا ٿڪ

لهيو وڃن. هن جي پاسي ۾ گهڙي پل گُذارڻ سان ڪيئي ڏُکندا ڏور ٿيو وڃن. هُو جنهن جي ٻاجهيئي جي ٻاٻيس جهڙي ٻُوليءَ ۾ جيجل جي لولي جهڙو ٻاجهہ سمايل آهي. هُن جي شيرين زبان مان نڪتل گياني گُفتن ڪي ٻُڏي ماڻهو هن جي سحر ۾ جڪڙجيو وڃي. هن جي شيتل پون ۾ سفيد گگن جهڙي شفاف مهانڊي جي گُل تي مون ڪاوڙ جو ڦُل ڪڏهن بہ نہ ڏٺو. هُو انتهائي وڏو ماڻهو هوندي بہ ننڍو ٿي هلڻ وارو انوکو هُنر خوب ڄاڻي ٿو. ان هتيڪي هُنر سان هُو ماڻهن جون دليون کٽي ٿو. هُو اهو باعقل ۽ باضمير مرد آهي جيڪو ويري کي بہ وس ۾ ڪرڻ واري وٿ بہ وڏي وس ڄاڻي ٿو. هُو ڄاڻي ٿو تہ دُشمن کي دفع نہ، پر فتح ڪيو ويندو آهي.

رام سنگهہ سوڍي صاحب جي وڏي ۾ شاندار سُڃاڻپ آهي سماج سُڌارڪ. هُو سياستدان کان وڌيڪ سماج جو نبض شناس معالج آهي جيڪو معاشري ۾ ڦهليل هر مرض کي نہ رڳو سُڃاڻي ٿو، پر ان جو علاج ڪرڻ بہ ڄاڻي ٿو. هُن جي ٻي ۾ اهم سُڃاڻپ آهي نشن جي نون کان بہ نفرت ڪرڻ. هُو چاهي ها تہ دنيا جو هر نشو حاصل ڪري ٿي سگهيو پر هن ائين ڪيو. هن سماج کي نشن کان بچائڻ خاطر ”نشن جا نقصان“ لکڻ کان پهرين هن پنهنجي ۾ پنهنجي پريوار جي اصلاح ڪرڻ ضروري سمجهي. هُن هر مسئلي کي حل ڪرڻ لئہ سماج کان پهرين پنهنجي گهر کان شروعات ڪري گهٽن کي ڏندين آڱريون ڏيئي ڇڏيون هيون. هُن کي انهن هزارين نياڻين جي پاڪيزه هٿن جي دعائن جا درجا مليل آهن جن کي ريتن جي ٻارڻ ۾ ٻرڻ ۾ پيءُ جي گهر وار چاندي ڪرڻ واري روايت کان بچائي ورتيون. هن هزارين پريشان پيئرن ۾ پائرن جي ڪُلهن تان نياڻڪو بار لاهڻ لئہ آسان ۾ سولا گهيڙ ۾ گنس هموار ڪيا. سڳاوتيءَ واري هن اهم مسئلي جي حل جي شروعات بہ پنهنجي گهر کان ڪئي. آئون ڪيس سلام ڪيان ٿو!

مهمان نوازي ۾ بہ سوڍي صاحب جي پريوار جي پرمپارڪ سپيتا جي شاندار تاريخ رهي آهي. جنهن جي خوبصورت تصوير هن وطن جي جهونن

جي صدري ساهتيہ ۾ جئين جو تئين اڄ بہ آويزان آهي. راوي روايت ٿا ڪن تہ اڳاٽي ايام ۾ پرٿوي راڄ سنگهہ سوڍو آروڪي ۽ پرتاب سنگهہ سوڍو پابوهر جي دوستيءَ جي ڏاڪ ۽ هاڪ هوندي هُئي. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ پرتاب سنگهہ سوڍي جي پُٽ جڳمال سنگهہ جي ڄڃ ڪڇ پيچ ڏي وڃڻ جي تياري ۾ هُئي. پنڌ ڏکهو هجڻ ڪري وچ سفر ۾ مانيءَ جو مسئلو هو. نہ مواصلاتي نظام هو. اهڙي دؤر ۾ پلا ڄڃ کي ماني ڪير ڪارائيندو؟ پر ان دؤر ۾ بہ ڪي مرد مجاهد هئا.اڳي راجپوتي روايتن ۾ پُٽ جي ڄڃ ۾ پيءُ نہ ويندو هو.ان ڪري پرتاب سنگهہ پنهنجي پاٽني کي هدايت ڪئي تہ ڄڃ جڏهن آروڪيءَ جي اجهور ۾ وڃي تڏهن مگڻهار کي چئج تہ ڏهل تي ڌُوهو ڏئي. جيڪڏهن پرٿويراڄ سنگهہ ڳوٺ ۾ هوندو تہ ڄڃ جي مهماني ڪندو. چوڻ وارا چون ٿا تہ، ڄڃ آروڪيءَ جي ڏهر ۾ پهتي ڏهلاريءَ ڏهل تي ڏونڪو ڏيئي دوهي ۾ عرض ڪيو اي سخي ڏاتار سوڍا! اسين تنهنجي گواڙي ۾ پهتا آهيون ڄڃ جو سفر ڏکهو آهي اسان جو آجيڪار ڪيو! اهڙي آواز جو پڙاءُ جڏهن پرٿوي راڄ جي ڪن تي پيو. سوڍي يڪ ساهي ڊوڙي وڃي ڄڃ جي اڳ جهلي. گهوٽ واري گهوڙي جي واڳ جهلي پنهنجي اوطاري ڏانهن ڪاهيندي چيو سڄي ڄڃ کي ڪير سمجهائيندو؟ گهوٽ جي پويان پاٽهي سپ ايندا. سوڍي پرٿوي راڄ سنگهہ کي سلام آهي جنهن بنان ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي سموري ڄڃ کي ماني ڪارائي.اهڙو هو رام سنگهہ سوڍي جو پريوار...!

هُو جيڪو سياست جي سينوريل ڍنڍ ۾ بيٺل هوندي بہ هميشہ نيل ڪنول جيان نيارو رهيو هو. هُن کي پاپ جو پاٽي سُپرش نہ ڪري سگهيو. هُن جو ٻگلي جهڙو اڇو اجرو ڪيريئر ڪاجل جهڙي هر ڪلنڪ کان پاڪيزه ۽ پري رهيو. هُن سياست بہ اصولن تي ڪئي.جمهوري ويڙهہ جا جهونا گُر بہ ڪو هن سماجوادي سوڍي کان سکي، جنهن سياسي توڙي سماجي حوالي سان ڪڏهن بہ ڪنهن جي دل نہ رنجائي. هر ڪنهن جو آدر ڪرڻ هن جي آدرشي گڻن ۾ شامل رهيو آهي. رامسنگهہ سوڍو لئي مان لَٿ

پيجي سياست ۾ ناهي آيو ۽ نہ ئي وري ادب کي اڪ جي ماکي سمجهي ان ۾ پير پاتو آهي. هُو باقائده اديب آهي ۽ بنيادي طور ست پيڙهين کان سياستدان آهي! سندس پڙ ڏاڏو پرٿويراج سنگهہ انگريز جي دؤر ۾ معافيدار، پوليٽيڪل پينشنبردار ۽ ڪمشنر جا درباري هئا .سندس ڏاڏو سميڙ سنگهہ بہ معافيدار ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ٿرپارڪر جا ميمبر هئا. سندس والد صاحب راڻسنگهہ سوڍو 1960ع ۾ لوڪل باڊيز جي اليڪشن ۾ بيٺا ۽ بنان مقابلي يونين ڪائونسل جا ميمبر ٿيا. ڏيپلو ٽائون ڪاميٽي منظور ٿيڻ کانپوءِ هميشہ يونين ڪائونسل ويڙهيجهپ ۽ پوءِ يونين ڪائونسل آروڪيءَ جا بنان مقابلي چئرمين ٿيندا رهيا. هاڻ توهان اندازو لڳايو تہ سياست ڪرڻ سوڍي لئہ ڏائي هٿ جو کيل هو. چاڪاڻ تہ سياست هن جي رت ۾ شامل هئي ۽ سوڍي صاحب اها شاندار سياست ڪري بہ ڏيکاري، پاڻ پهريون ڀيرو سن 1985ع ۾ ايم پي اي جي سيٽ تي اليڪشن وڙهيو ۽ سوڀارو ٿي سنڌ اسيمبلي ۾ ٿر جو آواز بنجي گونجيو. نہ رڳو ايترو پر سُتت ئي صوبائي صلاحڪار بہ ٿيو. آخرڪار ضلع نائب ناظم ٿي سياست کي خير آباد چوڻ سان گڏ هن خطي کي بہ الوداع ڪري ويو...! الئہ ڇو...؟ اهو سوال هر اهل دل ماڻهوءَ جي ذهن کي جنجهوڙي ٿو. الئہ ڪنهن ڪم ظرف جي ويڻ وڍيو يا ڪنهن سيڻ ستايو پر هُو ماٺ ۾ هليو ويو. منهنجي سمجهہ مطابق هن کي سندس لخط جگر جي ارٿي رک اسان کان ڏُور ڪيو آهي جيڪو پيچ جي پوکنپ ۾ اُتي جي سرزمين جي لحد ۾ لهي ويو هو. پُٽ جي اڪيلائي پيءُ کان مٿي ٻيو پلا ڪير ٿو سمجهي سگهي. سوڍي جي پرار پڌارڻ تي پلي ڪٽي ڪنهن تي ڪو فرق نہ پيو هجي پر مون جهڙن هزارين مسڪينن جي اُميدن جا لاشا نا اُميديءَ جي لهرن ۾ لُڙهي ويا. سوڍو صاحب هتي هجي ها تہ مون جهڙا پٽيوالي جي لئہ دردر جا ڌڪا نہ کائين ها. سوڍا صاحب اوهان جي وڃڻ کانپوءِ پلي ڪنهن تي ڪو فرق نہ پيو هجي پر بقول شاعر:

**تجهه سي بچڙ کر فرق صرف اتنا هوئا**

**تيرا گيا ڪچ نهين ميرا رها ڪچ نهين**

سوڍي صاحب جو تازو شايع ٿيل ڪتاب” ڳالهيون ويچارڻ جهڙيون“ واقعي ڪمال جو ڪتاب آهي! هن ڪتاب جو نالو جيڪڏهن رامسنگهاٽي رهاڻ رکيو وڃي ها تہ تمام بهتر هو. ارباب نيڪ محمد صاحب جي ليک جو عنوان اهو آهي. هن ڪتاب پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ رامسنگهہ صاحب سان روبرو رهاڻ ٿي رهي آهي. هي ڪتاب محظ هڪ ڪتاب ناهي، هي ڪتاب رڳو گياني گفتا بہ ناهن پر هي ڪتاب ”سماج جو سميڏان “ آهي. ڪانسٽيٽيوشن آف سوسائٽي. سوڍي صاحب جي منفرد اسلوب بيان سان سجايل سادڙي ٻوليءَ ۾ تجسُس پريو هي ڪتاب سماج جي سُڌاري لئہ هڪ نئين راهہ هموار ڪندو. توهان هي دوهو تہ ضرور ٻُڌو هوندو تہ:

**پر ڌن پتر ڪر جانئي پر ناري ماتا سمان**
**اتني تجئي پريُو نہ ملي تڇلي داس ضمان**

سو آئون بہ اڄ ڇاتي ٺوڪي دعوا سان چوان ٿو تہ هي ڪتاب غور سان پڙهي ۽ ان تي تهہ دل سان سوچڻ ڪانپوءِ ڪير نہ سُڌري تہ ان ۾ آئون ضامن آهيان .

سنڌڙيءَ جي هن سدا ملوڪ سوڍي جي هشاش بشاش حياتيءَ جي هماليہ ڪي ڪن دلدوز حادثن ۽ واقعن جي واءُ بہ لوڏيو ۽ ڌوڏيو آهي پر هي اٽل آدمي ڪڏهن بہ دلشڪستو نہ ٿيو. هماليہ جيڏي حوصلي سان جيئندڙ هن مهان ماڻهوءَ جي شاندار ۽ جاندار زندگيءَ ڪي سوانح عمر جي سانچي ۾ فٽ ڪري ڪو ڪتاب يا ليک لکڻ سمنڊُ ڪي ڪوزي ۾ سمائڻ جيترو ڪٺن آهي. تنهن هوندي بہ جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان مطابق هي لفظن جي لوئي پيٽ ڪئي اٿم..شال ساب پوي...!

# سنپو هميراڻي

هُو جنهن جو جنم اُن قبيلي ۾ ٿيو هو، جيڪو ڇم مان چاڪڙيون ڻاهي، مٽن چانديءَ مڙهي "ڏات نہ آهي ذات تي" وارو ثبوت صدين کان ڏيندو اچي. جنهن قبيلي شاندار سماجي اسٽيٽس حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ " سُمهي سُک نہ ماڻيو" اُن قبيلي جي هڪ غريب فرد گورڌن داس ميگهواڙ جي گهر ۾ تاريخ 5 فيبروري 1948ع تي اک کولندڙ سنپو مل هميراڻي ٿر وطن جي ڏتڙيل ڏوٿين لاءِ ڏڃ هو. گورڌن داس جي گود ۾ گُد ڏيئي وڏو ٿيل ۽ هميراڻي ڍاٽي ۽ گوڙهيار جي گسن تي هلندڙ سنپو مل هميراڻي شروعاتي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. غربت جا گهاو سِر تي سَهندي، پيٽ تي پٿر رکي بہ هن اعليٰ تعليم اعليٰ درجي ۾ پاس ڪئي .مادر علمي سنڌ يونيورسٽي جهڙي علمي اداري مان بي اي، ايم اي ۽ بي ايڊ پهرين پوزيشن ۾ پاس ڪئي. پرائمري ماستر جهڙي پيغمبري پيشي سان وابستہ هئڻ ڪري هن سموري حياتي علم ۽ شعور جا ڏئيا ٻاريا. هن جي مانيٽي اندر ۾ ستل ڪلاڪار تڏهن آرس موڙي اٿيو جڏهن هن ڦوڳڻ جهڙي ڦوھ جواني ۾ پير پاتو، وطن جي واريءَ سان محبت ڪندي هن ڌرتي جي ڌڻن ۽ وڻن کان وٺي املهہ ڪردارن تي قلم کنيو، هن 1968ع ۾ مارئيءَ جي جنم ڀومي ڀيل واءِ (هاٽوڪو ڀالوا) ۾ لڳندڙ پهرين مارئي ميلي تي حياتيءَ ۾ پهريون ليک لکيو هو حُب الوطنيءَ جي عظيم ڪردار مارئيءَ تي مقالو. 12 فيبروري 1969ع تي هزارين ماڻهن جي هجوم ۾ رنگ منچ تان پڙهيل اهو مقالو ايترو تہ عوام الناس کي وڻيو جو گهڻي دير تائين عوام دلي داد ڏيندي تاڙين جي گڙگڙهاٽ ڪندي رهي، اتي موجود انتظاميہ کي بہ مقالي موهي وڌو ۽ سنپو مل هميراڻي کي موت ۾ مارئي ميلا ڪميٽيءَ جو مستقل ميمبر ڪيو ويو. حب الوطنيءَ تي اهڙو حسين مقالو فقط اهو ئي لکي سگهي ٿو جنهن جو روح هن ريگستاني خطي جي خمير ۾ پيوند ٿيل هوندو، جنهن کي ٿوهر جي ٽڪاوٽ کان وٺي مورن جي مامتا تائين جو فلسفو چڱي ريت سمجهہ ۾ ايندو. جنهن

کي سرتي جي الماس اکين کان وڌ هرڻن جا نيڻ وڻندا آهن. سنيومل هميراڻي ۾ مذڪوره سيئي گڻ سمايل هئا. هو ساڏوهين جي سيڙڪن پيروئن کي پيار مان چونبدي ساجن گهر سوکڙيون اماڻڻ ۾ وڏو سڪون پائيندو هو. مکڻيءَ ۾ مانڌاڻي جي اهميت کان چڱي ريت واقف هو. هو متي هاڻن ماروئڙن ڪارڙن کولهين سان ائين پيار ڪندو هو جيئن پينجولو ڄار سان ڪندو آهي. هُو ملير جي مسڪين ماڻهن سان ٻُنديِر جئين ٻُنديِيل هو هن کي ڏونئرا کائيندڙ ڏوٿين مان مارو پٽر جهڙي مهڪ ايندي هئي، هو مڪمل آرٽسٽڪ مزاج جو مالڪ هو. هو ڏهرن ۾ ٻرندڙ ڏئين جي سهائي جي سحر ۾ گم ٿي گونا گون شعر سرجيندو هو. هُو چونئرن مٿان اُپريل چَنڊ ڏسي ٿر جي ٿڏن ريٽن تي ڏانديي رمندو هو. چانڊوڪين ۾ پنڌ ڪندڙ ڪامڻين جي ساٿ جهڙن شيخ اياز جي شعرن کي ترنم ۾ جهونگاري فطرت سان هم ڪلام ٿيندو هو.

شاعراڻي طبيعت جي مالڪ سنيو مل هميراڻي جون شعوري اکيون تڏهن کليون جڏهن هڪ مندر ۾ هن کي برهمڻ پنهنجي ڪوڙي انا خاطر اڇ جي پڙي ۾ پاڻي پياري انسانيت سوز اوچ نيچ جو جئيرو جاڳندو مثال پيش ڪيو سنيو مل جي سانتيڪي اندر ۾ طوفان اٿي پيو. پڳوان جي مک مان پيدا ٿيندڙ طبقي جي ڀونگي پوڄا ۽ کوٽي نيت خلاف نفرت هن جي اکين مان آگ ٻڄي برسي پئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هن پڳوان جي ٻانهن مان پيدا ٿيندڙن کي بہ بخش نہ ڪيو. هن هر فورم تان، هر رنگ منچ تي، هر انسان کي اهو احساس ڏيارڻ جي ڏينهن رات ڪوشس ڪئي تہ اسين بہ انسان آهيون! اسان کي بہ ان خدا خلقيا آهن، جنهن هي سارو جهان زمين آسمان پيدا ڪيا آهن. اسان کي بہ اُڄ ۾ بک ساڳي ريت ستائي ٿي. اسين بہ محبت جي مچ ۾ پتنگ ٿي پچڻ ڄاڻون ٿا.

1970ع ۾ باقاعده ادبي دنيا ۾ پير پائيندڙ سنيو مل هميراڻي، طبقاتي نظام واري نام نهاد نظريي جو شڪار دلت جاتي جي پيڙهيل طبقي جو هڪ آواز هو. اهڙو آواز جنهن جي گونج صدين تائين صحرا جي سرزمين تي گوجندي رهندي، جنهن جا پڙاڏا ايندڙ نسلن لاءِ راهہ هموار ڪندا. سنيومل

هڪ جدوجهد جو نانءُ هو. جنهن هن دنيا ۾ جنم وٺڻ کان وٺي لحد ۾ لهڻ تائين سموري زندگي پيڙهيل ماڻهن جي حقن جي حاصلات لئہ پاڻ پتوڙيو. هن اهو نہ ٿي چاهيو تہ منهنجي هنر مند قبيلي جا ٿوهر منڍي جهڙا هٿ سدائين بين اڳيان ٽنگيل هجن. هن اهو بہ نٿي چاهيو تہ منهنجي پورهيت طبقي جا معصوم ٻار ڪنهن دربار جي دٿار ٻاهران اوبر جي آسري ۾ ويهي خدا جي حسين نعمت زندگيءَ کي زحمت سمجهن. سنيو مل جي دشتي دل اهو قطعي نہ ٿي چاهيو تہ هن جو ايندڙنسل ڪنهن بيتاج خاقان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لئہ سڄي حياتي ان جا بدنا پريندو رهي. هن نٿي چاهيو تہ هن پرک پکيڙي دنيا جي نابين سماج ۾ هن جو مسقبل ڪنهن تونگر جي تڏي تي کٽ بدران پٽ تي ويهي پنهنجي مقدر کي ميارون ڏي. هن دنيا جو هر درد پنهنجي سر تي سهڻ قبول ڪيو پر دراوڙن جي مستقبل تي ڪوبہ سمجهوتو نہ ڪيو. هُو ڌرتيءَ جي اصلي وارثن لئہ ساهہ جي هچڪي تائين لُکن ۽ جهولن ۾ لَکن تي لڙندڙ رهيو. هُو منو جي منحوس سسٽم واري طبقاتي نظام ۾ توازن پيدا ڪرڻ خاطر برصغير جي صوفي ڀڳت ڪبير جو فلسفو سمجهائڻ لڳو تہ ڪو بہ اعلي ناهي، ڪو بہ ادنيٰ ناهي، هر ماڻهو پنهنجي ڪردار، سچائي، ۽ اخلاق جي ڪري اتم ۽ نيچ ٿئي ٿو. سنيومل ڀٽائيءَ جي پيد جو بہ پرچارڪ هو. هُو تہ محبت ڪندڙ ماڻهو هو. هڪ شاعر هو. هُو فقط انهن ماڻهن لاءِ اک جو ڪنڊو هو. جن دراوڙن جي حقن تي ڌاڙا هڻي، انهن کي هر طرح نيچ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. جن جي نيت ۾ کوٽ هئي، جيڪي اندر ۾ ابليس هئا. هُو رڳو انهن سان نظرياتي طور نٽي نهيو جن جي سفاڪ دلين ۾ سماج واڌي جو نانءُ بہ نہ هو جن اهو نٽي چاهيو تہ ڪنهن" چاگلي" يا "ناڪري" جو پٽ وزير يا مشير ٿي سگهي، اهڙن ماڻهن جي منفي سوچ جي خلاف هن پر عزم جدوجهد ڪئي. هن قلم مان تلوار وارو ڪم ورتو. غريب ۽ پيڙهيل ماڻهوءَ جو ديبل ۽ هيسايل آواز ايوانن تائين پهچائڻ لئہ هن صحافت جو سهارو ورتو ٿر جي مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ سان انتهائي ويجهڙائپ هئڻ جي ڪري هُو صحافت ۾ تمام گهڻو اڳيرو ٿيو. ڪامريڊ غلام محمد

لغاريءَ جي ادارت هيٺ نڪرندڙ تڏهوڪين مشهور هفتيوار اخبارن ”سچائيءَ ۽ بيداري“ جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سچائيءَ ۽ بيداريءَ جي پليٽ فارم تان هن ٿر جي عوام جو آواز ڀرپور نموني اٿاريو.

سنيو مل صحافت سان گڏ ادبي سفر بہ جاري و ساري رکيو هن ادب جي هر اسٽيج تان علمي آبياري ڪئي، هن حياتيءَ ۾ تقريبا 400 کان مٿي مضمون مقالا، خاڪا ۽ شعر لکيا. سندس ادبي سمي جا ساٿاري هئا، سنڌي ادبي آڪاش جا جرڪندڙ ستارا تاج جويو، خاڪي جويو، راشد موارئي، نور احمد جنجهي، واجد ڀارو امراٽي ۽ گل گوماٽي چوندا آهن، تہ جهڙي صحبت تهڙو اثر، سو اهڙن ادبي ماڻهن جي سنگت جي اثر هيٺ نثر و نظم لکندي هن سموري حياتي نظم و ضبط سان گذاري. هن لکڻ ۽ پڙهڻ کي باقاعده حياتيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو.

سنيو مل جي لکڻين ۾ ڌرتيءَ جي ڏکين جي درد جو عنصر چٽي طرح موجود آهي. هن جي بي ربط لکڻين ۾ ڏيهہ واسين جا ڏکڙا ڏونئري ڏينهن جيان پاڻ پسائن ٿا، چاڪاڻ تہ هن اهي لکڻيون ايئرڪنڊيشنر ۾ ويهي ناهن لکيون ۽ نہ ئي وري ڪنهن شارپنر پين سان آرٽ پيپر تي لکيون آهن، هن تہ بدي جي بيرحم ڪاڙهن ۾ ڦٿڪندي ٽٽل نب واري ايگل پين سان اڌ ڦاٽل پنن تي وٿاڻن ۾ ويهي لکيون آهن. هن ڪنهن حسينا جي صراحي دار ڳچيءَ ۾ ٻانهون هار ڪري ان جي سينگار تي ناهي لکيو ۽ نہ ئي وري ڪنهن سفلا مزاج سياستدان جي چاپلوسي ڪندي اُن جي اوطاق جي چائنٺ چمي هئي. هن لکيو هو پنهنجي وطن جي واريءَ تي ۽ واريءَ جي واٽن تي بکايل مائرن جي ڏکايل ٻارن تي، هن لکيو هو ٿر سان ٿيندڙ هر ظلم تي، هن جي لوڪ رنگ جهڙين لکڻين ۾ ٿر جي سمورين پيڙائن جون پيرائون موجود آهن. سنيو مل هميراٽيءَ جي لکڻين ۾ سنتالن جو سُور بہ آهي، تہ ڪارڙين ڪولهڻين جا ڪرب بہ آهن، هن جي لکڻين ۾ لاڙ ڏي لڏي ويندڙ پيلن جي بي ڏٽي ڀونگن جو درد بہ آهي تہ پورهيت ميگهواڙن جي معصوم ٻچن جي اکين ۾ ترورا ٻڌجي ترندڙ بي رحم بک جو اندر اڌ ڪندڙ احساس بہ آهي. هن جي لکڻين ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ ۽ ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ جنت جهڙا جلوا ڏيندڙ

خوبصورت تشبيہ جهڙي تشريع بہ آهي . تہ ڪنهن ڪنيا جي حسين هٿن جي پريل ملير جهڙن موهي مارينڊز ڪيتن جو خوبصورت لينڊ اسڪيپ بہ آهي، هن جي اڇي اجري ٻڳهہ پڪي جهڙي روح ۾ ٿر وطن هالاريءَ جي رنگن جيان رچيل هو. هُو هر ويل هر هند ٿر جي ڀاڳ ڀلاري لئہ سوچيندو ۽ لکندو هو. هڪڙي هنڌ لکي ٿو تہ ”خدا ڪري ٿر تي محبتن جا مينهن وسن، امن ۽ انسانيت جي روشنيءَ سان ڪکاوان گهر روشن ٿين. ٿر ۾ ترقي ٿئي ڪاخارنا کلن، روڊ رستا ٺهن، بجلي اچي، پاڻي ملي، ٿر ۾ يونيورسٽي قائم ٿئي، جئين ٿر جا ماڻهو هن جديد سائنسي دنيا ۾ عزت ۽ آرام سان زندگي گذارين. نيڪ دليءَ سان ڏنل سندس اهي سيئي سپنا حياتيءَ جي هٿ مان ڪرڪ واري جيان وکري ويا. نہ ٿر ۾ ڪارخانا کُليا نہ بجلي ۽ پاڻي مليو ۽ نہ ئي وري يونيورسٽي ٺهي، سنيو مل پنهنجي ساڻيهہ کي سُکيو ستابو ڏسڻ واري تمنا پنهنجي ساهہ سان گڏ کڻي دوُر هليو ويو!!...

سنيو مل کَري ۽ سچي طبيعت جو مالڪ هو . هو ماڻهوءَ کي مُنهن تي سچ چوڻ وارو هو . وطن ۽ وطن جي املهہ ڪردارن جي باري ۾ ڪڏهن بہ ڪمپرومائيز نہ ڪندو هو. وطن جي معاملي ۾ انتهائي حساس دل هوندو هو. 1967ع ۾ جڏهن پهريون ڀيرو ڀالوا جي ڀوميءَ تي هڪ پراڻي کوهہ تي مارئي ميلو لڳايو ويو هو. تڏهن ان وقت ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جي وائيس چئيرمين مير محمد بخش ٽالپر تي عبدالقادر جوڻيجي هڪ تنقيدي مضمون لکيو هو جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ميرمحمد بخش ٽالپر پارڪر ۾ پنهنجا سياسي پير ڄمائڻ خاطر اهو سياسي ميلو مچايو آهي. اڌ پڙهيل اديبن جي آڌار هڪ سياسي کوهہ کي مارئيءَ جو ڄاڻائي ڇڏيو آهي، اهو مضمون جڏهن سنيو مل جي اکين مان گذريو تڏهن سندس اندر ۾ ويٺل محب وطن ماڻهو تڙپي اٿي پيو ۽ هن اهڙو ڀرپور جواب ڏنو جهڙو مقيم ڪنير منظور سولنگي کي ڏنو هو سنيو مل هميراڻي جنهان جي جوڻيجي کي جواب ڏيندي چوي ٿو تہ ”ٿري ماڻهو عبدالقادر جوڻيجي کي چڱي طرح سڃاڻين ٿا. هن جي هوشياري ڏاهپ ۽ شرافت جون ڳالهيون ڳوٺن جا ڳنوار بہ ڪن ٿا. رهي ڳالهہ مارئي کٽي جي ڪير هئي، انهي جي خبر سيني

ٽرواسين ڪي آهي. مير محمد بخش پنهنجي سياسي دُڪان چمڪائڻ لاءِ اهو ميلو ناهي لڳايو ۽ نہ ئي وري هن کي ڪو مارئيءَ جي نالي تي ڏنڊو ڪرڻو هو. سنڌ جي سوين ماڻهن پنهنجي نياڻين جا نالا مارئي رکيا آهن مگر اها مارئي پالوا جي هئي، باقي اڳتي هلي پنج هزار سالن ڪانپوءِ عبدالقادر جوڻيجي جهڙو سنڌي اديب اندرا متعلق تواريخ لکندو هو نهرو جي ڌيءُ نہ هئي، پر سنڌ جي مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ ڄام ساقي جي زال هئي يا عبدالواحد آريسر جي ڌيءُ اندرا هئي، اُٿ ڪتابن جا پڙهي وڏو اديب ٿيڻ معمولي ڳالهہ آهي، پر تواريخ ۽ ثقافت سان هٿ چراند ڪرڻ وڏو برو ڪم آهي." ثقافت ۽ تاريخ سان بي حد محبت ڪندڙ سنيومل کي جيڪڏهن ڪي ذات پرست جو لقب ڏين ٿا تہ انهن کي اهو علم هئڻ گهرجي تہ سنيو مل جيڪڏهن ذات پرست هجي ها تہ سندس ذات جي عظيم مورخ رائچند هريجن تي سخت تنقيد قطعي ڪونہ ڪري ها ۽ سرگواسي دليپ سنگهہ سوڍي کي ليلا ميرا دٽ جي شاعريءَ سان خراج عقيدت پيش ڪونہ ڪري ها. سنيو مل تہ وطن پرست ويڙهيچو هو جنهن جا ڳڻ صديون ڳائينديون رهنديون، بقول ڄام ساقيءَ جي تہ ڳوڙهيار جيڪڏهن تاريخ ۾ ياد رهيو تہ سنيو مل جي نالي سان ياد رهندو.

سنيو مل جي قلمي پورهئي کي سهيڙي سندس آدرش وادي فرزند آڪاش هميراڻي "سُمهي سُک نہ ماڻيو" جي نالي سان جولاءِ 2015ع ۾ هڪ خوبصورت ڪتاب پڻ ڇپرايو آهي، جنهن جو مهاڳ سنڌ جي ناليواري اديب محترم تاج جويي لکيو آهي. تاج مهاڳ ۾ کُلي دل سان اهو اعتراف ڪيو آهي، تہ سنيو جون لکڻيون آئون سنڀالي نہ سگهيس ، تاج جويو لکي ٿو تہ "مون چاهيو هو تہ سندس لکڻيون آئون سهيڙيان، ان لاءِ سندس لکڻين جو رجسٽر ڪيترا ئي سال مون وٽ پيل هو، پر مسواڙي گهرن جي تبديلن ذاتيءَ ۽ منصبي مصروفيتن جي ڪري آئون سندس معياري رهندس." پنهنجي محبوب دوست اڳيان مهٽي هاب ٿي ويل تاج جڏهن هميراڻيءَ جي ڏاڻي وچي سندس تربت واري تُراب کي مقدس سمجهي مٿي لائي معافي گهري ٿو، تڏهن هن جو بي قرار روح رڙڪري چوي ٿو تہ.

**سنيو هُڪ هيو سنيو ٿيندو ڪين ٻيو،**
**ڏاٽي آءُ همير جي، مون سان گڏجي رو،**
**منهنجو ساڄن تو، ڪئين لڪايو لوڪ ڪان!**

**تاج جويو**

سنيو هميراٽي سياسي ۽ نظرياتي طور سائين جي ايم سيد ڪامريڊ ڄام ساقي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ ۽ پنهون هميراٽيءَ سان ڳنڍيل هو . سماجي جاڳرتا ۾ سندس ساٿي هئا، مسڪين جهان خان کوسو سچل جنجهي ۽ مينهن ٻائي ۽ سندس آئيڊيل هئا، ڪامريڊ گهمن سنگھہ ڀيل ۽ عالم چند ڪولهي، ان مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هُو ڪهڙن خيالن ۽ آدرشن جو مالڪ هو هُو سون تي سيڻ مٽائڻ وارن مان نہ هو. هُو پنهنجي ۽ پنهنجي وطن جي لاءِ ننگ ۽ ناموس جو حامي هو. هن لاءِ وطن جي مٽي ئي مهان هئي، جنهن جي خوشبو هن کي وري وري هن ڌرتيءَ تي جنم وٺڻ لاءِ اُڪساهيندي رهندي.

سنيو مل هميراٽي تحقيقي ڪم ۾ بہ اڳيرو رهيو. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري واري پروجيڪٽ "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا " جي ضلعي ٿرپارڪر ۾ انچارج طور ڪم ڪيو. سندس تحقيقي ڪم تمام ساراهہ جوڳو هو. سنيو مل سٺي استاد سان گڏ هڪ سٺو اڳواڻ بہ هو. پ_ ث_الف جو 3 سال پريس سيڪريٽري رهيو. ان کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ مٺيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. سُرن جي سَرگم واري دنيا ۾ عابده پروين، سرمد سنڌي ۽ صادق فقير جي فن تي اکن ڇڪن ٿيندڙ هي همير جي ڏاٽيءَ جو مهڪندڙ مهتاب پنهنجي سموري سهائي گوڙهيار جي گسن کان وٺي ڪشمور جي پتڻ تائين وکيري 02 جولاءِ 2003 تي آڌي ويلي هميشہ لاءِ اُلهي ويو. سندس حياتيءَ جو چيل آخري شعر ٻُڌي اڄ بہ منهنجو صحرا سڏڪي ٿو!!..

**وري مينهن وٺا ساوا ڳاهہ ڦٽا،**
**منهنجا پنڌ ڪٽا . او منهنجا ساٿيئڙا،**

# گُل مُحمد لات

دل چيو اڄُ بانڪيداس آسيہ هُجي ها يا جهيبو ڪيسر جهانڦلي وارو هُجي ها تہ اُنهن جو چارڻ چِت تڏهن ضرور چُري ها. ۽ اُهي ڪو ڏوهو يا سورٺو پڪ سان سرجين ها. جڏهن گُل محمد لات ٻارڻ جي ڳوٺ ۾ ڪروڙ پساوَ ڪندي چيڪ ورهايا پئي. هُن نہ رڳو چيڪ ورهايا پئي، پر هر باهہ متاثر ماروئڙي ڪان حال بہ پڇيا پئي اهو بہ ائين جيئن ڪو پُٽ پنهنجي مائٽن ڪان پُڇندو آهي. ايڏي تہ نوڙت هُئي جو چا ڳالهہ ڪجي.. ۽ جڏهن ڳل گرانڙي پائي مليو ٿي، تڏهن ائين لڳو ٿي جڻ ڌرتيءَ جو سپوت پُوت پنهنجي ماتر ڀُوميءَ سان ياڪر پائي اُن جا درد ونڊي ۽ وريچي پنهنجي حصي ۾ ڪٽي رهيو آهي. گُل محمد لات جو اهڙو رويو ۽ ڌرتيءَ جي ڏُوڙ سان ايڏي دلچسپي ڏسي، دل چئي ٿي تہ ٻاٻوهر جي پروهت ڪوي هيميڏان چارڻ کي اها التجا ڪيان تہ اوهان کي سرسوتي وڏيا جي لپ ڏئي تہ پنج ڏهہ ڏوهيڙا هن وطن جي وير پُرش سخي ڏاتار جي شان ۾ ضرور لکجو. اها تاريخ جي تقاضا آهي. هيميڏان جا هڏ هيماري ويا تہ پوءِ اهڙي ڪنهن مان اُميد رکڻ ٿي اجائي هوندي.

توڙي جو هُو هن وقت دُبئي جي ست ستارا هوٽلن ۾ ست رڃيون ڪائي ٿو لنڊن جي لگزري فليٽن ۾ اوچي قسم جي پلنگن ۽ پٽراٽين تي سُمهي ٿو. مُنهن بہ منرل واٽر سان ڌُوهي ٿو. هُن جي اُٿي ويٺي بہ دُنيا جي امير ترين ماڻهن سان آهي. هُن جي پهرواس بہ پَر ڪنديين پڏري آهي. ائين ڪٽي چئجي تہ هُو لگزري لائف کي ڀرپُور انجوائي ڪري رهيو آهي، پر اڄُ بہ هُن کي ڏيپلي جي جهوپڙا هوٽلن واري چانهہ ۽ ڏاڪٽيا ريتلا دڙا ناهن وسريا. وسريا تہ هن ڪان وطن جا مارو ماڻهو بہ ناهن جن جي ياد هن کي هر سال پُوڻءَ تان پيرو پرائي ٿي. هُو گوگل تي ڏيپلي کي ڳولي ٿو تہ هُن جي من ۾ ڏيپلي جي خوراڪ جي خوشبو مهڪي پوي ٿي. هُو گرانڊ گاڏيءَ ۾ گهمندي بہ پنهنجي پيءُ جي پهرين ڪاروبار آٽي واري چڪيءَ کي اڄ بہ وساري ناهي سگهيو.

توڙي جو هُو هاڻي ڪارپوريٽ ڪلچر جو حصو هئڻ ڪري، ٿُوپيس ٿري پيس وارن سان ملڻ مان واندو ٿي ناهي، پر پوءِ بہ هُن وٽ پارڪر جي پوڙهن ۽ ڏيپلي جي ڏبرن سان جُهڪي ملڻ وارو ملير جي مٽيءَ جو گُڻ تازي مينهن جي خوشبو وانگي موجود آهي.

جڏهن بہ ٿر جو ڪو گهر باهہ ۾ ٻري ٿو تہ هن جو اندر ٻري اُٿي ٿو. جڏهن بہ ڪو مسڪين وڏوان غريبي سبب ڪنهن وڏي اداري ۾ اعليٰ تعليم پرائي نہ سگهڻ واري پيڙا جو اظهار ڪري ٿو تہ هي مُخير مرد هڪدم پنهنجي مينيجر کي حُڪم ڪري ٿو تہ هن شاگرد جي سموري تعليم جو خرچو پاڻ پنهنجي کُلهن تي کڻنداسين. ائين هُن انيڪ شاگردن جي سهائتا ڪئي آهي. بنان ڪنهن متڀيد جي هر مسڪين جي مدد ڪرڻ هن خاندان جو اعليٰ ظرف آهي. هن کي پنهنجي پيءُ کان پرورش ۾ اهو ئي ٻيد مليو آهي تہ، بنان ڪنهن ڀيد ڀاوَ جي، برابري جي بنيادن تي هر ڏيجوان جو ڏنجهہ ۽ رنج گهٽائڻ ۾ وس آهر مدد ڪندو رهجانءِ. هُو جڏهن بہ ڪنهن مسجد جي منبر ۽ مُنارن کي روشن ڪرڻ لئہ سولر لائٽ ڏيڻ جو سوچي ٿو تہ هن جي من ۾ مندر جو ڏيئو بہ جرڪي پوي ٿو. هُو مندرن ۾ بہ سولر لائٽ لڳائي ڏئي ٿو. هُن جڏهن بہ ڪنهن ڪريم بخش جي علاج لئہ ڪا مدد ڪئي هوندي تہ ويرومل کي بہ وساريو نہ هوندو.

هُو ڊيولپمينٽ سيڪٽر جي اُنهن نام نهاد سماجي ورڪرن وانگي ناهي، جيڪي ٿر جي پسمانده ماڻهن جا ڦوٽو ڪيش ڪرائي، لکين رپين جا پراجيڪٽس وٺي پاڻ تہ امير ٿي ويا، پر عوام اڄ بہ پيرن ۾ جتي ۽ لڱن تي ليڙ پائڻ لئہ پريشان آهي، هُو جيالن وانگي رڳو ڦوٽُو سيشن ڪرائي پاڻ نہ ٿو پڏائي، پر هُو عملي ڪم ۾ ميدان ملهائي بہ ٿو. هُو اُپراڻن پيرن وارن ماروئڙن جو ير جهلو آهي. هن ڏُڪاريل وطن لاءِ ڏيِ آهي. ٿر جي اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ سبب پَٽ تي ويهي پڙهندڙ شاگردن جي درد کي محسوس ڪندي گُل محمد لاٽ صاحب تازو هن سال ڏيپلو هاءِ اسڪول لاءِ 200، مٺي هاءِ اسڪول لاءِ300 ، ڪلوئي جي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاءِ 200 ۽ اسلام

ڪوٽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاءِ 200 ڪرسيون مهيا ڪيون آهن. ۽ ان سان گڏ ڏيپلو گرلز اسڪول لاءِ بہ جلد 100 ڪرسيون مهيا ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي. جيڪو ڪم سرڪار کي ڪرڻ گهرجي اهو هن اڪيلي مرد مجاهد ڪري ڏيکاريو آهي. آئون کيس سلام پيش ڪيان ٿو. سندس نياڻي اميران گُل لاٽ عورتن جي تعليم ۽ حقن جي معاملي جي ايڊووڪيٽ پڻ آهي، جيڪا بہ سندس والد صاحب وانگي سدائين ٻين جي ڀلي لاءِ جاکوڙيندي رهندي آهي.

محترم گُل مُحمد لاٽ صاحب جو جنم ٿرپارڪر جي قديم شهر ڏيپلي جي معزز شخص محترم غُلام مُحمد لاٽ جي گهر ۾ ٿيو. غُلام مُحمد لاٽ جيڪو نہ رڳو واپار ۾ وڏو ماهر هو پر سياست جي شطرنج جو بہ شاطر کلاڙي هو. ٿر جي سياست ۾ اربابن کي اک ڏيکارڻ جي جرئت ڪندڙ هي ميمڻ گهراڻو ٿر واسين جي هر ڏُک ۾ همدرد رهيو آهي، توڙي جو ٿر جي ٻي گُٺي جنتا انهيءَ همدرديءَ کي بيوقوفي سمجهي ”لُٽيو لاٽ کي ووٽ ڏيو ارباب کي“ وارو انوکو رواج پئي وڌو آهي. ان ڳالهہ جي گواهي ٿر جي تاريخ ڏيندي. محترم غُلام محمد لاٽ ڏيپلي شهر ۾ هڪ ننڍڙي اٽي جي چڪيءَ کولي ذريعا معاش جي مهورت ڪئي. ان چڪيءَ واري ڪاروبار ۾ گُل محمد لاٽ بہ والد جو هٿ ونڊائيندو هو. ان چڪيءَ مان مهراڻ گروپ آف انڊسٽريز تائين جي طويل سفر ۾ هن خاندان جي وڏي محنت ۽ اڻٿڪ ڪوشش شامل آهي. گُل صاحب ابتداعي تعليم اباڻي شهر مان پرائڻ کان پوءِ بيچلر ڊگري ايڊمنسٽريشن ۾ اسڪول آف بزنس لنڊن مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽر جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي .

گُل محمد لاٽ صاحب 1982ع ۾ مهراڻ گروپ جو ڊائريڪٽر آف ايڊمنسٽريشن ٿيو. جتي هن ڏينهن رات اڻٿڪ محنت ڪري انڊسٽريءَ کي عروج تي پهچايو. ڪجهہ ئي سالن ۾ وڏي ترقي ڪرائي اعليٰ پد تي پهچايو. 1985ع ۾ مهراڻ گروپ آف انڊسٽريز کي فيڊريشن آف پاڪستان چئمبرس آف ڪامرس ايڊ انڊسٽريز FPCCI جي طرفان بيسٽ

ايڪسپورٽ پرفارمنس جي ٽرافي بطور انعام ملي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين ملندي اچي .

مهراڻ گروپ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿيڻ کان پوءِ گُل مُحمد لاٽ دبئي ۾ اسٽيٽ آف دي آرٽ پروڊيڪشن جي شروعات ڪئي. گُل صاحب پنهنجي ڪيريئر ۾ تمام گهڻيون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ماڻيون آهن. گُل صاحب 1998ع ۾ ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ڪراچيءَ ۾ پنجن ايڪڙن تي مشتمل اسپائيسي اينڊ رائيس پلانٽ لڳرايو هو. جيڪو پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو اسپائيسي اينڊ رائيس پلانٽ آهي. 2005ع کان پوءِ مهراڻ جي مصالحن جي سعودي عرب ۾ گُهر ٿي ان ڪري گُل صاحب جدّه (Jeddah) ۾ ماڊرن اسپائيسي فيڪٽريءَ جو بنياد وڌو. گُل محمد صاحب ٿر ۾ واحد هڪڙي فلور مل 2001 ع ۾ نئون ڪوٽ ۾ کولي آهي، جنهن جو نالو ٿي ٿر فلور مل آهي. هي مل کولڻ جو مقصد ٿر واسين کي سستي دام تي اٽي جي سهوليت مهيا ڪرڻ هو. گُل صاحب هن وقت مهراڻ گروپ آف انڊسٽريز جو چئرمين ۽ سي او آهي .

گُل محمد لاٽ صاحب جو ٿر جي سياست ۾ بہ وڏو حصو رهيو آهي. سياسي شاگرد هئڻ ڪري هن جو سياسي ڪيريئر بہ انتهائي شانائتو ۽ مانائتو رهيو آهي. 1990ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪٽ تان ٿرپارڪر مان M.P.A ٿيو. 1993ع ۾ ساڳي پارٽي ۾ رهندي سنڌ ڪابينا ۾ موحوليات جو وزير ٿي رهيو آهي. شهيد مُحترما بينظير ڀُٽو سان گڏ سياست ڪرڻ جو شاندار موقعو ملڻ ڪري هن تمام گهڻو سکيو. 2002ع ۾ پيپلز پارٽي سنڌ ڪائونسل جو ميمبر پڻ ٿيو. مئي 2008ع ۾ وزيراعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهہ جو اينٽي ڪرپشن اينڊ انڪوائيريز ۾ صلاحڪار ٿي رهيو. 2010ع ۾ ٿر ڊولپمينٽ ڪاميٽي جو چئرمين پڻ ٿيو. مارچ 2009ع کان 2015ع تائين پ پ جي ٽڪيٽ تي سينيٽر ٿي ايوان بالا ۾ رهيو. جتي سينيٽ اسٽينڊنگ ڪاميٽي ٽيڪسٽائل جو چيرمئن ٿي رهيو .

# نُور احمد جنجهي

هُو اُن وسندڙ وستيءَ جو راڄ دُلارو رهواسي آهي، جنهن وسندي سنڌ ۾ سنڌي ادب کي گهڻو ڪُجهہ ڏنو آهي، جنهن ڳوٺ ٽر جي ڌرتيءَ کي غُلام محمد جنجهي جهڙو حڪمت جو حاڪم ۾ لوڪ شاعر ڏنو جنهن ڌرتي اِمام علي جنجهي جهڙو ارڏو ۾ مزاحمتي ڪوي ڏنو. ڦوگ ڦلار جهڙي ان ڳوٺ جو نالو آهي. ”وڪڙيو جنجهي“. وڪڙيو جنجهي ٽر جي ادبي سياسيءَ ۾ سماجي تاريخ جي للات تي اهڙو لعل روپي تلڪ آهي، جيڪو ڪارونجهرجي ڪور تان آڏي ويلي اُڀرندڙ چنڊُ جيان چمڪي ٿو. جنهن ۾ سموري ٽر جي سادڙي سونهن جلوه افروز آهي. هُو جنهن جي نم جي ڇانوَ جهڙي نثر جي ننگريءَ ۾ دل آويز لفظن جون مورڙيون نرت ڪن ٿيون. جن کي من سان وانچندي اکين جا مور خيالن جا ڪيڙا ڪندي، لڙڪن جا موتي چاڙهي ويهندا آهن! هن جي نثر جي اثر ۾ اهڙو ڪو جادو آهي، جو پڙهندي دل مطالعي جي ميز تان اٿڻ ناهي ڏيندي. هُن جي نثر جو جام ڪوثر پيئندي سوجهاڪا ۾ سحر ٿي ويندا، پر ماڻهوءَ جي دل ناهي پربي. چاڻ جي خمارن ۾ من مهڪي پوندو آهي!

ڳوٺ وڪڙيو جنجهي ۾ 30 نومبر 1968ع تي مرحوم غُلام محمد جنجهي جي گهر ۾ پريات ويلي ٽڙندڙ ان گل جو نانءُ آهي نُور احمد جنجهي! جنهن جي نالي مان ئي نُور ڇٽي ان وجود جي واسنا ڪنهن گلاب کان گهٽ ناهي هوندي، بلڪ چانپي مروي کان بہ چڙهت هوندي آهي. اها مهڪ نہ رڳو پنهنجا اڱڻ اُجاريندي آهي، پر سموري وطن جا ويڙها بہ واسي ڇڏيندي آهي. اهڙي ئي مهڪ سائين نُور احمد جنجهيءَ جي علمي ادبي سفر مان پڻ اچي ٿي. جيڪو سفر اندازن اڌي صديءَ تي محيط آهي!

غُلام محمد جنجهيءَ جي هنج ۾ هنيلايون ڪندي، وڏي ٿيل نُور احمد ننڍ پڻ ۾ ابتدائي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان پاس ڪئي ۾ ثانوي تعليم جو سرٽيفڪيٽ سنن نمبرن ۾ هاءِ اسڪول مٺي مان ماڻيو. 1996ع ۾ مادر

علمي سنڌ ورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ماسٽر ڪرڻ کان سواءِ مادر عملي سنڌ مان تدريسي تعليم ۾ بہ ماسٽر واري سند ماڻي. ان کان سواءِ قانون جي بيچلر ڊگري (ايل_ ايل_ بي ) بہ حاصل ڪئي. تمام گهڻ پڙهيو هي سنڌ جو ليجنڊ ليڪ 1997ع ۾ تعليم کاتي سنڌ ۾ بطور ليڪچرر پرتي ٿو. گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج مٺيءَ کان وٺي ڪالي موري، عمرڪوٽ، پريت آباد ۽ قاسم آباد تائين مختلف ڪاليجن ۾ پنهنجا فرضِ سچي دل سان سرانجام ڏيندو رهيو. هن علمي ۽ ادبي سفر کي بہ روان ۽ دوان رکيو. ڪڏهن بہ ورچي نہ وينو چو تہ هن ويڙهيچن سان وچن ڪيو هو .اهڙو وچن جنهن جي قرب جي ڪچاڻ کي محبت جو ميڻ ڏنل آهي، جنهن جو تانڪو ڪڏهن بہ ٽُٽي نٿو سگهي، ڀٽائي چوي ٿو تہ:

**الست بربڪُم ، جڏهن ڪن پيوم،**
**قالوبليٰ قلب سين، تڏهن تتِ چيوم،**
**تنهن وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين،**

آدجگاد کان ڪيل انهيءَ وچن کي نڀائيندي نُور احمد نت روز نوان لفظن جا ٿول سنڌي ٻوليءَ جي ڀهگڻ ڳُنوار جي ڪنڌ ۾ پارايا آهن. هن نہ رڳو ٻوليءَ کي بيش بها قيمتي لفظن سان مالامال ڪيو آهي، پر ويڙهيچن جي دردن کي دل سان بيان پڻ ڪيو آهي. هن سسئي جيان سور پوڳيندڙ ماروئڙن جي ديس مان غربت گهٽائڻ لئہ سنڌ جي آفاقي شاعر لطيف جي پيغام کي عام ڪرڻ کان ڪڏهن بہ ناهي ڪيٻايو. هن تہ وڏي واڪي اهو هوڪو هلايو آهي تہ امير ۽ غريب وارو طبقاتي توازن جيستائين ٺيڪ نہ رهندو تستائين سنڌ مان غربت ڪڏهن بہ نہ گهٽجندي. ان ڪري اميرن کي غريب سان نفرت بجاءِ محبت ڪرڻي پوندي. ائين جئين ڄام تماچي ڪئي هئي ڪينجهر جي ڪناري تي نُوري گندريءَ سان بقول ڀٽائي رح جي تہ:

**ڪڪيءَ هاٽيو ڪاريون ڇڇيءَ هاڻا ڇچ**
**پاند جني جي پاند سان لڳو ٿئي لچ**
**سمون ڄام سهنج ايو ڪري ان سين،**

سائين نور احمد جنجهيءَ جو وڏي ۾ وڏو تعارف تعليمي ماهر سان گڏ ماهر لسانيت بہ آهي. هو نہ رڳو ٻوليءَ تي عبور رکي ٿو پر ان جي وياڪرڻي معاملن کان بہ پلي پٽ واقف آهي. ٻوليءَ تي عبور رکندڙ هن مهل مون کي ٿر ۾ ٻيو ڪو اهڙو نظر نٿو اچي، جيڪو نُور محمد جنجهيءَ جي ليول جو هجي. مٺيءَ جي ادبي لڏي ۾ منفرد حيثيت جي مالڪ نُور احمد جنجهيءَ جا علمي ادبيءَ ۽ تحقيقي تقريبن 500 کان مٿي ڪالم سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن. نُور احمد فرمانبردار فرزند وارو ڪردار ادا ڪندي سندس پيءُ مرحوم غلام محمد جنجهيءَ جي شاعريءَ کي سيهڙي 2010ع ۾ ”ويجها ٿيا وصال کي“ جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو آهي. ان کانسواءِ سنڌ جي غيرسرڪاري اداري ٿرديپ ۾ ڪم ڪندي ڳوناٺن جي ڀلائي لئہ بہ ڪجهہ ڪتاب تصنيف ڪري ڇپرايا آهن. ڊاڪٽر ڪشن مل پنواڻيءَ جو هندي ٻوليءَ ۾ ڇپيل لوڪ ادب تي مشتمل ڪتاب سنڌي ۾ ترجمون ڪري 2008 ع ۾ ”ٿر جا ڳائجندڙ داستان“ جي نالي سان ڇپرايو آهي. سنڌ جي سياحتي سرڳ ”گورک“ بابت معلوماتي ڪتاب کي سنڌي مان انگريزيءَ ۾ اُتاريو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ نور احمد جنجهي نہ رڳو تاريخ جي تهہ خانن ۾ ڳُوڙ جي ملبي هيٺ دٻجي ويل حقيقتن جي ڳُور ڪي ڳوليندڙ ماهر محقق آهي، پر اهو من موهيندڙ مترجم بہ آهي، جيڪو مختلف ٻولين کي پنهنجي ٻاٻاڻي ٻوليءَ جي ڦول مالها ۾ اهڙي نموني پوئي ٿو جو هر ڪنهن کي آئڙي ٿو. نور احمد جا درجن کان مٿي ڇپيل ڪتاب آهن جن ۾ ٿر جي وڏي تاريخ بيان ڪيل آهي. ثقافتيءَ ۽ حب الوطني سبب دنيا ۾ پنهنجي الڳ حيثيت رکندڙ هن ٿر کي رنگن جي سر زمين سڏيندي هتي جي لوڪ ادب ٻاٻاڻي ٻولي ثقافتي سمري ۽ ”چندن گڊ چاووڪ ڪريو“جهڙا بي ملهہ ڪتاب لکي ٿرين جي ٿر تي ٿر جيڏو ٿورو ڪيو آهي. مذڪوره ڪتاب اڻ ڇپيل آهي. اسان کي ان جي ڇپجڻ جو اوسيئڙو رهندو. ڇپيل ڪتابن ۾ ”اچ سين اچ ٿيار“ جهڙي لطيفيات تي لکيل لازوال ڪتاب کانسواءِ ”پڙهيو ٿا پڙهن“ جهڙي تدريسي تعليم بابت لکيل ڪتاب بہ شامل

آهي .ان کان سواءِ بہ اهم ڪتاب ” ساچي جگ راچي نهين “ ۽ ”جبل مٿي باهڙي “تنقيد تي ٻڌل آهن. جيڪي مارڪيٽ ۾ آيا تڏهن ادبي پنيور ۾ چڱي خاصي باهہ ڏيندا. ڇاڪاڻ تہ نور احمد جنجهيءَ جو هڪڙو تعارف نقاد وارو بہ آهي. اهڙو نقاد جيڪو اديبن جي تخليق تي رڳو ساراهہ جون سرڪيون نہ ٿو پيري، پر طنزو مزاح جا تير هڻي، انهن جي علمي آبياري بہ ڪري ٿو. جيڪو تمام ساراهہ جوڳو عمل آهي. ان کان علاوه ڪجهہ رسالن جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو هو. جهڙوڪ مني جاڳرتا ۽ لوئي وغيره. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپرايل سنڌي لغات ۽ انسائڪلو پيڊيا سنڌيانا جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ بہ شامل رهڻ سان گڏ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران تيار ڪيل انگريزي لغات ۾ حصو وٺڻ تائين هر ڪم ۾ اڳڀرو رهيو. ٿرپارڪر جو پهرين ضلعي ايڊمنسٽريٽو هئڻ جو اعزاز حاصل ڪرڻ سان گڏ وفاقي ادبي اداري اڪادمي ادبيات جو ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر پڻ رهيو آهي. ايترا سارا عهدا ۽ اعزاز ماڻڻ باوجود هن ڪڏهن بہ فر مان پاڻ پڌائڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. نوڙت، نهٺائيءَ ۽ رحم دلي هن جي رت ۾ شامل آهي.

غلام محمد جنجهي فائونڊيشن پاران درس لطيف جي عنوان هيٺ پروگرام ڪرائي، لطيف جي پيغام کي ٿر ۾ عام ڪرڻ سان گڏ شيخ اياز جي فن ۽ فڪر کي ڦهلائڻ ۾ بہ هن وسان ناهي گهٽايو. پٽائي جي بيتن مان ”وحد الوجود“ وارو درس ماڻي، ڪبير جي ڪويتائن ۾ لکيل ”الک ايڪ هي“ وارو فلسفو سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، نور احمد سچل جي ”مان جوئي آهيان سوئي آهيان“ واري آفاقي نظريي تي خوب لکيو آهي. ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جو بهترين ڪمپيئر هئڻ جو اعزاز حاصل ڪندڙ هي خوبصورت ليکڪ، روم جي رهواسي مولانا جلال الدين روميءَ جو عاشق آهي، روميءَ جي روم روم مان سوم رس جي سڳنڌ ٻڌجي نڪتل شاعريءَ ۾ روحاني راز ڳولي ٿو. روميءَ جي ذات ۽ ذات تي هن وس کان وڌيڪ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

لطيفيات تي ترقياتي اقتصاديات جي روشنيءَ ۾ جديد دنيا ۾ لطيف جي فڪر کي اجاگر ڪرڻ ۽ سنڌي نوجوان ۾ ان بابت جاڳرتا ۽ شعور بابت

سندس ليڪچر سيريز بہ املهہ علمي ڪم آهي. سنڌي سماج جي تحرڪ ۽ ان ۾ نوجوانن جي ڪردار ۽ ڳوٺن جي ماڻهن ۽ مسئلن بابت سندس لکٽيون ڪارائتيون آهن. لغات نويسي جي ميدان ۾ آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاران تيار ڪيل بہ ٻوليائي لغاتن ڪانسواءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽي پاران تيار ٿيندڙ مفصل سنڌي لغات بورڊ جي ميمبر طور سندس ڪم ساراهڻ جهڙو آهي تہ سندس اڻ ڇپيل لغات "ٽريول پنبار" ٽر جي اصطلاحن جي املهہ ميڙاچونڊي آهي. تصوف تي ڪبير، شاهہ لطيف، شاهہ ڪريم ، ميران ٻائي، رومي، غلام محمد جنجهي، اعجاز سائين، خليفي نبي بخش لغاريءَ جي شاعري جي روشنيءَ ۾ ڪيل ڪم بہ پڙهڻ وٽان آهي. سنڌي، اردو، انگريزي، عربي، فارسي، ڍاٽڪي، هندي ٻوليون ڄاڻندڙ هن ليکڪ ترجمي جي ميدان ۾ ڪشني قلواڻي جي ڪتاب "راجستان جا ڳائجندڙ داستان" جو هندي ديوناگري لپيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي . سنڌيءَ مان انگريزي ۾ ڪيل سندس ترجمن ۾ "گورک" ۽ " وائس آف ساليٽيوڊ " آهن .انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ڇهہ کن ترقيءَ بابت دستي ڪتاب ترجمو ٿيل آهن". پلر پاڻي گڏ ڪرڻ جي اهميت ۽ ان جي گڏ ڪرڻ جا طريقا" ۽ "ٻالجتيءَ جون شاديون ۽ انهن جا اثر" نالي سان بہ بهترين دستي ڪتاب بہ سندس محنت جو نتيجو آهن. مئگزين "جاڳرتا"، "مني " ۽ "لوئي " جو ايڊيٽرپڻ رهيو آهي. گذريل ڪجهہ سالن کان وٺي اڄ تائين هن اورچ ليکڪ "ساڏ ڪهاوڻ ڪنن هي"، "ٿر کي پانيون ٿوڪ"، "ڪارونجهر تي باهڙي"، "سنڌ جي سينڌ ميري نہ ٿئي" ، "وديل ٿي وايون ڪري " ، "وجي ٿو وجود ۾" ۽ "پنيءَ منجهہ پٽون" ، "ڏور تئائين ڏس) لطيف شناسي )" ۽ "اڍائي اکر عشق جا (ڪبير شناسي)" ، "ڪارونجهر تي باهڙي"،" واريءَ تي وس" ، "جاڳ جا پاڳ آهيون پرين"، "سامين سفر ڪٽيو" جهڙا ڪتاب پڙهندڙن کي ڏنا آهن. گذريل ڪجهہ سالن کان وٺي هن پنهنجي سالگرهہ تي بہ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪرڻ ۽ نئين سال جي آجيان اياز شناسيءَ بابت ڪتاب لکي ڇپائڻ جي روايت شروع ڪئي

آهي . ٽرجي هن گهڻ رُخي ليکڪ 100 کان وڌيڪ ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ پنهنجا مقالا پيش ڪيا آهن.

نور احمد جنجهيءَ جي لاجواب لکتن ۾ لوڪ ڏاهپ سان ڀرپور ڪي گيان گفتا بہ آهن تہ شاعراڻي سپاءَ سان سرشار حرفي تجنيس وارو حس بہ آهي، ثقافتي سونهن تي ٻڌل ٿر جا ٺاڪ بہ آهن تہ تهذيب جي اعليٰ تاريخ جي تبسم بہ آهي. گوچارن ۾ ٽڙيل ٻاڳين جهڙا منڙا منڙا لفظ بہ آهن تہ ڪئلاش پربت کان ڪهي ايندڙ سنڌو جهڙي رواني‌ءَ ۽ ردم بہ آهي. هن جي ناگر ويل جهڙي نثر ۾ ڪٿوريءَ جي خوشبو بہ آهي، تہ لال مرچي جهڙو رنگ بہ آهي، ان رنگ ۾ ٿر مور جو تاج بہ آهي، تہ تاڙي جي تونس بہ آهي، ڏڪار جا ڏک بہ آهن، تہ سُڪار جا سک بہ آهن. مجموعي طور چئجي تہ نور احمد جنجهي ٿر جو بلڪ سموري سنڌ جو ميجيل ليکڪ آهي...

# امر ساهڙ

هُو جنهن جي سانوري چهري جي ريکائن ۾ هن سموري دُکي ديس جا درد ليئا پائيندي لُڇن ٿا. اُن سَپاجهڙي سياءَ واري شاعر جي سيني ۾ سنڌ وطن پنهنجن سيني ساروٽين سميت دل جي ڌڙڪن سان گڏ ڌڙڪي ٿو. هن جي خوابن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي خوشحاليءَ ۽ امن جو جهنڊو ڦڙڪي ٿو. سندس سون ورنين سوچن جي مُنڊيءَ ۾ هن ديس جو حُسن ڪنهن مينا جڙيَن جرڪي ٿو. هن جو جنم انهي جوءَ ۾ ٿيو جتي لاکي ڦلاڻي مهر راڻيءَ کي بنا ڪنهن ڏوهہ جي ڏينهن ڏٺي جو ڏهاگ ڏنو هو. مهر راڻيءَ جي هڪڙي گهاٽ مٿي هن جو ڳوٺ ٽاڏات موجود آهي، جتي پئيڻ جو پاڻي تہ پئسن سان بہ مشڪل سان ملي ٿو پر موبائيل ڪمپنين جي سمورن نيٽ ورڪن جي سروسز سندس گهر جي ڪمري اندر آساني سان ميسر آهي.

امر ساهڙ پيشي جي لحاظ سان پڙهڻ ۽ پڙهائي واري شعبي سان واڳيل آهي، پر روائتي ” ماستر “ کان گهڻو مختلف هڪ اهڙو آدرشي استاد آهي، جنهن پنهنجي اڌ ڄمار ايمانداريءَ سان پنهجي پيشي جي لڄ رکي آهي. سندس فرض شناسيءَ جي ساک سندس اهي لائق شاگرد بہ ڏيندا جيڪي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان وابسطہ آهن. آسي پاسي جا ڳوناٺا بہ هن جي هڪڙي فرض شناس اُستاد هئڻ جي اکيون پوري گواهي ڏيندا ۽ سندس اسڪول جي احياطي ۾ پوکيل اهي نمن جا گهاتا وڻ، جيڪي هاڻ وڏي ڏهلا ڏار پکيڙي ڇانودار درخت بڻجي چڪا آهن. سي سندس محبتن مان نپائي وڏا ڪرڻ واري وڙ کي سڄي ڄمار سارينداا رهندا. هڪڙي راڄنيتڪ ۽ علمي ادبي گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ امر ساهڙ انسان دوستيءَ ۽ سنڌ دوستيءَ جو علمبردار هئڻ باوجود ڪنهن بہ سياسي پارٽي جو پيبڊ ورڪر ٿيڻ يا ”وڏيرن جو ونگاريو “ بنجڻ بابت چوي ٿو تہ اها اسان جهڙن فقيرن جي ”واري“ جي ڳالهہ ناهي. مذهبي گهراڻي سان تعلق هوندي بہ سندس سيڪيولر سوچ ۽ صوفياڻو مزاج متاثر ٿي ناهي سگهيو ۽ بقول اياز رضويءَ جي امر کي نہ

زماني جي خدائن جو ماڻھو سڏائڻ جو ڪو شوق آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن راشي ڪاموري جا ڪرا پيري ڪا رعايت وٺڻ جي آرزو آهي، پنهنجي دنيا ۾ مڳن هي ملنگ ماڻھو پگهار حلال ڪرڻ کان پوءِ شاعريءَ جي سنڌ راڻي وٽ پناهہ وٺي ٿو. نہ رڳو سوچن جي سُرهي تيل سان شاعريءَ جي سينڌ سنواري ٿو پر نثر سان بہ هن جو نينهن آڳاٽو لڳو آهي. ستياسي واري ڪاري ڏڪار ۾ ٿر واسين جي امداد تي هٿ صاف ڪندڙن خلاف هن هڪ ٿوهہ ڪساري جهڙو ڪڙو سچ لکي، اي سي ڪمرن ۾ آرامي ڪامورن جي سرد جسمن مان گرم پگهر ڪيرايا هئا. تڏهن اهي سفيد هاٿي مٿس مچرجي پيا هئا، جن پنهنجي ”خاص خليفن “ معرفت خط لکي نتيجا ڀوڳڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، انهي ذهني اضطراب واري ڪيفيت ۾ هو جڏهن ملول مک سان ڪيسوپا جي عاشق فقير مقيم ڪنير جي هٽ تي وڃي وينو تہ، ٿر جي هن ڪاهوڙي ڪردار سندس اکين م اداسي ڪنهن مسيحا وانگر پروڙي ورتي ۽ پوءِ هن هڪ ئي جملي ۾ ڪيس سمورن خدشن کان بي خوف ڪري ڇڏيو. هو چور آهن اهي فقط رات جي اونداهيءَ ۾ لڪي ڪاٽ هڻي سگهن ٿا، تنهنجو قلم پاڳئي جي لٺ آهي. اها لٺ ايتري طاقتور آهي، جو دنيا جو ڪو بہ ڏاڙيل ان سان مقابلو نٿو ڪري سگهي. ۽ پوءِ بقول امر جي ”اهي ڏينهن اجوٺا ڏينهن، مون ڪٿي بہ ڪڏهن ٿڪجي ڪا ساهي ناهي پٽي. فقير مقيم ڪنير جو احسان آهي، جنهن مون کي حق جي راهہ تي هلڻ جو حوصلو ڏنو. انسانيت جي ادراڪ سان آشنا ڪرايو ۽ پنهنجي ماڻهوءَ ۽ مٽيءَ سان محبت جو فلسفو سمجهايو آهي.“ ڪلا جي ڪومل ديوي هن کي پنهنجي ٻاجهارين ٻانهن ۾ پناهہ ڏني. فقير مقيم ڪنير جي آشيرواد پُڄاڻان هن ڏنگي ڏات ڏٺي پنهنجي ضمير جي آواز کي ڌَن تي ڌُتارڻ بدران ”وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي“ جهڙي سٽ جو مريد بنائي ڇڏيو. ۽ سندس قلم جو تقدس ڪنهن مقدس شيءَ جيان اڄان تائين سلامت آهي. مسلسل نثر توڙي نظم ۾ سندس اهو سياويڪ سفرجاري آهي. ڏات هن جي ذات جا سمورا ٿڪ لحظي ۾ لاهي ڇڏيا آهن. حياتيءَ جي هڙ ۾ جيڪي بہ تلخ

تجربا ٻڌل هئا. اهي هن پنهنجي ڪلا جي ڪينجهر ۾ اوتي ڇڏيا. هن پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي محرومين کي ڪنهن عام روائتي ماڻهو وانگر نہ پنهنجي شاعري يا نثر ۾ ڪٿي بيان ڪيو آهي. ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ڪنهن سان ڪا اهڙي قسم جي شڪايت ڪندي مون ڪيس ڏٺو يا ٻڌو آهي. سيئي اوهنج، سيئي غم ۽ پيڙائون پٽيارڻ ڄاڻي ٿو. ٿوري قُوت تي قرار ماڻيندڙ هن ماڻهوءَ کي صبر ۽ شُڪر جي جڙ تہ سُتي ملبل آهي. امر ڪمال جي قوت برداشت جا ڪيئي مثال قائم ڪيا آهن. پنجن منٽن کان مٿي ڪاوڙ هن جي هيئڻن ۾ جري ئي ڪونہ. ڪيتري بہ ڪو گلا ڪري، مخالف ڪري، پر امر ڪنهن سان وير يا ڪا دشمني رکڻ بدران ”تو ڪيو توکي ڦٻيو مومل هي مذاق “ جي مصداق سڀ ڪجهہ وساري ڇڏي ٿو. هن جي عربي سمنڊ جهڙي سرير ۾ جڏهن بہ ڪو وڇوڙي جو واچوڙو اٿندو آهي، جڏهن بہ ڪو عشق جو آر جوار ٻاٽا ٻڌجي پوندو آهي، تڏهن ڪئيي ڪاڳرن جا ڳوٺ سندس نظمن جي نيري پاڻيءَ ۾ پُسي آلي مٽيءَ جي هُڳاءُ وانگر ” تيز هوا ۾ آنچليا“ ٻڌجي اڏرندا آهن. هن جي ذات ديوي جڏهن بہ ڳوٺن جي منظرن ۾ گم ٿيندي آهي، تڏهن ”مُقي“ سان ڳوٺ جا منظر مڙهي ڏيکاريندي آهي سندس من جي مانسروور ڍنڍ کي جڏهن ڏڪارن جو ڏُواءُ سُڪائيندو آهي، تڏهن ٿانور پٽيءَ جي بکي پيٽ خاطر زال کي پيڻ بنائڻ واري دک دائيڪ ڪٿا وانگر پنهنجي ديس ٿر جي ڪربناڪ ڪهاڻيءَ کي ”هليو وئين ورت کي ويڙهي“ جو عنوان ڏيئي اظهاري ٿو تہ. مير حَسن آريسر جهڙي سُريلي شاعر ۽ ليکڪ کان چرڪ نڪري وڃي ٿو. ۽ هو ٿري عورت جي ان زهر جهڙي زندگيءَ جي پل پل پيڙا ۾ پچرندڙ ڪهاڻيءَ کي پاڻ سان ٿيل واردات محسوس ڪري امر کي فون ڪري چوي ٿو تہ. ”يار !مونکي تہ ماري وڌو اٿئي“. سنڌ جي سونامي جهڙي صدمي يعني شهيد بينظير جي شهادت تي هن جو قلم رت ڦڙا روئي ٿو تہ ”پنڪيءَ جي پيءُ کي ڇئجان“ جهڙو نظم ماڻهن جي دلين کي ميڻ بتي وانگر ڳاري ٿو. پنهنجي پريوار جي ريتن جو ٻارڻ ٻڌجي پرائي ڏيهہ پرڻجي ويل ڪنهن نياڻيءَ جي ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ پيرا

مرڻ ۽ جيئڻ واري ڪيفيت کي محسوس ڪري ٿو تہ ”صحرا مون ۾ ساهہ کڻي ٿو“ جهڙو شاهڪار نظم لکي اسان پارن انيڪ اڻبوجهن کي ڏنگين آڱريون ڏياري ڇڏي ٿو. ڏرتيءَ جي هر دک کي پنهنجي اندر ۾ اوتي ” اکين ۾ الڪا “ کان وٺي ”صحرا مون ۾ ساهہ کڻي ٿو “تائين هن جو شاعراڻو سفر نہ رڳو سيبتو آهي، پر سندس ڪلام ڳچ دلين وٽان داد وصول ڪري چڪو آهي. پر ڪنهن مجتا يا موٽ لوڙ يا لالچ ۾ لوڙهو ڦيري پوئتي مڙي نهارڻ تہ ماڻهو ڇا ٿا چون؟ ان جو ڪيس نہ ڪو ڪُتڪو نہ ئي ڪا اون آهي، هو چوي ٿو تہ ”مون ڪهڙي ڪوڏار هنئي آهي، جو ماڻهن کان ان جو اُجورو گُهران؟ مون دنيا نہ پر دل جي چوڻ تہ لکيو آهي، جيسين دل چوندي لکندو رهندس. باقي نبيرا پاڻهي نسل پيا ڪندا“

ريڊيو امر جو پيو شوق هو. ريڊيو مٿي تي آغاز تہ اناؤنسر کان ڪيائين، پر اها ڪيس آئڙي ڪونہ. ان ڪري ريڊيو ڇڏي هليو ويو. هُو تخليقڪار هو. تنهن چاهيو ٿي تہ ڪي اڻ ڪهيون ڳالهڙيون پنهنجي ماڻهن سان اورجن. پر ائز اي اناؤنسر ائين ڪري نٿي سگهيو. پر جڏهن ڪمپيئر طور پروگرام ڪيائين تڏهن واقعي واڄٽ وڄائي ڏيکاريائين. خاص ڪري امر جو انداز گفتگو وارو جيڪو لچڪندار لهجو هو ان ڪيس صاحب اسلوب واري سڃاڻپ ڏياري هئي. لفظن جي ادائيگي اها بہ رڌمڪ اهڙي جو ڪيئي نوجوان سندس اسٽائيل جي اهل ڪرڻ لڳا هئا بقول سائينداد ساند جي ”امر جي ڳالهائڻ ۾ جيڪو رڌم آهي، اُهو ڪاٺ ڪُٽي جي ٺُڪ ٺُڪ جئين دلين جي ڌڙڪنن سان گڏ ڌڙڪي ٿو باقي امر ساهڙ نعيما ممتاز پٽي تہ پڪ سان ڪونہ ٿي سگهندو “امر جي هر پروگرام ۾ ماڻهن جي دلچسپي جو سمورو سامان موجود هوندو هو .ماڻهن جي زندگين سان لاڳاپيل سمورا موضوع امر جي پروگرامن جو اهم حصو هوندا هئا. ماڻهو پنهنجا مسئلا امر جي واتان ٻڌي ڪيس پنهنجو سمجهي پيار ڪندا هئا ۽ موٽ ۾ ماڻهن جون دليون رکڻ جو هنر بہ خوب ڄاڻي ٿو. لسنرن جي آڏي، مانجهي ميسيج يا ڪال مان ڪک ٽيڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي.

بلڪ چوندو آهي، تہ يار ماڻهن کي هيڏي محبت جي موٽ ۾ اسان بہ ٻول ٻالهائي انهن جي دل رکي تہ کهڙي گهٽتائي ٿيندي. سندس جاندار ۽ سنجيده ريڊيو اسڪرپٽ جي ڪري امر کي عام توڙي خاص ٻئي دل جي ڪنن سان ٻُڌندا هئا. هن جو پنهنجن لسنرس توڙي پاڻ سان جيڪو خلوص ۽ محبت ڀريو رويو آهي ان ڪري سندس مداح اڄان نہ رڳو ڪيس سڪ مان ساريندا رهن ٿا، پر ساڳئي وقت ريڊيو منيءَ جي انتظاميہ کي بہ امر کي واپس آڻي پروگرام ڏيڻ لاءِ چوندا آهن. باوجود سينيءَ کي معاف ڪرڻ واري گڻ جي سندس خودداري بہ غضب جي آهي، جيڪڏهن ڪنهن عزت ۽ محبت مان سڏيو تہ اکيون پير ڪري هليو ويندو پر جي ڪنهن عزتِ نفس مجروح ڪئي تہ پوءِ مرڻ مري ويندو وري ان جي اڱڻ تي نہ ويندو. ريڊيو منيءَ تي ڪيل پروگرامن ۾ پڙهيل اسڪرپٽ تي مشتمل ڪتاب ” خيال ڪڙو ڪڙڪائين ٿا“ امر جو پهريون نثري ڪتاب آهي. جنهن جا سمورا موضوع اسان جي آس پاس موجود آهن، پر انهن کي بي باڪي سان بيان ڪرڻ ۽ جرئت سان اظهار ڪرڻ جي خوبي امر ساهڙ کي پنهنجي همعصر ڪمپيئرن ۾ منفرد بڻائي ٿي. ٻهراڙيءَ جي ٻولي، لهجي ۽ پيشڪش جي انداز ئي امر کي امر بڻايو آهي، هن جي خيالن جي خوشبو اُهي سماعتون ۽ بصارتون ئي محسوس ڪري سگهن ٿيون جيڪي ٿوهرن جا ٽڪ ۽ مورن جي رنگن کي محسوس ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿيون. هن ڪتاب ۾ امر پنهنجي پاران ۾ جيڪو ڪڙو سچ ٻالهايو آهي، ان يقين گهٽڻ جي لوڏن ۾ سر وڌا آهن، پر اهو بہ سچ آهي تہ ٿيئڙتپ کي نيواڪوئن جي ڪڙي گوري سان ئي ٿاري سگهجي ٿو ۽ خاص طور تي مزاحيا انداز ۾ سندس اصلاحي اسڪرپٽ نہ رڳو پڙهڻ ۾ چَس ڏين ٿا، پر ساڳي وقت ڪجهہ سوچڻ تي بہ مجبور ڪن ٿا، هن پنهنجن اسڪرپٽن جو حصو سماج جي انهن ڪردارن کي بڻايو آهي، جيڪي اسان جي اوسي پاسي موجود آهن، انهن جي گڻن ۽ اوگڻن کي امر نهايت ئي پُر اثر انداز سان بيان ڪيو آهي .هي پنهنجي ماڻهن جي هر ڏک کي دل جي گهراين سان محسوس

ڪري ٿو. ريڊيو تان هئين بيان ڪري ٿو.” اسان کي علم آهي، تہ اوهان پنهنجي مڙهي ماءُ لئہ پاءُ ناس جو ۽ پوڙهي پيءَ جي لئہ پن جي ٻيڙين جي جهوڙي ، دادلي ڏي لئہ وال پوتيءَ جو سڪيلڏي پٽ لئہ ربڙ جي جُتي ۽ زال جي ڳوتڻ لاءِ اڌ وال ڪپڙي جو آٽي نٽا سگهو تڏهن ائين ڏري پئو ٿا. جئين زلزلي ۾ زمين ڏري هئي“ هي نج ٻولي، هي احساس هن ڪتاب جي صفحي تي ائين پکڙيل آهن جيئن باغ ۾ رنگبرنگي گُل ٽڙيل پکڙيل هوندا آهن، جيئن باغ جي گلن جا رنگ ۽ نمونا يا خوشبو الڳ رنگ هوندا آهن، ائين ئي هن ڪتاب جي هر صفحي تي الڳ الڳ موضوع الڳ رنگ ۽ ان جي خوشبو آهي. ٿر سميت سڄي سنڌ جي مسئلن جي اپٽار بہ آهي تہ شاعرن، گلوڪارن، سماجي، سياسي ڪارڪنن بابت پروفائيل بہ هن ڪتاب جو حصو آهن، وڻن ۽ ڏٺن ڪان وٺي پکين تائين هر موضوع هن ڪتاب جي ڪئنواس تي پاڻ پسائي ٿو. سو بنان ڪنهن وڏاءُ جي چئي سگهجي ٿو تہ هن ڪتاب جا ڪڙ ڪبيتن جهڙا خيال واقعي دلين جا ڪڙا ڪڙڪائڻ جي سگهہ رکن ٿا. ان ڪان سواءِ ”صحرا مون ۾ ساهُ کڻي ٿو“ واري سموري شاعري هن جو شاندار تعارف ڪرائي رهي آهي .

# سُومجي مل ڏاراڻي

هُي اُن شهر جو جُهونڙو ڪلاڪار آهي، جنهن شهر ميمڻن جي موجودگيءَ ۾ پئرس جهڙو اوج بہ ڏٺو تہ اُنهن جي الوداعي ڪانپوءِ بغداد جهڙي بربادي بہ...! جنهن شهر فانوسن جي روشنيءَ ۾ رقص ڪندڙ ماهہ پيڪر مُکڙين جون مُرڪون بہ ڏٺيون تہ65 ع ۽ 71ع جي پاڪ ڀارت جنگين ۾ آڌي رات ويلي پنهنجي ڌرتي ڇڏي ويل ڏيئرن جا خاموش سُڏڪا بہ ٻُڌا، هي اُن شهر جو سپوٽ ليکڪ آهي، جنهن شهر سنڌي ادب کي ”ساگهڙ“ جهڙو ناول لکي ڏيندڙ ليکڪ عثمان ڏيپلائي ڏنو. جنهن شهر سنڌي شاعريءَ کي مصري تڙن جهڙو منڙو راڳي مصري ڏيپلائي ڏنو. جنهن شهر سنڌ جو وڪٽر هارا صادق فقير بہ ڏنو. هي اُن شهر جي باغ ۾ موجود هڪ اهڙو وڻ آهي، جنهن جي واسنا صدين تائين هن شهر کي سُرهاڻ سان واسيندي رهندي. هن جي ڏرا ڏيئي ويل اکين ۾ اڄ بہ ڏيپلو ڪنهن ٻوڳهلي ٻار وانگي مُرڪي ٿو. هي اڄ بہ ڏڪندڙ هٿن ۾ قلم کڻي ڪجھہ لکي ٿو تہ ڏيپلو ٿهڪ ڏيئي سرهو ٿئي ٿو. امرتا پريتم جي آپ بيتي جهڙو اتهاس رکندڙ ڏيپلي شهر جي هڪ غريب پورهيت ميگهواڙ لڌارام جي گهر ۾ 12 نومبر 1946ع تي اک کوليندڙ سومجي مل ڏاراڻي هڪ اهڙو پراڪرمي پُرش آهي، جنهن جي مهانتا سندس للاٽ تي لاٽ وانگي جرڪي ٿي. سندس ماتا حوا ٻائي جي گود ۾ گُد ڏيئي، وڏو ٿيل سومجي مل ننڍي کان ئي وڏو ذهين هوندو هو. هن شروعاتي تعليم ڏيپلي مان پرائي ۽ ميٽرڪ پڙ هاءِ اسڪول ڏيپلو مان ئي پاس ڪئي. 1977ع ۾ اليمينٽريءَ ۾ انٽر ڊرائينگ جو امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪيو. گريجيوشن 1980ع ۾ ڪئي ۽ پوسٽ گريجيوشن پوليٽيڪل سائنس ۾1982 ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جام شورو مان پاس ڪيو. ننڍي هوندي ڪتابن سان عشق جي حد تائين انسيت هئڻ ڪري هن تمام گهڻو مطالعو ڪيو. هن سنڌي ادب جا اُهي سڀ ڪتاب پڙهيا جيڪي مشهور هئا. هن جي. ايم سيد جو ”جنب گذاريم جن سن“ بہ پڙهيو تہ پير علي محمد راشديءَ جو ”اهي ڏينهن اُهي شينهن“ بہ پڙهيو .غلام رباني

آڳري جو ”جهڙا گُل گُلاب جا “ بہ پڙهيو پر هي تمام گهڻو متاثر تڏهن ٿيو، جڏهن رائچند رانوڙ جو شهر آفاق ڪتاب ” تاريخ ريگستان“ پڙهيو. هن کي ڏنڌين آڳريون اچي ويون تہ هڪ ڌُتڙيل قبيلي جي ماستر ماڻهو سهولتين جي ڏڪار ۾ ايڏو وڏو ڪم ڪئين ڪيو؟ هن معصوم انسان جي اندر ۾ سائين هريجن لاءِ گهڻي محبت پيدا ٿي. هن سوچيو تہ اهڙي املهہ هيري بابت مڪمل ڄاڻ هٿ ڪجي .سو هن سنڌي ادب جا تقريبن سيئي ڪتاب پڙهيا، پر رائچند بابت ڪٿي بہ ہِ اکر لکيل نہ ڏٺا. هن کي تمام گهڻو ڏُک ٿيو اُنهن ليکڪن ۽ تاريخدانن تي جن هن جي قبيلي جي هيڏي وڏي شخص کي اڇوت جي ڪري وساري ڇڏيو. ان ڏينهن هن پڪو پهہ ڪيو تہ پنهنجي ذات جي هيرن جو هار ٺاهيندس. اهڙي مالها پروئيندس جنهن ۾ ”رِڪيا“ رتن جوت وانگي جرڪندا، ۽ هن سڄي عمر جاکوڙي نيٺ اهو ڪارنامو ڪري بہ ڏيکاريو. سال 2015ع جي نائين مهيني ۾ 470 صفحن تي مشتمتل ڪتاب ”ميگهہ ونس مالها“ ڇپائي ماروئڙن جي هٿن تائين پهچايو. سومجي مل ڏاراڻيءَ جو هي ڪارنامو تمام وڏو ڪم آهي. ميگهہ ونس مالها جا 108 ئي مڻيا ميگهواڙ جاتي سان تعلق رکن ٿا. هن ڪتاب ۾ سومجي مل هر اُن ميگهواڙ هيري تي لکيو آهي جنهن پنهنجو نالو جڳ ۾ روشن ڪيو آهي. سومجي مل ڪتاب ۾ اول لکيو آهي اُنهن تي جن” جڳ پڙهايو ۽ پاڻ پڙهيا“ هن لکيو آهي ”ڪاري ڪيڙائوئن“ تي، هن لکيو انهن تي”جلي جي ٻين کي سُهائو ڏين ٿا“ هن لکيو انهن تي جيڪي”ڪرڪٽا لاهي سُک نہ سُتا ڪڏهن“ هن ”جيون جاکوڙين تي بہ لکيو“ تہ ”تن جي طبيبن تي بہ لکيو“ هن انهن مائرن، ڀينرن تي بہ لکيو جيڪي ”مهان“ هُيون. هن ميگهواڙ جاتيءَ جي انهن چترڪارن تي بہ لکيو جن ”مانجهين جي من ۾ عڪس چٽيا“ هن انهن درويش صفت سنتن تي بہ لکيو جي”پوڄارا پُر ٿيا“ هن انهن ڪلاڪارن تي بہ لکيو جن جي”ڪنٺ ۾ ڪلا “ ڪوڪي ٿي. هن هر ”سماج سُڌارڪ“ تي لکڻ سان گڏ اُنهن ”مُٺ مُٺ موتين“ تي بہ لکيو جن ”موتي آڇيا من جا مُتفرقہ “ طور لکندي هن ميگهہ وس مالها ۾ ميگهواڙ جاتيءَ کي جُڳن تائين جيئرو رکي ڇڏيو آهي. ميگهواڙ جاتيءَ جي هن منفرد

ليڪ نوڪريءَ جي شروعات 13 نومبر 1964ع تي يونين ڪائونسل ڏيپلو ۾ لئبريري ڪلارڪ طور 70 روپيہ ماهوار پگهار تي ڪئي، جتان پنهنجي محنت ۽ اورچائيءَ جي ڪري ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي ڪندو رهيو. لئبريري ڪلرڪ مان سينئر ڪلرڪ ٿيو ۽ پوءِ آفيس اسٽنٽ ۽ 2000ع ۾ مڪاني حڪومت جي نظام ۾ تعلقہ ميونسيپل ايڊمنسٽريشن ڏيپلو ۾ تعلقہ آفيسر فناس 17 گريڊ ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏيئي رٽائرڊ ٿيو. سنو ليڪ، سنو انسان ۽ محنتي آفيسر هئڻ سان گڏ هي هڪ سُنو مصور بہ آهي. هي زندگيءَ جا سيئي رنگ ڪاغذ جي ڪينواس تي اهڙي طريقي سان چٽي ٿو جو ان کي ڏسندي ماڻهوءَ جي دل دنگ رهجيو وڃي. حياتيءَ جا ڏک، سک، رنگ ۽ رُوپ سڀ ڪُجهہ چٽرن ۾ چٽيندڙ مسٽر سومجي مل ڏاراڻي هڪ خُوبصورت خطاط ڊزائينر، مترجم ۽ سماج سُڌارڪ بہ آهي. کيس ڪيئي پُرسڪار بہ ملي چڪا آهن. ”امر وير لڌارام“ ايوارڊ 2014ع خوبصورت خطاطيءَ تي مليو ۽ ساڳي سال سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏيپلو پاران ”بيسٽ آرٽسٽ“ جو اعزاز مليو. واجد منگي ايوارڊ 2014ع ۾ پٽائي آرٽ ڪائونسل ماتلي پاران ”شانتي “ ڊرامي جي ڀاتڪي ترجمي تي ميجتا طور مليو. فنون لطيفہ ۾ ماهر هئڻ سان گڏ سومجي مل ذهني طور بہ تمام ذهين انسان آهي. رياضي تي تمام گهڻو عبورحاصل آهي. ان جو مثال هي آهي تہ سال 2011ع ۾ بجيٽ رول مطابق بجيٽ ناهڻ لاءِ سڄي سنڌ مان 9 اڪائونٽ آفيسر ضلع وائيز چونڊيا ويا، ڪو بہ اڪائونٽ آفيسر بجيٽ نہ ناهي سگهيو پر سومجي مل ڏاراڻي اهو واحد ماڻهو هو جنهن رول 2011ع مطابق بجيٽ ناهي ڏني. جنهن جي ميجتا طور سنڌ سرڪار ٽيهہ هزار روپيہ روڪ رقم انعام طور ڏني. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏيپلو پاران 2018ع ۾ کيس لائيف ٽائم اچيومينٽ ايوارڊ مليو ۽ 2019ع ۾ غُلام محمد جنجهي يادگار فائونڊيشن پاران بهترين چترڪار جو ايوارڊ مليو.

ڪبير جي دوُهن جهڙو هي دادلو قلم ڪار هن وقت عمر جي ان ڏاڪي ۾ آهي جنهن ۾ ماڻهون مُڪتي لاءِ سوچيندو آهي، جنهن ۾ گناه بخشائڻ لاءِ رات ڏينهن مندر ۾ مٿو ٽيڪيندو آهي، پر هي نہ ٿو ڪري. هي اڄ بہ ادب ۽

سماج جي خدمتن جي لاءِ سوچيندو آهي. شگر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هوندي بہ هي لکي ٿو. اڄ ڪلهہ ٿر جي ريتن، رسمن تي لکي رهيو آهي. حياتيءَ جي ڊگهي سفر ۾ هن ڏک بہ ڏٺا تہ سک بہ ڏٺا. ڏن دولت سڀ ڪُجهہ هوندي بہ هو اڏوُرو آهي. ڇاڪاڻ تہ مالڪ مٿيءَ جي سير لاءِ سڪائي ڇڏيو آهي .اولاد جي اڻهوند ۾ هُن جي حياتي پورڻتا جي پد کي پراپت نہ ڪري سگهي. پر پوءِ بہ هي هر وقت مرڪي جيئي ٿو. چوي ٿو تہ منهنجو اولاد منهنجو قلمي پورهيو آهي. واقعي قلمي پورهئي کان وڌيڪ ڪو سپُوٽ اولاد ٿي ئي نہ ٿو سگهي. ماڻهو آخر مٽيءَ جو ڪاڄُ ٿيو وڃي، پر ڪتاب صدين تائين سيني بہ سيني قائم ۽ دائم رهندا آهن. هر وقت مرڪي ملڻ وارو هي مهان انسان صفا سادي طبيعت جو مالڪ آهي. هر آيل کي آدر ڏيندڙ هي ڏوڪرو اڄ بہ هر سانجهہ ويلي هٿ ۾ لٺ کڻي ڏيپلي جي گهٽين ۾ پسار ڪندي، انهن وٽن سان پنهنجون وارتائون اوريندو آهي، جن هيٺ ويهي هن ڪڏهن سُپرين سان گوڏو گڏي ڪچهريون ڪيون هيون. هي هر روز اُنهن وٽن جي ڇانوَ ۾ ويهي پنهنجي محبوب ماضيءَ سان ملڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ننڍي وڏي هر ڪنهن سان هڪ جيترو پيار ڪندڙ سومجي مل ڏيپلي جي ماٽي تي گُلال جي تلڪ جهڙو وڻندڙ آهي. دعا آهي تہ اڃان بہ گهڻي ڇمار ماڻي ۽ ڏيپلي جي رستن تي رواداري جا ڏيئا ٻاريندو رهي. ڏيپلي کي هن جهڙن ڏيئن جي سُهائيءَ جي گهڻي ضرورت آهي. مُني صدي ڏيپلي جي خدمت ڪندڙ سائين سومجي مل ڏاراڻي اڄ بہ سماجي ڪمن ۾ رڌل هوندو آهي. هاءِ اسڪول جي هوشيار شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ٽرافيون، يونيفارم، چانديءَ جا ميڊل، ڪاپيون ۽ جاميٽريون وغيره ڏيڻ، غريبن کي پيئڻ جي پاڻي لاءِ هينڊ پمپ ڏيڻ ۽ اسڪول ۾ پنکا لڳرائي ڏيڻ جهڙا نيڪ ڪم انيڪ ڪندي سائين اڄ بہ سرهائي محسوس ڪندو آهي. پر افسوس جو اسان جو هي مرده پرست سماج جيئري ڪنهن جو قدر ناهي ڪندو. اسان کي گهرجي تہ اسين اهڙي ڳڻوان بزرگ جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ کين خراج تحسين پيش ڪيون ۽ ان کي اُهو احساس ڏياريون تہ اسين اوهان جي ڪيل پورهئي کي سچي دل سان سويڪار ڪيون ٿا.

# پارو مل امراڻي سُونهڙ

پارو جو جنم چيلي چارڻ واري اُن سدا ملوڪ شهر چيلهار ۾ ٿيو آهي، جنهن کي جوجهارسنگهہ ساڏُور جي جُوءِ طور سُڃاتو وڃي ٿو. صدري ساهتيہ ساکي ڏي ٿو تہ اڄ هوند ۾ بہ هوند واري سخا نپائي سوڍي جُوجهار نہ رڳو پنهنجي پرمپرا پاري پر پومي جو بہ پرم رکيو. اُن پاڳ پري پومي‌ءَ جي ٻن اُملهہ ڪردارن: رائچند راٺوڙ ۽ منگهارام اوجها جي نقش قدم تي هلندي، هڪ هٿ ۾ قلم جي تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ محبت جا گُل ڪٽي گهُمندڙ اُن وِرهہ جهڙي وجود جو نالو آهي ‘پارو مل امراڻي’!

چيلهار جي چارن تي بانبڙا پائي علم جي تارن کي ڳوليندڙ هن الستي وجود اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ هُو وڏو ٿي ٿر جو‘ وديا پتي’ ۽ ‘ديوندر ستيارٿي’ ٿي، ادب جي اُفق تي زرافشان ٿيندو ۽ علم جي عاشقن کي ‘دُرو’ جهڙا درشن ڏيندو! هن تہ اهو بہ نہ سوچيو هو تہ هِن هڻ هڻان ۽ وٺ وٺان واري بي رحم دور ۾ هڪ قلمڪار جي حيثيت ۾ هن جو سمان ڪندي نہ رڳو ساڻس سُرهي سانجهہ ملهائي ويندي پر حياتي‌ءَ ۾ سندس پورهئي تي ڪتاب بہ لکيو ويندو! پر ‘زود نويسي’ جا هڙئي گُر ڄاڻيندڙ هن ‘زود فهم’ جي زرخيز‘ پاوي’ ۾ ‘پاون’ اهو سڀ ڪجهہ سپاويڪ طور رقم ڪيو هو. هن جا ساڏوهي ڄار جي سيڙڪن پيروئن جهڙا سيئي خواب ساپيا ڪُنوار سان لائون لهي چُڪا آهن. هڪ شاعر ۽ ليکڪ کي اُن جي پورهيي جي مڃتا ڪان مٿي ٻيو ڇا کپي؟؟

هُنرمند قبيلي جي ڪاڪي ڪانجي مل جي گهر ۾ اک کوليندڙ هي نوجوان مون کي ڪنهن جپسي جو اهڙو پُنر جنم لڳي ٿو جنهن جي من جي تشنگي‌ءَ ۾ ديس پڳتي جون پاونائون لُڇن ٿيون. جنهن جي تَن جي وَن ۾ وِڇا جي وِڄ جا تجلا پري ڪان پَسجن ٿا .جنهن جي اڄ ٿانيڪي دل سمندر ۾ مٿيءَ سان ازلي مُحبت، ڪنهن اوجاڳيل وڻجارڻ جي اُڻ تُڻ جيان لُڇي ۽

لوچي ٿي!! ڪنهن ديو مالائي ڪردار جيان ڏولان ديهي جو مالڪ پارو مل ڏُڪاريل وطن ۾ ڪنهن ڏيجوان ڏوٿيئڙي کي ٻَري ۾ ٻرندو يا ٻُڪ ۾ اُجهندو ڏسي ٿو تہ دل افگار ٿي ڏنجهہ ۾ ڏُسڪا ڀريندي دل ئي دل ۾ ڀُڪا ڀُڪا ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ هُن جي جهوناڳڙهہ جهڙي اندر مان شاعري سورٺي دانهن بڻجي آبي بخارن جيان اُڀامي ٿي. هن جي شيتل سياءُ ۾ ڪانڪهي جي ڇانوَ جهڙي ڪوملتا سمايل آهي. هُن جي مَخمُور مُهانڊي تي مُرڪن جا پنائتا پوپٽ هر ويل پرواز ڪندا رهندا آهن. هُو ڪڏهن بہ ”يام“ ۾ اچي ”پُرچڻ“ نہ چاهيندو آهي .ڪير هن سان ڪڙو ٿيندو آهي تہ هُو ”واتوُرجڻ“ بدران اُن سان ٻاٻيهي جهڙا بہ مناموِل ٻولي ماحول مهڪائي ڇڏيندو آهي. ماحول تہ تڏهن بہ مهڪائيندو آهي جڏهن رنگ منچ تي چڙهي پنهنجي منڙي لهجي ۾ ڪو ادبي ليڪچر ڏيندو آهي. هُو جڏهن لورڪا جي فڪر، آلندي جي نظريي، ماياڪو وسڪيءَ جي مايوسي، البرٽي جي نراسائيءَ ۽ آريسر جي آرٽ تي دل کولي ڳالهائيندو آهي تڏهن پنڊال ۾ موجود ماڻهن تي اسڪاچ جا خُمار ڇانئجي ويندا آهن.

هُو جڏهن انساني عشق جي آڳ ۾ ڇيڻ تي چڙهيل ديڳڙي وانگي ڏُکي ٿو تڏهن ميٿلي ٻولي جي محبوب ڪوي ودياپتي وانگي ڪونج ڳچين لئہ ڪوپتائن جا ڪنمال جوڙي ٿو. ڪاليداس بڻجي جديد دور جي شڪنتلا سرجي ٿو. چندي داس بڻجي ڪنهن ويراڳڻ ٽريچيءَ جي وجود ۾ ’راميءَ‘ جا روپ ڳوليندي پرماتما پائي ٿو. هُو عشق جي الستي آڳ ۾ ٻن ٻن ٻين وجائي ٿو!

هُو جڏهن ميهوڳيءَ ۾ ڪنهن وينگس جي” ڪت“ تان پري ٿيل ڪنجري کي ڏسي ٿو يا ڪنهن ”اُرهہ سرنگي“ سُونهن سان اکيون چار ڪري ٿو تڏهن هُن جي بنواس ۾ ’پرٿري هري‘ پلٽي ماري ويهي رهي ٿو ۽ هُو ڪام ۽ ڪامڻيءَ تي دل کولي لکي ٿو دل کولي تہ هُو تڏهن بہ لکي ٿو جڏهن هُن جي عاشقاڻي اندر ۾ ڪن ساحر اکين جا عڪس وڏي ڦُڙي جهڙو رقص ڪندا آهن. هُو جڏهن آتم هتيا ۾ آنند پائيندڙ ماياڪو وسڪيءَ کي ميارون ڏئي ٿو ۽ آرٽ جي انقلاب لاءِ ٽراٽسڪيءَ سان روحاني رهاڻ رچائي ٿو. تڏهن

هُن جي آسوندن اکين اڳيان ’آلندي‘ نئون رُوپ وٺي نروار ٿئي ٿو ۽ هُو عالم آشڪار جي پلائي لئہ سٿون سرجي سڪون ماڻي ٿو. هُن کي ’البرٽي‘ واري مايوسي قطعي ڪا نہ ٿي آئڙي، ڇو تہ هُن اُميدن جي ڇيچ جهلي ڇيلهار جي چارن مان هلڻ سکيو آهي. هُن وٽ مري بہ جيئڻ جو ڏانءُ آهي!

پارُو جو قلم تڏهن بہ تيز تلوار جيان هلندو آهي جڏهن هُو بانڪي داس جي ’همروٽ ڇتيسي‘ ۾ سوڍين جي سُونهن پسي سرهو ٿيندو آهي. هُن جي ڏات تڏهن پروان چڙهندي آهي جڏهن ڪنهن لالر وِينگس جي لِلاٽ تي چنڊ جيان چمڪندڙ لالڙي جي جِهرمر جلوا افروز ٿيندي آهي يا ڪنهن ٻانهياري جي چُوڙي ۾ ٽانڪيل ٽُنئور تمڪا ڪندو آهي يا ڪنهن ترائي ڪپ تي ”ڪانهوڙي“ جو ناچ ڪندڙ ڪنهن انڊلٺي انگ جي پيرن ۾ ڇيلڪڙو چمڪا ڪندو آهي .

پارومل رُڳو ڪامڻين جي ڪنچن ڪايا ۽ ’ڪام‘ جي موهہ مايا تي نہ ٿو لکي ۽ نہ ئي وري رڳو پنهنجي سرتيءَ جا ’ساروفا‘ چٽي ٿو پر هُو تہ ڏُڪاريل وطن جي ڏوٿين لئہ بہ لکي ٿو تہ مها ٻوڏ ۾ ٻُڏي ويل لاڙ جي دردن تي بہ ڏکي ٿو. هُو ڏنار جي درد تي بہ دل آويز نثر لکي ٿو تہ پورهتن جي پگهر تي بہ هيڻبسر هٿن ۽ مور نٿن جهڙا نظم لکي ٿو. هُو سوڍن جي سورهيائي تي بہ سچي دل سان لکي ٿو تہ ڪارن ڪولهين جي اڏولتا جا احساس بہ سرجي ٿو. هُو ڀهراڙين جي سُونهن گنگا ۾ شنان ڪندي ميگهواڙن جي من موهڻي سُندرتا تي ’بيت الصنم‘ جهڙا بيت لکي ٿو. هي ڇيلهار جو چنڊ ڪنهن ’ڪُتابي‘ کي ڪيڏڻ واري وهي ۾ جبري پورهيي جي ڄار ۾ ڦاٿل ڏسي ٿو تہ ڦٿڪي چوي ٿو تہ:

آڏاڻي تي ٻار، مورن ڪيڙا پر ۾،
دل جي اٿل اڳيان ڦالين ڪاروبار،
قرضن سندي ٻار، راند رمڻ روڪي ڇڏيو.

هانءُ ۾ هٿ وجهندڙ هن بيت جو سرجڻهار پارُو مل جڏهن ميهوڳي ۾ اُداس ڪنهن ٿاريلي کي ڪانڌ لئہ ’هور‘ وجهندي ڏسي ٿو تہ هُن جي اندر ۾ گورين جا گيت سُر ساموندي ٻڻجي اُپريو اچن ٿا تہ هُو دانهن ڪري چوي ٿو تہ:

**ھاءِ پيارا، جيءُ جيارا،**
**وسڪاري ۾ ورٺي وسري،**
**توکي پنھنجي پرٺي وسري.**

سفاڪ دهشتگردن جي ٻُو ۾ ٻُڏتر جو شڪار پارُو پنھنجي نِرمل سرتيءَ کان خواجہ فريد جي ڪافي جھڙي ڇُمي هُجت مان هڪدم گھُري ٿو تہ متان ڪٿي اڏ ۾ نہ رهجي وڃي! ڇُمي جي اڏ ۾ رهجي وڃڻ جي چنتا ۾ سِگري جيان سڙندڙ مُنھنجو هي محبوب دوست صحرائن ۾ سڙندي، ڏرتيءَ جي ڏُوڙ ڦلهوڙي ‘گيت سانوڻ، من پانوڻ جا’ ڳولي ٿو. ڏرتيءَ جا گيت ڳوليندي هُو سرتيءَ جي معصوم مُرڪن کي مالھائون سمجھي هئين جو هار ڪري ٿو! هي بنھہ ٿورو لکي ٿو پر لکي ڪمال جو لکي ٿو! مِقدار کان وڌ معيار تي ڌيان ڏئي ٿو. هن کي نہ گھٽي ڇپجڻ جي‘ گُرسنگي’ آهي ۽ نہ ئي وري ڪنھن ‘لوازمي’ جي لوپ آهي. هُو تہ بس پنھنجي فِڪر جا ڦُول ڪٽي گھر گھر در در اهو هوڪو ڏيئي هلائي ٿو تہ:

**هٽڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ مانجھيان اي مرڪ**

بنھہ سادڙي، فقيرتَن ۽ مَن جي مالڪ پارُو مل جي مهمانوازيءَ جو ساکي رُڳو تڙ حمير وارو تونگر شهاب ناهي، پر پارُو جي پلسرا جو شاهد ننگر جو نامور شاعر ساگر خاصخيلي بہ آهي. پارُو جي ڪُشادي دل ۽ دسترخوان جي واکاڻ جتي، ”آپٹو موريو مري گيو“ جھڙا مُنفرد نظم سرجيندڙ ناشاد سمون ڪري ٿو اُتي ”ورهين کانپوءِ وُنو هو تر“ جھڙا وڏا نظم لکندڙ ٿادات جي ٿريي امر ساهڙ جون اکيون بہ پارُو جي پليڪار کي سوبڪار ڪندي ائين چون ٿيون.

**مڌ پيئندي مون ڏٺو چاندوڪيءَ ۾ چيلهار،**
**ڳليون وڻ ڳانگاٽيل ڪِليو ڪن ڪيڪار،**
**پارُو جي پليڪار مُور نٿي مونکان وسري.**

پارُو جي پلوڙ شاعري جي ڪتاب مُرڪن مالھائون جو ورق ورق سونا رُوپا آهي. پارُو جا غزل ننڍاکي ٻار جي مُرڪ جيان دل کي وٽندڙ آهن تہ نظم

مانيٽي محبوب جي ناز جهڙا نوخيز آهن. ٿوهر منڍي جهڙا گيت آهن ته ويندلين جي وراڪن جهڙيون وٽندڙ وايون آهن. ان سوني روپي ڪتاب ۾ موجود هڪ بيت مونکي ڊائمنڊ لڳو! ڇا ته خيال آهي:

**ڇاتيءَ جا ٻيڙا ڪولي ڇِرڪي ڇوڪري،**
**هيءَ هيل پڪيئڙا مُور نه رهندا ماٿ ۾.**

ڀارُو مل ڪي سائين ولي رام ولڀ، 'ديوندر ستيارٿي' سڏيو آهي، ته تولارام سوٿهڙ وري ڪيس 'ٿر جي ودياپتي' جو درجو ڏنو آهي، پر 'ٻيڙن' وارو بيت پڙهڻ کانپوءِ آئون سائينءَ کي ٿر جو 'ڀرتري هري' چوندس!

ٿر جو لوڪ ادب تمام شاندار ۽ جاندار آهي، جنهن کي گهٽي ڀاڳي صدري ساهتيه چيو ويو آهي، جيڪو سينا به سينا صدين جو سفر طئي ڪري، تاريخ جي ورقن ۾ زنده جاويد آهي. جهونن جهانگيڙن جي سپنن جي سرزمين ۾ دفن ٿيل اهڙي لاڪيٽي لوڪ ادب کي اجاگر ڪرڻ ۾ ٿر جي هن لاڏلي اديب وسان نه گهٽايو آهي. ماروئڙن جي سگهڙپائي مان سبق آموز لوڪ ڪٿٽيون گڏ ڪرڻ ڀارو مل جي ڪرت ٻڻجي ويئي آهي. لوڪ ادب جي لاءِ اکين کي اوجاڳا ۽ سرير کي اذيت ڏيندي ڀارومل امراٽيءَ جو هڪڙو اهڃاڻ محنتي محقق وارو آهي، هُو نه رڳو مختلف ٻولين جو لوڪ ادب پڙهي ٿو پر پنهنجي ٻاٻاٽي ٻوليءَ ۾ اتاري ٻوليءَ تي احسان ڪري ٿو. "ڏرتي ڳائي ٿي" ڪان وٺي" چتر ٻولي چارٽان" تائين هن ڌرتيءَ جي چپي چپي کي سهيڙيو آهي .

ڀارومل امراٽيءَ جو تحقيقي پورهئي وارو ڪتاب "همروٽ ڇٽيسي" تمام ٻهترين آهي. سچ اهو آهي ته نندي ڪنڊ جي وڏي ڪوي ٻانڪيداس جو عمرڪوٽ جي باري ۾ لکيل ڇٽيهه دوهن تي مشتمل ادبي شهپارو سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻي، ڀارومل سنڌي ادب ۾ عمرڪوٽ کي جُڳا جُڳ جيئرو ڪري ڇڏيو آهي. ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ قيمتي تحفو پڻ وڌو آهي. "همروٽ ڇٽيسي" جي ترجمي، تشريح ۽ تنقيدي جائزي ۾ ڀارو جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، سا واقعي ڪمال جي آهي، جنهن کي پڙهڻ سان ماڻهو

تي سونهن، سورهيائي، سچائي، سخاوت ۽ رومانس جا رنگ حاوي ٿي وڃن ٿا. سوڍين جي حُسن کي ڪوي بانڪيداس ته پنهنجي انمول ذات سان ڪوتا جي ڪئنواس تي جهڙي ريت روپيو آهي، اهڙي نموني چيلهار جي هن چلولي چنڊ پنهنجي فن جي چانڊوڪيءَ سان سوڍين جي سونهن کي چوراسي چنڊن کان وڌيڪ لفظن جي چانڊني ڏئي ادبي آڀي تي چمڪايو آهي ۽ چتر سُجاڻ سوڍن جي سورهيائيءَ کي پارومل جنهن پلي انداز سان بيان ڪيو آهي. اهو پڙهي دل بي اختيار واڪاٽي ٿي.

پارومل کي اهڙي ماناتي پورهئي تي منهنجي طرفان لک لک واڌايون پيش ڪجن ٿيون.

# آس عبدالله هنگورجو

هُو جيڪو قد جو قدآور، بدن ۾ ڀريل سانوري رنگ وارو اهو ٿر واسي شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ صحرا جا اُهي سڏڪا سمايل آهن جيڪي مورن جي مرڻ تي ڊيلن ڀريا آهن، جيڪي ابهم ٻارڙن جي مرڻ تي اپاڳين مائرن ڀريا آهن، ۽ اڻ پڙهيل عاشقن جي وڇوڙن تي وينڊلين وارن ٿري محبوبائن چونئرن جي نيون ۾ هٿ وجهي ڀريا آهن !هُو جنهن جو جنم هڪ سگهڙ جي گهر ۾ ٿيو آهي، اهو سگهڙ جنهن جي ٻوليءَ ۾ چارڻ وارو چس ۽ ماکي لار جهڙو رس سمايل آهي، جنهن جا گياني گُفتا ٻُڌي ماڻهو ڪچهريءَ جي سحر ۾ جڪڙجيو وڃن ٿا. رائلي جهڙي رُوڙي ڳوٺ کان ٻہ ڪوهہ پري ٻگهار جي ڀهگڻ وستيءَ ۾ محمد سانوڻ هنگورجو جي گهر 23فيبروري 1989ع تي اک کوليندڙ عبدالله آس هنگورجو ٿر جو بهترين غزل گو شاعر آهي. هن جا غزل سادڙي ٻوليءَ سان سينگاريل ، پيار ڪرڻ جهڙا آهن.

هُو جيڪو محبت جي ميدان ۾ ناڪاميءَ جا تحفا ماڻي موٽڻ کان پوءِ حياتيءَ جي ڪنوار کي ”آس“ جا زيور پارائي، هن درد ڀري دنيا ۾ محبت جا ڦول ماڻڻ جي لاءِ ڪويتا ديوي جي ديول ۾ ذات جا ڏيئا ٻاري جئيڻ جا جواز گوليندو رهي ٿو. شاعريءَ جي سندر ديوي هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري پناهہ ڏي ٿي. ٻي راهہ روي جي بنواس ۾ ڀٽڪڻ کا بچي پوي ٿو ۽ ادب سان بي پناهہ عشق ڪري ٿو، جڏهن تہ هن کي اها بہ ڀڪي ريت پروڙ آهي تہ، ادب جي دنيا ۾ تنقيد براءِ تنقيد جي رحجان وارو وارو رائو دلين جا پيرا رتورت ڪري ڇڏيندو آهي، پر پوءِ بہ هن مڙي نهارڻ مهڻو سمجهي، پنهنجي اندر جي اہراٺ شاعري ذريعي سٽائڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي. شاعري جي پُر پيچ مارڳ تي هُو ڪٽي سو سيڪڙو ڪامياب ناهي ويو، پر پوءِ بہ هن جي ادبي پورهيي کان قطعي انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن جي راهہ ۾ ڪيئي رڪاوٽون اچڻ باوجود هو ادب جي اڙانگي پنڌ ۾ ڪٿي بہ ٿڪو ناهي. اڄ بہ

جستجو جاري رکيو اچي، چاڪاڻ تہ هو دور انديش ماڻهو آهي، هن جا ارادا هماليہ کان اوچا ۽ اٽل آهن!!

هُو ڪو ٻالا پولو ٻار ناهي، جيڪو ٻاھ جي لال رنگ تي موهت ٿي ان کي هٿ ۾ ڪٽي ۽ پاڻ ساڙي ويهي رهي، هُو هڪ اختر ضمير انسان آهي، جيڪو ڏکن ۽ ڏاکڙن کي حياتيءَ جو ڏاج سمجهي، هن دورنگي دنيا جي منافق ماحول ۾ بہ سڪون سان ساھ کڻڻ جا گُر ڄاڻي ٿو. هو شاعريءَ جي ڪنن سفر ۾ پير پٿون ڪري بہ پنهنجا ڪُڙڪپيتي جهڙا خيال ست راجيءَ ۾ سٽائي ٿو. هوُ صوفي ازم واري سنڌ جو اهو سڏ آهي، جنهن کي هن وطن جي واري جو ڪڻ ڪڻ ۽ وڻ وڻ ورنائي ٿو. هن ۾ نہ هٺ آهي نہ ئي وڏائي آهي. نہ ڪينو آهي ۽ نہ ئي ڪا ڪدُورت آهي. نڪي هو پاڻ پڏائي ٿو. هو تہ فقط مٽيءَ جو مسڪين ماڻهو آهي .صحرا جي اُجايل واريءَ جو وارث آهي. ۽ پٿائيءَ جي ٻهگڻ ٻوليءَ جو سادڙو شاعر آهي. هو نہ رڳو شاعريءَ سان مُحبت ڪري ٿو پر هر بني بشر کان وٺي ڌرتيءَ جي پٿر تائين هر شيءِ سان محبت ڪري ٿو. هن وٽ ڌن ۽ دولت کان وڌ دوستن جو قدر آهي. هو دوستيون رکڻ وارو ۽ نپائڻ وارو نازڪ هنر هٿيڪو رکيو اچي. ان ڪري هن وٽ دوستيءَ جو بي بها ۽ بيش قيمتي خزانو موجود آهي. جنهن کي وقت جو ڪو بہ "ڪافرو" ڪاٽ هٽي نٿو سگهي. هُو دلين جو امير ماڻهو آهي. سندس اباڻي نگري ٻگهار ۾ پرائمري جا پنج درجا پڙهڻ کان وٺي. ايم . اي سنڌي فائنل فرسٽ ڪلاس ۾ سنڌ يونيورسٽي ميرپورخاص ڪيمپس مان پاس ڪرڻ تائين واري طويل سفر ۾ هو اڻٽڪ تعليم سان واڳيل رهيو. سچي لڳن سان علم ۾ مگن ٿي، هن سنڌي ٻوليءَ تي ٺاهوڪو عبور حاصل ڪيو.

تعليم پرائڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪري لاءِ انتظامي دفترن جي دردر جا چڪر ڪائڻ کان هن بهتر سمجهيو تہ ڪا خانگي نوڪري ڪجي يا سخت پورهيو ڪري پنهنجو پيٽ پالجي .ائين هن هڪ خانگي اداري ۾ عزت واري نوڪري حاصل ڪري ورتي. اڄ پاڻ بہ خوش آهي تہ سندس مائٽ بہ سرها آهن ۽ مٿس فخر ڪن ٿا.

هو شاعريءَ جي سرتاج ڀٽائي جي بيتن کي هنئين سان هنڍائي ٿو ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ کي سجدا ڪري ٿو. امر ساهڙ بہ هن جو آئيڊيل شاعر آهي. تہ سرواڻ چانڊيو بہ هن لاءِ بهترين ڪوي آهي، پر هوتي مشائخ ۾ ابدي ننڊ سُتل حسن درس هُن جي ساهن جي ستار سان گڏ دل جي دڙڪن وانگي دڙڪي ٿو. لاڙ پٽن ۾ واهن جي ڪپن تي بيٺل بيد مُشڪن جي ڇانو ۾ ويهي، حَسن درس جا غزل پڙهندي پڙهندي هن جي بہ لاڙ سان لئنون لڳي ويئي.

لاڙ جي لاڏلن کيتن ۾ سارين جي ساوڪ، سرنهن گلن جي پيلاڻ ۽ سُورج مکي جي سُونهن پسندي هن نہ رڳو لاڙي هوائن جي هوڏ جهڙي هنيلي شاعري سرجي، پر پنهنجي پورب جنم جو وچايل اڌ بہ لاڙ جي ڪُمارين ۾ ڳولي لڌو. هن بدين مان پيار جو پرٽو ڪيو. هن جي واءَ تي وکريل وارن جهڙي حياتيءَ کي نئين سر ڪنهن جي سجيلي ساٿ جي ڪنگي سنواري ڇڏيو آهي. لاڙ ۾ هن نہ رڳو ڳاڙهن چانورن جي ماني، مڇي ۽ مکڻ سان کاڌي پر لاڙ هن لاءِ ٻانهون هار ڪيون. هُو اج بہ حَسن درس ۽ لاڙ سان وڏي محبت ڪري ٿو.

هن جي شاعريءَ تي تہ ڪو سرموڙ شاعر ئي ڳالهائي سگهي ٿو جيڪو شاعري ءَ جا فني ۽ فڪري پهلو صحيح نموني سمجهي سگهي. آئون تہ ان معاملي ۾ بنهہ اڻ سمجهہ آهيان. آئون تہ فقط هن جي اندر ۾ موجود ان ڪمانگر ڪوي بابت ڳالهائي سگهان ٿو جنهن وٽ احساسن جا انبار آهن. هن جي مانيٽي اندر ۾ موجود مندر ۾ رحم جي راڌا وڏي دياڪاري ديوي بڻجي هر هاجي تي تڙپي پوي ٿي، هن جي من چمن ۾ مهڪندڙ گلابن جهڙو ڪوي تمام نازڪ طبع آهي. جيڪو دردن جي اس ۾ ڪومائجي پوي ٿو. هر شاعر پنهنجي دور جو ترجمان هوندو آهي، ان کي سماج تي گهري نظر رکي شاعري سرجڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ اها تاريخ جي تقاضا هوندي آهي. ان حوالي سان آس تمام ڪميٽيڊ شاعر آهي، هو سماجي قدرن تي گهري نظر رکي ٿو.

**عورت ڳاڙهي ٻيي ڪاري آ،**

**مردن تي ڪو ڪس ئي ناهي.**

ڇا تہ ستون آهن.! احساس ڪمتريءَ جو شڪار عورتن جي درد ڪٿا ٻن سٽن ۾ سمائڻ هن جي اعليٰ ذهن جي تخيلقي صلاحيتن جو ڪمال آهي، عورتن سان نازيبا سلوڪ ڪندڙ سماج جي منهن تي زوردار چماٽ آهي. عورت جيڪڏهن ڪٿي ڳاڙهي گل جهڙي محبت جو سڏ ڏئي ٿي تہ ان کي ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو جڏهن تہ مرد ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ عورتن سان ناجائز طور همبستري ڪري ٿو تڏهن بہ ڪو داغ نٿو ڏنو وڃي . اهو سڀ ڇا آهي؟ اها جنسي نفرت آهي. عورتن جي حقن تي راتاهو آهي. هڪ سماجي اليمو آهي. ان الميي تي آس جهڙو ڪو آسوند شاعر ئي لکي سگهي ٿو. جنهن جي اندر ۾ ڪابہ جنسي متڀيد ناهي.

**مهڪڻ واري موسم ۾**
**ٽوڙيا ويا رابيل اسان جا**

مهڪڻ ۽ ملڻ واري مند ۾ جن روحن جا رابيل ٽوڙيا ۽ وڇوڙيا ويندا آهن انهن معصوم دلين جا درد بہ اهي ئي محسوس ڪري سگهندا آهن، جيڪي وڇوڙن جي ٻاٻرن ٽانڊن تي ٻڙڪ ناهن ڪيندا آهن. اهي اجتمائي طور سموري سماج لاءِ شاعري ذريعي دلين جي ترجماني ڪندا آهن. اسان جي آس بہ پنهنجي دل جا درد اجتمائي آواز جي روپ ۾ بيان ڪيا آهن.

**ڪاٿي لپ اٽي جي رکندي**
**گهر ۾ ٿالهي تس ئي نائي.**

پياري آس جو شعر جڏ تہ ٿر جي هر ان گهر جي نمائيندگي ڪري ٿو جنهن ۾ غربت لڏو لاهي لٿل آهي. ڏڪارن جا عذاب پوڳيندڙ ٿر جي ٻهراڙين ۾ اڄ بہ اهڙا هزارين گهر آهن جن ۾ ٻک لنبڊي وارا وٽ ڪائي ٿي، جن ۾ ڪڪڙ سنئين ڳات ڦري ٿو . هي شعر انهن ڏيجوان ڏوٽئيڙن جي درد جو نوحو آهي، جن جا ٻچا رات جو چنڊ جي عڪس ۾ ماني ڳوليندي، واهوندي جي لوري تي سُمهي پوندا آهن. جن وٽ اٽي جي لپ رکڻ لاءِ ڪو ٺانءُ ٿپو ئي ناهي هوندو.انهن مارئڙن جي سورن سندي سمنڊ ۾ غوطا ڪائي آس اهڙا انيڪ شعر سرجيا آهن...

# ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

هُوءَ جيڪا ميمڻ ڪميونٽيءَ سان تعلق رکي ٿي. ميمڻ جيڪي ڏيپلي جي شاندار سُڃاڻپ رهيا آهن. ميمڻ جن ڏيپلي جو نالو ڏيهان ڏيهہ روشن ڪيو آهي. محمد صالح ميمڻ، ڊاڪٽر سچڻ ميمڻ، ڊاڪٽر حاجي شفيع ميمڻ کان وٺي محمد عثمان ڏيپلائي، محمد عثمان اديب، مشتاق احمد منواڻي، ثُريا سوز ڏيپلائي تائين موتين جي هڪ چڙي آهي جيڪا ڏيپلي جي گلي ۾ هار وانگي سونهي ٿي. آپا پروين بہ اُن مالها جو هڪڙو موتي آهي. اهڙو موتي جنهن جي علمي خدمتن جي چمڪ سموري سنڌُ ۾ چانڊڻو ڪري ٿي.

هُو جيڪا حيدرآباد جي هوائن ۾ ساهُ کڻندي جڏهن اندر جي مندر ۾ جهانڪي تصورن جي تروِرن سان پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ ڏانهن نگاهون ڪري ٿي تہ سندس ديارِ دل ۾ ڪيئي هرڻ هنيلا ڊوڙون پائن ٿا، سندس ڪايا جي ڪارونجهر ۾ مينهن وسندي مور نچن ٿا، سرير جي ساڏوهيءَ ۾ سيڙڪا پچن ٿا. هُو پنهنجي وطن کي پل بہ وساري ناهي سگهي. وساري ناهي سگهي ڏيپلي ۾ موجود اُهو دڙي وارو گهر جنهن جو در اڄُ بہ هن جي من ۾ کُليل ئي رهجي ويو آهي. ڏيپلي جا ڏاڪڻيا ريت اڄُ بہ هن جي روح ۾ ٻانڊيلي ٻار وانگي ٻهڪن ٿا. هُو جيڪا سنڌُوءَ جو شيتل جَل پيئندي پنهنجي ديس جي کارن کوهن جي ٻاڙي پاڻيءَ کي بہ نہ ٿي وساري. هُوءَ جيڪا ديس جي واريءَ کي پل بہ نٿي وساري، هُو پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ جي ڏڙن تي وڄندڙ چنگن ۽ چڙن کي سنياري مور ڪلنگي جهڙيون نت روز نيون تخليقون من مندر ۾ تراشي سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ وجهي ٿي. ماروئڙن جي ديس ڏيئاري اُن ڏيهہ جي ڏات ڏڻياڻي آهي جنهن ڏيهہ جي نياڻين جي نصيب ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي بہ مشڪل سان ملي ٿو جنهن ديس جون هوائون هٿن ۾ ٽانڊا کڻي هلن ٿيون، جنهن وطن جي تپندڙ ريتن تي ڪيهہ جهڙا ڪونئرا پير اُيراڻا جُتي بنان

جلن ٿا، جنهن ديس جي مارو پٽر جهڙن ماروئڙن جي مقدر ۾ ڏُکن ۽ ڏُکارن جا انبار ڏاتار جي ڏيا تي ملن ٿا. اُن دادلي ديس جي ڏاتيار ڏيءَ جڏهن هٿ ۾ قلم کڻي وطن جون کهاڻيون ۽ مضمون لکي ٿي، تہ ڏُکايل ڏيهہ بہ مُرکي پوي ٿو. ماکي جي لار جهڙي مڌُر ٻوليءَ کي مٺي لهجي ۾ ڳالهائيندي هي وطن جي پکين کي بہ وڻي ٿي. ميڻ جهڙي نرم مزاج جي مالڪ هئڻ ڪري الاهي حساس دل آهي .

هُوءَ جيڪا ادب جي ڪُروشيتر ۾ پنهنجي عورتاڻي وجود جي هئڻ جو احساس ڏياريندي ڏياريندي ادب جي مهاڀارت تخليق ڪندي الئہ ڪيترين گنڌارين جا درد بيان ڪري ٿي. هُوءَ تحقيق جي رڻ ۾ رُلندي رُجن جا راز ڳولي نت روز نوان هيرا هٿ ڪري ٿي. هُوءَ ادب جي اڙانگي راهہ ۾ اُپراٽي هلندي تاريخ جهڙي ٿُز ۽ خُشڪ موضوع کي هٿ ۾ کڻي ان سان سؤ سيڪڙو سچائيءَ سان نياءُ ڪري ٿي .

ڏيپلي جي ميمڻ محمد موسيٰ جي گهر ۾ پنج جون 1958ع تي اک کوليندڙ هن ياڳيہ لڪشمي پنهنجي پريوار جو نالو سموري ڏيهہ ۾ پونم چنڊُ جي پرڪاش وانگي روشن ڪرايو آهي. ابتداعي تعليم پنهنجي اباڻي شهر ڏيپلي مان پرائڻ کان پوءِ سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري تعليم ميرپورخاص مان حاصل ڪئي. سندس والد صاحب موسيٰ ميمڻ مختيارڪار هئڻ ڪري مختلف جڳهن تي بدلي ٿيڻ سبب هن تعليم بہ مختلف هندن تي پرائي. پرائمريءَ جي پنجين درجي کان پوزيشن کڻڻ واري خاصيت اعليٰ تعليم تائين برقرار رکندڙ هن باوقار ليکڪ سنڌي ادب ۾ ماسٽر ڪرڻ سان گڏ 2012ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري بہ حاصل ڪئي آهي. تمام محنتي ۽ اورچ خيالن جي مالڪ پروين موسيٰ ميمڻ ڪميشن پاس ڪري تعيلم کاتي ۾ نوڪري حاصل ڪئي. شروعات ۾ ليڪچرر طور پرتي ٿي، پوءِ ترقي ڪندي ڪندي ايسوسيئٽ پروفيسر جي پد تائين پهتي ۽ آخرڪار نذرت ڪاليج حيدرآباد ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏيئي رٽائرٽميمٽ ورتي .

هُوءَ رڳو لِکي ۽ لوچي نہ ٿي، پر هُوءَ پڙهي ۽ پَرجهي بہ ٿي. هُوءَ تخليق سان گڏ تحقيق بہ ڪري ٿي. هُوءَ ادب جي خدمت سان گڏ هڪ ذميوار اُستاد طور ٻارڙن کي بہ پڙهائي ٿي. ڪاليج ۾ ٻار پڙهائڻ سان گڏ پنهنجو گهر بہ سنڀالي ٿي. رڌُ پچاءُ بہ ڪري ٿي، تہ ڪڏهن ڪڏهن سنهي سُئي سان ڪو ڪَڙُ بہ ڪَڙهي ٿي. هُوءَ ليکڪ هئڻ سان گڏُ هڪ مڪمل عورت پڻ آهي، جنهن جا گهر ٻار بہ آهن، تہ سهيليون سرتيون بہ آهن. جن سان ذميواريءَ سان نڀائي ٿي.

” مُنهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ جهڙو شاندار ڪتاب لکندڙ سنڌُ جي دلير ليکڪ پوپٽي هيرانندڻيءَ جي آپ بيتيءَ کي اندر جي اکين سان پڙهي هينئين سان هنڊائڻ واري هي ذات ڏٽياڻي ڏُک ۽ سُک حياتيءَ جو حصو سمجهندي وڏي ديده دليريءَ سان جيئي ٿي. پٽائيءَ جي بيتن ۽ شيخ اياز جي نظمن سان بي پناهہ پيار ڪندڙ هي تخليقڪاره پنهنجي تخليق ۽ تحقيق ۾ نہ رڳو ادب جي آبياري ڪري ٿي پر تعليمي ۽ تدريسي عمل لاءِ بہ ڏينهن رات جاکوڙي ٿي. آپا پروين صاحبہ سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ سوين تحقيقي مضمون، ترجما، ۽ تخليقون وڌيون آهن، جن کي پڙهي سنڌُ صدين تائين ڪيس سنهري شبدن ۾ ياد ڪندي رهندي.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جا سنڌي ادب ۾ درجن کان مٿي ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن، ۽ درجن کن اڃا اڻ ڇپيل آهن. آپا ڪٿي بہ ٽڪ ناهي ڇپجيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ڪجهہ هي شامل آهن. ”سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات“، ”سنڌي نثُر جي ڪن صنفن جو اڀياس“، ” اُٺي رائو ريل (تحقيق ۽ تنقيد)“، آديسن ادب آهي اکڙين ۾“، ”سون ورنيون سوڊيون“، ” اخلاقي قدر (ٻاراڻو ادب)“، ”وکر سو وهاءِ (مضمون ۽ مقالا)“، ” سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو“، ” عالم سڀ آباد ڪرين“، ” پلئہ پايو سچ“ ان کان سواءِ آپا جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامون اهو آهي جو هُن سنڌي نثر ۾ عورتن جي ڪيل خدمتن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. هن ”سنڌي نثر جي تاريخ ۾ ليکڪائن جو حصو تحقيقي اڀياس 1985ع تائين“ نالي تحقيقي ٿيسز

لکي 2012ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڊاڪٽريٽ جي (PH.D) ڊگري حاصل ڪئي آهي. هي تمام وڏي اعزاز جي ڳالهہ آهي .

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ کي تعليمي، تدريسي، ۽ ادبي خدمتن عيوض ڪيئي اعزاز ۽ سرٽيفڪيٽ بہ ملي چُڪا آهن، جن ۾ هي قابلِ ذڪر آهن. 2004ع ۾ اڪيڊمڪ سرٽيفڪيٽ بورڊ آف انٽر ميڊيٽ حيدرآباد پاران مليو، هيڪ (HEC) پاران 2006ع ۽2015 ع ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ڪيش انعام مليو. شمش العلماءِ مرزا قليچ بيگ عالمي ڪانفرنس اعزازي سرٽيفڪيٽ 2009ع ۾ مليو بيسٽ ڪمپيئر ايوارڊ شيلڊ 2007ع ۾ مليو. 2013ع ۾ سِگا ۽ ناري سنگت طرفان بينظير ڀُٽو ايوارڊ شيلڊ ملي، سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران ”اُتي رائو ريل“ تي خيرالنساءِ جعفري ايوارڊ شيلڊ2010 ع ۾ ملي، نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاران ٻاراڻي ادب تي انعام ۽ سند ملي، ۽ جمهوريت بهترين انتقام آهي (سنڌي/ اُردو) اعزازي سرٽيفڪيٽ سميت ٻيا بہ الئہ ڪيترا ايوارڊ ملي چُڪا آهن. ڊاڪٽر صاحبہ جو علمي ۽ ادبي پورهيو ڏسي دل چئي ٿي تہ حُڪومت ڪيس صدارتي ايوارڊ سان نوازي، ۽ هن محنتي عورت جي ڪيل علمي ۽ ادبي ڪاوشن جو جيئري قدر ڪري .

# شريف هنگورجو

لاکيٽي لطيف جي هن سون ورنيءَ سنڌُ ڌرتيءَ جي پڇاڙڪن پوڻن ۾ آباد هن واريءَ جي وطن ۾ ڪڻ ڪڻ منجهہ ڪهاڻيون ۽ ڏاڍي ڏاڍي تي داستان ملن ٿا. انهن قصن ۽ ڪهاڻين جي ديس جي دلربا تاريخ ۾ ڪي ڪي سون جهڙا سچا هيرا بہ لڀن ٿا جن جا قابل تعريف ڪردار پڙهي ماڻهوءَ کي رشڪ ٿئي ٿو. ٿرجي انهن پلماڻسين جا جيون ڪتاب ايندڙ نسل لاءِ اُجري صبح جهڙا شاندار ۽ سُونها هوندا آهن. ڌرتيءَ جي انهن دلبر ماڻهن ۾ ڇيڙيال جو چڱو مُڙس شريف هنگورجو بہ هڪ هو.

شريف هنگورجي جهڙا سڀاجهڙا ماڻهوءَ ڪٿي ڪٿي وڙلي ملندا آهن. اهڙن املهہ ماڻهن جو جمڻ ڪنهن ڪنهن ڀاڳوند پوميءَ جي ڀاڱ ۾ سمايل هوندو آهي. دوستيءَ تان دل گهوريندڙهي اهو دلبر ماڻهو هو جنهن يارن سان ڪڏهن بہ ليکو نہ ڪيو. هر وقت منهن تي مُرڪن جا ململي پوپٽ سجائي هن سماج ۾ سُونهندڙهن مور ماڻهوءَ جي مهما نہ ڄاڻ تہ ڪيترن سينن ۾ ساهُ ڪٽي تي. چوندا آهن تہ ڀلا پوي نہ وسرين, هُو بہ ڀلوڙ ماڻهن مان هڪ هو. هن خطي جي سياست تي وڏو اثر رکندڙ فقير شير محمد بلالاڻيءَ جي ساڄي ٻانهن هو. شريف جو وڇوڙو بلالاڻي لاءِ بہ وڏو ڌڪو هو.

سن 2018ع جي هڪ اڀاڳي صبح جو 3 اپريل تي هُو ڇيڙيال جو چتر منش هميشہ لئہ هتان هليو ويو. هُو اُهو ماڻهو هو جنهن جي جدائي وٽ واري خطي ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويئي. هن جي جيئڻ جي جيئڻ جون جهلڪيون سارينديءَ نہ رڳو اندر اڌ ٿئي ٿو پر سمورو وجود سڪرات ۾ اچي وڃي ٿو. هُو جنهن جي پرلوڪ پڌارڻ تي نہ رڳو ڇيڙيال جا ماڻهو رُنا هُئا, پر اُهي مور بہ دانهون ڪري رنا هئا, جن کي داڻا ڏيندي هُو فطرت سان هم ڪلام ٿي, ڪنهن ڀلاري بارش لئہ ٻئي نگاهون نيري آڪاش ڏانهن ڪٽي ٻاجهاري ڌٽي ڪان دعا گهرندو هو. هُو هر اُن ماڻهوءَ لاءِ مرندو هو جيڪو حقُ ۽ سچُ جو ٻيلي

هوندو هو. غريبن ۽ ڏُکايلن جو هي يار ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ هي جهان ڇڏي ويو. هُن جي وڇوڙي جي وماس ۾ وماسجي ڇيڙيال جا ڪوهہ بہ پياسي پنڇيءَ وانگي هُن لئہ ڦٿڪيا هئا. ڦٿڪيا تہ اُهي بي سهارا ۽ بيوس وجود بہ هئا، جن لئہ هي نہ رڳو ڏُک سُک جو سهارو هو پر هر پرم جو پير جهلو هو. هُو هيٺن جي همراهي ڪندي ڪڏهن بہ نہ ٿڪو. هُو انسان تہ ڇا پکيءَ پسون ۽ جيو جنتر سان پڻ پيار ڪندڙ هو. هُن لئہ اُن مال بہ ڇال ڇڏي دانهون ڪيون هيون جنهن کي هُو نالون ڪندي صبح سانجهي مالوند ماڻهوءَ وارو پيار ڏيندو هو. هُو سراپا فطرت هو. چار چڱن ۾ ويهي ڪو سُپت پريو فيصلو ڪندو هو تہ هرڪو واهہ واهہ ڪندو هو. هُو راج ڀاڳ وارو چڱو مُڙس هو. هن کي تر جا ٻارنهن ڳوٺ فيصلن ۾ چئن چڱن ۾ شامل ڪندا هئا. هُو راجوٽيءَ طور نياءَ نبيرڻ وارو نيارو ڏانءُ رکندو هو. هُن جي ڪيل فصيلن کي ڪٿي بہ ڪنهن پنچائت ۾ وري چئلنج نہ ڪبو هو. هن جي منصفاڻي مزاج ۾ اهڙي پرک ۽ پروڙ هُئي جو ڪنهن سان هُو بہ ناانصافي نہ ڪندو هو.

شريف هنگورجي جهڙا سباجهڙا ۽ شريف انسان ڪنهن خوشنصيب خطي جي حصي ۾ ايندا آهن. اهڙا املهہ انسان ڪنهن شُڀ ويلا جا سُياڳا ڦَل هوندا آهن، جيڪي هر ماڻهو لئہ ڇپر ۽ ڇانوَ ٿي رهندا آهن. جيسين جيئرا هوندا آهن، جڳ ۾ جڳمڳائيندا آهن پر مرڻ کان پوءِ بہ سماج ۾ سرخرو رهندا آهن. ٿرپارڪر جي طبعي ڀاڳي وَٽ وارو ڳوٺ ڇيڙيال وڏو ڀاڳ وارو ڳوٺ هو جنهن ۾ شريف هنگوجي جهڙي محبوب ماڻهوءَ جو جنم ٿيو. ڀاڳ وارو تہ ڇاڇا الهوسايو هنگورجو بہ هو جنهن جي اڱڻ تي اهڙي هيري اک کولي جنهن جي چمڪ سموري خطي کي سُهائي ارپي ويئي. شريف جي لاڏاڻي تي هنگورجا ڪميونٽي کي وڏو هاڃو رسيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙو صلح پسند، عقلمند، منصف مزاج، حقُ ۽ سچ جو بيلي صدين کان پوءِ پيدا ٿيندو آهي. ڪوئلي مان هيري ٿيڻ لئہ هزارين سال لڳي ويندا آهن. مرحوم پنهنجي پونئرن ۾ ٽي پٽ لياقت علي، حسين علي، ۽ محمد حنيف ڇڏي ويو آهي.

# ديوان ٽيڪچند راٺوڙ

هُو جيڪو راٺوڙ آهي، راٺوڙ جيڪي نہ رڳو رڻ جا رانديگر هوندا آهن، پر راڄن جا رکوالا ۽ جان جي بازي لڳائيندڙ بازيگر بہ هوندا آهن. راٺوڙ جن جي وشال سينن ۾ ساهہ کڻندڙ دليون ڪنهن ڪوڏيلي ڪُميت جي ٽاپولي‌ءَ وانگي ڌڙڪنديون آهي .اُنهن دلين جي ديده دليري‌ءَ جا واڪاڻ اِتهاس جي ورق ورق ۾ ائين چِٽا پسجن ٿا جيئن عالمسر جي ڍهر ۾ ويسوني‌ءَ جا گُلابي گُل سائي گاهہ ۾ چِٽا ٿي بيهندا آهن. راٺوڙ جن جي نيڻ نهار بہ ڪنهن فاتح سپهہ سالار وانگي تجلادار هوندي آهي. هُو جيڪو پنهنجي تاريخي وطن جو اهو وارث آهي جنهن کي فقط تاريخ ئي سُڃاڻي سگهي ٿي، تاريخ جيڪا ڪڏهن ڪڏهن وڏا ظُلم بہ ڪندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن انصاف بہ ڪندي آهي .

هُو جنهن جي مينهن وَساڙن جهڙي مُک تي پالوا جي پِنُن جهڙو حُسن هر وقت پاڻ پَسائي ٿو. هُن جي ڇهري جو چندرما سدائين پونم جهڙي پُر نُور پرڪاش سان سرشار رهي ٿو. هُن جي مُک مندر تي مرڪن جا ڏيئا سدائين منور رهن ٿا. هُو جهڙو شڪل جو سُهڻو آهي تهڙو ئي سيرت جو سُندر آهي. هُن جي سوچ ۾ انسانيت هر ڌرم کان مٿاهين رهي ٿي. هُو هر غم ۽ ڳڻتي‌ءَ کان پري رهي جيو پراڻين جي سهائتا لئہ سوچي ٿو. هُو سوچي ٿو تہ مُلڪ جو هر ٻار تعليم سان سرشار هُجي .تعليم ئي هن ملڪ جي ترقي‌ءَ ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿي. ان سوچ کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ هن پنهنجي والد صاحب جي نالي تي ڏيپلو ۾ هڪ اسڪول بہ کوليو آهي، جنهن ۾ ديس جا سوين ٻارڙا تعليم جهڙي زيور سان آراستہ آهن. جن جي دعائن جا درجا هن کي اڄ بہ ملن پيا تہ مستقبل ۾ بہ ملندا .

هُو منهنجي پاڙيسري ڳوٺ ويڙهار جو وير پُرش وجود آهي. جنهن جي من موهيندڙ ڇهري تي ترندڙ تبسم پَسي ماڻهوءَ جا ٿَڪُ لهيو وڃن. ويڙهار

جنهن ۾ الله لوڪ درويش ڀڳت جيرام داس جي آخري آرام گاھ آهي. ڀڳت جيرام داس، جنهن ڇهہ مهينا هڪڙي ڪارڪُ ۽ ڪير جي لپ تي گُذارو ڪندي، زير زمين غُفا ۾ تپسيا ڪري پرماتما پاتو هو. جنهن جي دعائن ۽ ديائن سان اڄ ويڙهار آروڪيءَ ڪان گوءَ ڪٽي ويو آهي. مالديو سوڍن جي ٽيلي ڏٽي ٽيلات نيتسنگهہ سوڍي جو هي ڳوٺ تعليمي ۽ تدريسي لحاظ سان ٿر ۾ اول نمبر تي آهي .

هُن جو جنم ويڙهار جي هڪ پرائمري ماستر سائين آسن داس جي گهر ۾ ٿيو. سندس والد صاحب حاضر سروس ٿي گُذاري ويو. والد صاحب جي پرلوڪ پڌارڻ وقت ديوان جي عُمر ٽي چار سال هُئي. ڪيس تعليم ڏيارڻ ڪان وٺي پالنا تائين سندس والده ڪئي. سندس والده هُنر مند ۽ سُگهڙ عورت هُئي، جنهن پرت پري هن جي نہ رڳو صحي نموني پرورش ڪئي، پر اعليٰ تعليم بہ ڏياري. اهڙي پورهيت ۽ بهادر ماءُ کي لک سلام. تاريخ 18 آگسٽ 1966ع تي جنم وٺندڙ ٽيڪچند ابتداعي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان پرائي ۽ بعد ۾ مختلف شهرن ۾ پڙهندي گريجوئيٽ ايم اي اڪنامڪس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪئي. مختلف هندن تي غير سرڪاري ملازمت ڪندي نيٺ سرڪاري نوڪري ملي ويئي. هن وقت هاڻ وي ڊپارٽمنٽ (ورڪس اينڊ سروسز) ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. ملازمت دؤران هن گهڻو وقت سنڌُ جي تاريخي شهر ٺٽي ۾ گُذاريو آهي.

ديوان ٽيڪچند رانوڙ ڳوٺ ٿُوهہ مان شريمان پونجراج ولاسائيءَ جي گهران شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٻن پُٽن ۽ ڇئن نياڻين جو اولاد آهي. سندس وڏ ڪنور ڏيءُ مادر علمي سنڌ ورسٽي ۾ انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهي ٿي، ۽ وڏو پُٽ اقراءِ يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ سافٽ ويئر انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ زير تعليم آهي. ان ڪان ننڍي نياڻي دي سٽي اسڪول جناح ڪئمپس حيدرآباد ۾ اي ليول ميڊيڪل ۾ پڙهي ٿي، ان ڪان ننڍي ڇوڪريءَ دي سٽي اسڪول جناح ڪئمپس حيدرآباد ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهي ٿي، تنهن ڪان ننڍي نياڻي ساڳي اسڪول ۾ ڇهين ڪلاس ۾ پڙهي رهي آهي، ۽

سيني ءَ کان ننڍو پُٽ ساڳي اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ زير تعليم آهي. سلام آهي ديوان ٽيڪچند صاحب کي جنهن تعليم ۽ تربيت ڏيڻ ۾ اولاد کي برابر سمجهيو. نہ رڳو پُٽن سان پيار جتايو پر نياڻين سان بہ ساڳي نياءَ رکيو. سموري اولاد کي تعليم جهڙي زيور سان نوازي سندن زندگين کي سُڌاريو آهي.

ديوان ٽيڪچند مهمان نوازيءَ ۾ بہ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. ٽر جي شاندار ثقافت کي هُو نئين ۾ بہ ساڳي ناٺ باٺ سان برقرار رکيو اچي. تاريخ ۽ تهذيب سان دلچسپي رکندڙ ڌرتيءَ جو هي دراوڙ پنهنجي خطي جي وڏي خوبصورتي آهي. ايڪهتر ۾ وطن کان وڇڙيل جگاريءَ جو جوان سُوروپاءُ سوڍو جڏهن وديس مان ديس آيو هو تڏهن ٽيڪچند جيڪا مهماني ڪئي هُئي اُها تاريخ جي ورقن ۾ پلي ڪٽي نہ اچي سگهي آهي پر صدري ساهتيہ جو حصو ضرور بڻي آهي. راجپوتن جي روايتن ۽ اصُولن سان محبت ڪندڙ هي رانوڙ دوستيءَ ۾ بہ دل سان نڀائيندڙ آهي. چاريلي جي نَکرن تي ڪيل هن جو ٽر جيڏو ٿورو ٽر جي تاريخ ۾ رقم ڪرڻ جهڙو آهي. هڪ بي گناهہ کي پنهنجن ئي وڏي ڪيس ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو پر ديوان جي دل هُئي جنهن راڄوٽي ڪري ان مسڪين جا هٿ ڪيڙرايا نت لُڙهي وڃي ها. نئي ۾ ٽيڪچند جي وڏي راهي پوکي آهي جنهن جي هر ماڻهو گواهي ڏيندو.

# امام علي جنجهي

اي لهندڙ سج صبح کي چئجان
آئون ڪنهنجو ڪين غُلام آهيان
مُنهنجي پنهنجي دنيا آهي
آئون انهيءَ جو امام آهيان

هُو جيڪو پنهنجي دُنيا جو امام آهي، هُن جي پنهنجي دُنيا آهي، اهڙي دُنيا جنهن ۾ سُور بہ آهن تہ سُک بہ آهن. جنهن ۾ آجپي جو اُجرو صبح آهي تہ ڪنهن نرمل شام جا نيرا رنگ بہ آهن. جنهن ۾ غُلامي جهڙي گار جو ڪوبہ آزار ناهي. هُن جي شاعريءَ جي بہ پنهنجي الڳ دنيا آهي. هُو نہ اياز ٽيڻ جي اُلڪي ۾ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن بُخاري ٽيڻ جي بُخار ۾ مُبتلا رهيو آهي. هُو تہ بس وڪڙيو جنجهي جي فقير منش انسان فقير يوسف جنجهيءَ جو لاڏ ڳڏُوڙو پُٽ امام علي جنجهي ٿي رهيو آهي. شاعري وارو هُدو هُن کي موروثيت ۾ مليو آهي، هن جو بابا ۽ نانو مهرعلي جنجهي سُگهڙ ۽ اديب هئا سندن صحبت جي ڪري ٻچپن ۾ ئي هي شعر جي پيروڊي ٿو ڪاپي ڻاهي وٺندو هو1995ع ۾ هن انٽر پاس ڪيو ۽ پوءِ ٿر پروڊڪشن تي مزوري ڪئي. هُن جي شاعريءَ جو لهجو ۽ اسلوب نج نبار پنهنجو آهي. هُو پاڻ چوي ٿو تہ آئون جيڪو آهيان بس امام ئي آهيان .

پاڻ تہ پنهنجي ليکي آهيون
اپرا سپرا جيڪي آهيون

هُو جيڪو رنگ منچ جو رُوپونتو راٺو آهي، هُو مئل محفلن ۾ جان وجهندڙ جادوگر شاعر آهي، هُو ٿر جو واحد شاعر آهي، جنهن کي پنهنجي سموري شاعري ائين ياد آهي جيئن وطن کان وڇڙيل ڏرتيءَ جي ڪنهن ڏيئاري کي وطن جا گهيڙ ۽ گس ياد هوندا آهن. هُو جيڪو ٿر جو عهد ساز شاعر آهي. جنهن جي ڳوناٺي نينگريءَ جي خيالن جهڙي خوبصورت

شاعريءَ جي سحر جو اثر ٿر جي اڪثر شاعرن تي آهي. نہ رڳو اثر آهي، پر گهٽ نہ گهٽ بہ ناهي ڪئي. هن جي تاريخي دستاويز جهڙي دورانديش نظم ڪوئلي مان ٿر جي نہ ڄاڻ تہ ڪيترن روڙين هٿ رڱيا آهن. پر مجال آهي جو هن فقير تن شاعر ڪنهن کي ڪجهہ چيو هُجي. هن سڀ ڪجهہ سياڻ تي ڇڏيو آهي. تاريخ پاڻهي پيئي تبصرا ڪندي تہ ڪير تخليقڪار هو ۽ ڪير تجربيڪار هو.

ٿر ۾ هن وقت شاعرن جي هڪڙي لوڏ لڏل آهي جنهن کي اها بہ خبر ناهي تہ شاعري ڪئي ويندي آهي يا ٿي ويندي آهي؟ مليريا جي تَپ ۾ وڦليندڙ ڪنهن مريض وانگي اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪري پنهنجن عجيب و غريب خيالن ۾ عوام کي مُنجهائيندڙن ۽ پنهنجي پر ۾ ڪاليداس ۽ ڪيٽل بٽيل هڪڙي پُر شور هُجوم ۾ ڪي چند اهڙا لعل بہ لڀن ٿا جن جي شاعريءَ جي ساحريءَ ۾ ماڻهو گُم ٿيو وڃي. ٿر جي شاعريءَ جي سينوريل ڍنڍ ۾ امام علي جنجهي نيل ڪنول جي نرم پتن جهڙو نيارو ۽ پٽائيءَ جي ٻوليءَ ۾ ٻهڪندڙ پاٻوڙن جهڙو پيارو شاعر آهي. جنهن جي شاعريءَ جي هجاري گُلن کي ڪوبہ گند سُپرش ڪري ناهي سگهيو. امام علي جنجهيءَ جي شاعريءَ جي ٻولي اهڙي تہ ٻاٻاٽيءَ ۽ ٻاجهہ ڀري آهي جيڪا سڌو سنئون دلين تي ڏڪ هٽي ٿي. امام جي شاعري جتي حيدرآباد جي هوائن ۾ وينل، شاعريءَ جي پارکو امداد حُسينيءَ کي آئڙي ٿي اُتي موتيسري جي ڏرڙن ۾ ڌُڻ ڳوليندڙ اڻ پڙهئي انسان واڳهي ڪولهيءَ کي بہ وڻي ٿي. اهو ئي تہ تخليقڪار جو ڪمال آهي. هُو ڪوانٽتي بدران ڪوالٽي تي ڌيان ڏئي ٿو. هُو ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ غزل لکڻ بجاءِ سال ۾ هڪ اڌ نظم يا غزل لکي ٿو پر اهڙو لکي ٿو جو گهڻا جا ڇڪا ڇڏائي ٿو ۽ پڙهندڙ پورو سال ان غزل يا نظم کي پڙهن ٿا. پڙهن ڪٿي ٿا پيئن ٿا .

هُو جيڪو پاروڙين ۽ پِٽن جي ديس جو ڪلواڙي جي ڌُن جهڙو اُهو ڪارائتو ڪوي آهي جنهن جي ڪلا هن وطن جي واريءَ جي ڪڻ ڪڻ کي پنهنجي نرالي نوعيت واري ڪويتا ۾ ڳَتيو آهي. هُن جتي پنهنجي

شاعريءَ ۾ راسُوڙن جي ڏُن تي نچندڙ ڪنهن ڪولهياٽيءَ جي ڪانچُوئي تي پريل پرت جهڙا پلوڙ خيال پيش ڪيا آهن. اُتي گُهومر ۾ رقص ڪندڙ ڪنهن راجپوتاڻيءَ جي سُر ۽ تال ۾ وڄندڙ جانجهر جي جهمڪي جهڙن لفظن جي ڪرافٽنگ بہ ڪمال جي ڪئي آهي. اچو تہ اهڙي دل لُڀائندڙ ڪويتا مان ٿورو حظ حاصل ڪندا هلون:

**اوهانجي يادگيرين جون پڪارون چنڊ تي پهتيون،**
**مڪيون جي يار مون توڏانهن ميارون چنڊ تي پهتيون،**

**هوا تي چڳ وارن جي لڏي پئي ڳل ڪاڀي تي،**
**اسان جي خواب جون پهريون اڏارون چنڊ تي پهتيون،**

**پراڻو ڳوٺڙو پنهنجو موٺن جو ٿي دڙو ويو آ،**
**خزائن گل چڏيا ڇاڻي بهارون چنڊ تي پهتيون،**

**اسان وٽ عيد ڏياري تي اوهان جو ٿانءُ پيو وڏجي،**
**اوهان کي ڇئو ڪٿي ڳوليون نهارون چنڊ تي پهتيون،**

**سدائين سنڌ کي سجدا ڪفر هو تہ بہ ڪياسون پئي،**
**پڳاسون پلصراطن تي پچارون چنڊ تي پهتيون.**

امام علي جي شاعريءَ ۾ جتي پارڪر جي پدمڻي ”هانسُو ريباڙڻ“ جي پُرنُور حُسن جا حوالا آهن. اُتي وينجهي سوڍي جي وڇوڙي ۾ پل پل پڄري، هيماڙي ۾ هڏيون ڳاريندڙ سيڻل چارٽياڻيءَ جا منڙا منڙا سُور بہ ڪنهن پُور وانگي پوئيل آهن .امام علي جي شاعريءَ ۾ جتي جهانسيءَ جي راڻيءَ جي هٿ ۾ سُونهندڙ تلوارن جي تجلن جهڙي مُزاحمت آهي اُتي مُومل جي مزاج جهڙي مني مُحبت بہ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو پُنهون جي پريت جي پرچار آهي، پر عشق ۾ آنهون ڪندڙ آرياڻي سسئيءَ جا پُر سوز سڏُ بہ آهن. هن جي شاعريءَ ۾ ”اسان کي عشق ڪکيو آهي “جهڙو اندر جو عاجزانہ

احوال بہ آهي تہ ڪنهن وڏي ڳوٺ جي وارث ”ڪنهن اڻ پرڻي هرڻي“ جي حياتيءَ جو هاجيڪارڪ درد بہ آهي. ان نظم جي هڪڙي ئي سِٽ ماڻهوءَ جا وڻ وجائڻ لاءِ ڪافي آهي. ”اڙي هرڻي اڻ پرڻي نصيبن ۾ اٿئي رولو“

هُو جيڪو هر وڏائيءَ کان وڌو ڪوي آهي. سادگي هن جي روم روم مان سُونهن بڻجي نروار ٿئي ٿي. هُو اڄ بہ کُلي دل سان اعتراف ڪندي اهو چوي ٿو تہ آئون ڪيسٽي شاعر هئس، مون کي منهنجي شُيچنتڪ سنگت ساهتيہ کيتر ۾ وٺي آئي. هن ڳالهہ جي تصديق فقير منور ساگر کان وٺي مُڪيش راجا تائين بہ ڪرائي سگهو ٿا جن جو چوڻ آهي تہ امام کي اسين زوري مشاعرن ۾ وٺي ايندا هُئاسين. هڪڙو پيرو چڪڙي تان جبري گهيلي آياسين مشاعري ۾ تڏهن امام صرف بيت لکندو هو. چڪڙي تي ڪنديڪٽري ڪندو هو ۽ پنهنجي دنيا ۾ مست الست رهندو هو. امام تمام ڪٺن پريڪشائن مان بہ پار ٿيو آهي. ٽر پروڊيڪشن تي مزوري ڪندي هن پورهيت شاعر پنهنجي رت ولوڙي تخليق ڪيل ڪويتائن کي ڀُڳڙن مُٺ تي وڪڻي پيٽ جو دوزخ ڀريو آهي. تخليق اولاد برابر هوندي آهي، پر اُها بہ وڪڻي پوي تہ ان کان مٿي ٻيو ڪهڙو درد هوندو. پيارا امام ٽُنهنجو اهو درد آئون ڄاڻي سگهان ٿو ڇاڪاڻ تہ قسمت مون سان بہ ڪُجهہ ائين ئي ڪيو آهي .

هُو جيڪو هر مڃيءَ کان معتبر آهي، هُو هر نڇيءَ ۽ ناهہ کان پري آهي. سرنگهو جيڏي ڊگهي قد وارو هي جُنگ جوان ڪوري گهڙي جهڙي ڪوريءَ ۽ شيشي جهڙي شفاف ڪايا جو مالڪ آهي. جهڙو اندر آهي تهڙو ٻاهر آهي. هُو هر ڀيروپيت کان پاڪ آهي. هن جي سانوري ڇهري تي نمرتا جي ٺهڪن جهڙي مُرڪ هر ويلي هٿيڪي ملي ٿي .هر رنج و غم کي مُرڪن ۾ مِٽائي زندگيءَ جي زهر کي امرت ڪري پيئڻ ۽ جيئڻ ڄاڻي ٿو. هُو ڄاڻي ٿو تہ ڏُکن کي ڪيئن ڏوڪجي ۽ سُکن کي ڪيئن سُرڪجي..هُو ڄاڻي ٿو تہ سانوڻيءَ ۾ پرجي آيل پِٽون ڏسي ڏوٿيڙا ڪيئن سرها ٿيندا آهن .هُو ڄاڻي ٿو تہ ڏنارن جي دردن ۾ سندن بانسريون ڪيئن ڪُوڪينديون آهن. هُو

ڄاٽي ٿو تہ مينهن مور ۾ چو نچندا آهن، پلر جا تلاءِ ڇڏي جهرڪيون واريءَ ۾ چو وينهجنديون آهن. ڍڳي مٿل ڦر جي چَمر کي چٽي چو پسوئجي پوندي آهي .ماڪوڙيون مينهن ۾ ڪيئن مستيون ڪنديون آهن. هُو فطرت جي هر گوناگونيت ائين ڄاڻي ٿو جيئن ڪا ماءُ پنهنجي نياڳي پُٽ جون عادتون ڄاڻيندي آهي. تڏهن تہ هُن پنهنجي ديس جي وڻن، ڏٽن، ڏڙن، هوائن، پکين ۽ سکين جي اکين کي ڏسي شهديو پانڊو وانگي اڳڪتي ڪندي اهڙي دانهن ڪئي جنهن کي ٻُڌي سموري ديس جي بدن مان سيئوڪريون نڪري ويون...!

هاٽي پنهنجي مسجد ڍهندي
هاٽي پنهنجو مندر ڍهندو
پاڻ پنهي جو اندر ڍهندو
پنهنجي ڳوٺ جي ٻاهران هاٽي
اجنبي ڪي ايندا ماڻهو
پاڻ تنين کي ڪين ڻا ڄاڻون
پاڻ کي تن تي حيرت ايندي
پاڻ پنهي کي غيرت ايندي
مان ٻہ روئندس تون ٻہ روئيندين
ڪنهن جي ڪنهن جي پيرن پوندين
پوءِ تون ساڳيون مون کي چوندين
پنهنجو ماڳ مڪان ڪٿي آ
پنهنجو ناءُ نشان ڪٿي آ
پاڻ ڇنيءَ ڪان چورا ماڻهو
پاڻ تہ آهيون پورا ماڻهو
پاڻ تہ آهيون پورا ماڻهون

هُو جيڪو نہ رڳو ولگر وڏيرن جي نرجن نَڪُن تي رنبي رکي ٿو پر پورهيتن جا حقُ ڦٻائيندڙ راشي سرمائيدارن جي ڳن ۾ جهلي هيٺن چوڻ جي جرئت بہ ڪري ٿو تہ:

پگهر جي مزوري ڪڏهن ڪونہ ڇڏبي
خوشيءَ سان نہ ڏيندين وڙهي نيٺ وٺبي

ڪارل مارڪس جي داس ڪيپيٽل تي ڀاري انهن ٻن سٽن کي جيڪڏهن ڪو پورهيت هينئين سان هنڊائي ۽ ان تي عمل پيرا ٿئي تہ سندس حق ڪوبہ ڇيني نٿو سگهي.

امام گهٽي وقت کان شاعري ڪري پيو پر اڃان تائين ڪو ڪتاب ناهي ڇپرايو الائہ ڇو؟ حسن درس وانگي ڪنهن هٿ تي قائم آهي يا سرويچ سُجاولي وارو ڍپ آهي متان سنگت هن جي هڪڙي ڪتاب تي هٿ پڪو ڪري پنهنجا ڏهہ ڏهہ ڪتاب نہ ڇپائي. مالڪ ٿو ڄاڻي..ڪهڙي مام آهي. پر اڄُ آئون هاسيڪار هُج ڪري چوندس تہ پيارا...! پنهنجي شاعريءَ جو سجُ جلدي ظاهر تہ جيئن تُنهنجا سُورج مُکي فيضياب ٿي سگهن.

(عشق جون نيريون اکيون) ۽ (اکيون رنگ رتول) نالي ٻن ڪتابن جيترو مواد موجود آهي پر هن جي خواهش آهي تہ هڪ ئي ڪتاب هجي ڇاڪاڻ تہ هي نمبر ٽاهڻ جي چڪر ۾ قطعي ناهي. هن کي مجتا طور پورب چائي ايوارڊ عمرڪوٽ ۾ ۽ بهترين شاعر جو ايوارڊ حيدرآباد ۾ ميگهہ سماجي فورم طرفان مليا آهن. ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪُجهہ ايوارڊ ادبي تنظيمن جي پروگرامن م مليا آهن. هن کي مليل سڀ کان وڏو ايوارڊ عوامي مقبوليت آهي، جيڪو وڙلي خوشنصيبن کي ملي ٿو.

# موهن لعل لوهاڻو

نارائڻ داس لُهاڻي جي لاڏلي پُٽ سيٺ موهن لعل جهڙا لاکيڻا ماڻهو روز روز ناهن ڄمندا, اُهي صدين جو قَل هوندا آهن. اُنهن جو ظهور ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪنهن خوشنصيب جي گهر ۾ ٿيندو آهي. موهن لعل جهڙا موتي نہ رڳو پنهنجو ڪردار اُجاريندا آهن, پر ڪُل جو اُڏار پڻ ڪري ويندا آهن. اُهي سموري خطي جي خوبصُورتيءَ جو اُهڃاڻ بڻجي ويندا آهن. اُهي لوڪ مان لڏي ويندا آهن, پوءِ بہ انهن جي ڪيرتيءَ ۾ جس دُنيا ڳائيندي رهندي آهي. هُو ڏيپلي شهر جي نہ رڳو سُڃاڻپ هو, پر ڏيپلي جو نَڪُ بہ هو. وڏو وات وڪيل ۽ ڏاهو ماڻهو هو. هُن جي دانائيءَ جا داستان اڄُ بہ زمانو زور سان ڳائي پيو. هُن جو آواز اڄُ بہ جهونن جي ڪَنن ۾ ڪِنجهي جي ٽانسري وانگي وڄي پيو. هُو وڏي آواز سان جڏهن ڳالهائيندو هو تڏهن ائين لڳندو هو ڄڻ ڪو نامي گرامي سياستدان رنگ منچ تي تقرير ڪندو هُجي. هن جو انداز غضب جو هو. ماڻهن کي ڳالهين وسيلي مطمعن ڪرڻ جو ڏس نرالو ڏانءُ هو. هن جا منطق ۽ دليل مُنڍي تي ٽِڪ وانگي هوندا هُئا .مهمان نواز بہ وري اهڙو جو ڳالهہ ئي ڇڏ. اوطاق جا در تہ هُئين ئي هر آئتي لاءِ هر وقت ڪنهن سخي جي کيسي وانگي کُليل هوندا هُئا, پر سندس دڪان تي پاڻ لئہ آيل محدود مانيءَ مان بہ سيڻيءَ کي نہ رڳو صلاح هٽندو هو پر خُوب کارائيندو پڻ هو. پلي گراهہ گراهہ ڇو نہ اچي, پر موهن جي ونڊ سيڻيءَ سان سريکي هوندي هئي. هُن اکيون پوري پلن وانگي کائڻ ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو. هُو پنهنجي گراهڪن کي گهر جا ڀاتي سمجهي پيار ڏيندو هو. گهران چانهہ نهرائي پيئاريندو هو. گراهڪن کي سدائين نيڪ صلاحون ڏيندو هو. هن جي ڏنل هدايتن کي ماڻهو اڄُ بہ ياد ڪن ٿا. هُو اڪثر ڪري گراهڪن کي ڪفايت شعاريءَ جا درس ڏيندو هو. فضُول خرچ کان پاسو ڪرڻ جا پيد سُڻائيندو هو. ڏيپلي تعلقي جي اڌ آبادي سندس گراهڪ هوندي هُئي. وکر ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن سان ٺڳي نہ ڪئي. جهڙي شيءِ هوندي هُئي تهڙو ناڻو

وٺندو هو. سندس واحد ريزڪيءَ دُڪان تي سموري حياتي هڪڙو ئي مُلازم رکيو جيڪو هو ڪونيپي جي ويريءَ جو سوائي سنگهہ. پاڻ پرلوڪ پڌاريو تہ سوائي جي بہ دل ٽُٽي ويئي ۽ دُڪان ڇڏي ويو. چوڻ وارا چون ٿا تہ موهن مهل ڪرڻ وارو مڙس ماڻهو هو. ڪاري رات جو وٽس ڪير لنگهي ويندو هو تہ هُو مدد ڪرڻ کان نہ ڪيٻائيندو هو. هُو ائين نہ سوچيندو هو تہ هي سياڻي واپس ڪنهن مان ڏيندو؟ هُو بس اهو چوندو هو تہ بابا ڪپن ڪيترا؟ حُڪم ڪر پايا...موهن نہ رڳو ماڻهن جا ڏائم ڪيا، پر ماڻهن جي مرڻي پرڻي بہ مَري جُهري پُڇندو هو. هن ڪڏهن بہ ڪنهن جو ڏاڏو نہ گُسايو. سندس حياتيءَ ۾ جهوني دڪان تي ماڻهن جا ميلا متل هوندا هُئا. ڏيپلي جي وچ شهر ۾ موجود پٿوري پير جي مندر واري گيٽ وٽ اوپر طرف ٽڪنڊو دڪان هوندو هو. دڪان جي اولهہ ۾ اُنن ۽ گهوڙن کي ٻڌڻ لئہ خالي جڳهہ هوندي هئس. هاڻي نہ موهن رهيو نہ موهن جو اهو دڪان، نہ اُنن لاءِ خالي جاءِ...نہ موهن جا مُجيجي ..

مشڪرو بہ غضب جو هوندو هو. ننڍن ننڍن ٻارڙن سان ننڍڙا ننڍڙا مذاق ڪري دل وندرائڻ سندس اهم مشغلي ۾ شمار هو. ڪِل مُک ۽ ٽڏي مزاج وارو ماڻهو هوندو هو. پيار ونڊڻ ورڇڻ سندس اهم گُڻ هو. کائڻ ۾ گوشت ۽ چانور پسند ڪندو هو ۽ پيئڻ ۾ سُوم رس جو شوقين هوندو هو. انهيءَ شوق سندس حياتيءَ کسي ورتي، ۽ ننڍي ڄمار ۾ پرلوڪ پَڌاري ويو. کيس ٽن پٽن جي اولاد آهي. نند لعل، پرديپ ڪمار ۽ رميش ڪمار.

موهن لعل جو وڏو فرزند سيٺ نند لعل هن وقت پنهنجي پائرن سميت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ اُتي ئي ڪاروبار سنڀالي ٿو. ڏيپلي وارو دڪان هن وقت ڳوٺ ٻونڊڙي جي ڏوهٽ ڪرشن سنگهہ آساڻي جي پُٽ رڻڇوڙ سنگهہ وٽ آهي

# ارباب عثمان

چاماڻي تَلي وارو چام ارباب عثمان، ڪوتاهہ قد وارو اهو وڏو ماڻهو هو جنهن جي وڏ ماڻهپي جو مان ۽ شان اڄ بہ ڏرتي ڌڻين جي دلين ۾ ٻاڙهي جهنڊي وانگي جهولي ٿو. هُو ڪڏهن بہ اقتدار ۾ نہ هو. هُو ان راجا وانگي هو جنهن جي ڪا بہ رياست ناهي هوندي. هُو عوام جي دلين جو راجا هو. هن وٽ پنهنجي پرجا هُئي جيڪا هن سان ائين محبت ڪندي هُئي جيئن پونئر ڪنول جي گُل سان ڪندو آهي. مٿي تي سنڌي ٽوپي پائي، ڪُلهن ۾ پَٽُڙي اجرڪ وجهي، اڇي سلوار ۽ قميص واري وٽندڙ ويس ۾ جڏهن پنهنجي مُنفرد انداز سان هلندو هو تڏهن سامروٽيءَ جا اڇا ڪبوتر آسمان ۾ اُڏندي، هن جي آجيان ڪندا هئا. تلي جي وڏي پٽ تي ويٺل مور مينهن کي پُڪارڻ بند ڪري هن جي هلڻ جي حُسن کي پسي ڪيڙا ڪري خوش ٿيندا هئا. ماڻهن جا ميڙ هن جي اڳيان هٿ ٻَڌي سلام واريندي سرها ٿيندا هئا. سِرنگُهو جي سائي وڻ جهڙو هن جو وجود سموري خطي لئہ ڇپر ڇانوَ هوندو هو. ارباب عثمان جي حياتيءَ ۾ سامروٽيءَ جا فيصلا ڪرڻ جي ڪنهن ۾ جُرئت ئي نہ هوندي هُئي. مجال آهي جو هن جي تر ۾ ڪو تونگر اڇي ڪا پنهنجي پنچائت ڪري وڃي. وڏا وڏا خان خانان هن جي دٻدٻي کان ڏهلجي ويندا هُئا. سَري جي ساميءَ سان ناانصافي ڪندڙ هن ڏيهہ جي ڏاڍن مُڙسن ڏاڏواڻين جي ڪوچ ڪري وڃڻ پُڄاڻان، سامروٽيءَ ۾ صرف ارباب عثمان جو سِڪو هلندو هو. اهڙو سِڪو جو تاحيات کوٽو نہ ٿيو.

هُن سڄي ڄمار ترائيءَ جي تخت ڌڻين سان سياسي طور سمجهوتو نہ ڪيو. سامروٽيءَ جا بہ ننگ دڙنگ سياستدان مشهور هئا جن ترائيءَ سان ٽَڪر ڪاڌا هئا. انهن ۾ سينگالي جو شير ارباب نور مُحمد ۽ تلي چام جو چام ارباب عثمان شامل آهن .ارباب عثمان دلير هو ۽ ارباب نور محمد عقلمند هو. دل ۽ ذهن جي ميلاپ هن خطي جي سياسي وقار کي سورنهن ڪرڻن واري آفتاب جهڙو عروج ڏنو هو. نہ ڪڏهن ڪنهن کان سينگالو مڙيو نہ تلو چام جِهڪيو. وقت جي هنن وير پُرشن پنهنجي پوميءَ جو ننگ ۽ ناموس کوهہ ڪارونجهر جئن بُلند و بالا رکيو .

ارباب عثمان ڪاڇن جو صفا ڪوڏيلو هوندو هو. پنهنجي برادريءَ جي اوڙي پاڙي ۾ ٿيندڙ هر ڪاڄ ۾ هڪيو تَڪيو بيٺو هوندو هو. ڪاڇن ۾ پنهنجي هٿ سان مهمانن کي ماني وڏي ڏيندو هو. پنهنجي تر جي هر ڪاڄُ ۾ سارتيو ٿي بيهندو هو. ڇَني ۾ اچي هر ماڻهوءَ سان هٿ ملائڻ ۾ حال احوال پُڇڻ سندس سُگڻن ۾ شُمار هو. بادشاهي راند چوپڙ (شطرنج) جو صفا شوقين هوندو هو. ويڙهار جي مالديو سوڍي ٽيلات نيت سنگھہ وارن وٽ اڪثر ايندو هو. جتي چوپڙ راند جي وڏي چٽاپيٽي ٿيندي هُئي .

ارباب عثمان کي اڄ بہ هن خطي جو هر ماڻهو ساري ٿو. هُو هيڻن جو همراهہ هو. هُو ڏُکوندن لئہ ڏڍ هو. هُو هر اُن مظلوم جو وڪيل هو جنهن سان وقت جي وڏن ناانصافين جا واهڙ واهيا ٿي. هُو تَر جو وڏو زميندار هوندي بہ هاري ٿي هلڻ ڄاڻيندو هو. هُو سامروٽيءَ جو اهڙو ڀاڳ سڀاڳ هو جو هُن جي ايامڪاريءَ کي ساري اڄ بہ ماڻهو ٿڌا ساهہ ڀرين ٿا. هُو تہ انهن نڳرن جو بہ ڀرم وير ڀائر هو جن جون سڱاوتيون سرحد جي هُن پار هونديون هُيون. انهن جي سڱاوتي مسئلن ۾ هر ممڪن مدد ڪندو هو. سُرخي گهوڙي تي چڙهي انهن جو سپاهي ٿي هلندو هو .ڳُٽين ۾ وڪوڙيل مائٽن تان نياڻڪو بار لاهڻ لئہ ڪُونج جهڙين ڪُمارين کي ڇِٽين چانڊوڪين ۾ ڪارا رڻ اُڪاريندي جيڪا ارباب عثمان مدد ڪئي اهڙي ڪو ٻيو نہ ڪري سگهيو. ڪنهن ٻئي ۾ اهڙي طاقت بہ نہ هُئي. اُنهن ڏرتي ڏٽين جي ڏيئارين جون دعائون بہ هن جي ڪنهن ڪم نہ آيون. هُو نرينہ اولاد کان محروم رهجي ويو. هُن کي اولاد ۾ فقط هڪڙي ڌيءُ آهي، جيڪا سندس ڀاءُ محمد خان جي پُٽ ارباب عبدالرحيم سان پرڻايل آهي. عثمان جو نيڪ نالو ئي سندس نرينہ اولاد وارو ننگ رکيو اچي. هُو پل بہ ماڻهن کان وسريو ناهي. وسريا تہ هُن جا فيصلا بہ ناهن جيڪي اڄ بہ عوام جي دل ۽ دماغ تي ڪنهن يادگر فلم جي خوبصورت سين وانگي چانيل آهن. هُن جو ڳالهائڻ، هُن جو ويچارڻ، هُن جي نياڪاري، هُن جي ايمانداري، هُن جي منصف مزاجيءَ ۽ نهٺائي کي سامروٽي ڇا، سمورو تر ڪونہ وساري سگهندو .

# يوسف فقير

هي ننگر جو نيارو راڳي يوڳنائن جي ٻڙ تلاءَ مان وهنجي جڏهن ڪنهن راڳ جو رياض ڪري ٿو تڏهن آڪاش مارگ ڏي اُڏامندڙ پکي بہ وجد ۾ اچي وڃن ٿا. وجد ۾ اچي وڃن ٿا ڌرتيءَ جا اُهي ڌراڙ جن جا ڌڻ بانسريءَ جي ڌُن تي رڌم ۾ رڳن ٿا ۽ ناولن تي نچندي وٿاڻن ۾ ورن ٿا. هن جي روح پرور راڳ تي روئي پون ٿيون ساٽيهہ جون اُهي سهاڳڻيون جن جا ور پيٽ خاطر گهر ڇڏي اڪيلائيءَ جا اڻ توريا عذاب ڏيئي ويندا آهن. هن جي راڳ ۾ ايڏو ويراڳ آهي، جو ٻُڌي ماڻهوءَ جي اکين جا بند ڀڄي پون ٿا. هن جي هر آلاپ ۾ هڪڙو ورلاپ آهي جو ماڻهوءَ کي آواز جي دنيا ۾ الوپ ڪري ڇڏي ٿو.

اکيون هوندي بہ نُور کان محروم هئڻ باوجود هُو ڪڏهن بہ مايوس ناهي ٿيو. هُو هن دنيا کي اندر جي اکين سان ڏسي ٿو. هُو ٻين جي بيوفائيءَ تي نوحا ڳائي ڪنهن نامي گرامي سينئي اڳيان جهولي جهلي زندگي گُذارڻ بدران ”اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوي“ واري ٿيوري تي عمل ڪندي راڳ آلاپي جڳ ۾ جيئي ٿو. ڏاتار وٽان مليل البيلي آواز واري ڏات کي ڏيهہ ۾ نکاري پاڻ بہ جيئي ٿو تہ پنهنجي پريوار کي بہ جياري ٿو. هُو نابين هوندي بہ پنڻ پاپ سمجهي ٿو. هُو ڳن رس جي ڪوڏين کي راڳ جو امرت رس پياري جياري ٿو. هُو علي الصبح جو اُٿي مُنهن ڌوئي، چانهہ چُسڪي پيئڻ ڪانپوءِ سستي سگريٽ سان ڦڦڙن کي گرم ڪري، هارمونيم هٿ ۾ کڻي، پنهنجي پنج فقيري ٽولي سميت سڌو مندر جو رُخ ڪري ٿو. ائين لڳي ٿو جڻ مندر ۽ هن جو ڪو پورب جنم جو رشتو آهي. مندر ۾ پيل مورتين کان وٺي چوڻ چُڳندڙ پکين تائين سڀ يوسف جي انتظار ۾ هوندا آهن. يوسف جو اوسيئڙو ۽ انتظار تہ اُهي پرديسي بہ ڪندا آهن جيڪي پري کان پنڌ ڪري ڪاسٻي جي سُونهن ڏسڻ سان گڏ هن فقير جي سنگيت ٻُڌڻ لاءِ بہ اتاولا هوندا آهن .

يُوسف فقير جي بس هڪڙي ئي تمنا هوندي آهي تہ ڪاسبو سدائين سائو هُجي تہ جيئن هن جي زندگي بہ هري ڀري هُجي. هُو هر روز مالڪ کان اها ئي دعا گهري ٿو تہ بس ڪارونجهر جا ڪوڏ آباد هُجن. ڀٽياڻيءَ جي اوج برقرار رهي. ڀوڏيسر کان وٺي راڻپر تائين سمورا تلاءَ تار هُجن. ساڙڌري جي ساوڪ پائينده باد رهي. هُو ٿر کي بر نٿو ڏسڻ چاهي. هُو چاهي ٿو تہ ريگستان جا رنگ سدائين ساوا هُجن تہ جيئن سياح ڪاسبي جو ڪاڪ ڏسڻ ايندا رهن ۽ هُو پنهنجي ذات سان ڏسائون رڱيندو رهي.

ڪاسبي جي پُراڻي مندر ۾ ڪنهن جهوني جوڳي جيان ڌوڻي دُکائي ويٺل يوسف فقير جي ڪنٺ ۾ ڪرشن جي مُرلي جي مڌرتا جهڙي مناس اوتيل آهي. هُو جڏهن هارمونيم تي هٿ رکي، پرديس ۾ پرڻايل ڌيئرن جي درد ۾ ڏهياڻي آواز ۾ ڏنجهہ ڀريو ڏورو ڳائي ٿو تہ ڪارونجهر جي پهاڙن ۾ بہ پِراڻ اچي وڃي ٿو. ڀٽياڻي گرجي گرجي پرجي ٿي. گوڙدري ۾ گونج اُٿي ٿي. مور مينهن کي پُڪارڻ وساري هن کي دلي داد ڏين ٿا. مندر جا اُجهامي ويل ڏيئا ٻيهر ٻرڻ لاءِ پنڊت کي پُڪارين ٿا. ديوداسين جي دلين ۾ سنگيت سرگم ڇيڙي ٿي .

مندر جي ڇاتلي ڇار جي ٿار هيٺ ويهي پرهہ ڦُٽيءَ جو پرڀاتيءَ ۾ ”الک ٻيڙو تار منهنجو“ ڳائي هُو مالڪ کي ريجهائي ٿو. هُو جڏهن ”دردونديءَ جو ديس وسي پيو. بوند بره جي بهار لڳي ويئي“ واري صدا بلند ڪري ٿو تہ ٿر ٿميو نٿو رهي. وڻ وڻ جهومي پوي ٿو. پِٽ پِٽ پُٽڪي پوي ٿي. ڪارونجهر ڪُوڪي اُٿي ٿو .

# نيت سنگهہ سوڍو

پرمار سوڍن جي پَرمُک شاخ مالديو سان تعلق رکندڙ هي مها سُندر سوڍو منهنجو ڳوٺائي آهي. جهڙي مالڪ کيس سونهن ڏني آهي اهڙي ئي مٽيا سان مڙهي چڙهيو آهي .تمام گهڻ ڳالهائو. مانيٽي سياءَ جو مالڪ هي ماڻينگر سوڍو سامروٽيءَ جي سُندر مستڪ تي سوني تاج وانگي چمڪيو هو. هي پوٽو آهي اُن ڌرم وير يوڌي ٻلڌاري ٻهادرسنگهہ جو جنهن جي هاڪ اڄ بہ ٿر جي ٽاڪ ٽاڪ ۾ گونجي ٿي. اهو ٻهادر سنگهہ سوڍو جيڪو پنج سير تر پاڳو (کنڊُ، گيهہ، اٽو برابر مقدار ۾ (سيرو پڙ تي کائي سگهڻ جي سگهہ رکندو هو. ورهاڱي کان اڳ واري ڳالهہ آهي تہ هڪ ڏينهن سندس ڳوٺ ۾ جيج ۾ آيل هُئي ۽ رهاڻ لئہ امل نہ هو. هُن کي کنهن پاڙي واري سُنڪ ڏني تہ ٻهادرا صبح جو امل کٽان هٿ ڪري ڏئي. ٻهادر سنگهہ هائوڪار ڪئي. هُن ڇا ڪيو جو رات جو ماني کائي جُتي هٿ ڪئي ۽ پيرين پنڌ، رڻ اُڪري ڪڇ پُڄ جي ڳوٺ ڪُرن مان امل ڪٽي، سوجهاڪي جو واپس اچي گهر سُمهي رهيو!ماڻهن کي اعتبار نہ اچي ڇاڪاڻ تہ ايتري ٿوري وقت ۾ ايڏي وڏي مفاصلي تان پيادل وڃي ڪا وکر وٺي اچڻ واقعي وڏي ڳالهہ هُئي، پر اهڙي غير معمولي ڳالهہ سوڍي ٻهادر سنگهہ ڪري ڏيکاري. هُن اعتبار ڏيارڻ لئہ ڪُرن مان پڪل مانيون ۽ وشنان ماڻهن کي ڏيکاريو. اهو ڏسي ماڻهو دنگ رهجي ويا. چون ٿا تہ ٻهادر سنگهہ گهوڙي جي رفتار سان هلندو هو. هُو سامهون ايندڙ ماڻهوءَ کي پنڌ ڪرڻ دؤران هٿ نہ ڏيئي سگهندو هو ۽ ڪجهہ مُفاصلي تي وڃي پوءِ مُڙي واپس اچي هٿ ڏيندو هو. ويندي ويندي هٿ ڏيڻ سان سامهون واري جي ٻانهن ٽُٽي پوندي هُئي، ڇاڪاڻ تہ رفتار تمام وڏي هوندي هُئي. اهڙي وير پُرش پهلوان جي نرم دل ۽ يولي پُٽ نونگهجي جو ڪنور نيت سنگهہ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پنج آڪٽوبر1969 ع ۾ جنم وٺندڙ نيت سنگهہ سوڍي پرائمري تعليم پنهنجي

اباڻي ڳوٺ ڍونڍيو مان حاصل ڪئي ۽ گورنمينٽ جابر بن حيان هاءِ اسڪول ڊيپلو مان سن 1985ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان اي- ون گريڊ ۾ پاس ڪيو. منهنجي ڳوٺ جي تاريخ ۾ اهو رڪارڊ آهي تہ سڀ کان پهرين نيت سنگهہ سوڍي اي ون گريڊ ڪنيو هو. تعليم اڳتي جاري رکندي سنڌ يونيورسٽيءَ ڄامشورو مان بي- اي جو امتحان پاس ڪيو. سن 1988ع ۾ ڪيس ٽپيداري نوڪري ملي ويئي. گهڻو وقت گولاڙچيءَ ۾ نوڪري ڪئي. ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض نڀائيندي 2013ع ۾ رٽائرٽمينٽ ورتائين. نوڪري سان گڏ زمينداري بہ ڪندو هو. گولاڙچي ۾ سوڍي جي تمام گهڻي مشهوري هوندي هُئي/ آهي .ٽپيدار تہ بيا بہ ويٺا آهن, پر نيت سنگهہ جهڙي عزت شايد ئي ڪنهن پرائي هُجي. هُو ٽپيدار گهٽ ۽ يار ويس وڌيڪ لڳندو هو. خرچ ڪرڻ کان ڪڏهن بہ نہ لهرايو. هُن ڪمايو بہ دل سان تہ کارايو بہ دل سان. ڪنجوسيءَ جو هن وٽ لفظ ئي نہ هوندو هو. سندس گولاڙچي واري رهائشگاهہ اوطاق جو ڏيک ڏيندي هُئي, جتي ڪيئي ٿَريا سڄو ڏينهن ٽُڪر کائي پيا ٽَلورا ڏيندا هُئا. پر مجال آهي جو نيت سنگهہ ڪڏهن مُنهن ۾ سَر بہ وڌو هُجي. آفيس مان واپس اچي جڳهہ تي پهچڻ شرط پهرين بورچيءَ کان پُڇندو هو تہ مهمانن کي ماني کارائي يا نہ؟ اگر نہ کارائي تہ اول چوندو هو مهمان کي ڏئي پوءِ آئون کائيندس. هُن پنهنجي هشاش بشاش حياتيءَ ۾ اعليٰ کان اعليٰ براند جا شربت پيتا. پلي کان پلي پانت جا کاڌا کاڌا. سُني کان سُنا ڪپڙا بہ پاتا, پر ڪڏهن بہ پنهنجي ماضيءَ کي پُٺ نہ ڏني. هُن پنهنجي ننڍپڻ وارا ڏُکن جا ڏينهن پل بہ نہ وساريا جن ۾ هن ڪير بدران پاڻي پيتو هو رب تي پيٽ گُذر ڪرڻ بہ هن جي حياتيءَ ۾ شامل هو. هي اُنهن پَڇ ڍاون پليتن وانگي ننڍي دل وارو نہ آهي, جيڪي پئسي جي موهہ ۾ پنهنجو ماضي وساري حال ۾ اهڙي هلڪڙائي ڪندا آهن جو معاشري ۾ صفا ڦُوڪٽا لڳندا آهن. هي تہ اهڙو ڏيرجوان شخص آهي جيڪو پنهنجي محنت ۽ اورچائيءَ جي ڪري دولتمند ٿيڻ جي باوجود نرم مزاجي ۽ صبر جو دامن پنهنجي وس ۾ رکيو اچي .هُو مهمان نواز هئڻ سان گڏ رحم دل ۽

سخي ڏاتار پڻ آهي. ڪنهن گُهرجائو جي مدد ڪندي تمام گهڻي سرهائي محسوس ڪندو آهي.

نيت سنگهہ سوڍو هتي هر وقت نهيل نُڪيل فٽ ڦاٽ رهندو هو. صفائي سُٿرائي جو تمام گهڻو خيال رکندو هو. ڪاري ڪلٽس ۾ تيرانهن پائونڊ ڊبل گهوڙا بوسڪيءَ جو ڦُل جوڙو پائي جڏهن سرزمينِ سنڌُ جي سڙڪن تي هلندو هو تڏهن ائين لڳندو هو ڄڻ تہ سنڌُ جو شان هجي. هُو ڪنهن شان ۾ مان ڪان گهٽ تہ نہ هو. دل جو بہ درياءُ هو. ڪڏهن بہ ڪنهن منک جي دل نہ رنجائي. هُو ڪنهن کي رنج رسائي ئي نہ ٿو سگهي. هُو جيستائين هتي هو پنهنجي ڳوٺ جي پرگهور لهندو هو. هتان ويو تہ بہ ڳوٺ کي وساري نہ ٿو. مئي جيئري جا حال اچ بہ پُڇي ٿو.

نيت سنگهہ سوڍي سن 1990ع ۾ ڳوٺ مالٺهور ڪاوڙيا جي ڪاوڙيا رانوڙن مان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٻن پُٽن ۽ پنج نياڻين جو اولاد آهي. پُٽ ۽ نياڻيون سيئي زير تعليم آهن.

نيت سنگهہ سوڍي جا ٽي ڀائر آهن. ڪونيجي، وينجهراج سنگهہ ۽ گگجي. وينجهراج سنگهہ ڊي-سي آفيس ۾ ڪلرڪ هو بعد ۾ مشرف واري مڪاني نظام ۾ ضلعي ناظم جو پرسنل اسسٽنٽ ٿي رهيو. ارباب عطاالله ۽ ارباب انور جي ٻنهي ايامن ۾ ساڳي عهدي تي رهيو. وينجهراج سنگهہ سوڍي تمام گهڻن مسڪين ماڻهن کي نوڪريون وٺي ڏنيون. جيڪي اڄ بہ ڪيس دعائون ڏين ٿا .منهنجي ڳوٺ ڊونديو ۾ روڊ، ڊسپينسري، وٽرنري ڪان وٺي مڊل اسڪول تائين سيئي سهوليتون وٺي ڏيڻ وارو سهرو وينجهراج سنگهہ سوڍي جي سِر ڏانهن وڃي ٿو .سدائين پنهنجي مُڇن کي تاوَ ڏيندڙ وينجهراج سنگهہ سوڍو اهو نيڪ نيت ۽ پَراُپڪاري پُرش هو جيڪو پنهنجي انفرادي مفاد تي سوچڻ ڪان اڳ اجتمائي مفاد جي لاءِ سوچيندو هو. هُن جي اباڻي ڳوٺ جي پَٽن ۽ پوٽن سان چنڊُ ۽ چڪور واري چاهنا هوندي هئيس. ڳوٺان ڪو ماڻهو منيءَ ويندو هو تہ هي مري مٿو ڏيڻ وارو مُڙس هو. اڄ ڳوٺ ڪان هزارين ڪوهہ پري موربيءَ ۾ رهي ٿو. پر سندس من جو مور هر رات خوابن ۾

اُڏامي پدموريءَ جي اڇن ريٽن تي رمي ٿو. وينجهراج سنگهہ جا ٻہ پُٽ آهن. شنڪر سنگهہ جيڪو ٽيلي ڪميونيڪيشن جو ڪاروبار ڪري ٿو ٻيو هريسنگهہ سوڍو جيڪو وڪالت ۾ پڙهي رهيو آهي. ٻئي انتهائي سُلڇڻا ڇوڪرا آهن . ڪونيجي ڏراڙ هوندو هو ڏراڙ ٻہ صفا ڏراڙن جهڙو جيڪو مال جي بيمارين ڪان ونئي ان جا وصف سُجاڻي سگهندو هو. هن وقت مال جي واڙي ۾ ڪم ڪري ٿو. گگجي پڙهيو لکيو ۽ ڪاروباري ماڻهو آهي. گگجي کي نہ رڳو گولاڙچي ساري ٿي، پر منيءَ جي راجپوت ڪالونيءَ ڪان ونئي ٻونڊئي جي ڏڙن تائين سمورو ساڃاهہ وند ساٿيهہ وڏي سڪ مان ساري ٿو هُو بہ ڪنهن کي وساري ناهي سگهيو. توٽي جو هاٽي دل پَڪي ٿي ويئي هوندي، پر هُن جي سماچار پُڇڻ واري لهجي مان ئي ماڻهو لَکي ونئي ٿو تہ ٻونڊئي جي ڍاٽي هن جي من کيت ۾ رات راٽيءَ ٻٽجي مهڪي ٿي، پدموريءَ جو پنڌ هن جي ساهن جي هڇڪيءَ ۾ وچڙي ٿو .منيءَ جي سوڙهين گهٽين ۾ اُڏامندڙ آلن زلفن جي خوشبوءَ جا خمار هن کي ڇمار وسري نہ سگهندا. گگجي، ڪونيجي، ۽ وينجهراج سنگهہ ٽيئي ڀائر هن وقت نيت سنگهہ سان گڏ هندستان ۾ رهن ٿا. سيئي پنهنجي پنهنجي ڪاروبار سان وابستہ آهن. سُکيا ستابا پنهنجي ماني ميچيءَ وارا آهن، پر نہ وطن هنن کي وساري ٿو ۽ نہ هُو وطن کي وسارين ٿا. وطن ڪا وَستُو تہ ناهي جنهن کي ماڻهو وساري ڇڏي، وطن وجود ۾ ڏمڻ وانگي ڏڙڪندا آهن. وطن ننڍ ڪڇيءَ مان ڇرڪ ڀرائي اُٿاريندا آهن. وطن جي سار اکين کي روز وضُو ڪرائيندي آهي.

# پيرجي نَڪُر

هُو اُن جُوءَ جو جوڏو آهي، جنهن جُوءَ ۾ سميڙ سنگهہ هاجاڻيءَ جي هاڪ جي ڏاڪ هوندي هُئي. هُو جيڪو ٿر جي نج نبار ٻهراڙيءَ جو اهڙو ٻانڏيلو ٻار آهي جنهن جي وار وار مان ايندڙ ڳوناٽي سادڙيءَ سُونهن جي سُڳند ولڙين واس وانگي وطن کي مهڪائي ٿي. هُو جيڪو صحرا جي اونڌاهين راتين ۾ ڪُڙڪُٻيتو ٿي ڪڙيو آهي. هُن جي سُهائي سان نہ رڳو جهرمريو جَرڪي ٿو پر هن جي علم جي اوجيس ۾ سمورو مَروڌر ڏيهہ مَرڪي ٿو. هُو جيڪو ٻاٻيهن جي ٻوليءَ ۾ لُڇندڙ پلر جي پياس جهڙي پويتر روح جي هڪڙي رڙ آهي. اهڙي رڙ جنهن جي پڙاڏن ۾ وطن جو پيار ڪنهن ڪويل جي ڪنٺ جهڙي مڌُر سنگيت وانگي مهڪي ٿو. هُو جنهن جو متيءَ جي رانديڪي جهڙو رُوح وطن جي وٽن ۾ پينجولن وانگي پيوند ٿي ويو آهي. هُو جڏهن ويڙهيچاڻي وچن کي سنپاري وطن کي دل جي هندوري ۾ لوڏيندو آهي، تڏهن پٽن تي پونگا هُن کي محلاتن کان مٿي لڳندا آهن. ڪُنيين جون خوبصورتيون ۽ مورن جون مستيون هن کي ٿائيليند جي سمنڊُ ڪناري تي پسار ڪندڙ گُڏين کان مٿي موهي مارينديون آهن. هُو جيڪو صحرا ٿر جي تپندڙ واريءَ تي ٽڙندڙ وکون ڪٽي وڏو ٿيو آهي. هُو جنهن وطن جي واريءَ کي اندر جي اکين ۾ سُرمو ڪري پاتو آهي .هُو جيڪو هرڻ جي اُج جهڙي حُب الوطنيءَ سان سرشار هڪ اهڙو ديش ڀڳت ماڻهو آهي جنهن جي مَلوڪ مُک تي ترندڙ تبسم هن ڌرتيءَ جي دل ٺاري ٿي. هُو سنڌي ساهتيہ جو اهڙو ڪلاڪار آهي جنهن جي سِٽ سِٽ ۾ ساٽيهہ ساهُ ڪٽي ٿو .

ٿوهرن جي ديس ۾ گُلابن جي خوشبو جهڙو هي گُلقند وجود اڄ بہ ديس جي ڏٽن ۽ وٽن سان ڳولاڙن وانگي ويڙهيل آهي. هُو پنهنجي جنم ڀُومي واري ڳوٺ جهرمريو جي وڏي پٽ (هوليءَ واري پٽ) تي ويهي جڏهن اونڌي ڏرڙ وارن سندس مال جي صدين جي وٿاڻن ڏانهن ڪنهن نما شام ويلي نگاهہ ڪندو آهي تہ سندس آتما کي آدجگاد جو سنتوش اچي ويندو آهي.

سنتوش تہ هن کي تڏهن بہ ملندو آهي جڏهن ڪنهن مسڪين ڏوٿيءَ جي جهوليءَ ۾ ڪجهہ دان جا داڻا وجهندو آهي. اُڄايل پڪين کي پاڻي پياري هي ائين سرهو ٿيندو آهي جيئن ڪا ماءُ پنهنجي اولاد جي اڪ ۾ سرمو وجهي سرهي ٿيندي آهي.

پيرجي جو جنم 4 جنوري 1968ع تي تعلقي ڏيپلي جي جهوني ڳوٺ جهرمريو جي معزز شخص شريمان جالوجي سولينڪيءَ جي گهر ۾ ٿيو. جهرمريو جيڪو يونين ڪائونسل جو درجو رکي ٿو. پيرجي جو پتا جالوجي تمام عقلمند ۽ ڀاڳيو ماڻهو هو. سندس ڪرت هارپو ۽ مالداري هُئي . جالوجي 120 سالن جي ڄمار ۾ 1993ع ۾ پرلوڪ پڌاري ويو. پيرجي سندس والد صاحب جي ڏسيل راهہ تي راهي ٿيو ۽ تعليم جي هٿيار کي هٿ مان نہ ڇڏيو. پيرجي ابتدائي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ جو امتحان امتيازي مارڪن سان گورنمينٽ جابر بن حيان هاءِ اسڪول ڏيپلو مان پاس ڪيو. انٽر جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺيءَ مان 1987ع ۾ پاس ڪيو. پيرجي ڪچڙي وهيءَ ۾ اهو پڪو پهہ ڪري ورتو هو تہ هُو حياتيءَ ۾ هر ڏُک سهي بہ اڳتي تعليم پرائيندو ۽ سندس ڳوٺ جي تاريخ ۾ پهرين هاءِ ڪواليفائيڊ طور پنهنجو نالو رقم ڪرائيندو. هن اٽل ارادن جي مالڪ ائين ڪري پڻ ڏيکاريو. مادر علمي سنڌ مان بي-ايس-سي (آنرس) ۽ ايم - ايس- سي پاس جو امتحان پاس ڪيو. سنڌ لا ڪاليج مان ايل-ايل-بي ڪرڻ سان گڏ قانون جو اعليٰ امتحان ايل-ايل- ايم بہ پاس ڪيو. ان ڪانسواءِ اِي-ايم بي اي(پيٽروليم مئنيجمينٽ) ڊپلوما ان ڪيميڪل انجنيئرنگ ۽ ايم -فِل بہ ڪئي اٿس. هيڏي وڏي تعليم حاصل ڪرڻ دوران هن تمام گهڻا ڪشٽ پڻ ڏٺا. معاشي طور مشڪلاتن کي پڻ مُنهن ڏنو. پر ڪڏهن بہ مُڙي نہ نهاريو ۽ پنهنجي منزل مقصود ڏانهن درياءَ وانگي چاڙهہ ۾ هلندو رهيو. نيٺ وڃي منزل ماڻي سُکن جي سمنڊُ ۾ سمائجي ويو. پيرجي جو وڏي ۾ وڏو ڪم آهي ايم فِل لئہ لکيل ٿيسز. جنهن ۾ هُن شيخ اياز ۽ علامہ اقبال جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو ورتو

آهي. سنڌ ۾ شايد هن جهڙو منفرد ڪارنامون اڳ ۾ ڪنهن سرانجام ناهي ڏنو. ايڏي وڏي ادبي ڪم تي آئون ڪيس جس ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهان . پيرجي سندس حياتيءَ ۾ هڪڙو خوبصورت ڪتاب بہ لکيو آهي جنهن جو نالو آهي،” وطن جا وڻ ۽ زندگيءَ جو سفر“ هي تمام بهترين ڪتاب آهي جيڪو عام فهم ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. انتهائيءَ سچائيءَ سان لکيل هي جيون ڪٿا ادب جي شاگردن لاءِ رول ماڊل واري حيثيت رکي ٿي. هن ڪتاب ۾ پيرجي نہ رڳو پنهنجي زندگيءَ جا تلخ تجربا شيئر ڪيا آهن پر وک وک وطن جي وڻن ۽ ڏٿن جا درشن بہ ڪرايا آهن. جيڪي پڙهڻ واري کي منڊي موهڻ لاءِ ڪافي آهن .

پيرجي جنهن ايام ۾ انٽر پاس ڪيو اهو هڪ تہ ڏُڪار ۽ ٻيو ٻُڪ جو پينڪر دؤر هو .اهڙي وقت ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ڪنهن غريب لاءِ مشڪل بلڪہ ناممڪن پڻ هو ۔ انهي هوندي بہ سنڌ هي اٿل انسان يونيورسٽي پهتو ۔ جتي هن کي سُٺي سنگت ملي، يونيورسٽي جي اهڙن لمحن لاءِ پيرجي ڪُجھ هن ريت لکيو بہ آهي.

ڪويلون ٻولين ڪُوڪُو ڪري،
صبح سوير پرھ ڦُٽي.

هوائون جتي هير سٺي
اها ٿي آهي سنڌ يونيورسٽي.

1995جي شروع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ٿيو. جيئن تہ ڪجھ مهينا گذريا تہ نوڪري تيل جي کاتي OGDC ۾ ملي. شروع ۾ اسٽاف ۾ پو Re. Desi ڪري سپروائيزر ۽ پوءِ Asstt.Chemist ان کانپوءِ Chemistڪيو ويو.

پيرجي پنهنجي Colleagues سان گڏجي پروموشن لاءِ ڪيس ڪيو جڏهن هنن سختيون ڪيون تہ اهي ست ئي ڄڻا هٽ ڪٽي ويا پر هن کي افغانستان جي بارڊر لڳ بدلي ڪيو ويو تہ بہ هن قانوني جنگ جاري

رکي ۽ ڪورٽ سڀوري هن سان انصاف ڪيو تہ هي هتي ئي رهندو. اهڙي سفر سان لاڳاپيل ڪيس ڪورٽ سڀوري ۾ آهن. اداري ۾ ايمانداري سان تمام سخت ڊيوٽون ڪيون.

پيرجي کي اولاد ۾ 6 پٽ آهن. وڏو پُٽ رنجيتسنگه جيڪو Electronics ۾ لاسٽ ييئر ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهي رهيو آهي. ان کان ننڍو نگجي يونيورسٽي جي تياري ڪري رهيو آهي.. تنهن کان ننڍو ڪيسرسنگهہ Army college Mithi ۾ زير تعليم آهي. چوٿون نمبر پُٽ پونمسنگه Army college Mithi ۾ هنيسنگه ۽ دليپ سنگهہ پڻ ساڳي ڪاليج ۾ زير تعليم آهن. پيرجي شوشل ڪم ۾ سدائين ٻين کان اڳيرو رهيو آهي .هن

گورنمنٽ گرلس ۽ بوائز اسڪول پيرجي پاڙو منظور ڪرايا جيڪي هلندڙ آهن .1992 ۾ منظور ڪرايا ۽ باؤنڊري ۽ وڻ هٿن سان لڳايا، نہ رڳو ايترو پر وڏي جاکوڙ ۽ جفاڪشيءَ سان سندس ڳوٺ ۾ ڊسپينسري بہ منظور ڪرائي جتي اڄ بہ سوين مريضن جو مفت ۾ علاج ٿئي ٿو. پيرجي جهڙي پلوڙ ماڻهوءَ جو رهزنن سان ڪڏهن بہ روح راس نہ ٿيو پر حال اوريندڙ هيڻن جو جو هيتو تي بينو. ڏيجوانن جو ڏڏُ ٽيڻ پيرجي جي وڏي سُجاڻپ آهي. مشڪل ۾ آيل ماڻهن لاءِ سندس نيڪ صلاح ۽ مُفيد مشورو هڪ دوا جو درجو رکي ٿو. هيڻن جي همراهي ڪندڙ هي ٽر جو سادڙو ڪوي رهزنن کي رُڪ جا چٽا چبائيندي دير ئي ڪونہ ڪندو آهي .ڪورٽ ڪچهرين کان مُور نہ مُڙندڙ هي مرد مجاهد سچُ تي ساهُ پساهہ ڏيندي ڪوڙ ۽ ڪچُ جي سخت خلاف آهي، چاڪاڻ تہ هي خود سون جهڙو سچو ماڻهو آهي. مُنافقت کان الاهي پري پڄندڙ پيرجي تمام گهڻو مُحبتي ماڻهو آهي. سچي زندگيءَ ۾ سُکن کان گهڻا ڏُک پنهنجي حصي ۾ ڪٽي هليو آهي. پرايا سُور پنهنجا ڪرڻ تہ ڪو پيرجي کان سکي.

پيرجي هن يُوميءَ جو اُهو ڪمانگر ڪوي آهي، جنهن جي ڪونج جي ڪُرلاءُ جهڙي ڪويتا ۾ ڪا بہ مصنوعيت ناهي. ٻهراڙيءَ جي ٻار جهڙي هن

جي معصوم شاعري سندس دل جي دانهن آهي. اهڙي دانهن جنهن جا پڙاڏا وطن جي وڻن جي پن پن مان پڙلاءُ بڻجي گونجن ٿا. پيرجي جي شاعري بحر وزن جي بار کان آجي، ۽ فضائن ۾ اُڏامندڙ پکين وانگي آزاد آهي. پيرجي جي شاعريءَ ۾ سندس دل مان نڪتل سنئان سڌا خيال آهن، جن کي بنان ڪنهن ڪاريگريءَ جي جيئن جو تئين جي بنياد تي لکي هن پنهنجي شاعرانہ اندر جو اظهار سو فيصد سچائيءَ سان ڪيو آهي. پيرجي جي شاعري ڀهراڙيءَ جي سادڙي ڳوناڻي محبوبا جي ويندڙلين ۾ ويڙهيل پنهنجي پيار جي پهرين چُمي جي چاهہ جهڙي چاشنيدار آهي. پيرجي جي شاعريءَ ۾ وطن جا وڻ اشارن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائن ٿا، ۽ پکي پرهہ ڦُٽيءَ جا ترانہ ڳائين ٿا، ٻُوٽا ٻاٻورجي پون ٿا، گاهہ گونچ ڪڍي گلڪاري ڪن ٿا. هرڻ ڇال ڏين ٿا. هاري همرچا ڳائي سانوڻي مند ملهائن ٿا. ٽاريليون نَڪن ۾ اڪن جون ڦُلڙيون وجهي گهاگهرن جي گهير کي گهمائي مَتڪو رمن ٽيون .

# ناٿن سنگهہ سوڍو

مُنهنجي پاڙيسري ڳوٺ ويڙهار جا بير بانڪا ۽ بهادر سوڍا ڪنهن وقت سامروٽيءَ جي اُفق تي سانوٽيءَ جي چَمر وانگي چانيل هُئا، جن جي ويرتاهُ ۽ وڏائيءَ جا تجلا ٻڪراڙوجُ جي نانگ وراڪن وانگي سموري ڏيهہ ۾ پنهنجو پرتوو پکيڙي بيٺا هُئا. اُنهن سُگڙن ۽ سَپُوت سوڍن ڪي وطن جي تاريخ پنهنجي سمندُ جيڏي وسيع سيني ۾ سمائي رکيا آهن، وقت جي وڏن تونگرن ڪي ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ وارا اُهي ويڙهار جا مالديو سوڍا هُئا، جن جي هاڪ، ڏاڪ، دهشت ۽ ڏبڌٻي جي ڪري وقت جا حاڪم پنهنجا مارڳ ئي مَٽائي ويندا هُئا. مجال آهي جو ڪير ويڙهار جي اَجهور مان مٿي اُگهاڙو مَٿي يا گهوڙي يا اُٺ تي سُواري ڪري گُذري. سوڍن جا سُندر اخلاق اڄُ بہ ماڻهن جي دلين ۾ دُرو تاري جيان چِٽا چمڪن پيا. اُن ويڙهار جو مالديو سوڍو ناٿن سنگهہ ولد اجت سنگهہ سوڍو بہ پنهنجو مَٽ پاڻ هو، جنهن جا ناناڻا ڍونڊئي جا ٻاڙميرا رانوڙ هُئا. رانوڙ جن جا پاڻيجا سدائين پُوڄت ٿيا آهن. اجت سنگهہ سوڍو ڳوٺ ڍونڍيو جي سيرسنگهہ ٻاڙميرا جي گهران پرڻيو هو. اجت سنگهہ کي اولاد ۾ بہ پُٽ هر هڪ نالي چاندن سنگهہ، ناٿن سنگهہ ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد هو. 5 مارچ 1945ع تي جنم وٺندڙ ناٿن سنگهہ سوڍو انتهائي نرم مزاج ۽ خوش طبيعت ماڻهو هو. نيڪ نيت ۽ پَر اُپڪاري پُرش هُئڻ ڪري پرماتما هن کان ڪيئي پريکشائون ورتيون، پر هي بهادر سوڍو اٽل رهيو ۽ دنيا جو هر درس سڦلتا سان سمپورڻ ڪيو. مايوسيءَ ۽ ناڪاميءَ کي ڪُفر سمجهي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪامياب ڪوششون ڪندو رهيو. هن ڪڏهن بہ پوئتي مُڙي نہ نهاريو تہ پاڻ ڪيڏا ڪٺن ڪُشالا ڪري چُڪو آهي، زندگيءَ جي طويل سفر ۾ هن ڪٿي بہ شوڪارو هٽي ٿَڪُ نہ پَڳو. هر ڏُک ۽ تڪليف کي پُٺارڪ ۾ ٻَڌي وطن جي دڙن تي پنڌُ ڪندو رهيو.

ناٿن سنگهہ سوڍي جو اسان جي سماج ۾ وڏو ڪردار رهيو آهي. انتهائي پسماندگيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ واري ڦهري حالتن ۾ بہ هن سوڍي

سدائين لئہ سَداورت قائم رکيو. سندس ڳوٺ ۾ هاڻ اسڪول هئڻ ڪري ويجهن توڙي پري ڳوٺن جا سوَن جي تعداد ۾ ڇوڪرا پڙهڻ ايندا هُئا، جن کي مانيءَ کان وٺي رهائش ڏيڻ تائين هن سوڍي جو وڏو ڪردار رهيو آهي. پنهنجن کي تہ هرڪو ڪارائي ٿو پر پراون جي پنهنجن پُٽن وانگي پرورش ڪوڪو وڙلي ڪندو آهي، سوڍي ناٿن سنگهہ ائين ڪري ڏيکاريو هو آئون کيس جس ڏيان ٿو. سندس ڦُڦيائيءَ ڀاءُ ڳوٺ ڊونڊوئي جي ٽپيدار ڪاروجي ٻاڙميرا کان وٺي مالٺهور ڪاوڙيا جي ميهوجي ڪاوڙيا تائين اهڙا انيڪ شاگرد هُئا جن کي سوڍي ناٿن سنگهہ نہ رڳو ماني ڳيپي کان وٺي اجهوءِ اولو ڏنو پر پنهنجن جهڙو پيار پڻ ڏنو. اُهي اڄ پڙهي لکي پنهنجي پنهنجي منزل ماڻي چُڪا آهن، ۽ ناٿن سنگهہ جا اڄ بہ ٿورا ڳائين ٿا. پراون ٻچن کي پنهنجا سمجهي پيار ڏيندڙ ناٿن سنگهہ سوڍي ڪڏهن بہ لوٽي ۾ سَر نہ وڌو. مهمان نواز بہ اهڙو هو جو راڄ پيا واکاڻيندا هُئا. جيستائين سندس اوطاري ۾ ڪو مهمان نہ ايندو هو ايستائين سندس دل جو اوطارو بہ ويران رهندو هو. مهمان بنان ماني هن کي ڦڪي چانهہ وانگي بيسواد لڳندي هُئي. آيل مهمان کي دل سان ترسائڻ ڇهہ ڇهہ ڏينهن نہ ڇڏڻ اُن سان ڪچهريون ڪرڻ ناٿن سنگهہ جو اعليٰ ظرف هو.

ناٿن سنگهہ سوڍي ۾ هڪڙو وڏو گُڻ اهو هوندو هو تہ هُو ماڻهن جا ڪاڄُ سُڌاريندو هو. ڪنهن بہ عزيز قريب، مِٽ مائٽ جي مرڻي، پرڻي تي سيڻيءَ کان اول پهچندو هو. هن ڪڏهن بہ ڪنهن جو ٽاٽو نہ ٽاريو. چوندو هو ناٽو هٽ اڇي ويندو پر ٽاٽو هٽ نہ ايندو. آئون اکين ڏٺو شاهد آهيان سندم ڳوٺ ڊونڊيو ۾ ناٿن سنگهہ ڪنهن جو بہ ڪاڄُ نہ گُسايو. ناناٽا رڳو سيراٽين ۾ هُئا، پر هن سموري ڳوٺ کي سڳن ناناٽن برابر سمجهيو هر ڪنهن جي مرڻي پرڻي تي مري جُهري بہ پهچندو هو نہ رڳو ايترو پر مٽي تي کير جي پريل چونٽري ڪٽي پُڄڻ بہ هن سوڍي جي شُڀ گُڻن ۾ شُمار ٿئي ٿو. ناٿن سنگهہ سوڍو ڪنهن سان رنج هوندي بہ راضي رهڻ واري ڳجهي ۽ گُر رکندو هو. هُو ڪلڻ ۽ ملڻ وارو انتهائي محبتي ماڻهو هو. در آيل آَتيءَ جي مرجات

رکڻ ۽ اُن جو آدرستڪار دل سان ڪرڻ بہ ناٿن سنگهہ جي نرالي سُڃاڻپ هُئي. هي سامروٽيءَ جو اهو اختر ضمير انسان هو جنهن ڪڏهن ڪنهن پڪيءَ جي بہ دل نہ رنجائي، ماڻهوءَ سان ماڻهو ٿي ملڻ واري مهارت رکندڙ هن راجپوت پنهنجي راجپوتي روايتن ۽ ريتن ڪي تاحيات قائم ۽ دائم رکيو. هُن وٽ نياز ۽ نوڙت ايڏي هُئي جو ڇا ڳالهہ ڪجي. وڏائي تہ هُن جي هانيءَ ۾ بہ نہ هُئي، ٻارن سان ٻار ٿي هلندو هو. ٻارن ڪي وندرائڻ لئہ آءٍ ڪيو جا شوشل سائنس وارا سوال پُڇندو هو. تمام ذهين هُئڻ ڪري اڪثر شاگرد هن جي سوالن جا جواب نہ ڏيئي سگهندا هُئا.

ناٿن سنگهہ سوڍي ڳوٺ مالٺهور ڪاوڙيا مان ڪرت سنگهہ ڪاوڙيا جي گهران شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽن پُٽن ۽ ڇهن نياڻين جي اولاد آهي. وڏو پُٽ پورجي پرائمري ماستر آهي، پورجي ڳوٺ ونگڙ مان ڪيت سنگهہ نرياڻي پٽي جي گهران شادي ڪئي آهي، ۽ ان ڪان ننڍا رڻڇوڙ سنگهہ ۽ وڪرم سنگهہ ٿٽي ضلعي جي ٻهراڙيءَ ۾ هڪ ننڍڙي اسٽاپ اُداسيءَ ۾ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ انتهائيءَ ڪاميابيءَ سان وک بہ وک اڳتي وڌندا رهيا ۽ اڄُ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهن، ۽ سندن ڪاروبار ڪي وڌائيندي پنهنجي مقامي شهر ڏيپلي تائين پهتا آهن. سيئي سُڪيا ستابا پنهنجي مڇي ماني وارا آهن.

ناٿن سنگهہ سوڍي جو ننڍو پُٽ رڻڇوڙ سنگهہ ڄائي ڄم کان هڪڙي پير سان معذور هو. پير پوئتي مُڙيل هُئڻ ڪري هلي نہ سگهندو هو ناٿن سنگهہ معاشي طور ڪمزور هُئڻ باوجود، هن جو علاج ڪرائڻ ۾ ڪا بہ ڪمي پيشي نہ ڇڏي، پيٽ تي پٽر ٻَڌي پنهنجي لخط جگر جو نہ رڳو علاج ڪيو پر پڙهائي لکائي ڪنهن منزل تي پُڄايو اڄ سندس لائق فرزند ارجمند رڻڇوڙ سنگهہ پنهنجي پيءُ جي ڏنل پيار جون ڳالهيون ڪندي، لُڙڪ لاڙي ويهي ٿو تہ اُن دردناڪ دؤر ۾ پيٽ تي پهاڻ ٻڌي هن جو علاج ڪرائڻ وقت سندس پيءُ ڪيڏين پيڙائن مان پار لنگهيو هو. اهو فقط رڻڇوڙ جو روح ئي سمجهي سگهي ٿو. اڄ نہ رڳو رڻڇوڙ هلڻ جي حساب سان

پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي، پر معاشي طور بہ انتهائي مضبوطيءَ سان پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي ان جو سجو ڪريڊٽ ناٿن سنگهہ سوڍي ڏانهن وڃي ٿو جنهن ماڻهن جي منع ڪرڻ جي باوجود پنهنجي دل تي هلي پنهنجي ٻچڙي جي زندگيءَ کي سُڌاريو. ماڻهو تہ چوندا هُئا ڇڏي ڏئي هن معذور تي اجايو خرچ پيو ڪرين هي ڪڏهن بہ صحيح نہ ٿيندو. پر سوڍي ناٿن سنگهہ صرف پنهنجي دل جو آواز اوڳنايو ۽ دُنيا کي ٻُڌڻ ڇڏي ڏنو.

ناٿن سنگهہ سوڍي جي وڃڻ جي ويل نہ هُئي، پر مالڪ جي مرضي اڳيان ٻيوس ٻندو ڇا ٿو ڪري سگهي، چوندا آهن تہ اڳيان پڻ چڱن جي ضرورت هوندي آهي، سو پرماتما بہ اهڙا چند چوڪا چوندي وٺندو آهي، ناٿن سنگهہ سوڍي کي اچانڪ فالج جو جهٽڪو آيو ۽ هڪ ٻئي پويان ٽئي جهٽڪا آيا، سندس لائق پُٽڙن علاج بہ جام ڪرايو پر پرماتما جي گَت پنهنجي آهي هن جي اڳيان هڪ بہ نہ هلي ۽ فالج سان چار سال جهيڙيندي نيٺ پنهنجا هڙئي رنگ هن دورنگي دنيا ۾ ڇڏي، پنجاهہ پنجونجاهہ سالن جي تمام نندي ڄمار ۾ 2 فيبروري 2010ع تي ويڙهار جو هي واڳ ڏٽي پرلوڪ پڌاري ويو.

# لکجي مهر

لکجي مهر جهڙا لاکيڻا ماڻهو ڪنهن خوشنصيب خطي جي ڀاڳ ۾ وڃن جي وڏاڻن وانگي نروار ٿيندا آهن. جن جا ولهارن جهڙا وجود وطن جي سُڄاڻپ بڻجي ويندا آهن .لکجي مهر جهپيئي جي شاندار سُڃاڻپ آهي. تمام مانيڻي سياءُ جو مالڪ هئڻ سان گڏ نيت جو صفا نيڪ ماڻهو آهي. سدائين ٻين جي ڀلي لاءِ سوچيندڙ هي سڀاجهڙو راجپوت پنهنجي راجپوت برادري جي ڀلي لاءِ ڏينهن رات سوچي ۽ لوچي ٿو. هن کان جيڪو وس آهر پُڄي ٿو هي هڙان توڙي وڙان راجپوتن لاءِ وک ڪٽي ٿو. هن جي حياتيءَ جو مقصد بس اهو ئي آهي تہ رڳو پاڻ لاءِ نہ جيئجي پر ٻين لاءِ بہ جيئجي. ٻين ڪاڻ جيئڻ واري فلسفي کي زندگيءَ جو زيور بڻائي سماج ۾ سونهندڙ لکجي مهر دوستيءَ ۾ تہ ڪنهن سان ليڪو ئي ناهي ڪندو. دوستن کي نہ رڳو سڱن ڀائرن وانگي ڀانئي ٿو پر ساھ بہ صدقو ڪري ٿو. راجپوتي روايتي ٻنڌاڻ امل ڪسونبي ۽ مڌيرا جي منوار سان هيت هئڻ ڪري اڪثر راجپوتي رهاڻن ۾ رتل ۽ محفلن ۾ متل هوندو آهي. معاشي طور وٽس مالڪ جو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي ان ڪري هر ڳُٽتي کان ڪوهين ڏُور ۽ سُک جي نير ساگر ۾ هنج وانگي تري ٿو. شايد درويشن جون دعائون سندس قدم قدم تي سات ڏين ٿيون, ڇاڪاڻ تہ هي هر درويش جو نہ رڳو احترام ڪري ٿو پر سيس نوائي سلام بہ ڪري ٿو. جهپيئي جي ماتاجي ۽ مائوجي جي ٿان کان وني ڪاروڙي جي سامي ۽ سعيد تائين هر درگاھ جي ياترا ڪرڻ سندس فرض ۾ شُمار ٿئي ٿو. خير خيرات ڪرڻ ۾ بہ سخي ۽ ڏاتار آهي. ڪنجوسي تہ ڪنهن وٽان سکيو ئي ناهي. ڏنکار آهي سندس ماتا پتا کي جن پنهنجي لعل جي اهڙي تربيت ڪئي اٿن جو جڳ کي وڻي ٿو. هي ماءُ واڪاڻيو پُٽ ناهي. پر جڳ واڪاڻيو جوان آهي جنهن جي وارتا وطن جي وڻن, ۽ ڏرتيءَ جي ڏٽن کي بہ ياد هوندي آهي.

سندس خطي ۾ سياسي اثر رسوخ بہ نيڪ ناڪ آهي. ان ڪري سياستدانن وٽ بہ سندس عزت ۽ نرالي سُڃاڻپ آهي. لکجي مهر جهڙا لعل ڳوليا بہ ناهن لڀندا .

لکجي مهر جو جنم مٺي تعلقي جي ڳوٺ جهپيو مهر جي معزز شخص شريمان هالوجي مهر جي گهر ۾ ڦهرين فيبروري 1964ع تي ٿيو. لکجي ننڍي هوندي ئي ذهين هوندو هو. هن ابتداعي تعليم مٺي مان حاصل ڪئي. انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ غربت سبب اڳتي تعليم پرائڻ کان محروم رهيو. ڪجهہ وقت بي روزگاريءَ جي ڪري مختلف هندن تي پرائيويٽ نوڪري ڪيائين. نيٺ مالڪ در سندس عرض اگهاڻو ۽ 20 جنوري 1985ع تي روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ پنج اسڪيل جي نوڪري ملي ويئي. شروع ۾ سروي ٽپيدار واري عهدي تي سنڌ جي مختلف تپن تي نوڪري ڪندي ڪندي قدم بہ قدم ترقي ڪندو رهيو. هن وقت ساڳي کاتي ۾ 16هين گريڊ تي آهي. انسپيڪٽر روينيو اينڊ سٽي سروي ڪراچي ڊويزن بورڊ آف روينيو ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هيڏي وڏي عهدي تي هوندي بہ هن وٽ نياز، نوڙت ۽ عجز اڄ بہ هٺيڪو آهي. وڏائي ڪرڻ مان سمجهي ئي ڪونہ. ننڍي سان ننڍو ۽ وڏي سان وڏو ٿي هلڻ بہ هن مهان ماڻهوءَ جو وڏو گُڻ آهي .

لکجي مهر 30 ڊسمبر 1997ع تي ڳوٺ لونڊيار جي معزز شخص شريمان ڊانڊل پمر سنگهہ پوپي جي گهران شادي ڪئي. پمر سنگهہ پوپو ڊانڊل ڪميونٽيءَ جو ٽيلات آهي. لکجي مهر جي شاديءَ وارو شاندار ڪاڄُ اڄُ بہ هر ٿرواسيءَ کي ياد آهي. جهڙا طعام هئا تهڙي ئي ماڻهن جي شيوا ڪئي ويئي هُئي .لکجي کي اولاد ۾ ٻہ پُٽ ۽ پنج نياڻيون آهن. وڏو پُٽ انٽين درجي ۾ ۽ ننڍو پُٽ چوٿين درجي ۾ المهراڻ هائير سيڪنڊري اسڪول مٺي ۾ زير تعليم آهن. سندس نياڻيون بہ تعليم پرائي رهيون آهن .

لکجي سان ڪچهري ڪندي ماڻهوءَ جا ٽڪ ئي لهيو وڃن. سندس شاندار سوچن تي ماڻهو سوچڻ تي مجبور ٿيو وڃي. هي هر وقت ان ڳڻتيءَ ۾ نظر ايندو آهي تہ اسان جا راجپوت پنهنجي اصولن تان چو ٿا ٿڙن؟ راجپوتن

جي زبان تي ماڻهو خون معاف ڪندا هُئا اهي راجپوت اڄُ مڱڻي ڪري ڦريو وڃن. ان ڪان مٿي ڪهڙي ڏُک جي ڳالهہ هوندي. لکجي جي اڪثر اها شڪايت رهندي آهي تہ اسان جي راجپوت سماج اندر نئيں وڏائيءَ وارو نابين نظريو جيستائين ختم نہ ٿيندو، سگهاوتي مسئلا حل نہ ٿيندا ۽ تعليم عام نہ ٿيندي تيستائين اسين ترقي نہ ڪري سگهنداسين. ان ڪري اسان جي نوجوان نسل کي اهو گهرجي تہ نہ رڳو تعليم تي توجهہ ڏين پر نئيں وڏائيءَ واري پليت پروپيگنڊا خلاف بہ ڀرپور جهاد ڪن. لکجي جي هن شاندار سوچ تي گهڻ ۾ گهڻ آئون تہ ڪيس سلام پيش ڪيان ٿو.

# ممتاز نھڙيو

هُو جنهن کي ٿر جو بيباڪ ۽ نامور صحافي چئجي تہ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ هن صحافت لئي مان لٽ پنجي ناهي سکي ۽ نہ ئي وري بليڪ ميلنگ واري بارگيننگ ذريعي مال ميڙڻ لاءِ انهي ڪرت ۾ ڪاهي پيو. هُو تہ بس انهن مسڪينن جا آواز ايوانن تائين پهچائڻ لاءِ انهي پُر پيچ مارگ جو مسافر بڻيو جيڪي مٺيءَ جي ”نام ڪنين“ صحافين جي نظر کان پري هيا. جن کي مٺيءَ جي هڪ هٽي ميڊيا ” لانڊ “ چئي نظر انداز ڪندي آهي. هي انهن گگرال جي واپاري صحافين کان الاهي مختلف آهي. ان هيٺن جي همدرد صحافي جو جنم مهراڻي جي مٺيءَ ۾ تڏهن ٿيو هو جڏهن ٿر ۾”وارڙيا مٽر “ لوڪ ڏُنن وانگي دڙن تي وڄندا هئا. جن جا الولڪ آواز ٻڌي ڏراڙن جون دليون ائين خوش ٿينديون هيون. جئين وڄڙين جا اُهاءَ ڏسي ننگر جا هرڻ خوش ٿيندا آهن. تڏهن ٿر ڇڪڙي جي لوڏن، آکي پائي جي کوڏن، پاٽياريءَ جي چيلهہ تي گهڙن، ويڪرن پڙن، ٻاجهر جي روٽي، لڪ لڪوٽي، عاج جي اڇن چُوڙن، ٻانڌاڻن جي ٻُڙن، اڪ جي پُڙن، اُنن جي جُهلن، روهيڙي جي گلن، سانيڪن کوهن ۽ پوجن ٻُوهن واري ديس طور مشهور هو. ماءُ جي هنج ۾ ايندڙ منڙي ننڍ جهڙي اُن محبوبي وقت ۾ مٺيءَ کان ڏور ڳوٺ ٻانيڻڪي جي نامدار نهڙيي خان محمد جي گهر ۾، اماس جهڙي تاريڪي رات ۾ آڌي ويلي هڪ چوڏس جهڙو چنڊ اڀو هو جنهن کي سَموري سنڌ ممتاز نهڙيو جي نالي سان سڏي ۽ سُڃاڻي ٿي. جنهن کي اڄ هر مڪتب فڪر جو ماڻهو هڪ ايماندار صحافي طور سُڃاڻي ٿو. هُو جنهن جي هٿ ۾ حرڪت ڪندڙ قلم سچ لکڻ کان ڪڏهن بہ ناهي ڪيٻايو. هن جي صحافتي انٽري ۾ مٺيءَ جي گهڻن ”معتبر“ صحافين جي ڪنڌ مان ڪلي نڪري ويئي. نہ رڳو ايترو پر ٻين نوجوانن کي پڻ صحافتي ميدان ۾ سويڪار ڪرائڻ ۾ هن وسان ناهي گهٽايو. جنهن جو مثال ڏيپلي کان وٺي

ڏاهليءَ ۾ منيءَ ڪان وٺي مالسريي تائين جا اهي محنتي صحافي آهن، جن کي ٺر جي ميڊيا هاڪر طور بہ تسليم نہ ٿي ڪيا. پر اڄ اهي صحافتي آکاڙي ۾ سيني ڪان ملهہ ماري بيٺا آهن. ان جو سهرو ممتاز نهڙيي جي سِر ڏانهن وڃي ٿو. جنهن ڪنهن گيڙو ويس گُرو جيان گيان ۾ پنهنجن ڇهيتن چيلن کي صحافت جا سيئي گُر اهڙا سيکاريا آهن، جو ڪاميابي انهن جا قدم چمڻ لاءِ مجبور آهي، خالد عُمراڻي، ناشاد سمون، ساجد بجير، غازي بجير، سليم ڪوسو ۽ ٻيا ڪوڙ اهڙا نوجوان آهن، جن کي سُڌارڻ ۾ ممتاز نهڙيو جو وڏو ڪردار آهي. ان ڪري هن کي هرڪو اڄ استاد چوي ٿو. ٺر جي گيٽ وي نئون ڪوٽ جي نگر مان تعليم توڙي صحافت جو سفر شروع ڪندڙ هن محنتي ماڻهو مادر علمي سنڌ مان 97 _ 1996ع ۾ فلاسافي ۾ داخلا ورتي، فلسفي جهڙو پيچيده مضمون پڙهندي بہ صحافتي دنيا تان دستبرداري نہ ڪئي. الک، دعا ۽ عبرت جو سب ايڊيٽر ٿي رهيو.

ممتاز نهڙيو صحافتي دنيا ۾ تڏهن پير پاتو جڏهن ”الک“ جو عروج هو. جڏهن نئونڪوٽ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ صبح جي ماڪ سان گڏ ”پاڪ“ پهچندي هئي. ان پاڪ جي وڏن پنن تي هن بيباڪ ٿي خبرن جا ڪُڙڪيٻتا ڪيڙي، ٺر جي پُٽ تي پيل انهن علائقن جا درد ايوانن تائين پهچايا، جيڪي صفا ويرانيءَ جي ور چڙهيل هُئا. جڏهن رڻن ۾ ريڊيا وڄندا هئا، جڏهن خبرن جو وڏو وسيلو صرف لڪڙ تار هوندي هئي، درويش جي دردن جهڙي ان دور ۾ هن نئون ڪوٽ مان نہ رڳو صحافت جو سڄ اُڀاريو پر ٻڙ جي ڍوري ڪان وٺي ڪارونجهر تائين ڪئي چنڊ پڻ چمڪايا، جن جي چانڊوڪي ٺر جي مستقبل کي منور ڪرڻ ۾ رات ڏينهن رُڌل آهي، نُور تي سدائين چشم چاڙهي هلندڙ سانوري رنگ وارو جسم ۾ پورو پنو ۽ هر وقت خبرن جي خفت ۾ رُڌل، هي صحتمند صحافي هر اُڀرندڙ سِج جو سلامي آهي، 2001ع ۾ عبرت جو خصوصي رپورٽر ٿي رهيو. 2003ع ۾ خبرون آئي تہ ان جو ضلعي رپورٽر ٿيو ۽ خبرون کي اوج تي پڄايو. 2007ع ۾ سنڌ ٽي وي چينل کليو تہ اُن جو ضلعي رپورٽر ٿيو ۽ پوءِ ميرپورخاص جو بيورو چيف رهيو. حيدرآباد لئہ آوز ٽي وي جو بيورو چيف ٿي رهيو. حيدرآباد جي تڏڙين هوائن

جي شهر جا سُمورا سُک تياڳي ڏيهہ واسين جي ڏکن ۾ ڏولاون سان لاٺون لهڻ لئہ هي وري بہ واري جي ڍڙن جو مسافر بڻيو. فاروق سومري جڏهن ”سنڌ ايڪسپريس“ کي سنڌ جي واهڻ، وستين ۾ هلائيندي دڙن جي ديس ڏانهن لاٿو، تڏهن اُن کي ممتاز نهڙيي جهڙو آڙيڪاپ صحافي مليو، ويو جنهن صحافتي پليٽ فارم تان بيهي بابُو وانگي پري سيٽي وڄائي ۽ سنڌ ايڪسپريس تيز گام جيان تيز پڄندي چند ڏينهن ۾ چوٽيي تائين پڄي وئي. اڄ ٿر ۾ سنڌ ايڪسپريس ٽاپ تي آهي، ان جو سمورو ڪريڊٽ ممتاز ڏانهن وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ ممتاز وڏي ڪوشش سان ان ڪاميابي تي پهچايو آهي. پر وري بہ هڪ نئين اخبار آئي تہ ممتاز سنڌ ايڪسپريس سان سموريون وفاداريون پنهنجي پُراڻي بريف ڪيس ۾ بند ڪري نئين سان نينهن نيائڻ لڳو. جي ها هُو هن وقت علي قاضيءَ جي اخبار ”روزاني پنهنجي“ سان پنهنجاپ ڏيکارڻ ۾ پُورو آهي .ممتاز جون صحافتي سوچون گهڻن جي سمجهہ کان مٿي آهن. حيرانگي جي حد تڏهن رهي ٿي، جڏهن هي جنهن بہ اداري کي جوائن ڪري ٿو تہ ان کي صحرا ۾ چندن بڻائي ڇڏي ٿو. چوڻ جو مطلب تہ هي لوهہ کي سون ۾ تبديل ڪرڻ وارا گڻ ڄاڻي ٿو. اهي گڻ گهڻن صحافين جي خواهش رهجيو وڃن. پنهنجي ادارت هيٺ هفتيوار ” ٿر آواز “ اخبار ڪڍي، ٿر ۾ ٿرٽلا مچائيندڙ ممتاز سان منهنجي پهرين ملاقات ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جي بلڊنگ ۾ تڏهن ٿي هئي، جڏهن اسٽيشن ڊائريڪٽر علي نواز خاصخيلي هو. 4 نومبر 2006ع وارو اهو ڏينهن مون کي اڄ بہ ياد آهي، ان ڏينهن آئون ريڊيو مٺيءَ تي بطور ميزبان آڊيشن ڏيڻ ويو هئس. اتي ممتاز موجود هو جنهن منهنجي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي، اسين هڪٻئي لاءِ اجنبي هئاسين، پر پوءِ بہ هن منهنجي ڀرپور مدد ڪئي. هڪ راجپوت هئڻ جي ناتي، ڇاڪاڻ تہ هو راجپوتن سان وڏي محبت ڪري ٿو شايد ان ڪري جو هن جو تعلق پڻ سماٽ ذات سان آهي.

مهراڻي جي هن ماروت مون تي ٿر جيڏو ٿورو تڏهن ڪيو هو جڏهن مٺي شهر مون لئہ انتهائي اوپرو هو. جڏهن آئون ادب جي پهرين وک کڻڻ خاطر پنهنجي حال جي حقيقت ست راڄي ۾ سڏائڻ لئہ ادب جي صحرا ۾

پٽڪيس پئي .جڏهن منهي جي وڏن اديبن مون کي ڪتاب جو مهاڳ اهو چئي لکي نہ ٿي ڏنو تہ، تون اديب جي الف کان بہ واقف ناهين، شابس تہ پوءِ بہ نور احمد جنجهي کي هجي، جنهن منهنجي لڄ ۾ ڦڪ رکندي بہ اکر لکي ڏنا. تڏهن هن محبوب ماٺهو مون کي ايوب کوسي کان با منعيٰ مهاڳ لکرائي ڏنو ۽ ايوب کوسي اُن مهاڳ ۾ جيڪا منهنجي حوصلا افزائي ڪئي اها ئي مون کي هن منزل تي وٺي آئي. ايوب کوسي کي مهاڳ لئہ فون ڪندي چيائين تہ،" يار تون ۽ امر رائسنگهہ لفظن جي لفاظي ڪيو ٿا. آئون جُملن جي لفاظي ڪرڻ ڄاڻان ٿو پر "بريڪنگ نيوز" واري پيڙ ۾ وقت وٺي ئي نٿو ڏئي جو بہ اکر لکي سگهون. ان ڪري اهو بار توتي رکان ٿو." ممتاز جي چيل اها ڳالهہ مون کي ان وقت "ٺلهي ٺڪرائي" وانگي محظ هڪ هام لڳي، پر جڏهن مون سانوڻ ٽيج تي ريڊيي منيءَ تان هن کي پارس پروگرام ۾ ٻڌو تڏهن دنگ رهجي ويس. ٽاريلي زندگيءَ ۽ سانوڻ ٽيج جي سُندرتا تي واهہ جو اسڪرپٽ لکيل هو. ان ڏينهن خبر پئي تہ ممتاز سچ چيو هو تہ، جملن جي لفاظي ڪندڙ ليکڪ آهي. يارن جو يار، دشمن لاءِ تلوار ۽ مسڪين ٽاريلن لاءِ بهار جهڙو بانورو ممتاز نهڙيو نہ رڳو صحافيءَ ۽ ليکڪ آهي، پر شاعريءَ سان پيار ڪندڙ منڙي آواز جو مالڪ ميزبان پڻ آهي. سندن دل وانگي دسترخوان بہ ڪشادي جو مالڪ آهي، مجموعي طور تي چئجي تہ ممتاز مُڪمل ماٺهو آهي. هڪ اهڙو ماٺهو جنهن ۾ ماٺهپو ائين جَهلڪي ٿو، جئين ڪنهن سهاڳڻ جي سينڌ ۾ سندُور جرڪندو آهي. ممتاز جي لئہ دلي دعا آهي تہ شل حق ۽ سچ جي واٽ تي هلندي سدائين ٿر جي خدمت ڪندو رهي ۽ ڪاميابي سندس پير چميندي رهي!...

# مُشتاق جنجهي

هُو جيڪو ڪنهن وقت ۾ ساگر مشتاق جنجهي واري نالي سان سُڃاتو ويندو هو. جنهن جي ڪچي ڦڪي شاعريءَ کي پڙهڻ سان ماڻهوءَ کي پڪ ٿيندي هُئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هي ڪوزي مان سمنڊ ضرور ٿيندو. چاڪاڻ تہ هن جي ڪويتا ۾ هڪڙو وجد هو ۽ هن جي وجود ۾ هڪڙي قلندري ڪيفيت سان گڏ شاعريءَ سان سسئي جهڙو سچو عشق سمايل هو. شروع شروع ۾ مضمون، چوُسٽا، غزل ۽ پوءِ ڊگها ڊگها نظم لکڻ تائين واري هن طويل عرصي ۾ ساگر مُشتاق مان صرف مُشتاق جنجهي رهجي ويو. اُهو مشتاق جنجهي جيڪو هاڻي ايترو ”منو“ ناهي رهيو. اُهو صالح جنجهي وارو مشتاق هاڻي الئہ ڪٿي رهي ٿو. جنهن جي هٿ ۾ نادرا جا فائل، اکين تي عينڪ، منهن تي هلڪي مُرڪ، نيڻن ۾ نمرتا، ملڻ ۾ عاجزيءَ جا انيڪ رنگ ۽ زبان تي پرينءَ جي چپن جهڙي چاشنيدار ڪويتا هر وقت هٿيڪي هوندي هُئي. عينڪ جي هينيان مچين وانگي لُڇندڙ هن جي اکين ۾ مون ڪيئي پيرا جهانڪي ڏٺو آهي، جتي درد جا ديو قامت ڏونگر ڏيک ڏين ٿا. هُن جي جيءَ کي الئہ تہ ڪيترن دردن جنجهوڙيو آهي. هُن نہ رڳو نادرا جون ناانصافيون پوڳيون آهن، پر بيلچو کڻي پيٽ لئہ پگهر بہ وهايو آهي. هُو هڪ پورهيت شاعر آهي، هُو مون وانگي مڊل ڪلاس جو ماڻهو آهي. هُن کي ڪارپوريٽ ڪلچر کان ائين نفرت آهي، جيئن ريباري کي ٻڍي کان. هُن کي ڪٽيرا ئي خوب وڻن ٿا. هُو مسڪين ماروئڙن سان ائين مُحبت ڪري ٿو جيئن ماکي ٻور سان ۽ انڌو نُور سان ڪندو آهي.

اَڪ جي ڪاني جهڙي هانيءَ جو مالڪ هي نوجوان ڇوڪرو نُور تي چشم چاڙهي جڏهن منيءَ جي وچ بازار ۾ موجود معصوم سُوندرائي جي مانڊڻيءَ تي ويهي شاعريءَ تي وڏا وڏا بحث ڪندو آهي تڏهن نہ رڳو مون کي وڻندو آهي، پر معصوم سوندرائي کان وٺي منسُک سُوتهڙ تائين مڙني موهي

ماڻهن کي موهي وجهندو آهي. موهي تہ تڏهن بہ وجهندو آهي جڏهن پنهنجو ڪو نڪور نظم سندس آواز ۾ ڀرپور رڌمڪ انداز سان پڙهي ٻڌائيندو آهي. سُر ۽ تال ملائي جڏهن بہ ڪا ڳالهہ ڪندو آهي تڏهن شاعريءَ تي وشواس ٿي ويندو آهي. هر پل هُن جي هانوَ تي هُرندڙ هن جي منچلي محبوبہ صرف شاعري آهي. شاعري هُن سان سرچيل هوندي آهي، تہ هُو ٻُڪ ۾ بہ بادشاھ هوندو آهي. شاعري هن سان ٻيلهہ هوندي آهي تہ، هُن جي اکين ۾ ڪوڙ جو ڪجل اوتيل هوندو آهي. هُن ڪان شاعري رُسي ويندي آهي تہ، هُو اناٿ ٻار وانگي اُباڙڪو ٿي ويندو آهي. هُو شاعريءَ جي وڇوڙي جي غم ۾ ايڏو اُداس ٿي ويندو آهي جو پيٽڻ ۾ جيئڻ جا جتن ڪندو آهي. هن جي وجود جي وڻ کي جڏهن بہ ڪو وِڪو ورائيندو آهي تہ، هُو بہ مون وانگي ٿيليءَ جي ڪُنڊ توڙي غم دور ڪندو آهي .هُو شاعريءَ کي ٻارن وانگي وندرائي ٿو. هُو نہ ٿو چاهي تہ، شاعري هُن ڪان رُسي وڃي. هُو پيدا ئي ان لاءِ ٿيو آهي تہ، هن کي شاعري ڪرڻي آهي بس شاعري...اهڙي شاعري جنهن کي ٻُڌي اُجايل جهرڪين کي ننڊ اچيو وڃي. اهڙي شاعري جنهن کي پڙهي ڪن پل لاءِ ٻُڪايل ٻارڙا ٿهڪ ڏيئي اُداس مائرن جي آنچلن سان اشڪ اُگهين. اهڙي شاعري جنهن جي سِٽ سِٽ ۾ سهاڳڻين جي سونهن بہ پسجي تہ ڏُهاڳڻين جا ڏُک بہ ڏسي سگهجن. اهڙي شاعري جنهن جي ساحريءَ ۾ بي ذوق بہ بند ٿيو وڃن. اهڙي شاعري جنهن کي پڙهي فراق جي ڦٽيل اکين جون پنبڻيون پُسيو وڃن. هُن اهڙي شاعري ڪري بہ ڏيکاري آهي. هُن غزل وارا گُر سکيا آهن تہ، نظم سان بہ نڀايو آهي .

مشتاق جو جنم 20 جنوري 1993ع تي ڳوٺ صالح جنجهي لڳ اسلامڪوٽ ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم مئٽرڪ تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ان ڪانپوءِ انٽر شاھ عبدلطيف ڪاليج اسلامڪوٽ ۽ گريجوئيٽ صادق فقير ڊگري ڪاليج مٺي مان ڪيو.

مُشتاق کي ننڍپڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ سان جنون جي حد تائين چاھ هوندو هو. مشتاق جي ڳوٺ ۾ ڪو خاص علمي يا ادبي ماحول بہ ڪونہ هيو.

پر تنهن هوندي بہ هن جو ادب سان سلهاڙيو رهڻ هن لاءِ انتهائي مشڪل ضرور هو پر هر مشڪلات کي مُنهن ڏيندي هو پنهنجي شاعراڻي سفر کي ڳنڍيو آيو ۽ ايئن ئي شاعريءَ سان عشق جي تسلسل کي جوڙي رکڻ ۾ اڄ تائين ڪامياب ويو آهي. هن باقاعده طور لکڻ جي شروعات 2013ع کان ڪئي، ۽ سنڌ جي مختلف رسالن، مئگزينن ۽ اخبارن ۾ لکندو رهيو پر هن جي شاعري تڏهن پروان چڙهي جڏهن منيءَ ۾ هن کي معصوم جهڙو دوست مليو. معصوم ۽ مشتاق مون کي ٻن پکين جي جوڙي لڳندي آهي. هُو بہ اهڙا ديوتائي وڻ آهن جن جي ڇانوَ ڪن خوشنصيبن جي پلئہ پوندي آهي. هُو شاعريءَ جا جاڙا سنڌُو آهن. جيڪي سنڌُ جي ساهتيہ کيتر واري صحرا ۾ تارو تار وهي رهيا آهن. هُو بہ ڪويتا جا جل ٿل ڪڪر آهن جيڪي منيءَ جي گدي تان بيهي سموري سنڌُ تي لفظن جي ورڪا ڪري رهيا آهن.

# ساگر خاصخيلي

هُو جيڪو تلاءَ کي تِڪ ۾ پيئڻ جي آس رکندڙ ڪنهن اُڃاري هرڻ جي اک مان ڪريل اُهو اداس ڳوڙهو آهي، جنهن کي سانگها پنهنجي وشال اکين ۾ ڪجل ڪري پاتو آهي .هُو جيڪو سارنگا جي ديس جو اُهو سڏيونت آهي، جنهن جي للاٽ تي ڏات ديوي پنهنجن ڏياوان هٿن سان ”ڪوي“ جو شبد لکي هن سنسار ۾ سُرخرو ڪيو آهي. هُو جيڪو سانجهہ جو وانجهہ تان اُڏامندڙ آڙين جي اَڇن پرن جهڙو اندر جو اُجرو اهڙو ڪلاڪار آهي، جنهن جي ڪويتا جي سحر ۾ ڪيئي ادبي جادوگر جڪڙجي وڃن ٿا .هُو جيڪو چام خان وانديئي جو اُهو چام تماچي آهي، جنهن وٽ ڏات جي نُوري نظمن جا نُورا پائي نرت ڪري ٿي. هُو جيڪو ڪاري ڏيري جي اوٽ مان اُڏامندڙهر ڪبوتر جي اُڏار پَسي وڏو قرار ماڻيندو آهي! محبوب جي مُرڪ جهڙي اُن ماڻهوءَ جو ادبي اسم گرامي آهي ”ساگر خاصخيلي“ سندس ماڻينگر ماتا جنني چٽيءَ ۾ نالو الهنواز رکيو هو. سندس ڳوٺ وارا اڄ بہ انهيءَ نالي سان پُڪاريندا آهن .پيشي جي لحاظ سان هُو پرائمري ماستر آهي. پرائمري ماستر جو اسان جي سماج ۾ وڏو ڪردار آهي، پر قدر وڙلي آهي! ان بي قدريءَ جا ذميوار بہ خود ماستر ئي آهي، پر هي انهن منجهان نہ ناهي، جيڪي حرام جي پگهار حلال ڪرڻ خاطر بيروزگار نوجوانن کي ڊيلي ويجز تي رکي معصوم ٻارن جي مستقبل سان وڏو مزاق ڪندا آهن، پر هي چند اُنهن معتبر ماسترن مان هڪ آهي، جن کي اڄ بہ اسان جو معاشرو مان ۽ شان ڏيندي ”اُستاد“ چوي ٿو.هو بہ هڪ محنت ڪش اُستاد آهي .جيڪو ٻارن کي پڙهائڻ وقت شاعر نہ پر گُرو جي حثيت رکندو آهي. هُو هڪ سُنو استاد بہ آهي. هوُ جنهن جي وشال هردي جي هري دُئار ۾ سرسوتي ماتا مڪمل سُر تال ۾ ديا جا ديپ جلائي هر وقت آشيرواد جا اڇا گُل اربي رهي آهي. هُو جيڪو سانگها ڊنڊ جو پاڙيسري بہ آهي تہ ان جي هر چوليءَ جي چاڪ جو سفير بہ آهي .هُن جو ۽ سانگها جو

آد جگاد کان ناتو ائين جڙيل آهي، جئين روح ۽ جسم جو سانگها جي چولين کي جڏهن ڇاٻ اچي ويندي آهي، تڏهن هن جي نيڻن مان نير وهي هلندو آهي، ۽ جڏهن سانگها اوتي ٻوڙ پاڻيءَ سان ڪُتي جي اک واري ڏک ڏيندي آهي، تڏهن هو ٻاٻيهن وانگي ٻهڪي پوندو آهي. هُن جي سِٽيءَ جي سفيد گُلن جهڙي شاعريءَ ۾ پارڪري پٽن جي مهڪ مارو پٽر وانگي سٽ سٽ ۾ سمايل آهي. هن جي سادڙي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي سڪ جو سواد ڪجهہ سوايو ئي آهي. ان جو وڏو ۽ اهم سبب مٽيءَ سان محبت ۽ لوڪ ڏاهپ سان لاڳاپو آهي. هن جي شاعريءَ جو محور وچوڙو ۽ وطن آهي. هن ڪنهن بہ وديسي وينگس تي نظم ناهي لکيو. نہ ڪنهن ديپڪا پڌاڪون تي ڪو دوُهو لکيو آهي ۽ نہ ئي وري ڪيٽ ونسليٽ تي ڪو قطعو لکيو آهي. هن تہ لکيو آهي پن گهٽ تي پاڻي پريندڙ پدمڻين جي پڳ پڳ جَهبُوڪندڙ پولرين جي ڇَم ڇمَ تي، هن لکيو آهي.

اڳي پيو سج سانگها تان
پٽن کان باک پئي وچڙي
ويڙهي پئي هند ڪا وينگس
رليءَ ۾ رات پئي مهڪي.

هو جيڪو رومانٽيڪ شاعر آهي. ان لئہ رليءَ ۾ رات مهڪائڻ، تارن کي ترسائڻ ۽ سانگها تان سونهن جا سورنهن سج اُپارڻ ڪو بہ ڏُکيو ڪم ناهي. هن جي شاعريءَ ۾ رومانس جا ڪيئي رنگ آهن، جن کي پڙهندي ماڻهوءَ جي اکين ۾ اندلتي عڪس اپريو اچن. هن جي شاعري اُگهاڙپ کان پويتر آهي، هن لکيوآهي.

وڃي پئي ڇير پُورب کان
سڙڪ تان گهر پئي گذري
نديءَ جي سينڌ تان نينگر
صبح جي پهر پئي گُذري

ڇا تہ شعر آهي! اهڙو شعر جنهن کي پڙهي ماڻهوءَ جا ٽڪ لهيو وڃن، اندر ۾ عشق آرس موڙي اُٿي پئي. ديسي مِديرا جهڙا ڏيما ڏيما سُرور ڏيندڙ هي شعر پڙهڻ کان پوءِ پڪ ٿئي ٿي تہ ساگر ٿائيليند جي پٽايا بيچ تي ڪنهن ٻوڏي ڪنيا جي ڪرائي ۾ هٿ وجهي بيئر جا ڍُڪ پريندي هي شاعري ناهي سرجي، پر هُن تہ گج پڙن ۾ تجلا ڏيندڙِ سادڙي سونهن جي جي اکين جا جام پيئندي هر سانجهہ ويلي سانگها جي ڪپ تي ويهي، ڳتي جي ڪاڙهن ۾ فراق جي ڦٽن تي لکيو آهي. هن تہ رڻ ڪيت ۾ رتو چاڻ ٿيل پاري ننگر جي پٽن تي لکيو آهي. هن لوياٽي گڊ ۾ وهيل لوهي جي ڦُڙي ڦُڙي تي لکيو آهي. هن پالوا جي پاڳوند ڪنيا ديس پڳترڻ مارئي جي سڪ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايو آهي. هن جتي سنڌ جي رومانٽيڪ سوڍي ڪيسو پاءَ جو قدر ڪيو آهي، اتي ويراواهہ جي انتم واڳ ڏٽي اپيسنگهہ جي امل کي بہ ڪڏهن وساريو ناهي . هن وطن جي هر هاڃي تي دل کولي لکيو آهي. هن سانگها جي ساحل تي بي ڏوهہ شهيد ٿيل گهوٽ جي وڏوا ونيءَ جي هر ورلاپ کي آلاپ اربيو آهي، تہ راجپوتن جي اڏنگي رويي تي ڏياريءَ جي ڏينهن جلاوطن ٿي ويل جيني اوسواڙن جي اکين ۾ رهجي ويل وطن جي اجهن تي بہ لکيو آهي. هن جي شاعري تہ هُئين مور پنک جهڙي موهيندڙ آهي، پر نثر جي ڳالهہ ئي نرالي آهي. راجستاني رقص جهڙو روُح پرور نثر لکندڙ ساگر خاصخيلي پرفيڪٽ ڏات ڏٽي آهي.

مالسرئي جي مور ناشاد سَمي، تڙ همير جي تونگر شُهاب نهڙئي ۽ ڇيلهار جي چنڊُ پارو مل امراڻيءَ جي چوپاريءَ ۾ چلولائيندڙ ساگر خاصخيلي نهايت ئي سادي طبيعت جو مالڪ آهي. اجائي ٺاهہ ٺُوهہ ۽ ٺلي ٺَڪرائيءَ کان تمام پري پڄندڙ هن محبوب ماڻهوءَ جو مزاج ميهي کير جهڙو منو آهي! چانهہ جي چُسڪي مٿان ڪيپسٽن سگريٽ جو ڪش هن لاءِ ڪنهن عياشيءَ کان گهٽ قطعي ناهي.

ويراهہ واهہ جي مائي جهڙا منا ٻول ٻوليندڙ هن ٿر ٻاٻهيي جي نس نس ۾ طنز مزاح ڇهين حس وانگي سمايل آهي. هوُ ڪچهرين ۾ روايتي اديبن

وانگي توري تَڪي ريڊي ميڊ جُملا ناهي ڳالهائيندو ۽ نہ ئي وري ڪن هٽ نوڪين دانشورن وانگي عالمي مفُڪرن جا ٽنگون پڳل ٽوٽڪا استعمال ڪري ڪنهن تي مطالعي جو رعب ڄمائڻ جي اجائي ڪوشش ڪندو. هُو جهڙو اندر آهي، تهڙو ٻاهر آهي. صفا ڪورو ڪانچ آهي. هُو گهڻن کان منفرد مزاج جو مالڪ آهي. هُو حقيقت تي مُبني ڪچهريءَ ۾ بي ترتيب ڳالهيون ڪندي وڏا وڏا ٽهڪ بہ ڏيندو آهي، تہ ڪٿي ڪٿي حسبِ ضرورت ڪچي گدريءَ جي ڦار جهڙي گار بہ نوڪي چڙيندو آهي.

هُو ساجن خاصخيلي جي ڪل جو ڏيئو آهي. اهڙو ڏيئو جنهن نہ رڳو پنهنجي ڪويتا جي ڪرڻن سان ڏسائون رڱيون آهن، پر مهمان نوازيءَ سان بہ سندس ڪُل جو مان مٿانهون ڪيو آهي. هُو هڪ درياءَ دل ماڻهو آهي، جنهن وٽ مهمان لاءِ نج نبار ديسي گيهہ جهڙو پيار هر وقت موجود آهي. اهو سندس وڏڙن جو آشيرواد آهي .پت کان سواءِ ڇٽ بہ ڪونہ ٽيندا آهن. سندس اوطاق جي احاطي ۾ موجود ڇاٽلي ڄار جو تار تار ست پيڙهين جي شاهدي ڏيندو، تہ هن جا وڏا ڪيترا مهمان نواز ٿي گذريا آهن. سو مهمان نوازي هن جي رت ۾ شامل آهي، ۽ هو ڪڏهن بہ رت رائيگان وڃڻ نہ ڏيندو.

گهڻا ڏينهن اڳ جي ڳالهہ آهي، هڪڙي پيري سائين ساگر جي طبيعت خراب ٿي پيئي هُئي ۽ مٺيءَ جي مشهور ميڊيڪل سينٽر لڪشميءَ ۾ داخل هو. مون کي مٺيءَ جي مايا ناز ادبي مهمان نواز جڳو نائي ٻُڌايو ۽ اسين ٻئي گڏجي سندس عيادت ڪرڻ لاءِ وياسين. بيمار هوندي بہ صفا نوبني نوجوان وانگي صحتمند ٽهڪ ڏيئي ڀاڪر پائي مليو. ۽ چيائين تہ پاڻ شاعر ائين ئي ٻين جي سُورن تي سوچي سوچي آخرڪار رت جي داٻ ۽ مناڻ جي بيماريءَ ۾ مري ويندا سين. اُن مهل اکيون پرجي آيون هيون. سو پيارا ساگر اڄ هن ادبي ڪاڄ ۾ توکي رنگ منچ تي براجمان ڏسي نيڻن جا سجدا ڪري چوان ٿو تہ اي اسان جي وطن جا محبوب ڪوي! اسان جهڙا مري وڃن تہ بہ خير آهي، هڪڙو بيروزگار مائٽن لاءِ مٿي جو سُور ٻيو بي سمجهہ سمجهو هُئين ڌرتيءَ تي بُوجهہ. پر يار تو جهڙا ذات ڏٽي تہ هن ڏيهہ لاءِ ڏونگر تي ڏيئي

مثال آهن. تن جي وطن کي وڏي ضرورت آهي. تون هن دنيا جي ڪينجهر ۾ تازي ٽڙيل ڪنول جي گُل سمان آهين. تون پارڪر جي سُرنگي سرزمين جي ڦلواڙي ۾ مروي جي گُل مثل آهين. توکي سنڌ وطن جي سينڌ سنوارڻي آهي. توکي اجان پارڪر جي پدمڻين جي گلاب سمان گيسوئن تي بہ لڪڻو آهي، تہ رجاڙين جي ڪنوارين جي ٻانهن ۾ لڏندڙ ٻاجُو ٻندن جي هر لوڏ تي لڪڻو آهي. توکي ڪارونجهر جا ڪاڪُل سنوارڻا آهن. توکي ٻڙ تلاءَ ڪان وني ٻوڏيسر تائين جي سموري ڀُوميءَ جي هر ڀڏارث تي مور نٽ جهڙا نظم لکڻا آهن. ان ڪري پيارا شُپ شُپ ٻول... ۽ لکندو رهہ..سنڌ جي تاريخ صدين تائين تنهنجا سُجس ڳائيندي رهندي. ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿجانءَ ...

تنهنجي ذات جو قدر ڪرڻ لاءِ اجان بہ لطيف ادبي فورم جهڙا پليٽ فارم سنڌ ۾ موجود آهن. اجا فقير مُقيم ڪنڀر جهڙي درويش دل انسان جا اُهي سپوٽ فرزند تو سان گڏ آهن، جن نہ رڳو توکي ڄام خان وانڊيئي مان جهلي منيءَ جي ادبي منڊپ ۾ ويهاريو پر دلي داد ڏيندي بهترين شاعريءَ جو ايوارڊ بہ ڏنو. آئون سلام ڪيان ٿو انهن کي جن سنڌي ادب کي هھڙو هيرو هٿ ڪري ڏنو!

# اشوڪ ڪُمار خاموش

هُو جنهن جو اسم گرامي تہ غمن کان الاهي پري آهي، پر هي خود تہ غمن جي مٿيءَ مان ئي گهڙيل لڳي ٿو تڏهن تہ هن جي تبسم ۾ بہ لڙڪ لڇن ٿا، هُو جيڪو بظاهر تہ خاموش لڳي ٿو پر هن جي اندر جي سمندر ۾ هر وقت ”برمودا ٽرائينگل“ واري هلچل متل آهي، جيڪا هن کي ڪٿي بہ ٽانيڪو ٽي سُک سان ويهڻ نہ ٿي ڏئي ۽ هُو هر ويل پڙهي ۽ پروڙي ٿو!

هُو هڪ پورهيت پيءُ جو اُهو ”دلبند“ پٽ آهي، جيڪو مٽيءَ ۾ ڪيڏي مخمُور ٿيو آهي. هن ڏاراڙ جي دڙن تي ڳاڳيا ڳوليا آهن. هن سانوڻ جي من پاوني مند ۾ پاڻ پُسائي پاساڙن ۾ پريتم لاءِ پپون چونڊيون آهن. پنهنجن ٻولاهين ۽ ٻُتين لاءِ ”پتر“ جا ”ڪامبا“ بہ وڏي پيار مان لاٿا آهن. ننڍڙن ٻارڙن جي ٻاراٽي اصرار تي مخملي مينهن ماماٽا ڳوليندي هن پنهنجي ڪُل ڪائنات فطرتي رنگن ۾ ڏسي ورتي ۽ هن جي اندر ۾ ستل ڪويتا ديوي ڪرموڙي جاڳي پيئي!

ڪويتا ديوي جي قرب ۾ قابو ٿي، ان جي پيازي پلئہ سان پاند اٽڪائڻ کان پهرين هن پنهنجي مڙهي ماءُ ۽ ٻيڏڙي ٻاپ جي اکين ۾ ڏٺل سيني سپنن کي ساپيا جا روپ سروپ ڏنا. علم جا بہ اکر سکڻ لاءِ هن هڙئي آوارگيون ۽ ٻار هَٽ واريون ٻاروٽيون ڇڏي منزل مقصود ڏانهن وڌڻ جو سوچيو ۽ ڏاراڙ ۾ درسي ڪتاب پڙهڻ کان وٺي سنڌورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ضخيم سنڌي ڪتابن مان فيضياب ٿيڻ تائين جو طويل سفر هن وڏي ڪننائيءَ ۽ محنت سان طئي ڪيو. اعليٰ درجي جا امتحان ڏئي هن نہ رڳو ڊگري ماڻي، پر ترت اين- ٽي ايس جي ٽيسٽ ڏيئي روزگار بہ حاصل ڪيو اڄ سندس والدين جي اکين جي چمڪ ئي نرالي آهي!

هن وٽ ڪنهن بہ اين .جي. اوز جي ڪا بہ ڊبل ڊور گاڏي ناهي، جنهن جي سٽيپي سيٽ تي ويهي پنهنجي اٽين وطن واسين جا ڏيرا ڏيل عالم آشڪار کي ڏيکاري، بين القوامي سخين کان وڏا وڏا خيراتي پراجيڪٽ

وٺي پنهنجا پيپ پري، پر هن وٽ تہ پيغمبري پيشو آهي، جنهن وسيلي پنهنجي ملڪ جي مستقبل جي معمارن جا ذهن تعليم جهڙي ديپ سان منور ڪري ٿو! سٽي جي ڦل جهڙي اندر جي اُجري هن محبوب ماڻهو وٽ ”ييس ميم “چئي جي حضوري ڪرڻ لاءِ بند گوبي جهڙي ڪا بہ وديشي ريڊي ميڊ گرل فرينڊ ناهي، جنهن جي فريبي اشارن تي هي سرڪسي سُرخاب جيان نچي. هن وٽ تہ ڀهراڙيءَ جي اها پارس جهڙي پدمڻي محبوبا آهي، جيڪا هن جي اٽين وارن سان ائين عشق ڪري ٿي جئين نيل ڪنول جي نرم پتن سان پيني رنگ جو پونئر ڪري ٿو. ان سندر سرتيءَ جي قدرتي سُونهن تي هي شعر سرجيندي ائين خوش ٿئي ٿو جئين ڪا ماءُ پنهنجي نئين ڄاول ٻار جي پروئن تي سرمي جي سرائي ڦيريندي سرهي ٿيندي آهي!

اڪ جي ڪاني جهڙي هانيءَ جو مالڪ هي حَسين شاعر، جنهن جي ورسٽائيل وارن ۾ وشال اکين جي تارن تي ڄامشوري جون ڪيئي جواٽيون ٻلهار ٿيون ٿي، پر هن پنهنجي من جي ديس مان ٽريچي ”مينڪا “ ڪي پل بہ پاڻ کان پري نہ سمجهيو. تڏهن تہ هن جي شاعريءَ ۾ هاءِ روف گاڏي ۾ وينل ڪنهن بہ حسينا جون مڪاري ادائون ناهن ۾ نہ ئي وري گداز بسترن تي گدولا ڏيندڙ ۾ عاشق جي بينڪ بئلنس تي عُقابي نظر رکندڙ نوخيز جوانين جا تترن جهڙا تال آهن. هن جي شاعريءَ ۾ تہ ننگر جي هنيلن هرڻن جا ڇال آهن، سنڌ ڌرتيءَ جا دردوندا حال آهن. روپلي جي ڪُوڪ جا سڏ پڙاڏا آهن جن جي شاهدي مالسريي جا مور بہ ڏيندا.

**اسان روپلي جي ڪوڪ جو پڙاڏو جهپون ٿا**
**ڪارونجهر جي مورن پڪارن کان پڇي ڏس**

اشوڪ جي شاعريءَ ۾ بيماريءَ جي بستري تي زندگيءَ جي جنگ جهيڙيندڙ هڪ شاعره جا سور ائين لڇن ٿا، جيئن ڪنهن ميلي ۾ وڃائيجي ويل ٻار جي ماءُ جون ڳولائو اکيون لڇينديون ۾ پڇنديون آهن. هن جي سدا ملوڪ شاعريءَ ۾ ڀهراڙيءَ جي اها سادڙي سُونهن جلوه افروز آهي، جيڪا پنهنجي ڇهيتي جو سچو سوڳند کڻڻ کان بہ ائين ڪيٻائيندي آهي، جئين

سهاگ رات جو ڪنوارا چپ پهرين ڇُمي ڪان ونئون ويندا آهن. اشوڪ جي مظلوم جي مرڪ جهڙي شاعريءَ ڪي ڪو نام نهاد نقاد جيڪڏهن بحر، وزن جي عقابي اک سان ڏسندو تہ هن جا وديسي پکين جهڙا خيال بي قدريءَ جي چنبن ۾ ڇيهون ڇيهون ٿي ويندا. هن جي شاعري توڙي جو فني تقاضائن تي نٿي لهي، پر پوءِ بہ ائين دمدار آهي، جئين بنان ميڪ اپ جي مارئي هُئي. جنهن عمر ڪي پالوا جي پٽن جا پنڌ ڪرايا هئا. وقت جي شاعر حاڪمن کي هڪ نہ هڪ ڏينهن هن جي ڪويتا مارئي ضرور پنهنجي سحر ۾ جڪڙيندي!

اشوڪ کي آئون التجا ڪندس تہ هُو هن سٽ تي ضرور سوچي تڏهن جڏهن هي ڪنهن شاعريءَ جي شڪاري هٿان ڪنهن احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿئي، هند جي هڪ سنڌي شاعر چواڻي اگر جي خيال مجروح ٿئي تہ رديف تہ ڇا ڪافيا بہ پيچي سگهجن ٿا. سو اسان جا دلبر دوست ٿُنهنجي پپيهي جي پُڪار جهڙي شاعريءَ ۾ رڳو ڪاٺونبن جهڙا خيال ئي ناهن پر موئن جي دڙي جهڙي سنڌ بہ ساهہ کڻي ٿي.

**گنگا بہ توهِ جمنا بہ توهِ**
**تو مون لاءِ پاڪ پياري آهين**

اشوڪ جي ادبي آبياري ڪرڻ ۾ پاٻوهر جي ساگر جو وڏو هٿ آهي. جنهن ”خاموش“ جي ڪوهہ ڪارونجهر جيڏن خيالن کي ست راڄيءَ ۾ سويڪار ڪرائڻ لاءِ هر ويل هر هند دلي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ اڄ اشوڪ جي سوچن جي سُرهاڻ سان نہ رڳو هي محفل معطر ٿي آهي. پر صحرا ٿر کان وٺي سنڌُورستي تائين هن جي فڪر جي ڦوگسي ڪيئي من مهڪائي ڇڏيا آهن. ۽ اڄ آئون چيتن کي چيتاوڻي ڏيندڙ پاٻوهر جي پروهت ساگر کي سلام پيش ڪيان ٿو تہ هو نہ رڳو سياست ۾ سرگرم آهي، پر ادب جي آبياري لاءِ ٿر جي ڳوٺن ۾ موجود مٽي جي مهڪ جهڙن شاعرن کي گمنامي جي تاريڪي مان تاري سوجهاڪي جهڙي ڪنهن سحر حوالي ڪري ٿو .

***

# معصوم سُوندرائي

هُو جيڪو پهاڙن جو پاڙيسري آهي. هن جي مانيٽي مزاج ۾ ننگر جي نماٽپ اڻين سمايل آهي، جئين مارو ڦ پٽر ۾ مهڪ ۽ مهڪندڙ بدن ۾ ٿهڪ. هن جو جنم پارڪر جي سندر ڳوٺ سُوندر ۾ محترم عبدالله مهر جي گهر ۾ پهرين فيبروري 1983ع تي ٿيو. ڳوٺ جي قاضي سندس ڪن ۾ بانگ ڏيئي ننڍپڻ جو نالو ارشد علي مهر رکيو ۽ سُوندر جي سيمن ۾ مورن سان مستيون ڪندي ڪندي هڪ ڏينهن ارشد علي مهر مان معصوم سُوندرائي بڻجي ويو. ارشد علي مان معصوم سوندرائي ٿيڻ تائين واري طويل سفر ۾ هن گهڻو ڪجهہ پوڳيو بہ هوندو. چاڪاڻ تہ پوڳنا بنان شاعر ٿيڻ مشڪل بلڪ ناممڪن بہ آهي.

اَيري سيري تعليم جي آڌار تي جڳ ۾ جيئڻ جا جتن ڪندي، هن وک وک تي وڏا ڏاڪڙا پڻ ڏنا آهن. ذريعہ معاش ۾ هي بہ مون جهڙن انهن هزارين بيروزگار نوجوانن جو "پٽي" پائر آهي، جن جو هن جهان ۾ جنم وٺڻ شايد ممنوع هو. جيڪي هن سماج ۾ مس فٽ هوندي هر وقت وڏي ذهني اذيت مان گذرن ٿا. تعليم هوندي بہ اڻ پڙهيلن وانگي جهنگ جا مسافر ٿي، پاپي پيٽ جو پورائو ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هٿ پير هڻن ٿا. چاڪاڻ تہ اهڙن نوجوانن جو ڪو بہ سياسي سورس ناهي جنهن جي فورس تي ڪا نوڪري وٺي سگهن. سياسي بصيرت هوندي بہ سياسي سهاري کان محروم هئڻ جو وڏو سبب آهي، ارڏائپ... چاڪاڻ تہ سچو ڏينهن ڪنهن پوتار يا سردار جي قدم بوسي ڪرڻ اهڙن ارڏن نوجوانن جي نس ۾ ئي شامل ناهي. معصوم جهڙا سوين بلڪ هزارين ارڏا شاعر ۽ ليکڪ هن وطن جي مٽيءَ جو پرم آهن. بک ۽ ڏک سر تي سهي پنهنجي پومي جو ڪنڌ سدائين اوچو رکندڙ اهڙا املهہ هيرا پنهنجي مقدر جا سڪندر آهن، جن کي ڪنهن بہ ٽٽي تامي سياستدان جي سٽيي سوس جي ڪا بہ هير ناهي. اهي پنهنجي اُج ۽ بک ۾

ائين خوش آهن، جئين بن جا هرڻ رُج ۾ ٻوڙون پائي گُڊ ڏيئي خوش ٿيندا آهن. معصوم به اهڙن ارڏن نوجوانن مان هڪ آهي ۽ گهٽن لاءِ رول ماڊل به.

مٺي شهر جي موڪري چوڪ تي پارڪ جي پير ۾ ننڍڙڙي مانڊڻي هلائي پنهنجي غريباڻي گهر جو گاڏو گيهلنڊڙ هي نوجوان دل جو درياءُ آهي. شهر جي وچ ۾ ادبي اوطاري جهڙو ڏيک ڏيندڙ هن جي مانڊڻي اسان جهڙن واندن لاءِ نه رڳو وندر ۽ ورونهن جو وسيلو آهي، پر ساڃانهه جو سڌُ پڻ آهي. معصوم هر آيل جو آدر ڪندي هر وقت ائين چوي ٿو بقول ڪبير

”ڪبيرا ڪڙا بازار ۾ سب ڪي مانگي خير، نه ڪسي سي دوستي نه ڪسي سي وير“ معصوم جي شاعر ٿيڻ ۾ جتي حالتن جو وڏو هٿ آهي، اتي ڏاتار وٽان مليل ڏات جي به وڏي ڏيا آهي. معصوم فطرتي طور محبتي ماڻهو آهي. هو ڪنهن آهو چشم پنيهيءَ جي پنيول ۾ اچڻ کان پوءِ اداس شاعر ٿيو آهي يا ڪنهن موهي پُٽ جي موت جي جهوريءَ ۾ جهريل ڪنهن اپاڳي جيجل جي نيڻن مان وهندڙ لڙڪن جي جهرڻن ۾ لڙهي ويو آهي. هو ڪنهن نياڻيءَ سان ٿيل ناسور جهڙي ناحق تي سراپا احتجاج ٿي شاعر بڻيو آهي يا ڪنهن سفاڪ شڪاري هٿان شهيد ٿيل پنڇيءَ جي پهرين سڏڪي تي ريگستان جي رڙ جهڙو شاعر بڻيو آهي .ڪا به خبر ناهي، پر جئين به ٿيو آهي ڪمال جو ڪوي بڻيو آهي !!...

هُو جنهن جي وشال بينن جي بزم گاه ۾ بيوسيءَ جو بزم سخن هر مهل متل آهي. هو جيڪو مور وانگي معصوم آهي! معصوم ٻار به هوندا آهن جيڪي گناهه گار هوندي به شبنم جي قطري جيان پويتر ۽ پاڪ هوندا آهن. معصوم پکي به هوندا آهن، جيڪي شور ڪندي به سندر لڳندا آهن. معصوم عورتون به هونديون آهن، جيڪي مرڪندي مرڪندي ڪيئي سُورما شهيد ڪري ويندريون آهن پوءِ به انهن تي پيار ايندو آهي .هن معصوم جي معصوميت هن جي ڇهري جي چنڊ کان وٺي ڪويتا جي ٿلواڙي جي هر ٿُل ۾ عيان نظر اچي ٿي. معصوم جي ڇهري جي چتر ريکائن ۾ ازلي وينجهر معصوميت جا ڪيئي رنگ پري چڙهيا آهن. سانتيڪي سياءُ واري هن ڪم

گو ڪويءَ جي من سمندر ۾ جڏهن بہ سورن جو سائيڪلون اٿندو آهي تڏهن ڪنهن غزل چشم گجر جي گهُور جهڙا غضبناڪ غزل قلم سفيني جي سهاري قرطاس جي ساحل سان ٽڪرائيندا آهن، ۽ هو لڙاٽيل اکين کي آٿت جي رومال سان اگهندي، هن بي حس سماج ۾ وري بہ نئين سر جيئڻ جا جتن ڪندو آهي. هُو هڪ حساس دل شاعر آهي. هُو جڏهن بہ ڪنهن مفلس کي ماني ڳيپي لاءِ اميرن جي درن اڳيان اوبر ڪائيندي ڏسندو آهي. تڏهن هن جي نيڻن جي نيلگون نگريءَ ۾ نراسائيءَ جا نيرڳ تري ايندا آهن. هي بي انتها روئڻ چاهيندو آهي. پر لڙڪ بک ڪائي ويندي آهي. سڏڪا صحرا جي اڃ پِي ويندي آهي .هُو تڙپي اٿيندو آهي. انهن بي پهچ ماڻهن لاءِ جن کي هن سماج اڃا ماڻهو تسليم ئي ناهن ڪيا. ادب جي اڙانگي مارگ تي مسافري ڪندي ڪندي ڪنهن اڻ ڏٺل منزل تي پهچڻ جي من ۾ هن جا پير پٿون بہ ٿيا آهن، پر هن مُڙي ناهي نهاريو. ابتدائي مرحلي ۾ هن ڪهاڻيون لکيون جن کي پڙهندڙن وڏي موٽ ڏني .هن ڪٿائون لکيون انهن وجودن تي جن جا ڏاکڙا ڏسي رب کي بہ رحم اچيو وڃي. هن ڪهاڻيون لکيون انهن هارين تي جن جي نارين سان ناانصافي ڪندي ڪمندار ۽ زميندار هن سماج ۾ برسيگ جهڙا نڪ ڪٽي ڪر مٿي ڪري گهمندا رهيا. هن لکيو خانہ بندوشن جي انهن خيمن تي جن ۾ ماهہ جبين جهڙيون مورتيون پنهنجا چرميءَ جي داڻن جهڙا چم ماءُ تي گار جهڙي ڪنهن ڪنن مجبوريءَ ۾ ڏکن جي ڏاگهہ تي چاڙهي جيئري جلي ويون. هن لکيو انهن فقيرياڻين جي ڦاٽل چولين تي جيڪي ڳيپي جي ڳولا ۾ ڪن غليظ هٿن جي گٿرن ۾ پنهنجا نيلوفر جهڙا ننگ نيلام ڪري آيون ..! هن لکيو انهن پکين جي پرن تي جن جي گهرن کي بارش پنهنجي مستي ۾ ميساري ڇڏيو...!

ڪهاڻيون لکندي لکندي نيٺ هي ڪوي ٻڌجي ويو. الئہ ڇو...؟ شايد ڏات جي ڏهگٽي ديوي هن جي من ۾ مرڪي ائين چيو هجي تہ ”جٿ ڪوي

پڳا اُٿ روي اي ڪو پڳا“ ۾ هي فلسفو هن جي دل کي وڻيو هجي. ان ڪري هن ان ڳالهہ تي عمل ڪيو هجي.

هن جي خوبصورت شاعريءَ تي ڪو خوبصورت شاعر ئي صحيح نموني ڳالهائي سگهي ٿو. آئون هن جي اعليٰ پائي جي شاعريءَ سان نياھ نہ ڪري سگهندس. هن شاعريءَ جي سفر ۾ نظم بہ لکيا آهن، پر گهڻي ڀاڱي غزل لکيا آهن. جيڪي فني توڙي فڪري لحاظ کان بنهہ پختہ ۽ نواڻ سان ڀرپور نرالا آهن. هُو پنهنجي ماھ ڪمال جهڙي محبوبہ جي ساروڻين ۾ ڇال ڏيندڙ تال پخال کي پنهنجي ڌرتيءَ جي ڏڳ ڏڳ جي سندرتا سان ڀيٽي هئين چوي ٿو!

**سونهن سانگهڙ ٿڻو لاڙ سارو اُتر**
**ٿهڪ آدم ٿنڊو مرڪ مورو هُيو**

هن جي هڪڙي خوبصورت غزل جو هڪ بند آهي.

**رات جي پوئين حصي کي بند ڪمري ۾ پيئون**
**ننڊ جي پوءِ نبض تاڻي ڪاڪلن تي ڪر ڏيون**

ڇا تہ شعر آهي! رات جي پڇاڙڪي پهر ۾ پرڀات جي شبنمي ويلي کنهن بند ڪمري ۾ شيمپئين جهڙي سونهن مان سُرڪ ڀري، ننڊ جي نڙيءَ تي نُنهن ڏيئي، پوءِ ڪجل جهڙن ڪاڪلن تي ڪنڌ رکي ترنم ۾ سمهڻ جو آرٽ ڪو معصوم جهڙو ڪوي ئي ٻڌائي سگهي ٿو.

**جڏهن وار سيني لاڙي سُتي هوءُ**
**اکيون بادلن تي پڳيون دير تائين!**

ڊين جيڏا ڊگها ۽ لاسوئن جهڙا لسا وار سيني تي لاڙي ستل کنهن وينگس کي آوارھ بادلن جو دير تائين اکيون پچڻ بہ هڪ دلربا منظرڪشي آهي، جيڪا معصوم هڪ غزل ۾ ڪئي آهي.

**هي حياتي هاڻ پنهنجي وس ڪٿي آهي رهي.**
**ڇو نہ اهڙي درد جي اختيار مان نڪري وڃون!**

اي منهنجا همسفر دوست! هي حياتي واقعي وس ۾ ڪرڻ ڪٺن آهي، خاص ڪري ان ماڻهو لاءِ جنهن کي بيوسي، مايوسيءَ ۽ مفلسي دردن جي دلدل ۾ ڌڪي ڇڏيو هجي، پر پوءِ بہ وڏوا جي ٿهڪ جهڙي هن ڦڪي حياتيءَ ۾ مليل دردن جي اختيار مان نڪرڻ نہ گهرجي ڇاڪاڻ تہ پاڻ پٿائيءَ جي ان پيد جا پوئلڳ آهيون جنهن ۾ مرشد سکائون ڪري سور پالڻ جو سنديش ڏنو آهي. معصوم تون دردن جي اختيار مان نڪري سپ ڪجهہ ٿي سگهين ٿو پر شاعر نہ......!! تون جڏهن دردن جي اختيار مان نڪري ويندين تڏهن تون هير سيالڻ کي اهڙا خط لکي ڪون سگهندين، جن کي پڙهي گهٽن جي روحن جا رانجهن تڙپي پوندا آهن. سو پيارا ڏاتار وٽان مليل هر ڏک جهولي پائي جهل، ڪڏهن بہ مايوس ٿي اهڙي ڳالهہ نہ ڪر!...

***

# بلاول اوٺو

هُو جيڪو قدام جيڏو قد آور، بدن ۾ پورو پنو، اڌڙوٽ عمر ۾ بہ ڦُڙتيلي نوجوان جيان چُست ۽ چوبند نظر اچي ٿو اُن اختر ضمير انسان جو اسم گرامي آهي بلاول. نهڙين جي ذيلي ذات اوٺا سان تعلق رکندڙ اهو الستي وجود اڄ بہ جڏهن پنهنجا لاسوڻن جهڙا لسا ۽ وڏا ميندي رتا وار سنواري پنهنجي منفرد هلٽيءَ سان مٺيءَ جي گسن تان گذرندو آهي، تڏهن الئہ ڪيترا سندس چاهيندڙ هُجتن مان هٿ لوڏي، وڏي سڪ مان ڏاڏا ڏاڏا چئي سلام ڪندا آهن ۽ موٽ ۾ هُو بہ مُرڪندي وائلي جهڙي وراٽيءَ ۾ جهجها ججها جُهار ڏيندي، ڪنهن فاتح سپهہ سالار جيان پيري بازار مان گذري ويندو آهي، هن جو ڪلڻ، ملڻ ۽ ڳالهائڻ بنهہ سادو پر طنز مزاح وارو آهي.

هن جو جنم 1950ع ۾ مهراڻي جهڙي خوبصورت خطي ۾ موجود گل صنوبر جهڙِي سريلي ڳوٺ خانور اوٺا ۾ مانيٽي اوٺي جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم خانور اوٺا مان حاصل ڪئي ۽ تڏهوڪا ست درجا سنڌي ورنيڪيولر فائنل پاس ڪئي، تنهن کان پوءِ زندگيءَ جي گذر سفر لئہ نئون ڪوٽ جي نگريءَ ۾ درزڪو ڪم ڪرڻ لڳو. ڪپڙن کي ڪوريندي ۽ سنها سيبا ڏيندي هن جي اندر ۾ موجود ڪلاڪار ڳر موڙي جاڳي پيو. جتان هن شاعريءَ جي شروعات ڪئي .هن کي 18 سالن جي عمر ۾ جتي هڪ جواڻ وينگس جي والهانہ وجود پنهنجي سحر ۾ جڪڙِي محبت سان ٽمٽار ڪيو. اتي هڪ نندي عمر ۾ اڻ گهري نوڪري بہ ملي ويئي .پرائمري ماستر طور مختلف اسڪولن ۾ پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان نڀائيندي2005 ع ۾ رٽائرڊ ٿيو. زندگيءَ ۾ هن ڪيئي ڪساري بادام جهڙا ڪڙا تجربا بہ ڪيا، تہ سوين صدما بہ سٺا، پر سيني ءَ کان وڏيڪ هن کي جنهن صدمي جهوريو اهو هو سندس لاڏلي پائيٽي دلربا شاعر مانيٽي اوٺي جو بي منداٺتو موت. مانيٽي جي موت تي هي ائين رُنو هو جئين وسڪاري ۾ ڪڪاون چونٺرن جا نيو ٽمندا آهن. هُو اڄ بہ تڏڙا شُوڪارا پيري چوندو آهي، تہ مانيٽو مون کي اڌ مئو ڪري ويو آهي.

عمر جي اڏ تي پهتل هي جلترنگ جي جادو جهڙو دلبر ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ سان بي پناهہ پيار ڪندو آهي. هُو اڄ بہ خانور اوٺا جي وڏي پٽ تي ويهي، سانجهہ ويلي جو روهيڙي جي گيڙو گلن جهڙو ويس پائي سموري ٿر کي اندر جي اکين سان ڏسي ٿو. هن کي شفق جي رنگن کان وڌ واهيري ڏي ورندڙ پکين جون اُڏارون ۽ ڪٽڪ رنگين ڏاچين جون قطارون پسند ايندیون آهن. هن کي هٽرادو حُسن ۾ ويڙهيل وجودن کان وڌ کوهن تان ورت ويڙهي گهرن ڏي ورندڙ ٽڪل پاٽيارين جي پيرن جو پٽيون ۽ مينهن ڪٽيون موهي وجهن ٿيون. هُو اڄ بہ مورن ۽ ڍورن کي ماڳن ڏي موٽندي ڏسي” گئو ڌُول“ جي دز ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ سسئيءَ جي سڏ جهڙي شاعري هن وٽ بنان سکڻ جي ائين سراڙا ڪري اچي ٿي، جئين ڪو لاڏلو ٻار پنهنجي ماءُ جي ممتا ڀري هنج ۾ بنان خرچي جي ڊوڙ ڪري رڳو گُد ڏيڻ لئہ ايندوآهي. هن کي قلبي شاعر چئجي تہ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هن هيستائين فقيراڻي فڪر جي گودڙيءَ ۾ جيڪي بہ ڪويتائن جا گُل گڏ ڪيا آهن. اهي سڀ قلب جي باغ مان پراپت ڪيا آهن. هن اندر جي اصرار تي قلب کي قرار ڏنو آهي، هن بحر وزن جي پنيور ۾ ڀٽڪڻ بجاءِ ترنم جي ترائيءَ ۾ تري ڇولين جي ڇوهہ ۾ ماڻڪين گُجرن جي موهہ جهڙي من منڊيندڙ ۽ دل ڳنڍيندڙ شاعري ڪئي آهي. مجون ٿا تہ هن جي شاعري ڪيسٽن جي ڪاڪ جي مومل آهي، پر بيهوده ۽ بازاري قطعي ناهي. ڪنهن سادڙي ٽريڇيءَ جي ٻانڌيلي محبوب جهڙي درياءَ دل بلاول جي شاعري ان مارئيءَ جي مرڪ جهڙي آهي، جيڪا عمر جي قيد ۾ هوندي بہ پاڪي جيان پويتر هئي! هن جي شاعريءَ ۾ جتي ٿر مور جيان ٿن ٿن نچي ٿو. اتي عشق ڪارونجهر تي اڪيلي گذاريل رات جي اُڻ تڻ جيان اُجهي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ جتي ڪجلئي جي لوڪ ڌُن جهڙا دلربا خيال آهن، اتي متڪو جهڙا منظر آهن.

شاعريءَ ۾ هن جا استاد اهي فطرتي رنگ آهن، جن ۾ هُن پنهنجو پاڻ وڃائي عوام ۾ مچتا ماڻي آهي. هن جيڪڏهن ڪنهن کان باقاعده سکيا ورتي آهي تہ اهو صرف پٺائيءَ جو گنج ئي آهي .جنهن هن کي پنهنجي

گيڙو رنگ ۾ رڱي رچائي ريٽو ڪري ڇڏيو آهي. هن کي پٽائي ائين ياد آهي جئين ساموندين کي سمنڊ جا گهيڙ گس ۽ وڻجارڪي ٻولي ياد هوندي آهي. هو جڏهن بہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڪنهن موضوع تي بحث ڪندو آهي تہ بسم الله پٽائيءَ جي بيت سان ئي ڪندو آهي، هو هر موڙ تي دليل طور پٽائي ئي ٻڌايندو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ پٽائي سنڌ جي اها يونيورسٽي آهي، جيڪا صدين تائين سنڌين بلڪ سڄي جڳ کي ساڃاهہ ۽ سُرت سيکاري، حب الوطنيءَ ۽ دليريءَ جا سبق ڏيندي رهندي. بلاول کي پٽائيءَ تي وڏو ويساهہ آهي. منيءَ ۾ هن جي بيٺڪ فقير مقيم ڪنڀار جي اها اسٽامپ وينڊري واري اوطاق آهي. جنهن جي ديوار تي محب وطن ڪيسوبا سوڍي جي تصوير اڄ بہ آويزان آهي. مون بہ ڪيئي ڀيرا هن سان ان علمي ۽ ادبي اوطاق تي ڪچهريون ڪيون آهن، جتي ڪاهوڙي ليکڪ خالد ڪنڀار ۽ هن جا مختلف موضوعن تي وڏا وڏا بحث ٿيندا آهن. بلاول جو پهريون گانو ”هي مسافر ملڪ تنهنجي ۾ منا مهمان هو.“ ٿر جي لوڪ فنڪار مصري ڏيپلائي ڳايو هو. ان کان پوءِ هن کي سنڌ جي سيني مشهور راڳين ڳايو جن ۾ فوزيہ سومرو، ثريہ سومرو، امبر مهڪ، حميرا چنا، ثمينا ڪنول، سرمد سنڌي، الهڏنو جوڻيجو، انور وسطڙو، بادل راهي، صادق فقير، ڪريم فقير، قاسم اوٺو، منو ڪڇي، شامل آهن.

بلاول کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ ڪارونجهر جي ڪوئل فوزيہ سومرو جي ڪيريئر جو پهريون ڪلام (ڪڏهن رسين ٿو ڪڏهن کلين ٿو.) سندس شاعري آهي. فوزيہ سومرو اهو گانو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي رڪارڊ ڪرايو هو هن ڪلام نہ رڳو بلاول کي شُهرت جي بُلدين تي پهچايو، پر فوزيہ سومرو کي بہ موسقيءَ جي دنيا ۾ ڪمال جي ڪلاونتي طور معتارف ڪرايو. بلاول جو چوڻ آهي، تہ ”هي گانو مون ٿر جي لوڪ گيت ( ڪجليو) کان متاثر ٿي لکيو هو. وسڪاري جي مند هئي، ٿر جي هڪ ڪيت ۾ ڇوڪريون گڏجي ڳائي رهيون هيون ۽ منهنجو پر سان گذر ٿيو. ان ڏينهن مون اهو ڪلام لکيو هو“.

بلاول جو هڪ شعري مجموعو ” ٿوهر منهنجو من“ نالي سان 1992ع ۾ ڇپيو هو. جيڪو هٿو هٿ وڪامي ويو. اُن کان پوءِ بہ هڪ ڪتاب ڇپيو آهي. اڃان هڪ ڪتاب ڇپائي هيٺ آهي. جيڪو جلد ڇپجي ماروئڙن جي هٿن ۾ ايندو. ”گيت انوکا گهايل من“ 2017ع ۾ ڇپجي ويو آهي ۽ ٻيو ” ڪارونجهر تي آئون اڪيلي آهيان“ اڃا پراسيس ۾ آهي. هن کي سندس فني پورهئي تي ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ملي چُڪا آهن، جن ۾ فوزيہ سومرو ايوارڊ ، پرائڊ ايوارڊ ۽ ساس منڊي پاران لائف ٽائم اچيومنيٽ ايوارڊ نمايان آهن. بلاول سنڌي لينگويچ اٿارٽيءَ ۾ بورڊ آف گورننس جو ميمبر بہ رهي چُڪو آهي. بلاول جي جن ٻولن تمام گهڻي عوامي مقبوليت ماڻي انهن ۾ ”ڪارونجهر تي آئون اڪيلي آهيان“،” جي تون ويندين منا“، ”ادا ويندل ڙي وڃي ڇڏجان يار کي“، ”ڪهڙو منا تنهنجو حال اٿئي“ ۽ ”ڪڏهن رسين ٿو ڪڏهن کلين ٿو“ ..نمايان آهن.

بلاول 2005 ع ۾ رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ ترت ئي ريڊيو پاڪستان مٺي جوائن ڪيو. 19 سيپٽمبر 2005ع تي ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جو باقائده آغاز ٿيو هو ۽ پهريون پروگرام پروڊيوسر سيد اڪبر شاھ ۽ بلاول اوٺي گڏجي ڪيو هو. ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين بلاول ڳوٺاڻن ۽ آبادگار ڀائرن جي پروگرام ”اوطاق“ ۾ ”سارنگ ڏاڏا“ جو ڪردار نڀائيندو اچي. ان ڪري ٿر جا ماڻهو اڄ ڪلهہ بلاول کي سندس نالي بدران ڏاڏا وڏيڪ چوندا آهن. واقعي بہ ڏاڏي جي ڪردار سان نڀايو آهي. ان ڪري ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جو پروگرام ”اوطاق“ ئي آهي جنهن وڏ ۾ وڏ عوامي مقبوليت ماڻي آهي. بلاول کي ڊبل ( AA )ڪيٽيگريءَ ۾ تڏهوڪي ڊاريڪٽر جنرل مرتضيٰ سولنگي پاس ڪيو هو جيڪو مٺي اچڻ تي هن جي پروگرام اوطاق ۾ هن سان گڏ لائيو وينو هو ۽ ڏاڍو متاثر ٿيو هو .

بلاول کي اولاد ۾ 4 پُٽ ۽ 7 نياڻيون آهن .ضمير، احساس، شعور ۽ پارس نالي هن جا سَپُوت پُٽ علم توڙي ادب ۾ اڳيرا آهن، ضمير سوشل ورڪر ۽ شاعر آهي، تہ احساس بہ شاعر آهي، بلاول پنهنجي حياتيءَ جي ميڙي

چونڊي مان بلڪل مطعمين آهي. هن کي حياتيءَ مان ڪا بہ شڪايت ناهي، توڙي جو بيمارين هن کي اڌ ماٺهو ڪري ڇڏيو آهي. تازو پٽري جي آپريشن تي آهي .شگر بہ وڪوڙيو آهي. هاءِ بلڊ پريشر هوندي بہ ريڊيو پاڪستان مٺيءَ تي پنهنجا فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. هُو اسان جهڙن نوجوانن لاءِ نہ رڳو اتساهہ جو سبب آهي، پر هڪ روشن راهہ بہ آهي! اسان جي دلي دعا آهي، تہ مالڪ کيس وڏي ڄمار ڏئي ۽ هُو ٿر تي ههڙا خوبصورت نظم لکندو رهي.

آڪارن مان واڻ وَٽين
آڏي اُٺيو اَرٿ ڪَٽين
پرم شرم جا پرت پرين
هلندو هٿ جو آهي هنر
ماروئڙن جو ماڳ امر
ماروئڙن جو ماڳ امر
”بلاول“

# ارباب رياض احمد راهمون

سينگالي جي سُونهن، ارباب مقبول احمد جو سڳو ڀاٽيجو ۽ ارباب جان محمد جو لخت جگر ارباب رياض احمد راهمون اُنهن مهان ماڻهن مان هڪ هو جيڪي تمام ٿوري وقت لئہ هن فاني جهان ۾ ايندا آهن، ۽ تمام گهٽن تي پنهنجي گهري ڇاپ ڇڏي ويندا آهن. هُو هڪ اهڙو جَل ٿل بادل هو جيڪو مُڪمل وسڻ کان اڳ ۾ ئي اوڪائجي ويو.هُو سامروٽيءَ جي اُفق تي اُپريل اهڙو چَنڊُ هو جنهن جي چانڊنيءَ ۾ اجا ڏاندريءَ جا ڏهر مَس سرشار ٿيا تيسين موت جو گرهڻ پنهنجي عقابي گرفت ۾ وٺي ويو. هُو سامروٽيءَ جو اهڙو سج هو جنهن لاءِ ڪيئي سورج مُکي ماندا هُئا . هُو انهن ماڻهن منجهان هڪ هو جن جي عُمر اڍائي ڏينهن هوندي آهي. هُو اُن تاري وانگر هو جنهن کي انتهائي جلدي ڪِرڻو هو. هُو اُن ڪُنڀي جيان خوبصورت هو جيڪا وسڪاري ۾ پنهنجي سفيديءَ جي سُونهن وکيري چند ڏينهن ۾ پنهنجو سفر پورو ڪري ويندي آهي. هُو گُل تي ماڪ قطري جيان موتيءَ جي چمڪ ٻڌجي موت جي اُس ۾ اُڏامي ويو. هُو خوشبوءَ جو جهونڪو هو پنهنجي نرالي مهڪ ڇڏي موڪلائي ويو .

هُو جيڪو مسڪين ماڻهن جي سُڏڪن جو لهجو سمجهندڙ اهڙو ماڻهو هو جو ماڻهوءَ کي ماڻهو ڪري سمجهندو هو. هُو پنهنجن ماڻهن سان ملڻ وقت صفا نندڙو ٿي ملندو هو. ادب ۽ احترام هن جي اکين مان پيو پسبو هو. هُو ڏوٿيئڙن جي ڏُکن کي پنهنجي پَتي ۾ کڻڻ واري خفت جو ماهر هو. هُو درمانده دلين جا ڏُکڙا دور ڪرڻ وارو اهڙو معالج هو جنهن جو خال حال ۾ پرجڻ مشڪل بلڪ ناممڪن پڻ آهي .ڇاڪاڻ تہ اهڙا ملوڪ ماڻهو مسڪينن جا مسيحا، ۽ هيڻن جا همراه صدين جو سوڀاڳيہ هوندا آهن. اُهي وڏي وڇوٽي پُڄاڻان پڌرا ٿيندا آهن.

هُو سينگالي جي سرزمين تي سونيلي گُل جيان گوُنچ ڪيڍي گُلزار ٿيو هو. هُو راهوڪي بازاز جي ويران صحرا ۾ گُلاب جو گُل ٿي ٽڙيو هو. هُو هن خطي جي خوبصورتي ۾ ويهہ وسوا واڌارو هو. هُو ٻار جي هٿ ۾ پوپٽ ۽ ٻال نويلي نار جي صُراحي دار ڳچيءَ ۾ موتين جي هار وانگي حسين هو. هُو وُٺي پُڇاڙان آسمان تي اندلٺ جهڙي الوڪ سُونهن جو مالڪ هو. هُو ڀرئي ٽُرئي ميلي ۾ ٺهڪ ڏيندڙ ڪنهن جوان جماڻ وينگس جي نڪ ۾ پيل ڦُلي جهڙو ڦُٽرو هو. ڪنهن ڪاماٽيءَ جي پيلي پومڇي تي پريل هُرمچ جهڙو هي حسين چوڪرو سامروٽيءَ جي مانگ ۾ سنڌُور جي تِلڪ وانگي سُونهندو هو.

هُو پنهنجي ناني جو نَڪ رکڻ لئہ سياست جي ڪيتر ۾ عوام جو هاري ٿي لٿو هو. هُن وڏيرن واري وڏيرڪي سوچ کي پنهنجي دانا دماغ مان ڪڍي، خلق سان گڏ کلڻ ۽ ملڻ واري ماٺيپي سان ڀرپور سوچ کي اپنايو هو. عوام ۾ انتهائي مقبول پنهنجي مامي ارباب مقبول کان سياست جا گُر پيچ سکندڙ هي ڏرتيءَ جو راج دُلارو ٿوري وقت ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو. هُو ايترو مشهور ٿيو جو هر ماڻهوءَ جي اها وائي وات هُئي تہ هي اڳتي هلي نور محمد واريون سِڪون لاهيندو. ننڍڙي وهيءَ ۾ وڏا وڏا فيصلا ڪرڻ وارو آرٽ هن جي رت ۾ شامل هو پر ان کي پروان چاڙهڻ ۾ هن جي محنت پڻ شامل هئي. رات ڏينهن عوام جي خدمت ڪندڙ هي سامروٽيءَ جو سڏُ پنهنجا پڙاڏا ڇڏي هميشہ لئہ هليو ويو.

هُن جي وڇوڙي تي نہ رڳو سينگالو سُڏڪيو هو پر ٻانهياري پٽ بہ ٻانهون ٽوڙي رُني هُئي .راهمڪي بازار جي رڻ پٽ کان وٺي ڏيپلي جي اَچن ريٽن تائين سمورو صحرا هن مور جي موت تي ماتم ڪده ٿي آسمان سان احتجاج ڪري رهيو هو. سَري جي شام کان وٺي ڪنني جي ڪام تائين سموري سيم سوڳ ورتل هُئي. ڀچمائيءَ جي پار ويندڙ ڪونجن جي ڪُرلاءُ ۾ مڪلي جهڙي ماٺ ڇانيل هُئي. مورن جون دانهون ٻُڌي ڪويلين ڪوڪڻ شروع ڪيو هو. پوپٽن جي هٿن مان گُلن جا هار ڇڏائجي ويا هُئا. پاڻهيارين جي سرن تي ٻهڪندڙ ٻيهلڙن ڇُلڪندي روئي ڏنو هو. نما شام ويلي واهرن

ڏي ورندڙ پکين جي اکين ۾ لُڙڪن جو چوڦٽو ڦٽڪي رهيو هو. وڏي ورهاڱي وٽاڻن ۾ وري آيل مال جي ڪنڌ ۾ پيل ڇڙن جون چيخون ٻُڌي ڀاڳين جون دليون دهلجي ويون هيون .سهاڳڻين ڪان سينڌون سجائڻ ۽ راڳين ڪان هارمونيم وڄائڻ وسري ويون هيون .

ارباب رياض احمد جي تڏي تي تعزيت لاءِ آيل ٿر جي وڏن سياستدانن جا تعزيتي نوٽ پڙهي اهو ضرور احساس ٿئي ٿو تہ هي ڪيڏو نہ وڏو ماڻهو هو. ونگي جي ڄام ارباب اميرحسن جو فرزنده موجوده ايم پي اي سنڌ اسيمبلي ارباب لُطف الله صاحب پنهنجي تعزيتي نوٽ ۾ لکيو آهي تہ” مُنهنجو پيءُ هو. هن تي هزار دفعہ اعتبار هو. اهو هن جو ئي پورهيو هيو نت اسان جا خاندان ماضيءَ ۾ مخالف بہ رهيا آهن، پر اسان، مرحوم مقبول ۽ مون نئين رشتي جو بنياد جنهن کي رياض وڏي بلندي تي وٺي ويو. هُو هڪ تاريخ ڇڏي ويو آهي. نوجوانن لاءِ مثال ٿي ويو آهي. هُو هميشہ دلين ۾ ياد رهندو“ موجوده ضلعي نائب چيئرمين، ڏاٽ جو شهزدو ڪنور ڪرني سنگهہ تعزيتي نوٽ ۾ لکي ٿو تہ” هي هيڏو وڏو نقصان، هي هيڏو وڏو هاڃو رڳو ارباب رياض جي خاندان جو ناهي ٿيو پر سموري ٿر جو ٿيو آهي. اسين هڪ پياري پيءُ کي وڃائي ويٺا آهيون. پرماتما هن جي پريوار کي شانتيءَ ۽ سهن شڪتي ڏئي.“ ڪاپڙي خان کوسي جو پُٽ عبدالغني خان کوسي لکيو آهي تہ” راهمان قوم جي سڀ کان وڏيڪ سياسي حيثيت رکندڙ خاندان جي فرزند ارباب رياض جي اوچتي وڇوڙي تي وڏو ڏُک ٿيو. هن خاندان سان اسان جا تمام پراڻا ۽ سُٺا تعلقات رهيا آهن. اڳتي بہ رهندا. ارباب رياض سان ضلعي ڪائونسل وارين گڏجاڻين ۾ اڪثر ملاقات ٿيندي رهندي هُئي. هُو تمام ڀلو ماڻهو هو.“ ٿر جو نامور ليکڪ ۽ سماج سُڌارڪ سڪيلڏو راهمون لکي ٿو تہ”سينگالي جي سيني ۾ اجا وڇوڙي جي اُن گهاوَ جو رت سُڪو ئي ناهي، جنهن جي پوري ڪمائي شرافت ۽ سهپ هئي. اڄُ وري اُن اُجڙيل وستيءَ تي وار ٿيو آهي، جنهن جتي جي ڪنڊراتن ۾ شهنشاهيت جا عڪس جرڪن ٿا. ارباب نُور محمد جهڙي مدبر سياستدان ۽ سردار گهراڻي

جو چشم و چراغ پنهنجي ڦُوهہ جوانيءَ ۾ سماجي و سياسي پيچرن تي ڪامياب وکون کڻندڙ نوجوان ارباب رياض احمد راهمون اڄ علي الصبح اسان کان موڪلائي ويو. سندس ان ڪمهلي موڪلائيءَ جو درد ماپي نہ ٿو سگهجي. هُو اسان سان جڏهن بہ ملندو هو تہ، سندس اها ئي سادي طبيعت نياز و نوڙت جيڪا سندس وڏن کان ورثي ۾ ملي هُئي. اڄ هو اسان وٽ ناهي رهيو پر سندس يادن جو هڪ نہ کُٽندڙ سلسلو هميشہ ياد رهندو. اسان سندس خاندان سان هن صدمي جي گهڙي ۾ برابر شريڪ آهيون ۽ ڏٽي در دعاگو آهيون تہ سندس روح کي پنهنجي جوهر رحمت ۾ جڳهہ ڏي“

# عارب فقير

بدن تي ميرڙو وڳو، پيرن ۾ اڌ ٽُٽل چپل، مٿي تي مِيرن جي دؤر واري پُراڻي سنڌي ٽوپي ۽ اکين ۾ اڌ صديءَ جو اوسيئڙو ڪٽي، مٺيءَ جي گهٽين ۾ قدردانيءَ جي ڳولا ڪندي، صبح شام پٽڪندڙ هي پوڙهو راڳي اصل ۾ راڻوڙن جي ڳوٺ ڪڪراڙيو دانڌل جو ڪلاونت مڱڻهار آهي. جنهن اڌ صديءَ راڳ جي دنيا ڪي ارپي ڇڏي، پر نہ ڪو اعزاز مليو نہ مڃي مانيءَ وارو ٿيو. سڄي ڄمار سُورن ۾ گُذري ويئي. هن جي حياتيءَ جي حصي ۾ ڏات تہ آئي، پر ڏُک نہ ويا. ڏُک، جيڪي ٻُک ۾ جهڙ وانگي جهُڳي ڇڏيندا آهن. ڏُک، جيڪي ڪلا کي جلا تہ بخشيندا آهن، پر جيئڻ جهنم ڪري ڇڏيندا آهن. منو فقير مڱڻهار جي گهر ۾ 1945ع ڌاري جنم وٺندڙ عارب فقير پرائمري جي ٻن درجن کان مٿي پڙهي نہ سگهيو. غُربت هن کي پڙهڻ واري وهيءَ ۾ ڪمائڻ واري ڪرت جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هي راڳ جي دُنيا ۾ پاڻ پتوڙڻ لڳو. مڱڻهار ڪو ٻار هئڻ ڪري ڳائڻ هن کي ورثي ۾ مليو. مڱڻهار جن کي ميراثي بہ چوندا آهن. ميراثي جن جي روئڻ ۾ بہ ردم هوندو آهي! هن باقائده راڳي طور ڳائڻ جي شروعات 1965ع ۾ ڪئي. ٿر جي ڪوئل مائي ڀاڳيءَ ۽ ٿر جي مور مُراد فقير سان گڏ ڳائڻ بہ هن جي سوڀاڳيہ ۾ شامل رهيو. اُستاد مُراد فقير کان راڳ جي سکيا وٺندڙ هي سادڙو راڳي پنهنجي دؤر جو دلبر فنڪار ٿي رهيو آهي. هي ان دؤر جو راڳي آهي جنهن ۾ ڪيسٽي ڪلچر جو عروج هو. جڏهن ماڻهو اتي کان اڳ ڪيسٽ وٺندا هئا. جڏهن ڪيسٽي ڪمپنيون عارب جهڙن البيلن راڳين جو قدر ڪندي تمام بهترين معاوضو ڏينديون هيون. ڪيسٽن جو دؤر ويو ۽ عارب جهڙا فنڪار بہ دربدر ٿي ويا.

صحراِ ٿر جو هي جهونو جوڳي اُهو لوڪ راڳي آهي، جنهن جي ڪلام کي لُکن ۽ جهولن ۾ لڪ لڪ تي لُڇندڙ لوڪ ٻُڌي ٿو. هي ڌنارن جي دلين

تي راڄ ڪندڙ راڳي آهي. هي ديس جي پرديسي ڏيئارين جي دلين جي ڌڙڪن آهي. هي وڇوڙن ۾ تڙپندڙ وجودن جي ويراڳ کي آلاپ بخشيندڙ اهو فنڪار آهي جنهن کي هي ڌرتي بہ داد ڏيندي آهي. هي ڳاڙهن چپن وارو اُهو ٻسڪو راڳي ناهي جنهن کي ڪو اميرزادو ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ۾ ٻڌي ڪنهن ريڊي ميڊ گرل فرينڊ جي ڳڇيءَ ۾ ڪُتن وانگي چَڪ هڻي سيڪس جو نئون انداز متعارف ڪرائي، پر هي گُهنج پيل ڪاري چمڙي وارو اُهو اڇو اُجرو لوڪ ڳائڪ آهي جنهن کي ويڙهيچا وٿاڻن ۾، ڏيئاريون واهرن ۾، ڏنار دڙن تي ٻُڌي، وطن سان مُحبت جا اڳي ڪان اڳرا سبق سکن ٿا. هي ديس جي دانهن جهڙو ڪلاڪار آهي. هن جي نڙيءَ ۾ وطن جي ڪُوڪ آهي.

هُو اڄ بہ اُن ساڳي اندازِ آواز سان ڳائي ٿو جنهن اندازِ آواز ۾ هي اڳوڻي ڪيسٽي ايام ۾ ڳائيندو هو. هي اڄ بہ جڏهن” رائچند“ کي ملهاريءَ ۾ ڳائي ٿو تہ، اکيون آگمجيو وڃن ٿيون. هي ”ڏوري“ کي آلاپ ڏئي ٿو تہ، ڏڌ ۾ ڏيل ڏکي پوي ٿو. هي ”ڪانگڙي“ جي ڪا سِٽ ڳائي ٿو تہ، ڌرتيءَ جي ڏيئارين جا هردا وطن جي ٻاپيس ۾ ٻَري وڃن ٿا. هي ”موريو“ کي ملهاريءَ ۾ آواز ارپي ٿو تہ، دڙي دڙي تي ڍُڪندڙ ڍيلون پنهنجو رقص وساري ويهن ٿيون .

1971ع ۾ شادي ڪندڙ عارب فقير کي اولاد ۾ چار پُٽ آهن، سيئي راڳ واري دنيا سان وابستہ آهن. عارب وانگي راڳ مان ئي پنهنجي روزي روٽي جو بندوبست ڪن ٿا، پر اڃا تائين ڪو بہ عارب فقير تي ناهي سگهيو.

عارب مون کي هڪ پيرو ويجهڙائي ۾، رائسنگھہ وڪيل واري جڳھہ تي مليو هو..حال احوال پڇيو مانس چيائين” نہ پُڇ امر! زندگي ڏاڍي ڏُکي گُذري رهي آهي، هتي ڪلا جو نہ پر ڪپڙن جو قدر آهي، مون سرڪار کي وضيفي لئہ بہ جام عرضيون ڏنيون، پر ٽَڪو بہ نہ مليو“ اهڙو ڏکدائڪ حال ٻُڌي، مون کي ڏاڍو ڏُک ٿيو. اُنهن سرڪاري ڪامورن ۽ وزيرن تي ڏاڍي چڙ لڳي، جيڪي ٽَڪي جي سفارشي ماڻهن کي لکن جا چيڪ ڏيئي ڇڏين ٿا، پر هھڙن لَکي فنڪارن کي ٽَڪو بہ نہ ٿا ڏين. ڇا ڪجي؟ اُلٽي گنگا ڏسي، اُلٽي ٿي اچي..

# هيميڏان چارڻ

هُو جيڪو ڏيوي پُٽر آهي. ڏيوي پُٽر چارڻن کي چوندا آهن. چارڻ جيڪي صدين جا شاعر هوندا آهن. چارڻن جي دعا پِٽ بہ هلندي آهي. چارڻ جنهن کي دل سان دعا ڪندا آهن تہ ان جا ٻُڏل ٻيڙا پيڙائن مان پار اُڪري ويندا آهن ۽ جنهن کي پِٽ يا پاراتو ڏيندا آهن تہ ان جي ڪُل کي ست پيڙهين تائين سراپي ڇڏيندا آهن. چون ٿا تہ چارڻن جي مُک ۾ مها شڪتيءَ جو واسو آهي، ان ڪري چارڻ ڪنهن سان ملڻ وقت منوار وارو پرڻام بہ ”جئہ ماتاجي“ چئي ڪندا آهن .

منڙئي چارڻ جو هي مها ڪوي هيميڏان هن وقت سندس ناناٽڪي ڳوٺ پابوهر سوڍا ۾ رهي ٿو. 1955ع ۾ جنم وٺندڙ هيميڏان جي هردي جي هري دُئار ۾ سرسوتي ماتا سدائين اکنڊ جوت جڳائي ويٺي آهي. هُن جي اکين جي جهيڻي ۽ جهڪي ٽيل نور ۾ ڏات جا ڏيئا اڄ بہ ڪنهن راجائي محل جي جهومر وانگي جرڪن ٿا. هُن جي چَتر ٻوليءَ ۾ هزارين ٻاپيهن جي مناس اوتيل آهي. هُو جڏهن ڳالهائي ٿو تڏهن ائين لڳي ٿو جڻ تہ آبشارن مان لهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪنهن مصريءَ جا مڻ اوتي ڇڏيا هُجن. هُو جڏهن بہ ڪا درد ڪٿا ڪبيشري لهجي ۾ ٻڌائيندو آهي تہ هر ٻُڌندڙ جي اک آلي ٿي پوندي آهي. پوءِ اُها ڪٿا ستي سورٺ جو ڏياچ لئہ ڏاگهہ تي چڙهڻ هُجي يا واگهجي رائوڙ سان چارڻ ڪوي جي وفا جو ورٽن هُجي. مومل جو راڻي کي سچ سمجهائڻ لئہ مچ ۾ پوڻ هُجي يا مارئيءَ جي جنم بابت حقيقي حوالا هُجن. هُو هر ڪٿا ۾ سراپا درد بڻجي بيان ڪندو آهي .

پنج درجا پرائمري پڙهڻ کان پوءِ غُربت سبب اڳتي پڙهي نہ سگهندڙ هيميڏان چارڻ سان منهنجي ملاقات ويجهي ماضيءَ ۾ ٿي آهي. هڪڙي ڏينهن مٺي ۾ رائسنگهہ واري جڳهہ تي ويٺا هئاسين، رائسنگهہ چيو اڄ هلون ٿا پابوهر هيميڏان چارڻ سان ڪچهري ڪنداسين. مون چيو جيڪو

سنگت جو فيصلو سو رائسنگهہ جو حُڪم اڪين تي رکي وياسين پاٻوهر، رات جو هيميڏان چارڻ بہ آيو. ويچارو ساهُ ۾ پرجي مس اوطاق تائين پهتو هو. هاڻ ”ٻُڍا ٿيا ٻل هٽيا“ واري وهيءَ ۾ آهي، پر ٻوليءَ ۾ ٻاجهہ اجا تائين اهو ئي جوانيءَ وارو آهي. ڪلي ملڻ وارو تمام پيارو ماڻهو آهي. جڳن جي جهوني ۽ صدين جي ساڃاهوند هن ٻارٿ جي ٻار حياتيءَ ۾ ڪيئي ڏک ڏٺا آهن. ڪڏهن بہ ڏُکن ڪان ڏَريو نہ، پر سندس لائق مويي پُٽ جي اچانڪ اولاڪي هن ميرو پربت جهڙي اٽل آدمي کي صفا چُور چُور ڪري ڇڏيو. هڪڙو غُربت جا گهاوَ ٻيو جوان ۽ هونهار پُٽ جو موت ويچاري جا وڻ ئي وڃي ويا. هاڻي بس ساهہ ڪڻي جيئي ٿو. نہ اڳوڻو ڪويتا جو شوق آهي ۽ نہ ئي ڪچهرين جو ڪوڏ رهيو آهي. پر اسان جي اصرار تي اسان جي دل رکندي هُن واگهجي رائوڙ جا دُوها ٻڌايا، جن کي ٻڌي اسين دنگ رهجي وياسين. ڇا تہ رائوڙ واگهجي هو ۽ ڇا تہ چارڻ ڪويءَ جي وفا هُئي؟ سڀ ڪمال. ڪمال تہ هيميڏان جي چِٽَڪ ۽ مٺي ٻوليءَ جو هو جو منهنجي اکين جو امبر آگمجي چُڪو هو. واگهجي سان چارڻ جي وفا واقعي غير معمولي هُئي. اهڙي دوستي شايد ئي نيائي سگهي. اڄ ڪلهہ جا ماڻهو چون ٿا تہ چارڻن راجپوتن وٽان دان پُڄ وٺي انهن کي وڏائي پيش ڪيو آهي، پر ائين نہ هو. واگهجي رائوڙ سان محبت ڪندڙ چارڻ ڇئن پهرن ۾ چار لک وڃائي ڇڏيا، پر واگهي کي نہ وساريو .

هيميڏان چارڻ جي شاعريءَ جو تعداد تمام گهٽ آهي. هن تمام ٿوري شاعري ڪئي آهي، پر جيڪا ڪئي اٿس اُها گهڻن وڏن شاعرن جي گهڻي شاعريءَ تي ڀاري آهي. هُن جي ڪويتا جو پس منظر وطن جي سڪ، وطن سان وفاداريءَ جي واکاڻ ۽ وطن جي سپوت ڪردارن جي ساراهہ آهي. وطن سان مُحبت جي مڪمل تشريح هُن جي هڪڙي دوهي ۾ اهڙي تہ زبردست انداز سان ڪيل آهي جو هن جي شاعري تمام گهڻي شاندار، جاندار ۽ وزندار ٿي وڃي ٿي. هن جو اهو هڪڙو دوهو گهڻن جي ديوانن تي ائين ڀاري آهي، جيئن ورهاڱي جي پس منظر ۾ لکيل گهڻن نالي چڙهين ناولن تي

سعادت حُسن منٽو جي هڪڙي ڪهاڻي ” ٽوبا ٽيڪ سنگهہ“ ياري آهي. اڇو تہ ان دوهي مان حظ حاصل ڪندا هلون.

**سِر گهڙو هاٿ ڍينگهڙي، هئہ هئہ ڪرتو آءِ**
**او نر ڏر نہ ڇڏين آپري، نہ تو ڪُڙ ڪپوتران ڪهاءِ**

هيميڏان چوي ٿو تہ وطن ۾ ڪهڙا بہ ڏُک هجن. مٽي تي پاڻيءَ جا مٽڪا ڪٽي، ڪاڙهن ۾ مال ڪاهيندي، رڙيون ڪندي بہ جيڪي ماڻهو وطن سان وفا ڪندا آهن. اهي ئي جڳن جي جيت هوندا آهن. اهڙا ماڻهو وطن ناهن ڇڏيندا جي ڇڏي وڃن ٿا تہ انهن جو ڪُل (خاندان) ڪپوت (نالائق) سڏائي ٿو. اهي پنهنجي پيڙهين جي پَت رکن ٿا.

ٿر جي چند سگهڙن ۾ سُچيت ۽ سريشٺ هيميڏان جي هڙ ۾ هن وقت ڪويتا ڪانسوءِ ٻيو ڪجهہ آهي تہ بس يادون ئي آهن. جن جي سهاري هي جيئڻ جي جستجو ۾ لڳل آهي .

**هيما هينئون مَ هار، تئين پيڙا شينهن سردار**
**ڪيهر ناناٽا ڪارواڻي، مهاسينگهه مٽيادار**

هُو پنهنجي ڪويتا جي ڪنمال ۾ جتي ناناٽڪي ڳوٺ جو ننگ پويو اچي اُتي، اباڻي ڳوٺ جي سُونهن ۽ سيپتا ڪي بہ ساڻ ڪٽيو اچي .

**نهڙيا سميجا راهمان چارڻ ڀائي چار**
**سروي ڪي سريکي منڙئي لالي مختيار**

**منڙئي ميگهواڙ ڪاڳيو مونو ڏاناڻي**
**تڙها ڪٽائي خاصا ڍاڻ نان پايو پاڻي**

هُن پنهنجي ٿورڙي شاعريءَ ۾ ونگي جي واڳ ڌڻي ڪي تمام گهڻو ساراهيو آهي. هُن ترائي جي تاج ڌڻي ارباب امير حَسن کي انهٺ رنگ (سلام) ڏنا آهن .

**اٿست رنگ امير حَسن را، ميرل ڪُل موڙ**
**سدا سوڀاڙو ونگو وسي، جو اريان سالي اروڙ**

**هال هينئان هڙ سمهان، هال اوطاق ارباب تڻي**
**ڪيڪاڻ ڏي ڪوڏ مان، ونڪو ونگي ڏڻي**

هن جتي ونگي جي واڪاڻ ۾ ڪويتا جا هار جوڙيا آهن اُتي ڀُڪڙئي جي ڀوپتن کي بہ هينئن جو هار ڪري پاتا آهن.

**گڏ ونگو واس کهيجي، ڀُڪڙيو ڀُوپت گام**
**سدا سخي حَسن، جيرو نو ڪوٽي چاوو نام**

# ڊاڪٽر حاجي شفيع ميمڻ

هُو جيڪو هاڻي عمر جي اُن ڏاڪي تي پهتو آهي، جتي پُهچي ماڻهو ٻار ٿي پوندو آهي. ٻارن وانگي آڙا ڪندو آهي ۽ لڙ ڪڙائيندي هلندو آهي، جتي وار ٻگلي جي پرن جهڙا اڇا ٿي ويندا آهن. ماڻهو ان وهيءَ ۾ ڳالهه تان ٿڙي ۽ بي مقصد چڙي ويندو آهي ۽ گاريون گُڻ سمجهي ڏيندو آهي. ”اسي مت کسي “ واري ان ورچندڙ وهيءَ ۾ هوندي بہ هُو چست، چالاڪ ۽ اٽورچ نظر اچي ٿو. هُو نہ ٻار ٿيو آهي ۽ نہ ئي ٻڍاپي جو ڪو روپ لڳي ٿو. هُو تہ فقط ماڻهو لڳي ٿو. اهڙو ماڻهو جنهن کي ڏسي اکيون ٺريو وڃن. جنهن سان ڪچهري ڪندي ماڻهوءَ جا ٿڪ لهيو وڃن. هُو ماڻهپي سان ڀريل اهڙو مهان انسان آهي جنهن جا گڻ ڌرتيءَ جا وڻ بہ ڳائيندا وتن. هُو مذهبي متيبد ڪان متاهون ماڻهو آهي. هن لاءِ صوفي ازم واري سنڌ ئي سڀ ڪجهہ آهي. هُو جيڪو پنج وقت نيڪ نمازي آهي. هُو مسجد مان نڪري پچمائي جي مندر جي پوڄارڻ رامان ٻائي کي نمي نمسڪار ڪندو هو. هُو جيڪو رامان ٻائي جي رحلت تي جهونا ڳڙهہ وانگي جُهري پيو هو. ڏيپلي جي ڏيهہ ڌڻي، ڊاڪٽر حاميد علي ميمڻ جي گهر ۾ 31 آڪٽوبر 1941ع تي ڏيپلي شهر ۾ جنم وٺندڙ حاجي شفيع محمد ميمڻ شروعاتي تعليم پنهنجي اباڻي شهر مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ بہ ڏيپلي ۾ ئي گورنمينٽ جابر بن حيان هاءِ اسڪول مان 1959ع ۾ پاس ڪئي. سن 1967ع تي سنڌ جي تعليمي ۽ تدريسي مرڪز ڄامشوري جي مشهور ميڊيڪل ڪاليج، لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان M.BB.S جو امتحان پاس ڪري پوسٽ گريجوئيٽ ٿيو. هُو جيڪو اڄ بہ هر روز نما شام ويلي سوين ماڻهن جي هٿن جون ريکائون نهاري انهن جا مفت ۾ علاج ڪري ٿو پر هن جي هٿن ۾ مالڪ ڪا اهڙي ريک نہ رکي آهي، جيڪا ڪيس متيءَ جي سير ملڻ جو ڪو اهڃاڻ ڪو آسرو هجي ها. آس نراس واري ٿياس تي ٽنگيل هن جا هيٺا هڏ اڇا تائين ڪمزور ناهن ٿيا

۽ نہ ئي وري هُو ڪنهن مايوسيءَ ۾ مبتلا آهي. اولاد جي اڻهوند جي باوجود هو هر ويل مرڪندو ۽ ٽهڪندو پيو آهي.

هو پنهنجي پيءَ جي نالي ٽهيل حاميد پارڪ ۾ ويهي اڄ بہ ڏٽي در اها ئي دعا گهري ٿو تہ "اي ڏيهن جا ڏاتار! اسان جي ڏيپلي کي جڳا جڳ جئيرو رکجان" هُو پنهنجي نصيب تي نُوحا ڳائڻ بدران ڏيپلي جي جهوني بازار "پولن" ۾ موجود پنهجي پڪي گهر جي اڳيان اڏ جهريل ڪوٺڙي ۾ ڪلينڪ لڳائي هر روز 2 بجي کان وٺي رات جو 11 وڳي تائين مسلسل مريضن جو مُفت ۾ معائنو ڪندو آهي. هن عمر ۾ پلا ڪير ائين ڪري سگهي ٿو. اُهو بہ بنان ڪنهن لالچ جي، فقط انساني خدمت ڪرڻ جي جذبي تحت اهو فقط ڏيپلي جو ڏاتار پُٽ حاجي شفيع محمد حامداڻي ميمڻ ئي ڪري سگهي ٿو.

سياري جي سرد رُت ۾ 13فيبروري 1969ع تي صحت کاتي ۾ ڊاڪٽري واري نوڪري ملي ۽، شروعاتي ايام ۾ مختلف ضلعن م ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ سن1971ع ۾ پنهنجي اباڻي شهر ڏيپلو ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. تمام محنتي فزيشن، سرجن ۽ ماهر امراض طور ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اسپتال ۾ ڪم ڪيو ۽ پوءِ تعلقہ هيڊڪوارٽر اسپتال THQ ڏيپلو ۾ ميڊيڪل سُپريڊنٽ (MS) طور ڪم ڪيو. هن جي هوشياري، ايمانداريءَ ۽ بيماريءَ کي سُڃاڻڻ واري انوکي ڏانءُ ۽ ڏات هن کي مڙني کان منفرد ڪري بيهاريو. انتهائي باريڪ بينيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان مريضن جي تپاس ڪرڻ کان وٺي علاج لئہ بهترين ميڊسن ڏيڻ ۽ بهترين انتظاميہ واري سُڃاڻپ ڪيس جلد ئي پوري خطي سميت سموري سنڌُ ۾ مقبول ۽ مشهور ڪري ڇڏيو. مقامي ماڻهن ڪانسواءِ پري پري کان ايندڙ مختلف بيمارين ۾ مُبتلا ماڻهن جا هن مفت ۾ علاج ڪري ٿر جو ڳاٽ فخر مان اوچو ڪيو آهي. اڄُ بہ سندس ننڍڙي ڪلنڪ تي مريضن جا هُجوم هوندا آهن. سرڪاري اسپتالن ۾ بهترين علاج نہ هئڻ ڪري، اهي مسڪين ماڻهو جن جا نِجي اسپتالن جي ڳرين فيسن ۽ مهانگين دوائن ڪم لاهي ڇڏيا هئا. انهن کي هن مرد مجاهد جي پاڻ ارپڻ واري پاونا ۾ جيئندان ملي ويو.

مسڪينن جي مدد، نيڪ صلاح ڏيڻ ۽ هڙان توڙي وڙان خرچ ڪري ماڻهن جا اهنج گهٽائڻ واري هن انوکي معالج پنهنجي ايامڪاري دؤران هزارين آپريشن بہ ڪيا آهن. پنهنجي پيشي سان محبت ۽ پنهنجي مرحوم پيءُجي وصيت، ڪيس پنهنجي ڏيهہ سان اڄُ تائين جوڙي رکيو آهي. زندگيءَ جي لاتعداد ڏُکن ۽ پوڳنائن جتي سندس صحت ۽ ڪم تي اثر وڌو آهي، ان هوندي ٻي هُو پنهنجي پيشي سان سؤ فيصد سچو آهي. ان جو ثبوت اهو آهي، جو اڄ بہ سوين مريض سندس ڪلينڪ تي انتظار ۾ اُڀين پيرين بيٺا هوندا آهن. مفت ۾ علاج سان گڏ مريضن کي پئسي ڏوڪڙ ڏيڻ ۽ دوائون بہ پنهنجي کيسي مان ڏيندڙ هن پراُپڪاري پُرش جا هن علائقي جي هر ماڻهوءَ تي ٿر جيڏا ٿورا ۽ انيڪ احسان آهن. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن، پر سڀ کان وڏو ايوارڊ عام ماڻهن جون محبتون ۽ دعائون آهن. رٽائرمينٽ بعد تڏهوڪي وزير اعليٰ سنڌُ ارباب غلام رحيم ڪيس ايڪسٽينشن جي بہ آڇ ڪئي هُئي. مگر هن پنهنجي صحت جي مسئلي جي معذوري ڏيکاريندي اها آڇ قبول نہ ڪئي. لاڙ ۽ ٿر ۾ هڪ ئي وقت مشهور ۽ مقبول هي شخص ڪيترن ئي سماجي ادارن ۾ بنا ڪنهن معاوضي جي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. کوهہ، نلڪا، سمر پمپ، مدرسا، مسجدون ۽ ٻين فلاحي ڪمن م هر وقت هڪيو تڪيو حاضر رهندڙ هي الله لوڪ ماڻهو هن خطي جي خوبصورتيءَ ۾ مُندي تي ٽِڪ وانگي جرڪي رهيو آهي .هُو چاهي ها تہ ٻين ميمڻن وانگر ، ڏيپلي کي جدائي جو ڏنڀ ڏيئي هميشہ جي لاءِ حيدرآباد هليو وڃي ها، ۽ وڃي هوائن جي هندوري ۾ لڏندي زندگيءَ جا پچاڙڪا ڏينهن سڪون سان گذاري ها، پر هن ائين نہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ هن کي سڪون کان ساٿيهہ وڌيڪ عزيز هو. هُن پنهنجي حياتيءَ جا هڙئي سک پراين ڏکن ۾ تحليل ڪري ڇڏيا. هُو مسيحائي جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال آهي.

هن جو جنم ڏيپلي ۾ ٿيو آهي، هُو مرڻ بہ ڏيپلي ۾ چاهي ٿو. هُو مٽيءَ سان مٽي ٿي ملڻ جو هنر خوبُ ڄاڻي ٿو .هن حقيقي جيئڻ جو فلسفو اُنهن ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۾ ٻولي ورتو آهي، جن ۾ ڪال پول جي گوري ونڻ

جيتري بہ سگهہ نہ آهي. هن انهن ڏبرن روڳين جي چهرن ۾ پرماتما پاتو آهي، جن جي ڏرا ڏيئي ويل اکين مان وهندڙ پاڻيءَ ۾ پچن کي ڏسي پٽر جا ماٿهو رحم بدران ڪراهت ڪندا آهن. هي انهن بيمارن جو پرجهلو ٿيو آهي، جن جو پرائيويٽ تہ پري جي ڳالهہ پر سرڪاري اسپتالن ۾ بہ علاج نہ ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ غربت ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي هوندو. جن جي سفارش ڪرڻ وارو بہ خدا هن جهان ۾ اجا خلقيو ئي ناهي. بي سهارن ۽ مُفلس ماروئڙن جي خدمت ڪندي هُو اج بہ ائين خوش ٿئي ٿو جئين ڪو مخير مرد ڪنهن ڏيجوان ڏوٽيئڙي جي ڪيسي ۾ سخا جا سِڪا وجهي سرهو ٿيندو آهي

.***

# نثار بلوچ

اسلام ڪوٽ جي ڏکڻ اولهہ واري ڪُنڊ ۾ واقع ڳوٺ ڪاڪٽهار رحم علي جو هي خوبصورت ڇوڪرو ذات جو وسائيپوٽو ٻروچ آهي. تڙ جي اُن تاريخي ۽ سُگهڙ شاعر حاصل فقير جو ڳوٺائي آهي، جنهن ڪنديءَ تي بيت لکي مٿيءَ جو حقُ ادا ڪيو هو. هي بہ پنهنجي يومي جو حق ادا ڪرڻ خاطر وس ڪان وڌيڪ لکي ٿو ۽ اُهو بہ خوبصورت لکي ٿو. 27 جنوري 1988ع تي جنم وٺندڙ مٿيءَ جو هي محبوب شاعر تعليم جي حوالي سان پوسٽ گريجوئيٽ آهي. هن وقت هڪڙي اين جي اوز ۾ برسر روزگار آهي. تمام پيارو ماڻهو آهي .

هُو جيڪو پرهہ جو پياڪُ آهي، اهڙو پياڪُ جڪو ڍُڪ ڍُڪ پيري شراب کي ڍُڪ ڏيڻ بدران هڪڙي ئي ڏَڪ سان گلاس کي ڳيت ڏيئي مٺہ کي مهڪائيندو آهي، پاڻي وانگي پيئندو آهي، پيئندو ڪٽي آهي، هُو تہ ڏوڪيندو آهي. ڏوڪڻ ڪان پوءِ مليريا ۾ مُبتلا ڪنهن مريض وانگي وقلڻ بدران سُر ۽ تال ۾ ڳالهيون ڪندي سموري محفل کي مچائي ڇڏيندو آهي. وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي تاڙي ملائڻ واري انوکي عادت بہ هن جي شُپ گُڻن ۾ شُمار ٿئي ٿي. هُو جڏهن اسلام ڪوٽ واري نند لعل ميگهواڙ ۽ ميرپورخاص واري اوطاق ڌڻي صفدر پنهنور وٽ مئہ نوشي ڪندو آهي تڏهن شراب بہ نشي ۾ ٻُڏي ويندو آهي. ميان گُل محمد ڪلهوڙي جون ٻوليءَ جي سُڌاري لئہ نيڪ صلاحون ۽ غُلام رسُول مگرئي جا ٺهڪ بہ ڪڏهن هن محفل جي رونق هوندا آهن. سُرورن ۾ سرشار اُن مڏيري محفل ۾ نہ رڳو منٽُو جي افسانن جون ڳالهيون ڇڙنديون آهن، پر بيديءَ ڪان وٺي ٽئگور تائين سيني عالمي اديبن تي ڳالهايو ويندو آهي. ڳالهايو تہ سنڌُ جي سُورن ۽ پرينءَ جي پُورن تي بہ ويندو آهي. ماڌُوري جي موهي مارينڌڙ حُسن ڪان وٺي ڊيپڪا پڙاڪون جي ڊانس تائين بالي ووڊ جي سُندرين جي جسماني خدو خال تي حال احوال ڪيا ويندا آهن. شاعريءَ جي فني ۽ فڪري لوازمات جي باري ۾ بہ بحث ٿيندا آهن .

صحرا جو هي پياسو مور مٿ تلاءَ مان سيراب ٿيڻ کان پوءِ شاعريءَ جي سُندر ديويءَ سان هم ڪلام ٿيندو آهي. ڪلا جي ڪلاونتي سورنهن سينگار ڪري هن اڳيان ٻانهون ٻڌي بيهي رهندي آهي، ۽ هُو شاعريءَ کي سجدو ڪري من مندر ۾ آرتي شاعريءَ کي ديوي جو درجو ڏيندو آهي، ۽ هن جي هردي ۾ براجمان ٿيڻ کانپوءِ ڪويتا راڻيءَ هن کي مهاڙيئي جي گگر جهڙا وچندڙ نظم پيتا سوروپ ڏيندي آهي. ”شهر رنديءَ جو بدن“، ”شهر ۾ پاڻ وڃائڻ وارا“، ”دپيڪا تون نچين ٿي“ ۽ ”يار سان بہ ملڻو آهي“ جهڙا عالمي ميار جا نظم هن جي شاندار ۽ جاندار شاعراڻي حيثيت جو ثبوت آهن. نثار جو نظم کان نثر وارو پاسو گهڻو وزندار آهي. هن جي نثر ۾ عالمي معيار جي جَهلڪ پسي سگهجي ٿي. نئين پرٽيل ناريءَ جي ماڻي ۽ ڪاڪ جي لاٽي جهڙو هن جو لاجواب نثر اجائي لفاظيءَ جي لُڙ بکيڙي کان پاڪ آهي. هُو تمام گهٽ لکي ٿو پر جڏهن بہ لکي ٿو تڏهن ڳائي وڃائي لکي ٿو. چوڻ جو مطلب تہ هُو ميجيل نثر نگار آهي. جڏهن بہ هن جي دادلي دل چاهيو آهي، تڏهن ڪنهن وينگس جي ڳاڙهين اکين جهڙو نشيلو نثر هن تي نشي وانگي حاوي ٿيو آهي، ۽ پوءِ هي آفريڪا جي ڳاڙهن انگورن جهڙو نثر لکي گهڻن تي اثر انداز ٿيو آهي. خطن جو تہ هُئين شهنشاه ڪاريگر آهي، پر ڪهاڻيون بہ ڪمال جون لکي ٿو. هن جي هڪڙي ڪهاڻي ريڊيو پاڪستان منيءَ تان نشر ڪندي آئون پاڻ آن ايئر روئي وينو هئس .اُن ڪهاڻيءَ ۾ نائڪ کي بليڊ ڪينسر هوندي آهي. هن جا خط پڙهي مون اڪثر اها راءِ قائم ڪئي آهي تہ هي رابندر ناٿ ٽئگور جو ڪو اوتار آهي. وئيشيا ڏي لکيل خط پڙهندي مون کي گيتا انجلي وارو نثر ياد اچي ويو. ٻُک بابت لکيل هن جو خط ٻُک جي آخري تشريح آهي. مُحبت جي محور ۾ لکيل خط پڙهي ماڻهو مُحبت جي منڙي احساس سان لبريز ٿيو وڃي. هن جا خط پڙهي ٿر جا گهڻا تڻا شاعر نثر نگار تہ ٿي ويا، پر نثار ٿي نہ سگهيا. نثار ٿيڻ لئہ انهن کي واقعي نثر تان نثار ٿيڻو پوندو. پاڻ ولوڙي تخيل کي تخليق جو ويس پارائڻ ڏاڍو ڳنن ڪم آهي .اهو ڪم ڪو دردن جو پاڻاريدار ئي ڪري سگهي ٿو. باقي هلڪي ڦُلڪي درد جي چور جي ڳالهہ جي دال ئي ڪانہ ڳرندي.

جيئن تہ هن جو تعلق هڪ سياسي خاندان سان آهي، ان ڪري چوويه ڪلاڪ پنهنجي در تي غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي حاضري ڏيندي، ڪم ڪار لاءِ واجهائيندي ۽ سڄو ڏينهن جي حُضوري ڪندي ڏسي هن جي ميڻ جهڙي دل درد ۾ ڀَڪل پيرون وانگي ڦسي پيئي ۽ هن کي سماجي ڍانچي کان سخت نفرت ٿيڻ لڳي. هن نہ ٿي چاهيو تہ ڪو مسڪين ماڻهو پنهنجي جائز ڪم لاءِ بہ ائين سڄو ڏينهن هٿ ٻَڌي جي حُضوري ڪندو رهي. ان ڪري هن جي سيني ۾ سُتل شاعراڻو احساس آرس موڙي اُٿي پيو ۽ هن سماج جي سُور تي لکڻ شروع ڪيو. لکڻ سان پڙهڻ بہ هن جو ننڍپڻ لاکون وڏو شوق هو. اهو شوق سندس پاءُ جي ورتل ڪتابن مان پورو ڪندو هو. هن جي وڏي ۾ وڏي خوشنصيبي اها هُئي جو هن جي والده ماجده پٽائيءَ جي پارکو هُئي. سُگهڙ سياڻي هُئي. سندس ماءُ جي واتان پٽائيءَ جا بيت ترنم ۾ ٻُڌي هن کي دُنيا جي سموري موسيقي وسري ويئي. هن کي وڏيو تہ صرف ماءُ جو مقدس راڳ ۽ پکين جون پرھ ويلي ٻوليون .انهن مان ئي متاثر ٿي هن اهڙو نثر لکيو جو اڄ ان کان الئہ ڪيترا متاثر آهن .

# شنڪر ساگر

هُو اُن محبوب شهر جو ڪاريگر ڪوي آهي، جنهن جو نالي وارو لفظ اُچارڻ سان ماٺهوءَ جي مُنهن ۾ مصري ٽڙن جهڙي مناس اچيو وڃي، جنهن شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ ڏينهن ڏونئري جو ڏيئا ٻرن ٿا، ۽ ڪاري رات جو سج جهڙي سونهن گلابي گهونگهٽن جي گهٽائن مان ليئا پائي، اويلن مسافرن کي ماري وجهي ٿي.! جنهن شهر جي جديد مندرن جو عاليشان اڏاوتون ڏسي هنر مند پورهيت هٿن کي چمڻ لئہ دل اڙل وڃيري جيان آڙا ڪري ٿي. لٽي سج سُوم رس جي سُڳند ۾ ٻڏل ان موڪيءَ جي مٽ جهڙي متوالي شهر جو نالو آهي، ”مني“. مني جنهن جي سُڃاڻپ رڳو اوچي ڳاٽ سان بيٺل گڏي پٽ ناهي، پر هرداس پڳت جو اُهو هريالو ڏيرو بہ آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي ويٺل مور ٺهوڪا ڪري صوفي ازم جو سڏ ڏيئي رهيا آهن. مني جي سُڃاڻپ رڳو ملاٽي هائوس ناهي، پر ريتن جي رکوالي جي اها ڪوتڙي بہ آهي. جنهن ۾ نت روز ”ڪاري ڪٽڪي واري“ جي منوار من سان ڪئي وڃي ٿي. مني جي سُڃاڻپ رڳو سائينداد ساند جي شاعري ناهي، پر ان محبوب ڪوي جي اها وائي بہ آهي، جنهن کي پڙهڻ سان ماٺهو پين تي هلندڙ پريتم واري الهڙ وهي کي ساري پنهنجي ٻالاپڻ جي ٻوڪ ۾ لڙهي ٻهہ ٻهہ ٻرڻ لڳندو آهي .

لِ ڪ ل ڪ وي ءَ ۾ ،

**تنهنجي چوٽيءَ ۾،**

**منهنجو هٿ لڳي ويو.**

**تو نڪرڻ جي پئي ڪئي.**

**وڪ وچوٽيءَ ۾**

**منهنجو هٿ لڳي ويو،**

**تو گهٽو ئي شرمايو ،**

**اڏندي پوتيءَ ۾**

## منهنجو هٿ لڳي ويو!!...

ڏڪاريل ڏيهه جي ان چئورنگ ۾ چلولي شاعر جو اسم گرامي آهي. ”شنڪر ساگر“. وسيع سمندر جهڙو سريلو نانءُ سندس شاعراڻي سياءُ تي ائين نهي ٿو جئين منڍي تي تڪ ۾ تڪي ۾ لاک رتي لِڪ هو. هُو جنهن جي نرڙ تي نشان نيري امبر تي زرافشان چنڊ جيان سهڻو لڳي ٿو! هن جي شاعري حرفي تجنيس جي حُسن ۾ ٿمتار آهي.

**تنهنجي مستي مور مِثل،**
**منهنجو منڙو ڍيل ڍنل.**

هُو جيڪو پنهنجي وشال سيني ۾ سمايل ڍيل جهڙي ڍنل دل ڪٺي پنهنجي، ميهوڳي ۾ مست مور جهڙي مخمور محبوبا جي ڳولا ائين ڪري ٿو، جئين ڪو ٻانڊيلو ٻار پنهنجي واريءَ ۾ وڃائجي ويل بلور جي ڳولا ڪندو آهي،

**تنهنجي گهر جي سامهون ساگر،**
**ڳولي پيو ڪجهه ٻارن وانگر.**

ريتن رسمن، سماجي پابندين، الزامن، ۾ پهرن جي پنجوڙ ۾ ڦٿڪندي ۾ ڦاسندي بہ محبوب سان ملڻ جي تمنا کي ترڪ قطعي نہ ٿو ڪري. هُو اندر ۾ آس سانڍي رکي ٿو تہ:

**ڪڏهن ڇانوءُ تنهنجي وارن جي ملندي،**
**اها آس دل ۾ اڏيندا رهياسين.**
**پنهنجڻ نيت تہ پوري ٿيندي،**
**آس انهيءَ ۾ جئيندو آهيان،**

جل ٿل بادل جهڙي بانوري محبوبا جي، وڄوٽي جي وڻڪاري جهڙن چِتن جي ڇانوءُ ۾، حياتي جي هرٽيءَ کي سڪون جي ساهي پٽڻ لاءِ، آس کي نراس نہ ڪندڙ شنڪر ساگر دلفريب دلبر جي دلاسن ۾ دوکن تي ڏک

ڪرڻ بجاءِ جيئڻ جا جتن ڪري ٿو ۽ سمورو غم گلاس ۾ اوتي پيئڻ ۾ ئي جيئڻ جا جواز ڳولي ٿو .

**دلاسن جي دوکن تي جيئندا رهياسين،**

**مدهوش ٿي پيئندا رهياسين**

1964 ۾ منيءَ جي مشهور لوهاڻا ڪميونٽي ۾ اک کليندڙ اسان جو هي پره جو پياڪ دوست جڏهن ڪڙي ۽ قاتل جا ڪوزا پيري محبوب جي فراقن ۾ امرت سمجهي اوتي ٿو تڏهن هن جي من جو ”موهن“ ڪويتا جي بندرا بن ۾، مرلي منوهر جي بانسري وانگي، ڏات جي سارنگي ڇيڙي، خيالن جي خوبصورت گوپين کي، ڪاغذ جي ڪينواس تي نرت ڪرائي ٿو. شاعريءَ جون ڪيئي سُندريون (صنفون) لفظن جا لال روهيڙا گنگهرو پائي هن جي تصورن ۾ تجلا ڏين ٿيون ۽ هو ٻانهون هار ڪري انهن جي آجيان ڪري ٿو ۽ لکي ٿو پنهنجي دلبند سرتيءَ جي ساروڻين کي پلائڻ لئہ ڪويتا جا ڪنورا غزل، انهن غزلن جي چالن ۾ پيري تري ساغر جيان ڇلڪي ٿو هن جو پڪل پيروئن جهڙو منڙو پيار، جنهن جي ڇانو ۾ نرت ڪن ٿيون، نرالي نينهن جون اهي پنين اکين جي پيرر جهڙيو يادون، جن کي پلائڻ خاطر هي آلي ڪاني جيان دکي ٿو ۽ پيري پيري پيئي ٿو.

**کي يادون پلائڻ خاطر،**

**مڏ پيالا پئيندو آهيان.**

**آلي ڪانيءَ وانگر آئون،**

**رات سڄي پيو دکندو آهيان،**

ٻارن کي پڙهائڻ واري اهم پيشي سان وابستہ هن قربدار ڪوي وٽ نهٺائيءَ ۽ نوڙت ڏات سان گڏ ڏاتار وٽان مليل آهي، اهي ڳڻ هن کي هڪ سٺو شاعر سان گڏ سٺو انسان بہ بڻائين ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو هن جي دوستن جو دائرو تمام وسيع آهي، هو جنهن سان بہ ملندو آهي، وڏي پيار ۽ ٻاٻوهہ مان مرڪي ملندو آهي. ان مرڪ ۾ مصنوعيت نہ پر نج نبار کير جهڙي خوشبو سمايل آهي!

ڪانگن کي قاصد ڪرڻ، پنهنجي اندر جا آروگ ڪنهن سان اورڻ ۽ سينڌن کي سجائڻ تہ سولو آهي ، پر تارن ترسائڻ ۽ سڏڪن کي سرچائڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي، سڏڪن کي سرچائڻ جو آرٽ فقط شاعر وٽ ئي هوندو آهي، چاڪاڻ تہ ان جي تتل دل کي ڏڍ ڏيڻ لئہ ڪويتا ديوي پنهنجن پاڪرن ۾ پريندي آهي، تڏهن تہ شنڪر بہ پنهنجي سرتيءَ کي سمجهائي ٿو تہ:

توکي مان جي ياد پوان پوءِ،
سُڏڪن کي سرچائي ڇڏجان

پولي ناٽ جي بودلي دل جهڙو پورڙو شاعر شنڪر ساگر منصوعيت ۽ مفافقيءَ کان پويتر ۽ پري آهي، هن سان تہ وڏيون ٺڳيون ۽ مڳيون تہ محبوبہ بہ ڪندي رهي آهي، پر هو موت ۾ مرڪن جا گلاب شاعريءَ جي سڳيءَ ۾ پروئي ساجن کي سوکڙيون ڏيندو رهيو آهي.

پرين تنهنجي پايل پري کان وڳي آ،
لڳي ٿو تہ مون سان پراٽي ٺڳي آ.

سنڌي ادب ۾ سوشالاجيءَ ۾ ماسٽر ڪندڙ شنڪر ساگر جي شاعري عام فهم ٻوليءَ ۾ سرجيل آهي، تمام سادڙا لفظ جن کي پڙهڻ سان ماڻهوءَ کي ٻوليءَ تي پيار اچيو وڃي .شاهہ عبداللطيف ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ کي دل هندوري ۾ لوڏيندڙ هن لاڏلي ڪويءَ جي سموري شاعري ٿر جي ٻهراڙي جي اڻ پڙهيل ڇوڪري جهڙي سادڙيءَ ۽ سهٽي آهي، جيڪا رتن رُخسارن تي مينڊين جا ڪيڙا ناهي، نڪ تي نيل پاليش جا ٽبڪا ڪڍي، صراحي دار ڳچيءَ ۾ هنسلي پائي، ڇتن ۾ مُرووي جي ڇتڪار ڪري، پنهنجي ميري محبوب سان ملڻ لئہ حرس مان هلي ٿي، جنهن کي ڏسي مور متڪو ڪن ٿا، ۽ ڍيلون ڍانس ڪن ٿيون. شنڪر جي شاعري ان ٻانهياريءَ جي ٻڪ جهڙي وٽندڙ آهي، جيڪا اڄ ڪلهہ جي هن جديد دور ۾ موبائيل ميسيج تائين محدود ٿي ويل محبت ۾ صفا ڪچي آهي، پر ماءُ جي ممتا جهڙي پيار ۾ سئو سيڪڙو سچي آهي. جيڪا ڀيو تہ ڄاڻي يا نہ، پر محبوب جي ڳدلن ڳلن تي

چمُيء لئہ چپ رکي ٿي ۽ اچانڪ چڪ وجھي ڇڏي ٿي. بقول سعيد سومرو جي تہ:

هوءَ رکي ٿي چپ چمي جي واسطي ،
۽ اچانڪ چڪ پائي ٿي ڇڏي،

فلمن واري فريبي دنيا ۾ اميتاب بچن ۽ شاھ رخ خان کان وٺي شبانہ اعظميٰ، ريکا ۽ سميتا پاٽيل جي سُونهن جو عاشق اسانجو هي البيلو شاعر محبوبا جي چنڊ چهري ۽ عرش رنگي آنچل جو بہ اسير آهي،

تنهنجو عرش رنگي آنچل مونکي ڏاڍو وڻي ويو آ
چنڊ ڪرن مان نڪتل مون کي ڏاڍو وڻي ويو آ

شنڪر ساگر شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، ۽ هو گهڻي قدر ڪامياب بہ ويو آهي. هن جا غزل سونيلي جا گل آهن، تہ وايون موتئي ٽُل آهن! هن جا ٽيڙو ٽُڪ جي رليءَ ۾ ٽانڪيل ٽنئور آهن، تہ بيت ڪيتڪي گلن تي پوئنر آهن! هن جا گيت ڌرتيءَ جي سنگيت ۾ من گهرئي ميت جهڙا موهيندڙ آهن! سموري شاعري سنڌ جي سُرهاڻ آهي، پر نثري نظمن جو تہ ملھہ ئي ناهي. ڪمال جي ڪلا سان جوڙيل نثري نظمن ۾ ڌرتيءَ جا ڏک بيان ڪيل آهن. پريم ڪهاڻي جهڙي نرالي نوعيت واري موضوع کي نظم جي فارميٽ ۾ فٽ ڪندڙ شنڪر ، ڏيھہ ۾ پوندڙ ڏڪارن تي ”ڏڪار جي پڪار “جهڙو ڏنجھہ ڀريو نثري نظم لکي، پنهنجي ڏيھہ ۽ ڏات سان ذات کان مٿي پيار ڪيو آهي. هُو ڏيھہ واسين جا ڏک چڱي ريت پروڙي ٿو انهن جي ڏکن ۾ نہ رڳو ڏسڪي ٿو پر ڪمال جون ڪويتائون جوڙي ٿو. ڏياري جهڙي خوشين ڀري ڏڻ تي بہ ڏيھہ ۾ دردن جي جهوري ۾ جهرندڙ جهانگيئڙن کي اداس ۽ وياڪل ڏسي هو دانهن ڪري چوي ٿو تہ:

ڏڻي ڏياري ڏکي ڏيئا ٻاريا،
ويهي پاسي ور جي ڳوڙها پي ڳاڙيا ،

## ٻارن پئي ٻاريا پنا ڳولي پٽ تان.

ابول !شنڪر ادا دل ڏاري وڏي ٿئي، هن بيت ۾ سموري ڏڪار جو ڏک سمايل آهي. هڪ غريب ٿاريليءَ جي گهر ۾ خوشين جي تهوار تي ڪو طعام رڌڻ لئہ ڪا بہ شيءَ ناهي، پر پوءِ بہ هو ڏڪاريل دل ڪي ڏڍ ڏيڻ خاطر ڏيئو ٻاري ٿي، اُداس گهر ۾ پريشان وَر جي پاسي ۾ ويهي ڳوڙها ڳاڙي دل جو بار هلڪو ڪري ٿي، ۽ هن جا بکايل ٻارڙا پاڙي جي ٻين ٻارن ڪي ڦٽاڪا ڦوڙيندا ڏسي پٽ تان پنا ڳولي ڏيئي ۾ ٻارين ٿا .وچ ڙي ڇا تہ درد ناڪ منظر ڪشي آهي.

واٽيڪي ڪميونٽيءَ سان وابستہ هوندي بہ هُو نہ حساب ڪتاب ۾ ڪچو آهي، پر ڏن ۽ دولت ميڙڻ ڪان بہ دور آهي. هن جي حياتيءَ جي ڪُل پونجي محبت ۽ ميت آهي، جنهن تي "گوري تنهنجا نيڻ نشيلا " جهڙا نج نبار نينهن سان ٽمٽار گيت لکي ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

نہ ملڪيت ملي منهنجي گهر مان ٿي ڪا،
رڳو خط ۽ تصويرون هن جون مليون.

سوچون سپنا ۽ ساروٽيون،
منهنجي ملڪيت ٿيئي ٿول.

ساگر ڪي سُرڪ ۾ سمائي، تن جي توئنس ۾ تڪ ڏيئي پيئڻ واري پيٽائيءَ جي پيد ڪي، سچي دل سان سويڪار ڪندڙ شاعر شنڪر ساگر لئہ دلي دعا آهي تہ شل سدائين سرهو هجي، ۽ پنهنجا پسنديده ڪاڏا مڇي ۽ منگن جي دال ڪائي پنهنجي حال تي مست ملنگ ٿي پئيندو ۽ جيئندو رهي. هن جي شاعري جو سج چوڏس چمڪندو رهي، ۽ هن جي نينهن جو نيرو نيپ جڳا جڳا نيبہُ رهي.

# جاني لنجو

ڏُکن ۽ ڏُکارن کي نسل در نسل مقدر سمجهي پوکيندڙ هن پاڳ پري ڀُومي جي هڪڙي پلوڙ سُجاٽپ مهمان نوازيءَ واري بہ رهي آهي. اهڙي مهمان نوازي جنهن ۾ ويجهن عزيزن کان وٺي بنان ڄاڻ سُڃاڻ جي واٽ ويندڙ مسافر ۽ ناسيتو تائين سيني‌ءَ کي سريکا سمجهي، هڪ جيتري عزت ڏني ويندو آهي. جهڙي رب پاڻ پنهنجي ٻچن کي کارائيندا آهن اهڙي مهمان کي پڻ کارائيندا آهن. اهو هڪڙو ڌرتيءَ جو گُڻ آهي. صحراِ ٿر جي سياڳي سرزمين تي اهڙا ڪيئي ڪردار ٿي گُذريا آهن، جيڪي مهمان کي ڀڳوان جو درجو ڏيئي پنهنجا جيون سڦل ڪري ويا آهن. جن جا نانءُ اڄ بہ ڌرتيءَ جي دل ۾ ڌڙڪن ٿا. چيلهار جي جُوجهار سنگهہ ساڏُور کان وٺي چارنور جي رامي ڀوڇئي تائين ڪيئي نيڪ مرد نالا آهن جن ٿر جي مهمان نوازي جو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪيو هو. انهن سيني کان مٿي هڪڙو اهڙو ڪردار هو جنهن کي ٿر جي مهمان نوازيءَ جي ماٿي جي رتن جڙَا رکڙيءَ وارو ٽڪو چئجي تہ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

اهو هو پوڄاسر جو جاني لنجو...! پوڄاسر جيڪو هينئر تعلقي اسلام ڪوٽ جي پوسي سينگارو ۾ شامل آهي. چون ٿا تہ جاني لنجي جو جنم ڏانڪي ڏهر ۾ ٿيو هو. ڏانڪي ڏاهر نالي ڳوٺ پوڄاسر کان اُتر طرف ٿورڙي مفاصلي تي واقع هوندو هو. جتي هينئر ڪا بہ آبادي آهي. جاني لنجو اُتان الئہ ڪهڙي سبب ڪري لڏي جتي هينئر پوڄاسر آهي اُتي اچي وينو ۽ اتي پيئڻ جي پاٽيءَ لئہ کوهہ کوٽايو تہ پاٽيءَ بدران رڳا انگارا (ڪوئلا) نڪتا. هُن ٻيو کوهہ کوٽايو تہ بہ ساڳي مسئلو نڪتو ائين هن الئہ ڪيترا کوهہ کوٽايا پر پاٽي نہ نڪتو. نيٺ پريشان ٿي ان جو حل ڪنهن کان پُڇيو تہ ڪنهن ڏس ڏنو تہ رڙياڙي ڳوٺ ۾ ڪو الله لوڪ درويش رهي ٿو جنهن جو نالو پوڄو آهي ان کان پُڇائي اچ .جاني رڙياڙي ويو اُتان پوڄي کي وٺي آيو جنهن سڄو

پڌ گهمي هڪڙي هند گهوڙي جو سُنب ڏسي اُتي نشان هڻي ڏنو. جتي کوهہ کوٽڻ سان پاڻي نڪتو. چون ٿا تہ پوڄو پٺوري پير جو پهتل پڳت هو. پاڻي نڪرڻ کان پوءِ جاني لنجو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ پوڄي پڳت کي چيائين تہ هاڻي توکي چانديءَ جي مهار سميت اُٺ ڏيان يا جيڪي گهرين سو ڏيان. پوڄي پڳت چيو تہ مون کي ڪجهہ بہ نہ کپي، بس هن ڳوٺ جو نالو منهنجي نالي تي رکي ڇڏ. جاني پوڄي جو پرم رکيو ۽ ان ڏينهن کانپوءِ اڄ ڏينهن تائين جاني لنجي جي اُن ڳوٺ جو نالو پوڄاسر ئي آهي. جتي هن وقت ميگهواڙ ۽ لنجا رهن ٿا.

جاني لنجي جي مهمان نوازي مثالي هُئي. هن جي باري ۾ هڪڙي روايت مشهور آهي تہ، هُن جو نالو ونڻ سان ٿيئڙ تپ چڙهي ويندو آهي. ماڻهوءَ کي ٿيئڙ تپ يعني ٻيئنيون ٻرو هُجي ۽ اهو چوي تہ، ” سؤ گهوڙن ۾ اُتن سان سؤ مهمان اچن، ميهوڳي رات هُجي، جاني جي گهر ۾ لپ اٽي جي بہ نہ هُجي تب جاني جي ايمان کي لوڏو نہ اچي. تہ بخار پڇي وڃ.“ تہ بخار لهي ويندو. چا تہ مهمان نواز هو جنهن جي تاريخ اڄ بہ طب طور گواهي ڏئي ٿي. سؤ گهوڙن ۽ اُتن سان مهمان اهو بہ ميهوڳي رات وري گهر ۾ بہ ڪجهہ بہ نہ هجي پوءِ بہ ايمان کوهہ ڪارونجهر جيان اٽل هجي تہ مسئلو ئي ناهي. روزي مالڪ ڏيندو. اهڙا ئي هئا صدين جا امر ڦَل ۽ اڏول ڪردار جن تي ڌرتيءَ مَرڪ ڪري ٿي.

جاني لنجي جي باري ۾ راوي روايت ڪن ٿا تہ، هڪ پيرو آڌيءَ رات جو هن وٽ ڪجهہ مهمان آيا. هن پنهنجي گهر واريءَ کان اٽي پٽي جو پُڇيو. سندس گهر واري وراڻيو تہ گهر ۾ ڪجهہ بہ ناهي. هي پريشان ضرور ٿيو پر مايوس قطعي نہ ٿيو. هن گهر واريءَ کي چيو تس ڏئي تہ پاڙي مان اٽو وٺي اچان. تون ٿانڊو ٻار تہ اجهو ٿو موٽان. پاڙي ۾ ويو پر بدقسمتيءَ سان ڪٿان بہ اٽو نہ مليو نيٺ هي واپس موٽي آيو ۽ گهر واريءَ کي چيائينءَ تہ تس نئيو آهي کو ڏُوتل ۽ صاف ڪپڙو هُجي تہ ڏئي هن ۾ اٽو نہ ٿو اچي. گهر واريءَ ڏُوتل ڪپڙي جو ٽُڪر ڏنو جنهن کي کٽي جاني اُتر طرف اچي ريت تي ويو

۽ اڪيون پوري الله کي ياد ڪري واريءَ مان ڪجهہ ٻُڪ ڀري ڪپڙي ۾ وجهي ڪٽي آيو ۽ جوٽس کي چيائين هن مان ماني پچائي ڇڏجانءِ بچائي نہ رکجانءِ. مائي ماني پچائي جاني کي ڏني ۽ ڪجهہ اٽو بچائي رکي ڇڏيو. جاني مهمانن کي ماني کارائي سڪون سان سُمهي رهيو. صبح جو سوير مائي اُٿي ماني پچائڻ لئہ جيئن ئي رات واري پوٽلي کولي تہ ڇا ڏسي رڳو واري پيئي آهي. هي حيران ٿي ويئي ۽ سڄي ماجرا جاني سان ڪرڻ لڳي. جاني وراڻيو تہ هي روزي انهن مهمانن جي هُئي، مون توکي چيو پئي تہ اٽو بچائي نہ رکجانءِ. اهڙا هئا الله لوڪ مهمان نواز جن جي پُڪار ٻُڌي پالڻهار واريءَ مان اٽو ڪندي ويرم ئي نہ ڪندو هو.

جاني لنجي جي هٿ جو پوکيل نم جو وڻ اڄ بہ اُتي بيٺو آهي، جتي جاني جو گهر هوندو هو. ان جهوني نم جي هڪ منگهہ نما پاڙ آهي جنهن هيٺان ٽيئڙ تپ واري کي متائيندا آهن تہ بخار ڇڏي ويندو آهي. اڄ نہ جاني آهي نہ جاني جو گهر، پر روهيڙي جهڙو وشواس اڄ بہ زنده آهي.

# فيضُو فراقي

هُن جو نالو فيض مُحمد آهي، ۽ تخلص فراقي آهي، پر اسين هُن کي فيضُو فراقي چوندا آهيون. هُو نہ رڳو فقير ( مگڻهار)  ذات سان تعلق رکي ٿو، پر مزاجن بہ فقير ئي آهي. هُن کي الئہ ڪنهن جي فراق جا ڦٽ آهن، هُن جي اکين جي اُداسي ڏسي ائين ئي لڳندو آهي تہ هن جو اندر فراق جي ڦٽن جا هيرڻ پن ٿيل آهي .اُداسي جي عالم ۾ ٻُڏل هوندي بہ جڏهن هُو مُرڪي ملندو آهي تڏهن ائين لڳندو آهي، جڻ هُن سُورن کي سُتي ڪري پيتو هُجي. هُن جي سمورن سُورن جي شاهد اُها غم گاڏڙ مُرڪ ئي هوندي آهي، جيڪا هُن جي مُک تي ٽڙڻ مهل ريزه ريزه ٿي ويندي آهي. هُو ميرڙي وڳي ۽ وکريل وارن سان سادگيءَ مان پاڪر پائي جڏهن ملندو آهي تڏهن ماٺوءَ کي پورهيتن سان پيار ٿي ويندو آهي. هُو شهر جي شور ۾ رهندي بہ ڀهراڙيءَ جو مور لڳي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن جو ننڍپڻ ماتاجي مالهڻ ديويءَ جي ڳوٺ هريار ۾ گُذريو هو. هريار جنهن کي هريئي پوپي وسايو هو. اُن ڳوٺ ۾ ننڍپڻ گُذاري آيل اسان جو هي دلبر دوست اڄ ڪلهہ مٺيءَ جي ڪنور دل ماڻهن جي وچ ۾ ڪنهن اُداس پکيءَ جيان جيون گهاري ٿو. هُن جي شاعري اڄ ڪلهہ جي شوشل ميڊيا واري دؤر ۾ ايتري متعارف ۽ مقبول ناهي ٿي جيتري هُو لائق آهي. هُو مسڪين نہ فيسبوڪ واري فيشن کان واقف آهي نہ ئي ٽوئٽر تي کو ٽوئيٽ ڪري سگهي ٿو. هُن جي شاعري هن جي دل ۾ دفن ٿيل آهي جنهن کي هُو ڪنهن ننڍڙي ڪتاب جو ڪفن ڏيڻ چاهي ٿو پر ڏيئي نہ ٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ ڪيسي ۾ سواءِ تماڪ جي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

هُو غُربت سبب پڙهي نہ سگهڻ واري بدنصيبيءَ جا نوحا نہ ٿو ڳائي، بس مقدر ۾ مليل هر غم کي هر گنج سمجهي جيئي ٿو. سستي سگريٽ جا ڏگها ڪش هڻي جڏهن ڪاري دونهي کي نيري آڪاش ڏانهن اُڏائي ٿڏو ساهہ کڻي ڪا ڳالهہ ڪري ٿو تہ ائين لڳي ٿو جڻ خُدا کان پُڇندو هُجي تہ اي مالڪ! ذات ڏني تہ هي ٻُک ڇو ڏني؟ هُو پيٽ ٻُکايل هوندي بہ ڪنهن سان

ڪا شڪايت نہ ٿو ڪري. هُو ٻيڙيون ٻَڌي پنهنجي ۽ پنهنجي پريوار جي پيٽ جي بُک جو بندوبست ڪري ٿو. هُو ٻيڙيون نہ ٿو ٻڌي، ڄڻ زندگيءَ جا درد ٻَڌي ٿو. هُو پڙهيو لکيو شاعر ناهي، پر گهڻن پڙهيل لکيل هٿرادو شاعرن کان مٿي آهي. هُن وٽ ڪا بہ تصوراتي محبوبہ ناهي، جنهن جي خيالن ۾ هُو مگن ٿي ڪا ڳنڍيل پيڻل رديفن ۽ ڪُٽيل ڪافيئن واري شاعري سرجي پنهنجي پر ۾ پٽبلو نرودا ٿي گهمي، پر هُن وٽ پنهنجي قبيلي جي اُها سادڙي جيون ساٿي آهي جنهن جي مارئيءَ جهڙي مُرڪ پسي هُو بُک ۾ بہ بادشاهي ڪندي، ڪبير جي دوهن جهڙي ڪويتا لکي پاڻ کي فيضُو فراقي سڏائيندي سرهو ٿئي ٿو. هُو نہ شراب جو ڍُڪ پِي غم مٽائڻ جي پريڪٽس ڪري ٿو ۽ نہ ئي وري ڪنهن من لُڀائيندڙ موسم ۾ ڄاڻي واڻي رومانٽيڪ ٽيڻ جي اجائي ڪوشش ڪري ٿو. هُو نہ ڪنهن پارڪ ۾ وڃي ٿو نہ ڪنهن ڇُڙواڳي ۾ ڪنهن جي جذبن جي ڇيڙ ڪري ٿو. هُو انتهائي ڪم گو ماڻهو آهي. هُو آڳاٽي زماني واري صدري ساهتيہ جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. اڻ پڙهيل هوندي بہ هُو شاعري ڪري ٿو. هُو لکي نہ ٿو سگهي ان ڪري ياد ڪري ٿو. ذهن تي اچانڪ آيل شاعريءَ جو هر حرف هن کي ائين ياد ٿي ويندو آهي جيئن ڪنهن الستي عاشق کي سندس محبوبا سان ملڻ جو عزم ياد ٿي ويندو آهي. هُو ريڊي شاعرن وانگي لفظن جي تور تڪ ۽ وڍ ٽُڪ ۾ وقت نہ ٿو وڃائي. هُن کي جيڪو خيال دل ۾ لهي ٿو اهو ياد ڪري گُنگنائي ٿو. سنگت کي ٻُڌائي ٿو. سنڌي ادبي سنگت جي پروگرامن ۾ هن جا غزل گونجن ٿا .

ٻيڙيون ٻَڌڻ کان پوءِ هُو جيڪڏهن ڪيڏانهن وڃي ٿو تہ اهو جڳو نائي جو دڪان ئي آهي جتي بہ ٽي پل ساهي پٽي زندگيءَ جي ڦڦڙن کي تازگي بخشي ٿو. جڳو جي پيار مان پروسيل چانهہ جي اڌڙي پيئڻ کانپوءِ سستي سگريٽ جا سُوٽا هڻي، جڳو وٽ ويٺل منيءَ جي مهان اديبن کي خاموشيءَ سان ٻُڌي ٿو جيڪي اديب ٻين اديبن جون گلائون ڪرڻ مهل اهو بہ ناهن سوچيندا تہ جڳو پِٽ تہ ناهي، جڏهن تہ پٽين کي بہ هتي ڪن هوندا آهن. ڇا

چئجي منيءَ جا اديب آهن. اديبن تي ڪا بہ ميار ناهي پوءِ منيءَ جا هُجن يا امرتسر جا هُجن. هي فقير بس رڳو هڪڙي ڪن مان ٻُڌندو آهي ۽ ٻئي مان ڪڍي ڇڏيندو آهي. سگريٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ماٺ ڪري هلڪي ڪنگهہ ڪنگهندي جڳو ڪان نظرن ۾ موڪلائيندي هليو ويندو آهي پنهنجي ننڍڙي مانڊيٽيءَ ۾ جتي پَن، تماڪ ۽ ڏاڳا هن جي انتظار ۾ ائين اتاولا هوندا آهن جيئن شام جي وقت گهر وڃڻ وقت سندس گهر ۾ ٻُڪايل ٻارڙا هن جي انتظار ۾ اکيون وڇائي ويٺا هوندا آهن.

هيڏو وڏو شاعر هوندي بہ هُو منيءَ جي منگهُرن اديبن کان الڳ ڇو وسري ويو آهي؟ هُن کي ڪو بہ ايوارڊ ناهي مليو. ايوارڊ تہ پري جي ڳالهہ پر هن مسڪين سان ڪنهن شام بہ ناهي ملهائي. هتي تہ ريت ئي اُلٽي آهي شام اُنهن سان ملهائي ويندي آهي جن جون راتيون رنگين ۽ صبح اُجرا هوندا آهن. جن جي شاعريءَ ۾ شاعري ڳولي بہ ناهي لڀندي، بس رڳو ڪاريگري ئي هوندي آهي. مني اهڙن ڪاريگرن سان ڀري پيئي آهي. فيضُو جهڙن فقيرن سان رڳو تعزيت ئي ڪئي ويندي آهي. فيضُو کي ڪنهن بہ ايوارڊ يا شام جي لوڙ ناهي. هن جو بس هڪڙو ئي سپنو آهي تہ سندس شاعريءَ جو ڪتاب ڇپجي، پر هتي ڪو اهڙو احساس وند ادب ذوق نہ ٿو سُجهي جيڪو هن مسڪين جو اهو سپنو ساڀيا ڪري. ها اُن دليپ ڪوناريءَ جهڙو ڪو قدآور شخص چاهي تہ ڪري سگهي ٿو. جنهن پهرين بہ هن سان پيار ڪندي پنهنجي نينهن پبليڪشن منيءَ جي پليٽ فارم تان هن جي شاعريءَ جو ڳٽڪو ”غمن جون گهٽائون “ڇپائي پڌرو ڪيو هو. جنهن جو مهاڳ نالي واري اديب تاج جوئي لکيو هو .

فيضو جي شاعري نج نبار ڳائي گيهہ ۾ ملايل ڳُڙ ۽ ماکيءَ جهڙي پيور آهي. هن ۾ ڪا بہ ملاوٽ ناهي. فيضُو جي شاعريءَ تي ڳالهائيندي سنڌُ جي نامور ليکڪ تاج جويو چوي ٿو تہ ” فراقي اُدسين ۽ اڪيلاين جو شاعرُ آهي، هُن پيار ڪيو آهي، ۽ پيار اُهو جنهن ۾ وفا ئي وفا آهي. اهو وفا جو ئي جذبو آهي، جيڪو ڪنهن ٽرئي کي ٽر وسارڻ نہ ٿو ڏئي. فراقي بہ وفادار آهي.

فراقي وٽ سادي ٻوليءَ ۾ پنهنجا لفظ آهن، دوري، جُدائي ۾ وڇوڙو لفظ شاعرن عام ڪتب آندا آهن، پر فراقي جڏهن هنيلي پرينءَ کي سڏيندي، ”ڇڏي ڏي ڇڏايون“ جي ترڪيب ڪم آڻي ٿو تہ هو جڻ تہ پنهنجي شاعريءَ لاءِ نئين ٻولي تخليق ڪري ٿو“.

پارومل امراڻي جهڙو گهڻ پڙهيو دانشور جڏهن فراقي جي شاعريءَ تي ڳالهائيندي چوي ٿو تہ ” مون تہ هن جي شاعري رُسي ويل پرينءَ جي ڇِنني وانگر پڙهي آهي، جيڪا وڏُ بہ ڏئي ٿي ۽ ڏڍُ بہ ڏئي ٿي“ تہ ائين لڳي ٿو جڻ تہ هُو پيرٿري هريءَ کان بہ پاري آهي .

اچو تہ فيضو جي شاعريءَ مان ٿورو فيض پرائندا هلون. فيضو پنهنجي پريتم سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ:

هليو آ هنيلا ڇڏي ڏي ڇڏايون،
وڇوڙو پنهي لئہ وڏي گهات آهي.

نگاهن کان رشتا جڏهن تو ڇِنا هن،
تڏهن ساٿ مون کي ڏنو ڏات آهي.

هُو انتهائي حساس دل ماڻهو آهي. هن جي بيوسي هن جي شاعريءَ ۾ جهلڪي ٿي:

لُڙڪن لارون وس ۾ ناهن،
تُنهنجون سارون وس ۾ ناهن.

هُو هُجومن ۾ هوندي بہ پنهنجو پاڻ کي تنها سمجهي ٿو. دردن جي ميراث ۾ پلجندڙ هي مٺيءَ جو ميراڻي دنيا جي روين کان مايوس ٿي دانهن ڪري چوي ٿو تہ:

تنها پيارا رهجي وياسين،
دردن وارا رهجي وياسين.

واٽ ڪناري اُجلي ويو ڪو،
شايد ڪارا رهجي وياسين.

هن الستي عاشق ۽ محبوب ڪوي سان ڪنهن وفا ڪئي آهي تہ اُهي صرف ڳوڙها ئي آهن. جيڪي هن جي غم کي هلڪو ڪرڻ لئہ اکين مان قطارون ڪري وهندا آهن:

**اجا مون سان آهن وفادار ڳوڙها**
**ڪڏهن ٿيا نہ مون کان جُدا يار ڳوڙها**

هُو هن دورنگي دنيا مان ايڏو مايوس ٿي ويو آهي جو هن جو پيار تان ارواح ئي کڄي ويو آهي. هُو ايترو حساس ٿي ويو آهي جو پنهنجو حال بہ پرينءَ کي ٻُڌائي نہ ٿو سگهي. هُو نہ ٿو چاهي تہ پرين جي اک مان ڪو ڳوڙهو ڪري:

**مون سان ايڏو پيار ڇڏي ڏي،**
**خود کي مون کان ڌار ڇڏي ڏي.**

**حال فراقيءَ جا ڇا پُڇندينءَ؟**
**روئي پوندينءَ يار ڇڏي ڏي.**

# پيرولال سُونھڙ

هُن جو نالو تہ پيرو لال آهي، پر دُنيا هن کي چيلهار جي چُمي طور سُڃاڻي ٿي .چيلهار جنهن جي چانڊوڪيءَ جا پنهنجا پُور ۽ نُور آهن، تہ صبح جي بہ پنهنجي الڳ سُونهن آهي. چيلهار جنهن جو سنڌي ادب جي آڪاش ۾ چمڪندڙ پنهنجو الڳ سِڄُ آهي. جنهن جو پرتوو پوري ساهتيہ کيتر ۾ سهائي ڪري بيٺو آهي. چيلهار جنهن جو سخاوتيءَ وارو پلڙو گهڻن کان ڀاري آهي. اُن چيلهار جي چُمي پيرو کي چوندا آهن. پيرو جيڪو هر ڪنهن جو ڀلو سوچي ٿو. هُو سوچي ٿو تہ مُنهنجو ديس سدائين سائو هُجي. ماڻهو سُکيا ستابا هُجن. هُن جو ادب سان وڏو لڳاءُ آهي توڙي جو هُو اديب ناهي، ۽ نہ ئي اديب ٿيڻ جو ڪو شوق اٿس، پر پوءِ بہ هُن کي شاعري وڻي ٿي. هُو نثر پڙهي ٿو. سنڌ جا سوين اديب هن جي دوستيءَ جي ڌاڳي ۾ موتين وانگي پوئيل آهن. جيڪي هر وقت هن کي چيلهار جي چُمي چئي چاهيندا آهن. هُو آهي بہ اهڙو ئي. اڻ گُهري مليل گُلابي چُمي جهڙو من موهيندڙ.. دوستن تان دل گهوريندڙ هي هنيلو هنج گهڻن جي من ساير ۾ هر ويل ترندو رهي ٿو. هُو دوستن جي عزت ڪرڻ ڄاڻي ٿو .

هن جو جنم 2 جنوري 1984ع تي راڻاسر تلاءَ جي ڀر ۾ آباد ڳوٺ ٻيپاڻي ۾ جيبوجي سُونھڙ جي گهر ۾ ٿيو. هن جو نالو ماتاجيءَ جي آستان تي چٺيءَ جو نالو راڻومل ڏنو ويو. پر سندس (ماسي) ماسيءَ جي وَر جو نالو راڻومل هئڻ ڪري هندو ڌرم جي حساب سان وڏي جو نالو نہ وٺڻ ڪري پوءِ نالو پيرولال رکيو ويو. هي ٽن ڀائرن ۾ ٽيون نمبر آهي. پيرولال پرائمريءَ جا پنج درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول سونھڙن جو ٽڙ ۾ پاس ڪيا پوءِ ڇهين ڪلاس کان ڏهون ڪلاس گورنمينٽ هاءِ اسڪول چيلهار مان 1999 ۾ پاس ڪيا. هي ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هو تڏهن سندس پتا شري پرلوڪ پڌاري ويا. پتا جي ديهانت کانپوءِ گهرو حالات صحيح نہ هئڻ جي ڪري مئٽرڪ کان مٿي پڙهي نہ سگهيو. جنهن جو ڏُک اڄ بہ هن جي دل کي

ڏک هٽي ٿو. پوءِ روزگار جي سانگي بدين ضلعي جي شهر گلاب لغاريءَ ۾ ريزڪي دُڪان تي ملازمت ڪرڻ لڳو. آگسٽ 1999ع کان 2008 تائين ملازمت ڪئي تنهن کان پوءِ پنهنجي هلڪي ڦُلڪي ذاتي ڪاروبار لاءِ ڪپري موريءَ ۾ ريزڪي دُڪان کوليو. انهي عرصي دوران تمام پيارا باذوق دوست ملندا رهيا، جن سان ڪچهريون ٿينديون رهيون، جن جو ساٿ پيرو جي زندگيءَ ۾ اونداهيءَ ۾ چنڊُ وانگي رهيو. وري بہ قسمت ساٿ نہ ڏنو ۽ 2010ع جي ٻوڏ ۾ فصل ٻڏي ويا ڪاروبار پوئتي ڌڪجي ويو. نيٺ پنهنجو دڪان مجبور حالاتن جي ڪري بند ڪرڻو پيو. پوءِ بہ مهينا گهر بيروزگار ويهڻ کانپوءِ 2011ع ۾ هي بلوچستان صوبي جي ضلعي بيلو جي شهر وندر ۾ زرعي دوائن جي اسٽور تي ملازمت ڪرڻ لڳو. هن حياتيءَ ۾ ڪٿي بہ ٿڪ نہ پچيوءِ نہ ئي همٿ هاري وينو. وندر ۾ پنج سال ملازمت ڪيائين انهي عرصي دوران بہ ڪيئي سُٺا دوست ملندا رهيا. انهي کانپوءِ هن جي پياري دوست مرحوم زوهيب مري صاحب جي پرزور اسرار تي ٺٽي جي شهر ميرپورساڪرو ۾ ٻہ سال ملازمت ڪئي. انهي کانپوءِ اپريل 2017ع کان پارٽنرشپ تي ڳاڙهو شهر ۾ ڪاروبار جي شروعات ڪئي. هن سان گڏ سندس پيارو دوست سُٺي اخلاق جو مالڪ سني ڪتري بہ ڪاروبار ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي. مالڪ جي ڪرم سان هن وقت سندس سُٺو وقت گذري رهيو آهي.

هن جي زندگيءَ جا وڏي ۾ وڏا ڏکوئيندڙ واقعا سندس بابا صاحب جو پرلوڪ پڌارڻ ۽ سندس زرعي فيلڊ ۾ استاد پياري دوست ساٿي زوهيب مري صاحب جو وڇوڙو آهي، جيڪو ڪُجهہ وقت اڳ ۾ هرٽ اٽيڪ جي ڪري ڀرپور جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو جنهن جو سدائين هن جي مٿان شفقت ڀريو هٿ هوندو هو. ڪيس ڀائرن کان وڌيڪ ڀائيندو هو. ان جي وڇڙڻ کانپوءِ زندگيءَ تان اعتبار ئي کڄي ويو آهي.

2018ع ۾ هن هڪڙي ننڍڙي ڪوشش ڪري هڪ فورم سماجي سٿ ڇيلهار جي نالي سان جوڙيو آهي. جنهن جي پليٽ فارم تان هن مهانگائيءَ جي دور ۾ بہ جڏهن بہ ڪيسو اجازت ڏيندو آهي تہ ڪو نہ ڪو ادبي پروگرام ڪرائيندو آهي. آئون ڪيس انهي عمل تي جس ڏيان ٿو.

# پرت ڪمار نگاڻي

هُو جنهن جو مَن مور جهڙو معصوم ۽ چهرو چَتون پکيءَ جي چُنهنب جهڙو خوبصورت آهي! هُو جيڪو راڻاسر جي ترائي تي ترندڙ ڪنهن نگامري نار جي نهار تي موهت ٿي، ڪڏهن راسُوڙن جي رم جهم جهڙو نثر لکي ٿو تہ ڪڏهن چيلهار تي ڪڙيل چَنڊ جي مڌم چاندنيءَ ۾ پنهنجي سکيءَ جي چڳن ۾ پيار جا پوپٽ ڳوليندي ڪو نٽ جيڏو ننڍڙو نظم بہ سرجي ٿو. هُو هن دردن سندي ديس جو اهو دادلو دراوڙ پُٽ آهي جيڪو وطن مالوف جي هر درد کي اندر جي اک سان ڏسي ان جو تدارڪ ڪرڻ جا تجربا بہ ڪري ٿو. هُو غريبن کي مليل هر گهاوَ جو تاوَ پنهنجي سيني ۾ لڳل سمجهي ٿو. هُو احساس جو اهڙو نرالو نانءُ آهي جنهن جي هانوَ ۾ انسانيت معصوم ٻار جيان مُرڪي ٿي.

هُو جيڪو چيلهار جي ننڍڙي نگريءَ ۾ رهندڙ ننڍي قد جو وڏو نانءُ آهي. اهڙو نانءُ جنهن جي ڪانڪهي جهڙي چانءُ ۾ ڪيئي مسڪين آسيس ماڻين ٿا. هُو سماج سُڌارڪ ماڻهو آهي. هُن کي سماج لئہ ڪم ڪندي وڏي روحاني شانتي پراپت ٿئي ٿي. هُو بنيادي طور بينڪر آهي، پر هُن جي اندر ۾ موجود نازڪ ۽ نفيس ڪلاڪار هُن جي آرٽ سان محبت کي برقرار رکيو اچي. هُو بينڪ جي ڊيوٽيءَ مان واندو ٿي لکي ٿو پڙهي ٿو. هُو رُڳو ڪتاب نہ ٿو پڙهي، پر ماڻهن جي چهرن کي بہ پڙهي ٿو. هُو انهن چهرن کي پڙهي ٿو جن جي مقدر ۾ مُرڪن بدران چنتائن جا ڪنڊا هوندا آهن. هُو انتهائي معصوميت سان لبريز لهجي ۾ ڳالهائيندو آهي. هُو ڪنهن بہ هٺرادو هٺ ناٽڪ واري وڏائي ۾ مُبتلا قطعي ناهي. هُو تمام سادڙي ۽ سٻاجهڙي سڀاءَ جو مالڪ آهي. هن جي مزاج ۾ مناڻ جا مڻ اوتيل آهن. هُو اندر جو اڇي ڪبوتر جهڙو اُجرو آهي. هُن پنهنجي مينهن وساڙن جهڙي معصوم من مان ميراڻ تڙي ڪيدي ڇڏي آهي. هُو هر ڪنهن سان محبت ڪندو آهي. هُو نہ رڳو سُنو ليکڪ آهي، پر گڏو گڏ بهترين مقرر بہ آهي. هُو

رنگ منچ تي مور پنک جهڙا منفرد رنگ وکيرڻ وارو هُنر بہ چڱي ريت ڄاڻي ٿو. هُو سنڌي ادبي سنگت ڇيلهار جو متحرڪ ميمبر هُئڻ سان گڏ سماجي ڀلائي واري تنظيم سوشل ويلفيئر سان بہ واڳيل آهي. هُو ڇيلهار جي مٽيءَ جي مهڪ جهڙي مهمان نوازيءَ جو بہ قائل آهي. هُن جي ڏاتار دل جي وشال دئار جو در هر ويل کُليل ئي رهي ٿو. جتي هُو وڏي حُب سان مهمانن جي آجيان ڪرڻ لئہ نيڻ وڇائي وينو آهي.

هُو جنهن جو جنم ٿرن واري ديس جي هڪڙي ننڍڙي شهر ڇيلهار ۾، ميگهہ ونس سان تعلق رکندڙ شريمان گُٽيش نگاٽيءَ جي گهر ۾ 4 فيبروي 1981ع ۾ ٿيو هو. هن جي جنم وقت سواءِ سندس جيجل جي ٻيو ڪنهن ٿي ڄاتو تہ، ڏُڪار ۾ پيدا ٿيل هي گُلاب جو گُل اڳيان هلي سندس پريوار سميت، سموري سماج لئہ سانوڻيءَ جو سُڪار ثابت ٿيندو؟ ڀڪ سان سندس ماءُ هن جي معصوم اکين مان اهو پرکي ورتو هوندو ۽ هن جي نرڙ تي آشيرواد جي چُمي ڏيئي وڏو آسيس ماڻيو هوندو. ماءُ کان وڌيڪ ٻار کي ڀلا ڪير ٿو سمجهي سگهي؟! هُن جو اباڻو ڳوٺ تہ ڇاڇري تعلقي ۾ مبارڪ رند ويجهو ڪانکيو هو پر، سندس والد صاحب جي وڏي سوچ هنن کي 1982ع ۾ شهر وني آئي. سندس والد صاحب شري گٽيش هاڻ وي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ والده ماجده هيڊ ماستر آهي .سندس ڏاڏو ۽ نانو بہ سُٺا سماج سڌارڪ ۽ اُستاد ٿي رهيا آهن. سموري فيملي تعليم يافتہ هئڻ ڪري هنن تعليمي سهوليتن جي لاءِ شهر جو رُخ ڪيو ۽ رائچند راٺوڙ جي ناناڻڪي ڪُڙم سان واسطو هئڻ ڪري، اهي اباڻيون سيمون ڇڏي ڇيلهار ۾ آباد ٿيا. پرت ڪمار پنهنجي ناناڻڪي نگري ڇيلهار ۾ پرائمري تعليم پرائي ۽ مڊل ۽ مئٽرڪ جو امتحان مٺي مان پاس ڪيو. انٽرمئڊيٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو ۽ ايم بي اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. هن کي محنت جو ڦل ٺُرت مليو. 2005ع ۾ هن خوشحالي بينڪ جوائن ڪئي .موبائيل ڪريڊٽ آفيسر واري عهدي تي ڪم ڪندي هن تمام گهڻي محنت ڪئي.

محنت ۽ ايمانداريءَ جي ڪري هن کي پروموشن ملي، هُو 2012ع ۾ رليشن شپ مينيجر ٿيو ۽2013 ع ۾ برانچ مينيجر واري عهدي تي براجمان ٿيو. برانچ مينيجر دؤران مٺي، عمرڪوٽ، ٽنڊوالهيار ۽ ٺٽي ضلعي ۾ ڪم ڪيو. پنهنجي پيشي سان سؤ سيڪڙو سچو هئڻ ڪري هن کي 2017ع ۾ ساڳي ادري ۾ ترقي ملي ۽ هي ريجنل ڪو آرڊينيٽر ٿي ويو ۽ ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ريجنس ۾ رهيو. هن وقت حيدرآباد ۾ ريجنل ڪو آرڊينيٽر واري عهدي تي ساڳي اداري يعني خوشحالي مائڪرو فنانس بينڪ لميٽڊ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس ٻہ ڀائر آهن هريش ڪمار نگاڻي ۽ چندر ڪمار نگاڻي، ٻئي ڀائر انجنيئر آهن. تمام سُلجھيا ۽ سڀاجهڙا آهن. پرت ڪُمار نگاڻي ڏيپلو شهر مان نارائڻ داس ڏاراڻي جي گهران شادي ڪئي آهي. هن وقت پاڻ حيدرآباد ۾ رهي ٿو. هن سال يعني 2019ع ۾ هن ڇيلهار شهر ۾ ڊائمنڊ پبلڪ اسڪول ڇيلهار نالي تعليمي ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ هر سال پنج غريب شاگردن کي مُفت ۾ تعليم ڏني ويجي ٿي. پاڻ بئنڪنگ ۾ ڪيترائي ايوارڊ ماڻي چُڪو آهي. پرائمري کان وٺي يونيورسٽي تائين تمام سُٺو مقرر پڻ رهيو آهي.

# محمد سانوڻ نُهڙيو

صحرا ٿر رڳو ڪارن ڪُوهن، جُهونن ڊُوهن، سُڪل اَڪن ۽ واريءَ جو وَطن ناهي، پر هي نيرين ڳچين، ناسي ڪنين ۾ رتن نيٽن وارن مورن جو مُلڪ بہ آهي. هن صحرا جي مها ساگر جي وشال پيٽ مان رڳو ڪارو ڪوئلو ناهي نڪرندو، پر هن جي پورين پِٽُن ۾ ويڪرن ڏهرن جي واريءَ مان ڪي اهڙا لعل بہ لڀندا آهن جيڪي ڏرتيءَ جي ماٿي تي گُلابي بخمل جي بنديا وانگي وٽندا آهن. دڙن جي ديس جي هن ڏونئري ڏُوڙ مان ڪي اهڙا هيرا بہ هٿ ايندا آهن، جيڪي وطن جي تاريخ جي تاج ۾ چمڪندا آهن. جن جي چمڪ صدين لئہ ديس ڪي سهائو ڏيئي ويندي آهي. اهڙن هيرن ۾ هُو بہ هڪ هو. هُو جيڪو ڇاڇري تعلقي جي اُن ڳوٺ سان تعلق رکندو هو جنهن ڳوٺ جا تاريخ ۾ بہ نالا ملن ٿا. اُهو ڳوٺ جنهن ڪي اول ۾ آباد ڪندڙ ذات جا گونگا هئا.ان ڪري مٿن ”گونگيو“ نالو پيو. اهو ڳوٺ جنهن ڪي ساڏُور سوڍي همير سنگه وسايو تڏهن ”تڙ همير“ سڏجڻ لڳو. هُو جيڪو ڍاٽ جي دڙن ۾ آباد ڳوٺ گونگئي/تڙ همير ۽ حاجي توڳي جو تڙ جو گڙنگ ماڻهون هو. هُو جيڪو ڄام جکري جي اولاد نهڙين جي مُورا نُک جو مور هو. هُو جيڪو نہ رڳو مثالي اُستاد هُو پر، هڪ انسان دوست انسان بہ هو. هُن وٽ ڪوبہ مذهبي متڀيد نہ هوندو هو. هُو جيڪو ماڻهپي ڪي ئي مان ڏيندڙ مهان پُرش هو. هُو جيڪو تڙ همير جو چمڪندڙ تارو هو .اهو تارو جنهن پسمانده علائقي ۾ تعليمي روشني سان صدين جي تاريڪي ڪي تڙي ڪڍڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. هُن جي محنت سان منور ٿيل ڏيئا اڄ بہ هن ڏيهہ ۾ پنهنجي ڪلا جي جلا سان جوت جلائي رهيا آهن. سندس ڪيترائي شاگرد آهن جيڪي مختلف سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ۾ پنهنجو خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، جن ۾ لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (LUMHS) ڄامشورو جو وائيس چانسيلر مشهور ڊاڪٽر بيڪارام ديوراجاني، استاد ڪرمچند ميگهواڙ گرئو مل چوني لال سوٿهڙ شامل آهن.

مورا نُک جي لطيفاٽي ڪُڙم ۾ محمد صديق نهڙئي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ اُن عظيم ماڻهوءَ جو نالو هو سانوڻ. سانوڻ جنهن جو نالو وٺڻ سان ئي

ڏُڪاريل وطن ڪي ڏڍ اچيو وڃي. سانوڻ جنهن مان سُڪار جو ساءُ ايندو آهي. محمد سانوڻ نهڙيو پنهنجي دؤر جو دورانديش ماڻهو ٿي گُذريو آهي. جنهن تعليمي ڏُڪار ڪي تڙي ڪيڻ لئہ پنهنجي زندگيءَ جا سمورا سُڪار ارپي ڇڏيا. اٹورچ ۽ اڻٿڪ جدوجهد ڪندي هن تمام بهترين نتيجا پراپت ڪيا. هُو پنهنجي وقت جو اهڙو مٺهيارو هو جنهن جي عقل ۽ علم جا قصا اڄ بہ ٿر جي ڳوناڻن جي ڳالهين ۾ چيرن وانگي چڙن ٿا. سائين محمد سانوڻ جو جنم 1946ع ۾ ڍاٽ جي ڳوٺ حاجي توڳي جو تڙ ۾ ٿيو. چون ٿا تہ راجستان جي پيٽاڪر ڳوٺ ۾ رهندڙ ونگي جا نهڙيا جڏهن واپس ڍاٽ ڏي وريا تڏهن انهن ڍاٽ ۾ توڳي جو تڙ وسايو سائين محمد سانوڻ جا وڏڙا سن 1970ع ڌاري توڳي جو تڙ مان لڏي اچي گونگئي ۾ ويٺا. هي ڳوٺ هن وقت ڇاڇري تعلقي جي يوسي ڪانتيو ۾ موجود آهي. سائين محمد سانوڻ شروعاتي تعليم ۽ ديني تعليم ڳوٺ چيلهہ بند مان سائين محمد حسن شاھ جي مدرسي مان حاصل ڪئي. ست درجا سنڌي ورنيڪولير وارو امتحان بہ اتان سائين محمد مُراد جوٽيجي وٽان پاس ڪيو ۽ تُرت ئي سن 1965ع ۾ پرائمري ماستري واري نوڪري ملي ويئي. پهرين مقرري گورنمينٽ پرائمري اسڪول صالح پنيرو ۾ ٿي. هن ڳوٺ جنجهيئر، ڍالو جو تڙ، موڙاسيو، ڪانتيو، جيئندل شاھ لڪياري، راهوڙيار، حاجي توڳي جو تڙ، چرڪاري، دلواٽي، ولاسرو، گونگيو ۽ ڏبڙچا جي اسڪولن ۾ بہ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا .سموري ڇمار ايمانداريءَ سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندي سائين محمد سانوڻ نهڙيو پنهنجي علائقي جو هڪ مثالي اُستاد ٿي اُڀريو. جنهن بنان ڪنهن تفاوت جي هندو مسلم سيني ڪي ساڳي چاھ سان تعلمي ۽ تدريسي طور سُڌاريو. تعليم جي معاملي ۾ هن ڪڏهن بہ، ڪنهن سان بہ سمجهوتو نہ ڪيو. هُن جي جيئڻ جو مقصد ئي اهو هو تہ هُو هن تعليمي طور پسمانده علائقي ڪي جهالت جي تاريڪي مان ڪڍي علم جي روشني سان روشناس ڪري. هُن چاهيو ٿي تہ ٿر جو هر ٻار تعليم پرائي سگهي. ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو ٿي تہ ٿر جي هر مسئلي جو حل سواءِ تعليم جي ٻيو ڪنهن سان بہ ممڪن ناهي. ان ڪري هن سموري عمر اڻٿڪ محنت ڪري علم جا ڏيئا روشن ڪيا. هُن نہ رڳو پنهنجي نوڪري دؤران ماڻهن ڪي تعليم ڏني پر

هُن ذاتي طور ماڻهن ۾ وڃي سُڄاڳي جو سڏ ڏنو. تعليم جي حوالي سان بيداري آڻڻ ۾ هن مرد مجاهد وسانءِ نہ گهٽايو. ابوجه عوام کي شعوري طور سڄاڳ ڪرڻ لئہ هُو هر هند تعليم جي پرچار ڪندو هو.ٻڪچهرين ۾، شادين مرادين ۾، هر ماڻهوءَ کي هدايت ڪندو هو تہ مهرباني ڪري پنهنجا ٻچا پڙهايو. پيٽ تي پٽر ٻڌي بہ پنهنجو اولاد سُڌاريو.

سائين محمد سانوڻ ٿر جي اصلي سُڃاڻپ مهمان نوازيءَ جو بہ وڏو نالو هو. هن جي دل جي دئاري سان گڏ سندس اوطاري جا در بہ هر وقت کليل هوندا هئا. هر آيل جي آجيان ڪرڻ ۾ هُو سينيءَ کان اڳيرو هوندو هو. مهمان کي ماني کارائي خوش ٿيڻ سندس اُتم گڻن ۾ شمار ٿئي ٿو .

چون ٿا تہ سائين محمد سانوڻ نهڙيو وڏو ادب ذوق ماڻهون هو. چيلهہ بند ۾ تعليم پرائڻ دؤران سائين محمد حسن شاهہ جي پُٽ علي محمد شاهہ عاجز سان مائيتاڻا واسطا هئا ۽ سائين سان عقيدت وارو رشتو دوستيءَ جي مضبوط ڌاڳي ۾ ڳنڍجي ويو .جيڪو تاحيات نہ ٽُٽو. علي محمد شاهہ عاجز هڪ بهترين ليکڪ ۽ شاعر هو. جنهن 9 ڪتاب تخليق ڪيا هُئا. ادبي سنگت واري صحبت ۾ رهڻ ڪري محمد سانوڻ بہ ادب ذوق ٿي ويو. ڪچهرين جو ڪوڏيو هئڻ ڪري ڳوڙها، ڳجهارتون، ڏنون، پروليون، پهاڪا، چوڻيون، ٽپايا، چؤپايا، نڙ بيت ۽ ڏور بيت نہ رڳو شوق سان ٻڌندو هو پر ڪيس بنهہ گهڻو لوڪ ادب ياد بہ هوندو هو. سگهڙائپ وارو گُڻ سندس هردي ۾ هئڻ ڪري ڪچهرين ۾ ڪانب ڪيڏي ويهندو هو تہ سوجهاڪو ڪندو هو. محمد سانوڻ کي ڇئن پُٽن جو اولاد آهي. وڏو امير حميزو جيڪو شاعر هئڻ سان گڏ ماحوليات کاتي ۾ آفيسر آهي. تنهن کان ننڍو شهاب نهڙيو جيڪو تمام خوبصورت شاعر، ليکڪ ۽ ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جو پروڊيوسر آهي. عباس نالي ٽيون پُٽ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪري ٿو ۽ سڀ کان ننڍو نياز علي گهرو ذميواريون سنڀالي ٿو. سندس سڄو پريوار هشاش بشاش حياتيون گُذاري رهيو آهي. اجوڪي ڏينهن يعني 2 آڪٽوبر سن1999 ع تي هن نامدار نهڙئي سردار جو ساهہ جو سڳو ٽُٽي پيو هو. ٿر هڪ مثالي اُستاد ۽ شفيق انسان کان محروم ٿي ويو هو.

# دليپ نندا ٹي

هُو جيڪو صادق جي سُرن ۾ گونجندڙ مٺ پري منيءَ جي شهر جو مسيحا آهي. اهڙو مسيحا جنهن جي هٿ ۾ شفا سان گڏ اکين ۾ آسائش ۽ دل ۾ ساڳاهہ جو ساگر ڇُلڪي ٿو. هُو جيڪو منيءَ جي ڪنهن مندر ۾ براجمان ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ٻرندڙ ڏيئي جهڙو سُندر آهي. هُو جيڪو وڻ جي ٽاريءَ تي ويهي اسر ويلي وچوڙي جو راڳ ڳائيندڙ ڪويل جي ڪوڪ جهڙي مٺُر آواز جو مالڪ پڻ آهي. ڪنهن ٻانهياريءَ جي چيلهہ تي ڇُلڪندڙ گهڙي ۽ پارڪري پڙي جي پور جهڙو هي مور ماٺهو اڄُ بہ منيءَ جي سُڃاڻپ بڻيل آهي. هُو جيڪو سرسبز واٽيڪا ۾ چندن جي وڻ وانگي سدا سُونهندڙ وجود آهي، جنهن جي چِتر ڇايا ۾ وڏي شيتلتا سمايل آهي. هُو مارئيءَ جي ديس ملير واري صحرا جو اهڙو سڏُ آهي، جنهن جو پڙاڏو پٽ پٽ تي پڙڪي ٿو. هُن جي من صحرا ۾ ماروئڙن سان پيار جي پياس هرڻ جي اُڃ وانگي اڄُ بہ آباد آهي. هُو روايتي ڊاڪٽرن کان هٽي ڪري هڪ اهڙو انسان دوست معالج آهي، جنهن جي دل جي مصر ۾ ديا جو نيل درياءَ هر وقت اوج ۾ آهي. هُو ڪنهن بہ مسڪين مريض کي ڪرب ۾ ڪنجهندي ڏسي ٿو تہ هُن جي دل جو ڏونگر ڏڪي پوي ٿو. هُو ڪنهن ٻُڪايل انسان جي اکين ۾ لڪيل بيوسيءَ جي ٻولي پڙهي ٿو تہ هن جون اکيون آگمجيو وڃن ٿيون. هُن نہ ڄاڻ تہ ڪيترن مسڪين مريضن جا مفت ۾ علاج ڪري پرماتما پاتو آهي. هُو منيءَ جي چند انهن ماڻهن مان هڪ آهي جيڪي ڪنهن ڏيجوان ڏوٿيئڙي کي ڪجهہ ڏيئي خوش ٿيندا آهن. هُو امر جڳديش ڪمار ملاٹيءَ جي ڇڏيل مشن کي اڳتي جاري رکڻ لئہ هر وقت سرگرم رهي ٿو .

منيءَ ۾ مسيحائيءَ جا دعويدار تہ ٿر جي پِٽن کان گهڻا آهن، پر حقيقت ۾ عملي طور تي نيائڻ وارا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن جن جو عوامي ڀلائي لاءِ ڪيل پورهيو جس لائق آهي. اُنهن چٽن چڱن ۾ منيءَ جي هن مهراج کي بہ ڳڻائي سگهجي ٿو جنهن جو نالو دليپ نندا ٹي آهي .

دليپ نندا ٹي جنهن جو جنم منيءَ جي پنڊت گهراٹي ۾ شريمان ڪشور نندا ٹيءَ جي گهر ۾ تاريخ 11 جون 1977ع تي ٿيو. دليپ ننڍي هوندي کان

ئي ذهين هوندو هو. هن ابتداعي تعليم مٺي شهر مان پرائي ۽ ميڊيڪل ۾ ايم بي بي ايس جو امتحان لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان پاس ڪيو. هن اسپيشل DCPS in paeds ۾ NICH ڪراچي مان پاس ڪيو. معصومن جو هي مسيحا سرڪاري ملازمت ملڻ کان اڳ ٻارنهن سال نجي اسپتالن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. جهڙوڪ آغا خان اسپتال ڪراچي، ڊائو يونيورسٽي اوجها ڪئمپس ڪراچي، سائوٿ سٽي اسپتال ڪراچي، انڊس اسپتال ڪراچي، ۽ لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي وغيره ۾ ڪم ڪيو. 2014ع ۾ هن کي سرڪاري ملازمت ملي. تڏهن جڏهن ٿر ۾ معصوم ٻارڙا بي موت مري رهيا هئا. انهن معصومن جي مسيحائي لاءِ دليپ نندانيءَ جهڙن نامور ڊاڪٽرن کي حُڪومت هنگامي طور تي بنان ڪنهن ڪميشن جي ڪانٽريڪٽ بيس تي ڀرتي ڪيو هو. دليپ هن وقت ايم او آهي، ۽ مٺيءَ جي سول اسپتال ۾ ٻارڙن واري او پي ڊي ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. دليپ نندانيءَ کي اولاد ۾ هڪ نياڻيءَ ۽ هڪ پُٽ آهي. نياڻيءَ جو نالو مڏُوبالا رکيو آهي ۽ پُٽ جو نالو چندرڪانت آهي. ٻئي زير تعليم آهن. گُلن جهڙن معصوم ٻارن جون ننڍڙيون نبضون جانچي انهن جو علاج ڪرڻ، انهن مُايوس ۽ مُرجهايل گُلن کي ٽهڪن ۾ تبديل ڪرڻ ۽ اٽورچ تي انهن جا مسئلا حل ڪرڻ وارو هُنر هن وٽ هٿيڪو آهي. هن کي مون جڏهن بہ ڏٺو آهي مُرڪندي نظر آيو آهي. ٻڌو اٿم تہ مُرڪندڙ ماڻهو نيتن جا صاف هوندا آهن. هي بہ نيڪ نيت ۽ آدرشوادي انسان آهي. سدائين ٻين جي ڀلي لاءِ سوچيندڙ مٺيءَ جو هي مهراج مٺيءَ جي ڪُنڊي نَڪُ ۾ سوني ڪوڪي وانگي سُونهي ٿو. هي سُونهي ٿو تڏهن جڏهن امر جڳديش ڪمار ملاڻي شوشل فورم تان مسڪينن جا مسئلا حل ڪرائي ٿو. امر جڳديش ڪمار شوشل فورم جو اڳواڻ هئڻ جي ناتي هي هر وقت ان ڪوشش ۾ هوندو آهي تہ هن پليٽ فارم تان ڪنهن جو ڀلو ٿي پوي. شوشل ميڊيا تي اهڙو ڪو بہ ڪيس ڏسي ٿو تہ هڪدم ان جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. امر جڳديش جي ورسي تي هر سال مفت ۾ ميڊيڪل ڪئمپ جو بندوبست ڪري ٿو هي سلسلو گُذريل ڏهن سالن کان هلي رهيو آهي. هن سال ٿي پيرا مفت آپريشن ڪئمپ لڳائي ويئي جنهن ۾ ڪراچيءَ جو مشهور ڊاڪٽر

شير شاھ ۾ حيدرآباد جي ماهر ڊاڪٽر پُشپا سريچند پنهنجي اسٽاف سميت مٺيءَ ۾ آيا ۽ پنجاھ کان سٺ عورتن جا آپريشن ڪيا ويا. ان کان سواءِ وڏن ڪيسن ۾ مسڪينن کي حيدرآباد يا ڪراچيءَ جي اسپتالن ۾ پهچائڻ ۽ رت جو دان ڏيڻ تائين هر جائز مسئلي ۾ هٿ ونڊائڻ دليپ ننداڻيءَ جي نياري سُڃاڻپ آهي. بقول دليپ جي تہ هن جي حياتيءَ ۾ هر موڙ تي هن جو ساٿ ڏيڻ ۾ شُشيل ملاڻيءَ جو وڏو هٿ آهي. هن جي هر ڪاميابيءَ ۾ شُشيل هن سان گڏ رهيو آهيان .

مذهبي متڀيد کان هي مٿانهون ماڻهو جتي هر روز مندر ۾ شام جو مٿو ٽيڪي پنهنجي ايشور جي آراڌنا ڪري ٿو اُتي رمضان شريف جي روزن ۾ پنهنجو جنم ڏڻ مسلمان ڀائرن سان گڏ ملهائيندي اُنهن کي افطاري ڪرائي ٿو نہ رڳو ايترو پر عبدالستار ايڌي جهڙي مسيحا جي ورثي پڻ مٺيءَ جي وڏي مندر شواليہ ۾ ملهائي انسانيت جو درس ڏئي ٿو .

دليپ ننداڻي رڳو نالي ۾ نهال ناهي، پر هي عملي ڪم بہ ڪري ڏيکاري ٿو. ان لاءِ ڪُجھ مثال ڏيان ٿو. مٺيءَ جي افشين ڪنڀار جنهن جو ڪنڌ 90 ڊگري تائين هيٺ مُڙيل هو جنهن لاءِ جيئڻ جهنم بڻجي ويو هو. اُن جو علاج آغا خان مان ڪرائڻ ۾ هن مرد مجاهد جو وڏو ڪردار رهيو آهي. تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ ترڪڻي جي چار سالن جي ٻارڙي عظيمہ ڌي علي محمد درس جيڪا شگر جهڙي موضي مرض ۾ مبتلا هئي، پر والدين علاج نہ ڀئي ڪرائي سگهيا. هن سوشل فورم جو ٻڌي علاج ڪرائڻ لاءِ دليپ ننداڻي وٽ پهتا ۽ ٻارڙي جو علاج ڪرائڻ جو ڇيو اهڙي طرح ٻارڙي جو ٽيسٽن سميت سڄو خرچو امر جگديش ملاڻي سوشل فورم پاران ڪيو ويو.

پنج پيڙن جو اڪيلو ڀاءُ چندن نائي اشوڪ نائي جو پُٽ جنهن جي خبر سوشل ميڊيا تي لڳڻ سان سائين راڻومل ملاڻي صاحب نوٽيس وٺي ڊاڪٽر دليپ ننداڻي کي گهرايو ۽ چيو تہ هن جو خرچ سڄو آءٌ برداشت ڪندس هن جو علاج ڪرايو وڃي تمام بهترين نموني انهي کان پوءَ ڊاڪٽر دليپ ننداڻي صاحب ڪراچي جي مشهور دماغ جي ڊاڪٽر شوڪت علي سان رابطو ڪري علاج ڪرايو. ڳوٺ واهرو جي نفسياتي مريض رامچند ڀيل جي رپورٽ اخبار ۾ ساجد بجير ۽ لياقت نهڙي هلائي

جنهن جو نوٽيس وٺندي لياقت ۽ ساجد سان گڏجي شُشيل ملاڻيءَ ۽ دليپ ڳوٺ واهرو پهتا. جتي رامچني کي زنجيرن مان آزاد ڪرائي اسپتال ۾ علاج لئہ داخل ڪرايائون. نئون ڪوٽ جي نزديڪ ڳوٺ حيات رند ۾ چار ٻار پئدائشي هلي نہ پئي سگهيا انهن جو علاج ڪرائڻ سان گڏ انهن کي ويل چئر پڻ وني ڏنيون. ڳوٺ ٻتڙيءَ جي مانو ڀيل جي سار لهڻ، ڪاڪٽھار بجير جي ٿيلسيما ۾ مبتلا ٻارڙن جو اعلاج ڪرائڻ، ڪان وني هڪ غريب پورهيت سوائي ورتيو جي نياڻيءَ کي ڏاج ڏيئي ان جي شادي ڪرائڻ تائين هر سماجي ڪم ۾ ڊاڪٽر دليپ نناڻي دلي طور سرگرم رهيو آهي. ان ڪانسواءِ مٺيءَ ۾ راجا نالي هڪڙو يتيم ٻاوو آهي، جيڪو هڪڙي ٽنگ کان محروم آهي، جنهن جو پاءُ ذهني مريض هئڻ ڪري بستري تي پيل آهي. هي ويچارو برف وارو ڳنڊو يعني جهمڪ وڪڻي پيٽ گُذر ڪندو هو. ان جي درد ڪهاڻي شوشل ميڊيا تي ڪنهن شيئر ڪئي ۽ ان کان پوءِ مٺيءَ جي صحافي علي گُل رند اها ڪهاڻي 92 نيوز چينل تي لائيو هلائي..جتي ڊاڪٽر دليپ نناڻي جي اکين ڏسي ورتي. هي پُرنم اکيون اُگهي اُٿيو ۽ راجا جي مدد ڪرڻ لاءِ اٽل ارادو ڪري ورتو. هن ڇا ڪيو جو پنهنجي سورس تي راجا کي اينگرو وارن جي اسڪول TCF مٺيءَ ۾ مالهي واري نوڪري ڏياري، نہ رڳو ايترو پر ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻيءَ کان هر مهيني گهر جو مفت راشن بہ ڏياريو ۽ مختلف ماڻهن کان چندو ڪري مٺيءَ ۾ ٻن ڪمرن وارو، بورچي خاني ۽ باٿروم سميت گهر بہ ٺهرائي ڏنو. ڇا تہ جذبو اٿس. هڪڙي مسڪين جا هڙئي ڏُک هڪڙي ڏک ۾ پنهنجي حصي ۾ ڪٽي ورتا. هي تہ هن جو هڪڙو ننڍڙو مثال ڏنو اٿم اهڙا تہ دليپ انيڪ ڪم ڪيا آهن، جيڪي مٺيءَ جي مسيحائي تاريخ جي نرڙ تي ڪنگو جي تِلڪ وانگي سُونهن ٿا.

# محبُوب درس

هُو جيڪو ڪويتا راڻيءَ جي قرب ۾ قابو ٿيل اهڙو ڪلاونت آهي جنهن جي ڪلا جي جلا ۾ لاڙي لهجي ۾ لُبالُب ڪوتا ڪنهن ٽريچي لاڏيءَ جي لاڏ ڪان بہ وڌ لُپائي ٿي .هُو جيڪو لاڙ جي لينڊ اسڪيپ تان لهندڙ سورج جي رتاڻ کي ڏسي سورج مُکي جي گُلن جهڙي شاعري سرجي ٿو. اهڙي شاعري جنهن کي پڙهي ماڻهون جي وجود ۾ وطن جي ياد جون ويرون سنڌو جي سير جيان اُٿليو پون. اهڙي شاعري جنهن جي سِٽ سِٽ ۾ سانولي جي سار جون پچارون گُلن جي مالها جيئن پويل آهن. اهڙي ڪويتا جنهن کي ڪنٺ سان ڳائجي تہ روح کي راحت اچيو وڃي. هُو جيڪو پيرار جي پٽن تي ويهي پوپٽن جي اُڏار جهڙا البيلا شعر سرجي مهاڻي ٻار وانگي مُرڪي ٿو. هُو جيڪو گهوڙا ٻاريءَ جي گسن تان گُذرندي قلم جي ڪُميت کي شاعري جي سرزمين ۾ سراڙا ڪرائيندي دراوڙ دوشيزائن جي ڪُنڊن نڪن ۾ پيل نٿ ڦُلين جهڙا نظم تخليق ڪري ٿو. هُو لکي ٿو ڦُٽين جي سفيد ٻُڙن کي چونڊيندڙ ڳاڙهن هٿن جي هوشربا حُسن تي، هُو لکي ٿو ٽٽي جي ريشمي سونهن تي،هُو لکي ٿو مڪلي جي ماٺ تي ۽ هُو لکي ٿو ڄامشوري جي جلواه افروز نگري ۾ نرت ڪندڙ جوالا مُکين جي موهي ماريندڙ سُندرتا تي.

وفائون ڄام شوري ۾ صدائون ڄام شوري ۾،
اوهان لاءِ رليون آهن پچائون ڄام شوري ۾ ،
صنم جو شهر جنت آ، ٽرن ٽا نار نيڻن جا،
نه ڪر غلطي سان گُلڙن جون گلائون ڄامشوري ۾،

هُن لکيو آهي لاڙ جي ليار پيروئن تي. هن لکيو آهي مندن جي مستي تي. هن لکيو آهي ڪينجهر جي جل ۾ ترندڙ دلڪش جسمن جي جل ٿل جوڀن ۾ جوار ڀاٽا جيئن ڇُلڪندڙ ڇاتين جي چولين تي. هُن لکيو آهي

جوان ڪتورين جي ڪنواري خوشبوءَ ۾ ٻُهريل اباڻي ڳوٺ جي گُل لالا جهڙين گهتين تي. هن لکيو آهي پيرا جي پتن تي سنڌ جي سُرهاڻ جا نغما ڳائيندڙ ناز بوءَ ۽ هُربي جي هُبڪار تي. هُن لکيو آهي جهمپير جي جهوني تاڙيءَ جي خمارن تي. هُن لکيو آهي ڪڙين جي ڪپن تي ڪنهن قداور وينگس جيان بيٺل بيد مشڪن جي ڊگهين لامن تي ڪوڪيندڙ ڪويلن تي. هن لکيو آهي وطن جي وٽن ٽٽن تي. هُن لکيو آهي محبوب جي هٿان تُحفن ۾ مليل چيچ جي ڇلن ۽ ريشمي رومالن ۾ ويڙهيل سونف ۽ جينور ٽڪين واري ديسي رومانس جي هر رنگ تي ها هن لکيو آهي جند جهڙي سنڌ تي.

هُو ان جُوءَ جو جوان شاعر آهي جنهن پوميءَ جي پاڳ ۾ حَسن درس جهڙو حسين شاعر لکيل هو. اهو حسن درس جنهن ناريل جي ننگن وٽن کي نظمن جي مالها ۾ پوئي سنڌي شاعريءَ جي ڪونج ڳچي ۾ ڪنمال ڪري پارايو آهي. اهو حسن درس جنهن سمندر بدنيءَ عورتن جي هر انداز کي پنهنجي منفرد اسلوب واري ڪوتا ۾ رچي امرتا بخشي آهي. هُو ان ڏنوان ڌرتيءَ جو دلبند فرزند ارجمند آهي جنهن ڌرتيءَ رسول بخش درس جهڙو رتن هن وطن جي وراثت ۾ سونپيو آهي. اهو درس جنهن لئہ امر ساهڙ جهڙي سپاجهڙي ڪوي چيو آهي تہ:

سارو ڏيهہ سُڄاڻي توکي
تانگه وطن جي تاڻي توکي
محبت ويئي ماڻي توکي
موت ڪندو ڇا هاڻي توکي

مئي1975ع ۾ ڳوٺ حاجي سليمان درس درگاه پير پٺو پيرار جو پٽ تعلقو گهوڙاٻاري جي مسڪين پورهيت هاري محمد فقير درس جي اپري اجهي ۾ اسر ويل ٽڙيل هن ڪنول جي گُل جو اصل اسم گرامي هو احمد درس...پر ادبي دنيا ۾ پير پائڻ کان پوءِ هُو محبوب بڻجي ويو. محبوب جنهن جو لفظ اُچارڻ سان ماڻهون جي روح ۾ مناس اوتجيو وڃي. هي محبوب بڻيو انهن مسڪين مارو‍ئڙن لئہ جن لئہ هُو لاڙُو راتين جو پري نند مان ڇرڪ پري شاعري لکندو آهي. هُن پنهنجي محبوبا کان مٿي مارو‍ئڙن جي ڏُکن، ديس

جي دانهن ۾ دردن تي شاعري ڪئي آهي. چوٿين درجي ۾ پڙهڻ واري دؤر کان شاعري جي شروعات ڪندڙ محبوب اڄ ڏينهن تائين شاعري سان ناتو نڀائيندو اچي. اڄ سموري سنڌ هن کي محبوب درس جي نالي سان سُڃاڻي ٿي. اُهو محبوب درس جيڪو نہ رڳو نالي جو محبوب آهي پر مزاجن بہ محبوبيت سان سرشار آهي. انتهائي حساس دل جو مالڪ آهي. پرائي ڏُک ۾ تڙپي اُٿندڙ هي دلبر ماڻهون ماڻهپي جو مڪمل تعارف آهي. احساس جو جيئرو جاڳندو ڏيک آهي.

هُو جيڪو ويراڳي وڇوڙي جو وڏيل وجود آهي. هُن جي فراخ دل فراق جي ڦٽن ۾ ائين ڦٽڪيءَ آهي جيئن ٿر ٻاٻيهيا ويساک ۾ ولڪندا آهن. هُو جنهن جون هٿ ڪرايون راڪين کان محروم ٻڌجي ويون. هن لوڀي دنيا ۾ بي لوث محبت جو باب هن لئہ بند ٿي ويو تڏهن جڏهن سندس نوجوان پيڻ جون ساحر اکيون هميشہ لئہ سُمهي پيون. پيڻ جهڙي پلوڙ رشتي جي ناگهاني حادثي هن کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو پر پوءِ بہ هن همٿ نہ هاري ۽ تڪليفن واري تپ کي ڏُور ڪرڻ لئہ دردن کي دوا ڪري پيئندو رهيو. هُو مري بہ جيئندو رهيو. هُن کي ڪهڙي ڪل تہ زندگيءَ جي رياضي ۾ رب اڃان بہ ڪو آزمائش جو آلجبرا جهڙو امتحان وٺندو. سندس محبوب ونيءَ جي وڇوڙي هن جي حياتيءَ جو هماليہ ئي لوڏي ڇڏيو. دردن جو پيمانو لبريز ٿي ويو. نيڻن جو ڪجلاسر ناگهاني سورن جي نير ۾ ڇُلڪي پيو. هن مرد مجاهد هيڏي وڏي حادثي کي بہ پاون وٺان مليل پاويءَ جو پاڳ سمجهي پوڳي ڇڏيو. وري بہ ٽڪل ٽُٽل وجود کي سميٽي جيئڻ جي نئين سري سان جستجو ۾ لڳي ويو. حياتيءَ جي حادثن کي شاعريءَ ۾ سهيڙي ڪجھ سڪون محسوس ڪرڻ لڳو پر قسمت وري بہ قهر ڪري ويئي .مقدر وڏي ملهہ ڪري ويو. دردن دوستيءَ نہ ڇڏي. سندس موپي پاءُ دل جي عارضي ۾ اوچتو الوداع ڪري هن الستي وجود جا وڻ ئي وڄائي ويو. پاءُ جي تعزيت جي تڏي تي ويهڻ بہ هن جي اخترسوختہ اکين جو مقدر بڻيو. تڪليفن جا ايڏا طور سينہ سر ڪندي بہ هي سنڌ جو سورج سريڪو شاعر ڪٿي بہ مايوس نہ ٿيو. هي اهو ڏيئو آهي

جيڪو ڪنهن بہ طوفان ۾ اُجهامي نہ ٿو سگهي. هن جي وجود جي وٽ سهپ جي اهڙي ڏاڍي مان اُٽيل آهي جو هن کي ڪنهن بہ حادثي جي هوا جهڪائي نہ ٿي سگهي.

محبوب درس جي دلربا شاعري تي ڪو شاعريءَ جو ماهر ئي ڳالهائي سگهي ٿو. آئون تہ ايترو شاعريءَ مان ڄاڻان ئي ڪون پر منهنجي علم مطابق هن جي شاعري ڪمال جي آهي. محبوب جي ڪويتا ۾ لاڙ جو ذڪر تمام بهترين آهي. هن لاڙ جي لاڏلي سونهن کي لاجواب انداز سان بيان ڪيو آهي. هڪڙي طويل غزل جو بند آهي.

تون احمد ملاح جو غزل ٿي لڳين
سدا تنهنجا رهندا اثر لاڙ ۾

ڪيڏي نہ خوبصورت تشبيہ آهي.! احمد ملاح جو غزل ۽ ان جو لاڙ تي اثر..ان ئي غزل جو ٻيو بند آهي.

تون ڊورن ڊنڊن جي حسن جو هڳاءُ .
پکين جا لهن جيئن ولر لاڙ ۾،

هڪڙي ٻي هند هڪ نڪور نظم ۾ ڪنهن ٿاريليءَ محبوبا جو پنهنجي لاڙي عاشق سان مخاطب ٿيندي بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ لاڙ جي چپن تي ڳيا جو سرهاڻ ڳائڻ، هوا جي پينگهي ۾ مينديءَ جون تاڙيون وڄائڻ واقعي ڪمال جي ڪاريگري آهي.

ٻڌو ٿم لاڙ جي لب تي،
ڳيا سرهاڻ ڳائي پئي ،
هوائن جي هندوري ۾،
حناءَ تاڙيون وڄائي پئي،
ڪتوري جهڙي سا ڪينچل،
مندون ڄاڻن ۽ تون ڄاڻين،
اسان جو آ اچڻ مشڪل ،
مندون ڄاڻن ۽ تون ڄاڻين

ان کان سواءِ سچي آ ڳالهہ شاعر جي بہ هن جو لاجواب نظم آهي جنهن ۾ محبوب کي اها ميار ڏنل آهي تہ اڄ اسان جو قدر نہ ٿو ڪرين پر ڪڏهن تون اسان کي ياد ڪندين. سُڏڪا پري پڇتائيندين.

اسان جي شوق شهرت جو،
قصو بلڪل الڳ آهي،
دنياداريءَ ۽ دولت جو ،
قصو بلڪل الڳ آهي ،
فراقن جو ۽ فرحت جو ،
قصو بلڪل الڳ آهي ،
چريا هن چنڊ چاهت جو ،
قصو بلڪل الڳ آهي ،
ڪتا بنجي ڪتابن جا
ورق ماضي ورائيندو ،
تڏهن سڏڪي سڏي چوندين ،
سچي آ ڳالهہ شاعر جي.

محبوب جي شاعري ملڪ جي مڙني فنڪارن ڳائي آهي. شاعري سنڌ جي سيني رسالن، اخبارن ۾ ڇپيل آهي. نجي چئنلن ۽ ريڊيو تي بہ ڳائي وئي آهي.

صنم ماروي، الهڏنو جوڻيجو، الهڏنو خاصخيلي، فوزيا سومرو، ثريا سومرو، انور وسطڙو، ثمينا ڪنول، حميرا چنا ديبا سحر ديبا ڪنول، استاد سوڍي جوڳي ۽ ٻين راڳين هن جا گيت رڪارڊ ڪيا آهن. انهن گيتن جون اڪثر ڏنون بہ هن پاڻ ناهيون آهن .

شاعريءَ جو هڪ ڪتاب "مرڪ جو تحفو" مارڪيٽ ۾ اچي چُڪو آهي. بہ ڪتاب اڻ ڇپيل جن ۾ "ديس جي دل ۾"شاعريءَ ۽ دوستن سماجي ادبي علمي شخصيتن جي تصويرن تي لکيل ڪتاب "آئينا عڪس" . هڪ طويل مقالو ڪتاب جي صورت ۾ "پٿائيءَ جي شاعري ۾ سازن جو ذڪر " لکيل آهي. پنجن ڀائرن مان ٽيون نمبر ڀاءُ آهي. بي اي تائين پڙهيو آهي. هن وقت سنڌ پوليس ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر "ASI" آهي. هڪ ٺي گهر ۾

ٿي شاعر آهن. نندو ياء مجاهد درس، پائيٽيو عنايت درس جيڪو هن جو شاگرد بہ آهي. اهو بہ شاعر آهي. تارخ جا ڪتاب ۽ شاعري شوق سان پڙهندو آهي. تاريخي ماڳ گهمڻ بہ هن جو وڏو شوق ۽ ذوق آهي.

پيشي جي لحاظ سان پوليس جهڙي پويتر خاطي سان وابستہ هوندي بہ هي ڪير جهڙو ڪرو ۽ نج گيه جهڙو سچو ماڻهو آهي. سُوم رس ۽ سُونهن سان عشق جي حد تائين محبت ڪندڙ اسان جو هي محبوب شاعر صفا الفقرا طبيعت جو مالڪ آهي. پنهنجي شاعر پاڻ بہ ڳائيندو آهي.ءسندس آواز بہ ٺاهوڪو آهي. پنهنجي پروگرام ۾ ڪمپيئرنگ بہ اڌ پاڻ ئي ڪندو آهي. دوستن تي جان نڇاور ڪندو آهي. منهنجي هن سان ملاقات ساڻس ملهايل هڪ شام ۾ مڪلي پريس ڪلب ۾ ٿي هُئي. جتي مون هن تي لکيل پروفائيل پڙهيو هو. اُن شام ۾ هن کي جيڪي اجرڪون ۽ تحفہ مليا تن کي ڏسي يقينن دل ۾ اها پڪ ٿي تہ واقعي جهڙو ٻڌوسين تهڙو ڏٺوسين. دوست هن سان تمام گهڻو پيار ڪن ٿا. ان پروگرام ۾ هن جي شاعري تي سائين تاج جويي، احمد سولنگي ۽ اڪبر دلواڻي صاحب تمام بهترين ڳالهايو هو. اسان جي دعا آهي تہ گُلابي چُمي جهڙي هن محبوب شاعر جي مُرڪ ڪڏهن بہ ميري نہ ٿئي ۽ هُو سدائين سنڌ کي ”مُرڪ جو تحفو“ ارپيندو رهي.

# واگھو ڪولهي

توڪل جي ٿُرهي تي ترنڊڙ واگھو ڪولهي هن وطن جو پکي آهي. اهڙو پکي جنهن وٽ ڪوبہ زخيرو ناهي. هُو آٽين ۾ چاڙهين واري زندگيءَ جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. واگھو هن وطن جو وڻ آهي. وڻن کان مٿي وطن سان ڪو وفادار ٿي ئي نہ ٿو سگهي. وڻ، جيڪي طوفانن ۾ پاڙان پَٽجي ويندا آهن، زوردار هوائن جي زور تي پنهنجا تار توڙائي ڇڏيندا آهن، ڏُڪارن ۾ سُڪي ويندا آهن، پر پوءِ بہ ڌرتيءَ تان انچ بہ ناهن چُرندا. سردي، گرمي سر تي سهي بہ ساٽيهہ جي سرزمين سان نڀائيندا آهن. ڌرتيءَ سان دغا ناهن ڪندا. واگهي جو وجود بہ هن ڌرتيءَ جو هڪڙو اهڙو وڻ آهي، جنهن کي حالتن جي هوائن ايڏو لوڏيو آهي جو هُن جا ڇوڏا ئي لهي ويا آهن، پر پوءِ بہ هُو ڪنهن سان ڪا شڪايت نہ ٿو ڪري، هُو پنهنجي وطن ۾ خوشُ آهي. اهو وطن جيڪو ڪنهن زماني ۾ سچ پچ هن جو پنهنجو وطن هو. ٻنيون ٻارا ۽ چندُ چارا سڀ پنهنجا هئا. اهو وطن جنهن ۾ هن جي نسل وارا ڪارڙا پنهنجي ٻارڙن سميت ڏاڍا خوشُ رهندا هئا. درياءُ کان وٺي سمنڊُ تائين، ۽ سِٽيءَ کان وٺي ڪمند تائين هر شيءِ سندن هٿ وس هوندي هئي. اڄُ ان ساڳي وطن ۾ هي آرين جي ڏاڍ اڳيان بيوس اُنن ڇڏيا بار واري ڪار زندگيءَ جي ڏينهن کي ضرب ڏيئي ڪرب ڳتي ٿو. اُڄ هن جي پيرن هيٺ پيل زمين بہ پرائي آهي. پيئڻ لئہ پاڻيءَ پڻ پرائي کوهہ تان پري ٿو. پنهنجو پيٽ پرڻ لئہ ڪچرو پڻ پراين ڳوٺن ۾ ٻُهاري ٿو. ٻار بہ پرايا ئي پڙهندي ڏسي ٿو پر پوءِ بہ جيئي ٿو. واگھو ڪڏهن بہ خودڪشيءَ جو نہ ٿو سوچي .

هُن کي اها خبر ناهي تہ هن وقت ڊالر جي ڊوڙ ۾ ملڪ ڪيترو مار کائي چُڪو آهي .هُن کي اها بہ سُنڪ ناهي تہ، نيب ڪنهن ڪنهن جي نڪ ۾ نوڙي وڌي آهي. هُو ان خبر کان بہ بي خبر آهي تہ، ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ ۾ ڪنهن جون ڪيتريون پوائنٽون آهن .هُن کي ڪائي ڳل ناهي تہ بلاول ۽ مريم جي مُلاقات تي ماٺهو ڪهڙيون ٽيڪا ٽپڻيو ڪن ٿا. هن کي بس اها خبر آهي تہ، سياٽي سوير ڪانيون نہ ڪيون تہ سندس ٻچا پيٽ ۾ هٿ وجهي سُمهندا. هن کي اها بہ خبر آهي تہ، جي هيل بہ مينهن نہ وٺو تہ زندگيءَ

جي ٻني پَيل ٿي ويندي. ها هن کي اها ڳل ضرور آهي تہ جي لطيف جي نينهائي بند ٿي ويئي تہ هن جو ڪچرو ڪير وٺندو؟ ۽ جي ڪچرو ڪنهن نہ ورتو تہ هن جا ٻار ٻُک ۾ بولاتيون ڪائيندي مري ويندا. جي ٻار ٻُک ۾ مري ويا تہ واڳهي جا وڻ ٿي وڃي ويندا.

واڳهو جنهن جا وار وڏا ۽ ٻار ننڍا آهن. واڳهو جنهن جي ڏاڙهي وڏيل ۽ وزن گهٽيل آهي. واڳهو جنهن جا ڪپڙا ميرا ۽ اندر اُجرو آهي. واڳهو جنهن کي وهنتي ڪي ڏينهن وهامي ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ گهٽڻ ڏينهن ڪان مينهن وٺو ناهي. واڳهو جنهن جي پيرن ۾ جُتي بدران ڏرتيءَ جو پيار پاتل آهي. ڏرتي تپندي بہ هُن جا پير نہ ٿي ٻاري. وطن جي واري هُن جي پيرن تي ڀَها رکي ٿي. واڳهو جنهن جي ونيءَ جي هرڻ جهڙين اکين ۾ رڳو سُورن جو سُرمو پيل آهي. واڳهو جنهن جا ٻار پڙهڻ واري وهيءَ ۾ پورهيو ڪرڻ تي مجبور آهن. واڳهو جيڪو جيئڻ جي جستجو ۾ زندگيءَ جي هر ذلالت کي نعمت سمجهي نبيري ٿو .

هُو ڳُلهي تي ڪانين جي پيري ۽ مٽي تي ڳنديءَ جي پنن جي ڪانبي ساڻ ڳڏهہ جيڏو بار ڪٽي هر روز ڪنهن نہ ڪنهن ڳوٺ ۾ وڪڻڻ ويندو آهي، پر هن کي صحي اجورو بہ ناهي ملندو. راڄُ جون راڻيون هن کان پيري ڪانين جي وٺي ٻُڪ اٽي جون ڏيئي اهو چونديون آهن تہ ڪانيون ڪم جون ناهن صفا آليون آهن. اهو ٻُڌي واڳهي جون اکيون آليون ٿي ويندیون آهن. هُو بس ڀنل اکين سان مُرڪندي هليو ويندو آهي. ويندي ويندي واٽ ۾ سوچيندو آهي تہ هن اَٽي مان تہ اکيون ئي ناهن پرجيون پيٽ ڪٿان ڀرجندو. شُڪر جو ٽڏو ساهُ ڪٽي ڳُتي وارو پيٽ پري بہ انسان وانگي جيئي ٿو.

الئہ ڇو ڪي ڪي ماڻهو هن کي ماڻهو ئي تسليم نہ ٿا ڪن. انهن کي ائين لڳي ٿو ڄڻ هي پٿر جو پتلو آهي. هن کي ڪو ادراڪ ئي ناهي؟ انهن کي ڪير سمجهائي تہ واڳهي جي وجود ۾ ڌڙڪندڙ دل بہ گوشت جي ٺهيل آهي، واڳهي جو بہ رت جو داٻ وڏي گهٽي ٿو. شُگر هن جي بہ سرير ۾ موجود آهي. توڙي جو مناڻ هن کي چانهہ ۾ وجهڻ لئہ بہ نہ ٿي ملي. اُڄ ۾ هن جون بہ ٻُڪيون تڙپن ٿيون. هن جي زبان بہ ذائقا چکڻ جو گيان رکي ٿي. توڙي جو اُن

اتي ۽ لوڻ کان سواءِ ڪجھہ بہ ناهي چکيو. هن جون اکيون پڻ رنگ سُڃاڻڻ ٿيون. اُس ۾ هن جي بہ چمڙي سڙي ٿي. سيڪس جو خيال هن کي پڻ ساڳيو اڇي ٿو. پر هي اڃا اورل سيڪس واري جدت ۾ جانور ناهي ٿيو. هي اهو انسان آهي جيڪو آدم ٿي رهڻ پسند ڪري ٿو.

ٻُڌو اٿم تہ واگهو هاڻي انبن وارن ڏينهن ۾ شهر ڏانهن ناهي ويندو. اهو ان ڪري جو هڪڙي پيري انبن واري گاڏي تان سندس نظر گُذري هُئي. هُو چاهيندي بہ وٺي نہ سگهيو هو ۽ هن جي اکين ۾ انبن جي ڦار لئہ سڪندڙ سندس سِنهن ٻچن جا عڪس لُڙڪن جي روپ ۾ تري آيا هئا. ٻچن جي دلدوز درد ۾ هي لُڙهي ويو هو. ٻچا تہ پکين کي بہ پيارا هوندا آهن. هي تہ پوءِ بہ انسان هو. اهڙو انسان جيڪو ايڪهين صديءَ جي جديد انساني جانورن واري دنيا ۾ ڄمي ڦاٿو آهي.

اولمپڪ جو اڇو سگريٽ واگهي جي وڏي عياشيءَ ۾ شُمار ٿئي ٿو. ان لئہ هُو گهڻو ڪجهہ پوڄي بہ ٿو. ڇاڪاڻ ته بہ "جُڙي کي جَس" ۾ شامل آهي. ماني نہ ٿو کائي تہ زنده رهي نہ ٿو سگهي. هُو ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهي تہ سائنس ايتري ترقي ڪئي آهي، پر بُک جو بندوبست ناهي ڪري سگهي. ڪاش! ڪا اهڙي سستي گوري ايجاد ٿئي، جو سال ۾ هڪ ڀيرو بُک لڳي. اهڙي بُک جنهن ۾ ماڻهو هڪڙو ڀيرو ڍؤ تي ماني کائي سگهي. غريب گُربو هرڪو پنهنجو من پسند کاڌو کائي سگهي. باقي هن روز روز واري بُک تہ زندگيءَ جا بخيا ئي اُڌيڙي ڇڏيا آهن. لولي پوپان لُڇندي صفا جيئرا لاش ٿي پيا آهيون. هن جي اهڙي سوچ سائنس جو ساهہ مُنجهائي ڇڏي ٿي .موتيسري جي مڙهي ۾ واريءَ مان وهاڻا ناهي سُمهندڙ ۽ ڏينهن رات لُنڊين جا مٽا لتاڙيندڙ واگهي جي ٻارن کي ڪڏهن بہ ڪنهن لُنڊي ناهي ڪکيو. هن جي ٻارن جو بلائون بہ خيال ڪنديون آهن، پر انسان ڏنگي ويندا آهن. واگهي جا ٻار جڏهن بُک ۾ رات جو وشال امبر ڏي اکيون کڻي پالڻهار کان ڪجهہ پڇندا آهن، تڏهن آڪاش ۾ ٽمڪندڙ نَو لک تارا تڙپي پوندا آهن. امبر جون اکيون آگمجي وينديون آهن. ٻُکايل ٻارن جي پير ۾ جاڳندڙ سندس پيءُ جي ڏرا ڏيئي ويل اکين ۾ لُڙڪن جون ڪونجون قطار ڪري وهنديون آهن .

# هيمراج سنگھہ سوڍو

وڏا وڏا ٿڪ ڏيئي تازي ملائي هٿ ڏيندڙ ۽ روح کي تازگي بخشيندڙ هيمراج سنگھہ سوڍو ٻهادر سنگھہ سوڍي جي نندڍي پُٽ رتن سنگھہ سوڍي جو نورچشم آهي. ڇهہ ڀينرن ۽ ٻن ڀائرن جو هي مويي ڀاءُ دل جو درياءَ آهي. ڏُک سُک سردي گرمي ۾ نڀائڻ وارو نَڊر شخص آهي. جهڙو سندس نالو هيم ورنو آهي تهڙو ئي خود پيشُ آهي. نج نبار ۽ پُر خُلوص پيار ڀري شخصيت جو مالڪ آهي. دوستن لئہ ساهہ صدقو ڪندڙ هي دل جو سچو ماڻهو آهي. دُنيا ۾ هن رڳو دوستي ڪمائي آهي. جيترو ٻهادر آهي ايترو ئي دل جو ڪچو آهي. صفا ٻاٻهئي وانگي نازڪ طبع آهي. ڪنهن کي روئندو ڏسي پاڻ روئي پوندو آهي. ڪٿي ڪو ظُلم ٿيندو آهي تہ، ٿي تي ڏينهن ماني ناهي کائيندو. پکي پَسون کان ويندي ڍور ڍڳي تائين سيني‌ءَ تي ترس کائڻ وارو. غريبن جو ساٿي، مظلومن تي ساهہ پساهہ ڏيندڙ هي مالديو سوڍو منهنجي ڳوٺ جي ڪنڌ ۾ موتئي جو هار هو پر هُو بہ لڏي ويو. پاڻ منڙيو ڀتي‌ءَ مان ڀارت سنگھہ پٽيل جي گهران پرڻيو آهي جنهن مان کيس ٻن پُٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي. هن وقت پنهنجي ڀائرن سميت هندستان جي شهر موربي ۾ سڪونت پذير آهي.

# صفدر پنهور

هُن تي ڪُجهہ لکڻ لاءِ قلم کي آريسر جي ڇڏيل اسڪاچ مان ٻوڙڻو پوندو يا ديوداس کان دل اُڌاري وٺڻي پوندي, تڏهن ئي هن شخص تي شاندار لکي سگهبو باقي ٽيلي جي ڪُنڊُ ٽوڙي ديسي مڏيرا مان قلم ٻوڙڻ سان هن جي قلندرانہ ڪيفيت واري شخصيت سان انصاف نہ ڪري سگهبو. ڇاڪاڻ تہ هُو پرھ جو پياڪُ آهي! هُو مئخاني جي مريادا جو اهڙو قدردان آهي جو پيمانہ بہ هن جي حُڪم جا پابند ٿي پوندا آهن. هُو جيڪو هر روز سنڌيا ويلي شنان ڪرڻ لاءِ نيري نديءَ ۾ لُڙهي ٿو ڪڏهن ٻنان ٻوڙ پيئندي ٻُڏي بہ ٿو تہ ڪڏهن عدم دلچسپيءَ جي ڪري تري بہ ٿو پر هُو ڳڙي جا ڪوزا پري پيئڻ ۾ جيئڻ کان مُڙي مُور نہ ٿو.

هُن جون سُونهن شناس اکيون جڏهن خمارن جي ڪيپ ۾ ٻُڏي ويندڀون آهن, تڏهن هُن کي نہ رڳو حُسن وڻندو آهي, پر هُو شاعريءَ جي سمندر ۾ بہ ترندو آهي, ۽ سنهڙا اڇا سگريٽ پيئندي هُن جي دل تي ڪيئي شعر تري ايندا آهن. هُو شاعري ٻُڌڻ جو بنهہ گهڻو شوقين آهي. مشاعرن ۾ وڃڻ بہ سندس بهترين مشغلو آهي. هُو نہ رڳو پرھ جو پياڪُ آهي, پر هُو سنڌُوءَ جي مٺي جل جو بہ متوالو آهي. هُو سنڌُ جو عاشقُ آهي, سنڌي ماڻهن جو عاشقُ آهي, سنڌي شاعريءَ جو عاشقُ آهي, هُو ٻِتائيءَ جو پانڪ آهي, هُو اياز شناسي بہ ڄاڻي ٿو تہ آريسر جي نثر کان وٺي امرتا پريتم تائين سيني کي پڙهي ٿو .

هُو هڪڙو اهڙو بي پرواھ بادشاھ آهي, جنهن کي ڪنهن جي بہ پرواھ ناهي, هُن کي پرواھ آهي تہ صرف پنهنجي ماءُ جي جنهن ڪيس نو مهينا پيٽ ۾ پالي هن جهان ۾ جنم ڏنو هن کي پرواھ آهي تہ اُنهن وڻن ۽ هوائن جي جيڪي هن کي انبن جي ديس ۾ آڪسيجن ڏين ٿا. هن کي پرواھ آهي سنڌُوءَ جي شيتل جَل جي جنهن کي پِي هُو هينگ اوور اُتاري ٿو. هُن کي ڪنهن بہ عُقاب جو اُلڪو ناهي, پر اُن پکيءَ جي پرواھ ضرور آهي, جيڪو

علي الصبح جو اُٿندي مني لات لنوي ٿو. هُن کي پراوھ آهي تہ اُن قوم پرست شاعر جي جيڪو تخلص مَتائڻ سان گڏ نہ رڳو ملڪ پرست بڻجي ويو آهي، پر شاعريءَ کي خير آباد چئي رياضيدان بہ ٿي ويو آهي. گوگل وارو گول تہ مالڪ چاٽي پورو ٿيندو يا نہ پر رنگ جام مٿايا اٿس .

هُو جيڪو ڪڙئي گهنور جي ڪوڏيلي مصطفيٰ اياز مهيري سان گڏ نيري نديءَ ۾ ترندي، لاڙ جي سُگداسي چانورن جي خوشبوءَ جهڙيون سنڌ جي خوابن جون ڳالهيون ڪري ٿو. مهريءَ جا گُلئي ساحليءَ ۾ نندائي يار وارا من موهيندڙ مذاق ٻُڌندي ٻُڌندي اچانڪ اکين مان آب هاري وطن واسين جي پيڙائن ۾ پچري ٿو. هُو ديس واسين جي درد ۾ ڪڙي جا ڪوزا پري پيئي ٿو. هُو ڪڏهن مهريءَ سان گڏ سنڌ جي سورن ۾ مري ٿو تہ ڪڏهن ڪانگل خط ڪٽي وچ واري حفيظ ڪنير سان حال اوريندي" موسو ماچي“ بڻجيو وجي ٿو.

هُو جيڪو اڌ قلندر ڇوڪري جي ڪُل قلندر شاعريءَ جو نہ رڳو قدردان آهي، پر اُن شاعريءَ جي سِٽ سِٽ جو عاشقُ پڻ آهي. هُو جيڪو وطن جي دڳن کي ”درسي ڪتاب“ وانگي پڙهي ٿو. هُو جيڪو ٻوليءَ جي ٻاون وير ميان گُل محمد ڪلهوڙي، نثر جي نشانبر ليکڪ نثار بلوچ، جلال جان، پگت هالار لغاري، نارُو پيل، ۽ پتائيءَ جي پارکُو عطا چانهيو وارن جي چوياريءَ ۾ چندُ وانگي چمڪي ٿو. هُو انهي چندن چوڪڙيءَ ۾ اڪبر بادشاھ واري حيثيت رکي ٿو. توڙي جو هن وٽ بيربل جهڙو وزير ناهي، پر هن جي مئخاني جو ساقي بيربل ئي آهي. اُهو بيربل بہ توڙي جو ڪُل عقُل ناهي، پر گهٽِن کان گهٽ بہ ناهي. هُن جي هٿ جو جام پيئندي ماٺهو انگوري ول ٿيو پوي، هو هڪڙو اهڙو بي ڊپو ڪردار آهي، جنهن کي ڪنهن جو بہ ڊپ ناهي. هُو نواب کي بہ مُنهن تي تڙو ڪڙو سچ چئي ڏيڻ وارو ڪرو ماٺهو آهي. هُن نہ ڪڏهن ڪنهن جعلي ڪامريڊ وانگي ڪنهن اٽڌنل مسئلي تي اوور ري ايڪٽ ڪيو آهي، نہ ئي ٻئي جي مسئلي ۾ ڪڏهن ڪا ٽنگ اڙائي اٿس. هُن هر مسئلي تي سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي .هُن نہ ڪڏهن هندئن

سان گھڻي همدرديءَ جو اجايو ڍونگ ڪيو آهي. ۽ نه ئي وري ڪڏهن مسلمانن سان بي انتها محبت جو بانور ڪرايو آهي. هُو هڪ اهڙو صوفياڻو توازن برقرار رکيو اچي جنهن کي هر ڪو دل سان قبول ڪري ٿو. هُو رحيم سان گڏ ڪائي ٿو ته رام کي به ساڳي پيالي مان پياري ٿو. هُو هر متيپيد کان مٿانهون ماڻهو آهي. جيڪا هُن جي دل چئي ٿو هُو ڪري ٿو. هُو ڪو به فعل ڪرڻ وقت ائين نه ٿو سوچي ته ماڻهو ڇا چوندا...! ڇاڪاڻ ته هُو بي پرواهه بادشاهه آهي .هُو سرعام شراب به پيئي ٿو ته، جيڪو دل تي آيو اهو عالمي اوطاق تي لکي ڇڏي ٿو . انبن جي ننگري ميرپورخاص ۾ رهندڙ ان بادشاهه جو اسم گرامي آهي صفدر ۽ سندس ذات پنهور آهي .سدائين اکين تي عينڪ ۽ مُنهن تي هلڪي مُرڪ هن جي شاندار سُڃاڻپ آهي. پيشي جي لحاظ سان ٽرانسپورٽر آهي، ۽ ان سان گڏ سندس ٻئراجي زمين به روزگار جو وسيلو آهي. ڪپري واري روڊ تي سندس دڪان آهي ۽ پر ۾ ئي مئخانو آهي. جتي هر روز ڪو نه ڪو شاعر، اديب، سگهڙ ۽ راڳي هن وٽ مهمان هوندو آهي. شاعرن سان ته صفدر جون هُئين ٻتيهه دليون آهن، پر هُو هر ماڻهوءَ جو آدر ڪرڻ ڄاڻي ٿو. هن وقت اڌ سنڌ جا شاعر هن بي پرواهه بادشاهه جي نه رڳو فقيراڻي فقر جا پوئلڳ آهن، پر ڪيس اُستاد جي درجي سان نمي پرڻام به ڪندا آهن.

هُن جو مزاج جتي ڏونگر جهڙو ڏاڍو آهي، اُتي ڪپهه جهڙو ڪونئرو به آهي. هُو جيڪو وقت جي ڪنهن به جابر اڳيان جُهڪي نه ٿو پر ديس جي هر مظلوم جي درد ۾ جُهوناڳڙهه وانگي جُهري پوي ٿو. هُو جهري پوي ٿو تڏهن جڏهن ڏسي ٿو ته، ڪو ٿر جو معصوم ٻار پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ هڪ اهڙو ڪرتب ڏيکاري ٿو جنهن ۾ اُن جو ساهه مُنجهڻ ڪري، نڙيءَ جون نبضون ڦُوڪٽي وانگي پرجي وڃن ٿيون. اهڙو هانءُ ڏاريندڙ منظر ڏسي هُو دانهن ڪري چوي ٿو بقولِ مهر ڊبائي ته:

ساهُ هڪ هڪ جي قيمت پري آ
زندگيءَ آهي يا مشڪري آ

# احمد کٽي

هُو جنهن جي نيرولي هٿن کي الله سائين اهڙو آرٽ ڏنو آهي، جو اُهي کنهن بہ ڪينواس تي آڏا اُبتا ليڪا پائن ٿا تہ عالم جي عظيم چترڪار پڪاسو جي ڪنهن حسين پڪچر وانگي اندلني عڪس ازخود اڀريو اچن ٿا. هُو جنهن جي هٿ ڪراين ۾ قلم اچڻ ڪانپوءِ هر ڪا مس هن جي محتاج ٿيو پوي ٿي. قلم جي سُرخاب ڪي ڪاغذ تي سراڙا پارائيندي هن تي ڪو وجد تاري ٿي وڃي ٿو ۽ هو پاڻ نہ ٿو لکي، پر هن جي اندر ۾ موجود ڪو ڪمانگر ڪوي لکي ٿو. جنهن جي ڪمال جي جمال هن کي آرٽ جي آڪاش تي چوراسي چنڊن جهڙي سُهائيءَ سان روشناس ڪري جڳ ۾ سُرخرو ڪيو آهي .هُو جنهن جي قفس ۾ قيد ڪُڙڪيتي جهڙي خطاطي ڪلا جي اهڙي ڪرانتي آهي، جنهن جا اُهاءَ پسي سُونهن شناس اڪين کي آسيس اچيو وڃي ٿو. هُو جيڪو ميمڻن جي ڇڏيل ويران وستيءَ جي وارثي ڪندي، اج بہ ان شهر جي اڌ جهريل اجهن ۾ قيام پذير آهي. رُکي سُکي روٽي کائيندي بہ هن ڪڏهن اها شڪايت ناهي ڪئي تہ منهنجي ذات جو ڪنهن قدر ناهي ڪيو. هُو پنهنجي جهونين جهوپڙين ۾ ويهي سرسوتيءَ جي سيوا ڪندي وِديا سان وفا ڪندو اچي، هُو اج بہ قلم کي ڪلا جي” روهيءَ“ تي سراڻ چاڙهيندي ”خاتوبند“ جهڙي خطاطيءَ جو خوبصورت هنر هٿيڪو رکيو اچي، هن کي محتا جي ڪابہ لوڙهہ يا لالچ ناهي. هُو پنهنجي پورهئي سان ائين سچو آهي، جيئن هڪ وفادار سپاهي پنهنجي وطن جي سرحدن سان سچو هوندو آهي. جئين هڪ ماءُ پنهنجي اولاد سان محبت ڪندي آهي. هن حياتيءَ جي پنڌ ۾ مُڙي نهارڻ سدائين مِهڻو سمجهيو آهي. ان ڪري هُو اج بہ ساڳي محنت ۾ لڳن سان مزوري ڪندو اچي، توڙي جو حالتن ۽ وقت هن کي ڪيئي ڏک ۽ ڏنجهہ بہ ڏنا آهن. پر هن هار مڃڻ سکيو ئي ناهي. ”وکر سو وهاءِ جو پئي پراٽو نہ ٿئي“

جي مُترادف هن سک چين تياڳي پنهنجي هنر سان هم ڪلام ٿي نت روز نيون شيون تخليق ڪيون آهن. هن جي پينٽيگس ڏسي لڳي ٿو تہ هن شڪلين ۾ شاعري ڪئي آهي، هن اکرن ۾ هر عڪس چٽيو آهي. حياتيءَ جا سمورا سُور تصويرن ۾ تحليل ڪري ڇڏيا آهن. هن تہ پراڻي مندر ۾ ٻرندڙ ڏيئي جهڙي ڏيپلي شهر جي وارثي وڏي دل سان ڪئي آهي، پر هن ملير جي مٽيءَ مان ڪو اهڙو ڄائو آهي جيڪو وڃي هن کان پڇُي تہ تون زندگيءَ جي پڇاڙڪي ڏاڪي تي ڪيئن گذاري رهيو آهين؟ آهي ڪو اهڙو قدر شناس جو پرائمري ماستر واري پينشن تي پنهنجي ٻچن کي پاريندڙ هن ڏات ڌڻي جي ڏٽيپ ڪري ۽ هن جي ڪلاونتي دل کي اهو ڏڍ ڏياريندي چوي تہ "اي اسانجي وطن جا واهلا ڪوي! تون مايوس نہ ٿي، تنهنجي هاتڪ هٿن جي پٽڪُنوار جهڙو پورهيو اسان جي اکين تي، اسين تنهنجي هٿن جي محنت کي دلين ۾ سمائي رکنداسين، اسين توکي تاريخ جي ورقن ۾ پيار جي ڀرين سبق وانگي پڪو ڪنداسين! سائين احمد کٽي کي هن وقت بس اهڙي دلداريءَ جي ضرورت آهي، جيڪا هن جي عمر ۾ اضافو ڪري سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ فنڪار سدائين محبتن جا گهرجائو هوندا آهن. انهن کي محبت ملي وئي تہ سمجهو دنيا جو هر مقام ملي ويو. فنڪار محبتون ورهائيندا ۽ وصول ڪندا آهن..

سائين احمد جڏهن بہ ڪا خوبصورت خطاطي ڪندوآهي، تڏهن مختلف رنگن واري مس پاڻ پنهنجي هٿن سان ٺاهيندو آهي. ان مس ۾ هڪ اهڙو اعليٰ گڻ سمايل هوندو آهي جو اها مس ڪهڙو بہ ڪاڙهو هجي "ڪينواس " تان ڪڏهن بہ مٽجي ناهي سگهندي. ان مس کي دائميت هوندي آهي. احمد کٽي پنهنجي حياتيءَ ۾ هڪ اهڙو ڪارائتو ڪارنامون سرانجام ڏنو آهي، جنهن جي جيتري ساراهہ ڪجي گهٽ آهي. هڪ اهڙو نادر نموني وارو قلمي نُسخو تحرير ڪيو آهي جنهن کي ڏسي اکيون تہ ڇا عقل بہ دنگ رهجيو وڃي. هن آسماني ڪتاب کي اندلٺي رنگ سان ڪاغذ جي ڪينواس تي روپيو آهي جي ها !هُن قران شريف جو قلمي نسخو لکيو

آهي، جيڪو خطاطيءَ جو دنيا ۾ پهريون نمبر ۽ اعليٰ نمونو آهي. هن نُسخي ۾ هڪ سؤ يارنهن ڀيرا بسم الله لکيل آهي ۽ هر بسم الله منفرد انداز ۾ لکيل آهي، جيڪا ڏاڍي دل لُڀائيندڙ آهي، جنهن کي ڏسي ماڻهوءَ جي مُنهن مان ازخود نڪريو وڃي سبحان الله !!.....

عربي لپي ۾ لکيل هن اعليٰ شهپاري جو سنڌي ۾ گڏ ترجمو بہ ڏنو اٿس. تمام خوبصورت رنگن ۾ روپيل هن قلمي نُسخي جو جوڳو قدر ٿيڻ کپي.

# ڇهن سنگهہ ڪوٽڙيو

ڪُوٽڙيا اصل ۾ راجستان جي ڳوٺ ڪوٽڙي ڳڏ ۾ رهڻ ڪري ڪوٽڙيا سڏجڻ لڳا. ڪوٽڙيا رانوڙ ملينات جو اولاد آهن. سوريا ونس رانوڙ راجپوت آهن. ٿرپارڪر ۾ هن وقت ڪوٽڙين جو وڏي ۾ وڏو ڳوٺ جهپيو آهي، جيڪو مٺي کان ڏکڻ چوبهہ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. هن ۾ ڪوٽڙيا راجپوت، مهر راجپوت، ٻاڙميرا راجپوت، سُورا راجپوت ۽، حجام ۽ ميگهواڙ رهن ٿا. ماتاجي مالهڻ ماتا، ماتا راٺي پٽياڻيءَ ۽ رامپُور جا وڏا ٿان بہ هن ڳوٺ جو شان آهن.

ڇهنسنگهہ ڪوٽڙيو جو جنم 1953ع ۾ شريمان پراگوجي ڪوٽڙيا جي گهر ۾ ٿيو. پراگوجي ڳوٺ لاڏڪي جي ارجڻ سوڍي پوپٽ سنگهہ جي گهران پرڻيا هئا. پراگوجي کي اولاد ۾ مگهجي، راٺوجي، ڪاروجي، ڇهنسنگهہ ۽ رتن سنگهہ نالي پنج پُٽ ٿيا. رتن سنگهہ جو وڏو پٽ سوائي سنگهہ ڪوٽڙيو انتهائي سپوت، باذوق، بااخلاق ڇوڪرو آهي، جيڪو عزيز قريب تي مري مٿو ڏيندو آهي. ڇهنسنگهہ شروعاتي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. بعد ۾ مڊل ۽ مئٽرڪ تائين مٺيءَ ۾ پڙهيو. انٽر ۽ بيچلر حيدرآباد مان پاس ڪيو. جتي ڪيرتي جي ڪُل ديپڪ خانجي سوڍي وٽ رهندو هو. تمام گهٽ ڳالهائو ۽ مانيٽي سڀاءَ جو مالڪ هو. فتني فساد کان پري رهندو هو. هر ڪنهن کي عزت ڏيندو هو. هن کان ڪنهن کي بہ شڪايت نہ هوندي هُئي. نہ ڪڏهن ڪنهن جي ٿنا ڪندو هو نہ گلا. پنهنجي دنيا ۾ خوش رهندڙ هن ملوڪ ماڻهوءَ کي 1983ع ۾ پوليس کاتي ۾ هيڊ ڪلارڪ واري نوڪري ملي. نوڪري دؤران مٺي ۾ سراڻ ڪالونيءَ واري جڳهہ سندس رهائشگاهہ هوندي هُئي. جتي وينجهراج مهر بورچي

ڪيائين، پر ڏکايائين ڪنهن کي بہ نہ. هي دلين جو ديوتا ماڻهو هو. هر دکايل دل جو درد پلي پانت پرکي وٺندو هو. ائين ڇئجي تہ ڪو بہ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ، هي اکين جي آريسي ۾ دردن جا عڪس ڳولي وٺندڙ اهو ماهر ماڻهو

هو. جنهن وٽ دردن جي سمنڊن ۾ غوطا لڳائڻ وارو هنر بہ هٿ وس هو. ڇهنسنگهہ هيڊ ڪلارڪ مان ترقي ڪندي آفيس سُپرٽيڊنٽ واري عهدي تائين پهتو. پر حياتي وفا نہ ڪئي ۽ حاضر سروس دؤران هارٽ اٽيڪ ٿيڻ ڪري، تاريخ 2 ڊسمبر 2009ع جي نياڳي رات جو ابدي سفر جو راهي ٿي ويو. گهر وارن کان وٺي دوستن، عزيزن ۽ گهٽگهرن کي سوڳوار ڪري ويو.

ڇهنسنگهہ، ڳوٺ ڪرڙي جي آسڪرڻ سوڍن مان شادي ڪئي. جنهن مان کيس اڪيلي پُٽ ۽ ڇهہ نياڻين جو اولاد آهي. پنج نياڻيون اڃڙي ٽر ۾ پرڻايل آهن. سندس پُٽ جو نالو رام سنگهہ رانوڙ آهي، جيڪو لاڪوڙي جي سوڍي دربار پورجي جي گهران پرڻيو آهي، ۽ هن وقت پوليس کاتي ۾ سپاهي واري پوسٽ تي نوڪري ڪري رهيو آهي. تمام محبتي ماڻهو ۽ سُلڇڻو ڇوڪرو آهي. دوستيءَ ۾ دل سان نڀائڻ وارو آهي.

# تپيدار سروپ سنگھہ ڪوٽڙيو

سروپ سنگھہ ڪوٽڙئي جو جنم تعلقي مٺيءَ جي ڳوٺ جهپيو ۾ تاريخ 15 جون 1966ع تي مانسنگھہ ڪوٽڙئي جي گھر ۾ ٿيو. مانسنگھہ تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ لاڏڪي ارجڻ مان شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس چئن پُٽن جو اولاد ٿيو. سروپ سنگھہ، آنبجي، ڪيمجي ۽ نگجي، نالي چار پٽ ڄائا. جن مان نگجي جوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو. سروپ سنگھہ ماءُ ۽ پيءُ جو مويي پُٽ هو. هُو ننڍي هوندي کان ئي ذهين هوندو هو. هن شروعاتي تعليم سندس اباڻي ڳوٺ مان پرائي، ۽ بعد ۾ مٺي ۽ حيدرآباد ۾ پڙهيو. تمام محنتي ۽ اورچ خيالن جو مالڪ هئڻ ڪري هر ڪم ۾ سڦلتا پراپت ڪندو هو. ايشور ڀڳت هئڻ ڪري هي هر ماڻهوءَ کي نيڪ صلاح سان نوازيندو هو. هر سال دُرگا ماتا جا نوراتا وڏي پاڪيزگيءَ ۽ بُزرگيءَ سان رکندو هو. چاليسي جو پاٺ ڪندو هو. نوَ راتيون پَٽ تي سُمهندو هو. نو راتن ۾ دنيا جا سڀ خفا هڪ پاسي رکي ماتا جي شيوا ۾ مگن هوندو هو. ڪيس پرماتما جي پرڪرتيءَ ۽ درويشن جي ديا درشٽيءَ تي وڏو يقين هوندو هُو. ننڍڙن ٻارن سان وڏو پيار ڪندو هو. سندس وڏي پُٽ گلاب سنگھہ جي ڪنور مهتاب سنگھہ ۾ تہ جڻ هُن جو ساهُ هوندو هو. مهتاب کان سواءِ هُن کي ماني بہ نہ وڻندي هُئي. پوٽا هُئين بہ پُٽن کان وڌيڪ پيارا هوندا آهن، لوڪ چوڻي آهي تہ وياج مُور کان بہ مِٺو لڳندو آهي. سروپ جي وڇوڙي پُڄاڻان نہ رڳو سندس پُٽ گلاب جي ڇهري تي چنتائن جي ريک رهي آهي، پر سندس پوٽي مهتاب جي مُک تي چمڪندڙ مُرڪ پڻ ميري ٿي ويئي آهي.

سروپ سنگھہ کي ڪيرتيءَ جي ڪُل ڏٽي خانجي سوڍي روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ 21 جنوري1984 ع ۾ تپيدار واري نوڪري وٺي ڏني. شروعات ۾ بئراجي تپن تي ڪجھہ عرصو نوڪري ڪرڻ کان پوءِ ٿر جي باراني تپن تي تمام گھڻو عرصو پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. روينيو کاتي ۾ تمام گھڻي مهارت رکڻ جي ڪري ضلعي جا سمورا اعليٰ آفيسر ڪيس عزت جي نگاھ

سان ڏسندا هُئا. سروپ سنگهہ جهڙو ماهر تپيدار ٿرپارڪر ۾ هاڻ نہ ملندو. سروپ جو وڇوڙو ٿر ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي. جيڪو پرڄڻ مشڪل بلڪ ناممڪن بہ آهي. هُو پنهنجي رات وني آيو هو. هڪُ ڏينهن اچانڪ قضا جو قهر ڪڙڪيو. تاريخ 19 آگسٽ 2019ع جو ميرپورخاص مان واپس ورندي نئون ڪوٽ مٺي روڊ تي ڳوٺ سانياسر نهڙي وٽ رات جو يارنهن وڳي روڊ حادثو ٿيو جنهن ۾ هي هنس هميشہ لاءِ اُڏامي ويو. پوٺوهار گاڏي هُئي، جيڪا پابوهر جي تپيدار ڪانجي چارڻ جي هُئي، ۽ هُن پاڻ ڊرائيونگ پئي ڪئي. سروپ خالي سائيڊ ويٺو هو .سانياسر وٽ روڊ تي مينهون اچي ويون، ڪانجي چارڻ مينهُن کي بچائيندي رانگ سائيڊ گاڏي وني ويو جتان تيز رفتار ۾ سامهون ٽرڪ آئي ان سان ٽڪرائجڻ ڪري حادثو پيش آيو. ڪانجي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي آغا خان اسپتال ڪراچي نيو ويو ۽ سروپ پڙ تي دم ڏئي حوالي ڪري ويو .

سروپ سنگهہ عمرڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ ڪرڙو جي آسڪن سوڍن مان 9 ڊسمبر 1984ع تي شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس پنج نياڻين ۽ ست پُٽن جو اولاد آهي. وڏو پُٽ گُلاب سنگهہ آبپاشي کاتي ۾ سب انجنيئر آهي. ننڍو پُٽ نخت سنگهہ وٽرنري کاتي ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ آهي. نخت سنگهہ سوڍو ڳوٺ آروڪيءَ مان تپيدار گمان سنگهہ جي گهران پرڻيو آهي، انتهائي سپوت، عقلمند ۽ بردبار آهي. اميد تہ نخت سنگهہ سندس والد صاحب جون سِڪون لاهيندو. ان کان ننڍا پريم سنگهہ، لڪجي، وير وڪرم سنگهہ، لجپت سنگهہ ۽ تيرٿ سنگهہ زير تعليم آهن. سروپ سنگهہ جي وڇوڙي تي رت روئندي لکيل سندم خط هتي ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو.

مُنهنجا پياءُ! پرئي وسڪاري ۾ ڏک ڪيڏي وئين....!

آئون هن وقت ڏيپلي جي ڏاڪٽي بازار ۾ ويٺو آهيان، صبح جا ست ٿيا آهن. پکي پرميشور جا گيت ڳائي پنهنجي صبح جي شروعات ڪري رهيا آهن، ننڊ ۾ سُتل ڪنهن آلسُو ٻار وانگي ڏيپلي جي اڌ اک کُلي آهي، ۽ مون فيسبوڪ کوليو آهي. کوليندي ئي فيسبوڪ جي مين وال تي مُنهنجي نظر

اُن اياڳي پوسٽ تي پيئي آهي جنهن کي پڙهي منهنجا نيڻ پُرنم ٿي ويا آهن. سرير مان ست ڇڏائي ويو آهي. اوچنگار نڙي ۾ اٽڪي پيئي آهي. پهاڙن کان ڀاري اُها پوسٽ تُنهنجي ڀُونائي پريم سنگهہ مهر جي آهي جنهن لکيو آهي:

**Tapedar sarooop Singh is no more with us.....!**

پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي آهي. يقين ئي نہ ٿو اچي تہ ڪو تُنهنجو ائين ڪُيالو موت ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ تون انتهائي نرم دل، نيڪ دل، ايشور ڀڳت هُئين. دل مڃي ئي نٿي. دل چئي ٿي ڀڳوان ڪندو اها ڪوڙي خبر هوندي. پريم سنگهہ مذاق ڪيو هوندو پر وري سوچيان ٿو ههڙو مذاق ڪيئن ڪندو..وري وري فيسبوڪ جون پوسٽون تڙ تڪڙ ۾ اُٿلائيندو وڃان ٿو. هڪ، ٻہ، ٽي چار ائين الائي ڪيتريون ساڳي نوعيت واريون پوسٽون پڙهي پڪ ٿئي ٿي تہ هنسلا اُڏامي ويا آهن. منهنجي ماسيءَ جي جُهور پوڙهي وجود کي ٻي ڀاري بندوق لڳي چُڪي آهي. منهنجي ڀاڀيءَ جي سينڌُ جي سندُور جي لالائي لهي ويئي آهي. منهنجي درويش دل ڀائٽئي گُلاب جون سموريون بي پرواهيون پيءُ جي موت ۾ لُڙهي ويون آهن. اکيون پوري تصورن ۾ اوير ڏي نگاهہ ڪيان ٿو تہ ائين لڳي ٿو اڄُ آفتاب اُڀرندي ئي لهي چُڪو آهي، ڪونڙيا ڍاٽيءَ واري ٽيليفون ٽاور تي ويٺل ڪانگڙي اسر ويلي هڪڙي اُداس ڪُوڪ ڪئي آهي، جنهن کي ٻُڌي ٻارڙن کان ڇيخون نڪري ويون آهن. ڪُتا اُڀرندڙ سجُ ڏي مُنهن ڪري اونائي رهيا آهن. تُنهنجي لڳرايل آر او پلانٽ تان پاڻي پيئندڙ پکين جي اکين ۾ پاڻي آهي! جهپيئي جي اُفق تي چمڪندڙ قمر جو جوهر جَهڪو ٿي ويو آهي. هولي گرائونڊ جي پڙ ۾ تُنهنجي گهر جا فانوس وساميل آهن، تُنهنجي جهپئي واري گهر ۾ قيامت صغرا وارو قهرام متل آهي، ۽ هتي مُنهنجون اکيون آگميل آهن....! مُنهنجو اکيون جن جا ڳوڙها بہ ڪير نٿو اُگهي، سارو شهر بي رحم تماشائي بڻيل آهي، ۽ آئون تُنهنجي موت جي ٻي منداٽتي بارش ۾ ٻُڏي ويو آهيان..

مُنهنجا منا پاءُ...! راتوڪي رات جَهپيئي وارن ڪيئن گُٽي هوندي؟ ڪيئن گُٽي هوندي اُن معصوم پُٽ جيڪو اها آس رکي سَنجهي مان سُتو هوندو تہ صبح جو بابا ايندو تہ مون لاءِ شيءِ وٺي ايندو. قيامت جهڙي اها ڪاري رات اُن ماءُ ڪيئن گُٽي هوندي جيڪا تُنهنجي موت جو ٻُڌڻ ڪانپوءِ دماغي توازن وڃائي ويٺي آهي. دنيا جي وڏي ۾ وڏي اها ويرڻ رات اُنهن پائرن تي بہ ڀاري ہم وانگي ڪڙڪي هوندي جن جو سڀ ڪجھہ توسان وابستہ هو. ڪاري رات جو هڪ بجي ڏاري ننڊ سُتل تُنهنجي بي خبر گهر ڀاتين کي ڪنهن ننڊ مان جاڳائي تُنهنجي موت جي خبر ڏني هوندي تڏهن انهن مٿان ڇا گُذريو هوندو! هي هڪ اهڙو درد آهي جيڪو ڪٽڻ کان مٿيرو آهي. هي هڪ اهڙو درد آهي جنهن ۾ ڪير ڪاتيءَ سان ڪهي پيو. پر ماٺهوءَ جو ساهُ نٿو ٽُٽي...! ڪنهن پکيءَ جا پَر ڪُٽي پوءِ اُڏامڻ لاءِ ڇڏجي هي درد ان ڪيفيت ۾ ڪرٽ وانگي وهي ٿو. هي هڪ اهڙو درد آهي جنهن ۾ ماٺهوءَ جي مَت ڇڏائجي وڃي ٿي. ڪنهن پياسي مسافر جي وچ رڻ ۾ سانداري ڦاٽي وڃي ائين هن درد تُنهنجي چاهيندڙن کي چيريو آهي...!

اي مُنهنجا منا ماسات پاءُ...! ائين اچانڪ ڪئين هليو وئين .موڪلائي بہ نہ وئين يار توکي ڏني سال ٿي ويو هو. ڪهڙي خبر هيئن اوچتو هليو ويندين اها خبر هُجي ها تہ هاسيڪارڻ مٺي اچي توسان ملاقات ڪيان ها. توکي خبر آهي اوچتو موت ڪيترين حياتين وڃائي ڇڏي ٿو. پايا وچڻ ۾ ايڏي تڪڙ ڇو ڪيئي...! توکي اجا ننڍڙي نياڻيءَ جو نياڻڪو بار لاهي، حياتيءَ جو قرار ماڻڻو هو. توکي اجا لجپت جي مُنهن تي بہ موڙ ڏسڻا هُئا. توکي ريٽائرڊ ٿي ايشور پگتي بہ ڪرڻي هُئي. پنهنجي اُن پوڙهي ماءُ جو ڪُلهي ڪانڌي ٿيڻو هو جنهن کي اڳي تُنهنجو پاءُ وڇوڙي جو وڏو ڏنپ ڏيئي ويو آهي. اج اُن اپاڳڻ ماءُ کي وبتر وڌي ڇڏيئي .پيارا ائين ڇو ڪيئي!

اي ڪُلوڏر ڪُل رتن ڪونڙيا...! تُنهنجي پرلوڪ پَڌارڻ سان پلي ڪنهن تي ڪو فرق نہ پوي، پر توکان سواءِ تُنهنجا ٻچڙا رُلي ويندا. مجان ٿو تہ پيٽ پري ماني انهن کي بہ ملندي پر پيارا! پيئرڪو ڏڍُ نہ ملندو. انهن کي

ٻک نہ مارينديءِ پر ماڻهن جا رويا ماري وجهندا، يتيم لفظ انهن معصومن جا وڻ ئي وڃائي ڇڏيندو. انهن جي زندگيءَ شفقت ڀري ڇپر ڇانوَ کان محروم ٿي ويئي آهي .

مڃان ٿو وقت پُڄاڻان تون وسري ويندين، ڪامورن کان، ڪمندارن کان، هارين کان، زميندارن کان، ڪاتيدارن کان ۽ سمورن يارن کان، پر پيارا! تون لکجي مهر کان ڪئين وسرندين؟ لکجي لاءِ تون ساڄي ٻانهن هُئين. اڄُ هُو دانهن ڪري توکي پُڪاري پيو. پايا! تون اُن ماءُ کان ڪيئن وسرندين جيڪا اڃان بہ جيئري آهي .موييءَ پُٽ جي موت کان پوءِ جيئري رهندڙ ماءُ کان مٿي هن دنيا ۾ پلا ڪير بدنصيب هوندو. ڪاش! تُنهنجي موت جو ٻُڌي تُنهنجي اُن ماءُ جا پراڻ پورا ٿي وڃن ها جيڪا هاڻ جيئرو لاش ٿي پيئي آهي. اُها اپاڳڻ ماءُ جنهن کي کهڻ سان اڄُ رت بہ نہ نڪرندو، اُها مرڻ کان اڳ ڪيترا ڀيرا مرندي اهو اندازو لڳائيندا سين تہ مري ويندا سين. پيارا! تون سينيءَ کان وسري ويندين پر انهن ڀائرن کان ڪڏهن بہ نہ وسرندين جن جون ٻانهون تُٽي چُڪيون آهن. آنبجي ۽ ڪيمجي کان تون مُئي نہ وسرين. ماڻهو ساهُ ڪڻڻ وساري سگهي ٿو پر ڀوَ جا ڀائر ڪڏهن نٿا وسرن. وساري تہ توکي تُنهنجو موپي پُٽ بہ نہ سگهندو جنهن جي ڪچهرين جو موضوع ئي تون هُئين. هر ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ ۾ چوندو هو بابا اڄ هيئن چيو هُوئن چيو... الا! منهنجو مولائي پائتيو گُلاب اڄُ پيلو پَن ٿي ويو آهي. هُن جي واتان اڄ بابا جو شبدُ ٻُڌي اوچنگار نڪريو وڃي ٿي. مڃون ٿا تہ سينيءَ کان وسري ويندين، پر انهن ڏيئرن کان پَل بہ نہ وسرندين جيڪي پيئرڪي پيار لاءِ هاڻ بنان جَل مڇيءَ وانگي ڦٿڪنديون رهنديون. مُنهنجا پيارا ماسات! وسرندين تہ مون کان بہ نہ، ڇاڪاڻ تہ هن دُنيا ۾ شايد تُون ئي منهنجو ايڏو خيال ڪندڙ ڀائر هُئين جو مون تُنهنجي روبرو ڪڏهن سگريٽ ئي نہ پيتو. هاڻي مون کي هدايتون ڪير ڪندو پيارا! مون کي نيڪ صلاحون ڪير ڏيندو. هن منافق دنيا ۾ پنهنجائپ جو احساس ڪير ڏيندو. تون تہ مون کي بہ يتيم ڪري وئين .

منا! مون کي سياڻي رسمي طور تُنهنجي تڏي تي تعزيت لاءِ وڃڻو آهي. تُنهنجي تعزيت جو اصل تڏو تہ منهنجي دل ۾ وڇائجي چُڪو آهي. باقي دنياداريءَ جي حساب سان وڃڻو پوندو ڇاڪاڻ تہ آئون بہ اڃان زنده آهيان. مري ويندڙ کان جيئرا گهڻو پوڳيندا آهن .تُنهنجي تڏي تي وڃي تُنهنجي ننڍڙن کي کهڙو ڏڍ ڏيان يار! اها دل ڪٿان آڻيان جيڪا چئي ماڻ ڪيو ٻچڙا ”مرتيو آتما جو ڏرم آهي“ گُلاب کي پاڪر ۾ پائي ڏڍ ڏيڻ جيتري مون ۾ سگهہ ئي ناهي. ڪيمجي ۽ آنٻجي کي آٿت کهڙن لفظن ۾ ڏيان؟ ڇا ڪيان منهنجا ياءُ! آئون اهڙو پٿر ڪٿان آڻيان جيڪا منهنجي مور جهڙي معصوم دل تي رکي تُنهنجي تڏي تي وڃي تعزيت ڪيان...! پر منا! هر حال ۾ ويندس...تُنهنجو اڳي ئي مياري آهيان جو منتي ۾ ايندي ويندي بہ توسان سال ٿيو ملي نہ سگهيس. هاڻ سيئي ميارون لاهڻ ايندس. اکين جي پلر سان تُنهنجي تڏي کي پوپتر ڪندس. پر ها منا! منهنجي هڪڙي ميار توتي رهجي ويندي آئون جڏهن مري ويندس تڏهن تون منهنجي تڏي تي تعزيت لاءِ اچي نہ سگهندين...

پيارا...! اڄ آئون تُنهنجي تڏي تان تعزيت ڪري موٽيو آهيان. تُنهنجا ناهيل ناٺ اڄ بہ اوچي ڳاٽ تنهنجو تعارف ڪرائي رهيا هُئا. سمورو ڳوٺ تُنهنجي تڏي تي موجود هو. درد کي دلين ۾ پاليندڙ ڪيرتيءَ جا مگهجياڻي سوڍا بہ موجود هُئا. منهنجن ياڻتين جون اکيون پنل هُيون. انهن معصومن لاءِ هاڻي چارئي ڏسون سريکيون ٿي ويون آهن. تُنهنجو پيٽ لوڙيون پُٽ چرين وانگي توکي ڳولي رهيو هو. آنٻجي جهڙي قدآور شخص جو ڪنڌُ جُهڪيل هو. ياڻرن جي جوڙ ٽُنڊ ڪانپوءِ واهيون بتال ٿي ويندڀون آهن. اها اڄُ خبر پيئي... فقير شير محمد بلالاڻيءَ ۽ تيجوبر سنگهہ سوڍو تُنهنجي تعزيت لاءِ آيل هُئا. سوبن ماڻهو روز اچن ٿا، جن کي آدر بہ ملي ٿو. پر تون ناهين. تو بنان جَهپيو سُجو ٿي ويو آهي...مُنهنجا ياءُ !پرئي وسڪاري ۾ ڏڪ ڪڍي وئين...!

# غُلام رسول نهڙيو

چيلهار جنهن ۾ جُوجهار سنگهہ ساڏُور جي هڪڙي ڄار مشهور هوندي هُئي، جنهن هيٺ ويهي هُو مهمانن کي مان ڏيندو هُو. هُن وٽ ڪا بہ اعليٰ قسم جي اوطاق اڏيل نہ هوندي هُئي، پر ماڻهن کي آدر اهڙو ڏيندو هو جو راڄ پيا تذڪرو ڪندا هُئا. هن وقت نہ جُوجهار آهي ۽ نہ ئي اُن جي ڄار..وقت پنهنجي عقابي چنبن ۾ سڀ ڪُجهہ لوڙهي ويو. پر چيلهار اُتي جو اُتي چمڪي پيو. چار يُڳن تائين آباد رکڻ واري چارڻن جي دُعا چيلهار کي جيئڻ جو تئين شاد رکندي آئي آهي. ان شاد باد چيلهار ۾ جُهوجهار سنگهہ جي پاڙيئي جي پرسان هيلون هٽندڙ راڻاسر ترائي جي اوپر ۾ عمرڪوٽ واري روڊ پرسان اُپرندي هڪڙي قديم ديوي آهي. اُن ديوي هيٺ هڪڙو درويش جي دل جهڙو دلربا ماڻهو اوهان کي هر ويل هٿيڪو ملندو. هُو ديوي هيٺ ويهي جُوجهار سنگهہ سوڍي جون سڪون لاهي ٿو. هُو آيل مهمانن کي ايڏو تہ آدر ڏئي ٿو جو اکيون پرجي اچن ٿيون. اکيون ان ڪري پرجي اچن ٿيون جو هُو جسماني طور معذور آهي، اُٿي بہ نٿو سگهي، پر مهمانن سان گلي ملڻ لاءِ اُتاولو ٿي ويل چيئر تان اُٿڻ جي ڪوشش ڪندي اهڙي تہ حُب سان ملي ٿو جو ماڻهوءَ جي دل ۾ هن لاءِ ديا جو درياءُ اُٿلي پوي ٿو. هُو جسماني معذور ضرور آهي، پر ذهني معذور قطعي ناهي. هُو دل جو درياءُ آهي. هُن کي اڏ سنڌ سُڃاڻي ٿي، هن سان پيار ڪندڙ شاعر، اديب، صحافي ۽ سياستدان سيئي هُن کي ديوي وارو مُرشد چوندا آهن. هُو ديوي هيٺ ويهي مهمانن کي مان ڏيندي نہ رڳو چيلهار جا پُڄيا ڪارائي ٿو، پر پنهنجي درياءُ دل جيڏي وسيع دسترخوان تي سجايل ڍاڪُون ۾ ڍکي ماني بہ ڪارائي ٿو. هُو رڳو نالي ۾ نهال ناهي، پر هر ماڻهو سان محبت ڪندڙ اهو مهمان نواز آهي، جنهن جي ڏنل مان ۽ عزت جو پلا ڪير ٿو منڪر ٿي سگهي؟ هُو پنهنجي ڪار ۾ پاڻ ڪٽائي بہ سنگت کي راڻاسر گهمائي ٿو. ديوي پرسان هن جو ننڍڙو دڪان پڻ موجود آهي. ان دڪان ۾ هڪ ڪمپيوٽر پيل آهي جنهن تي هي سنڌُ جي

مختلف شاعرن جي شاعريءَ کي ڊزائن ڪري شوشل ميڊيا تي رکندو آهي. ۽ شاعرن جي جنم ڏهاڙن تي برٿ ڊي ڪارڊ ٺاهي انهن کي شاندار پيٽائون پيش ڪري پنهنجي پيار جو اظهار ڪندو آهي. هُو معذور هوندي بہ پنهنجي حياتيءَ ۾ خوشُ آهي. هُن کي قدرت کان ڪابہ شڪايت ناهي، بس هڪڙي شڪايت ضرور آهي تہ هن جا انگل آرا ڪٽندڙ هن لاءِ ڇپر ڇانوَ جهڙو بابل قدرت ڇني ورتو. ڪاڪا جي اچانڪ اولاڪي اسان جي دوست کي ڏاري وڌو آهي .

❊

# جَڳُونائي

هوٽيئر جي هن حَسين ڇوڪري تي لکڻ لئہ. تڳوسر جي ترائيءَ تي ترندڙ ڪنهن هنج جھڙي حَسين ڪامڻيءَ جي اک ۾ پيل ڪجل مان قلم کي ٻوڙڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ ايشوريا راءِ جي اکين جھڙين سيڙڪين اکين جي مالڪ هن جڳونائي جي جيون چريتر سان تڏهن ئي ڪو انصاف ٿي سگھندو. باقي مون جھڙي ڪنهن معمولي ليکڪ جو ننڍڙو قلم. سَري جي شام جھڙي اُداسيءَ ۾ ٻُڏل خيال پلا هن جي حسين ۽ غمگين زندگيءَ سان ڪھڙو انصاف ڪري سگھندا پر جھڙو حال آهي حاضُر آهي!

هُو جيڪو صبح جو سوير اُٿي پکين کي ڳڻ اُچلائي ٿو يا نہ. پر "نگاهن جا نيرا گُل" ڪنهن واٽ ويندڙ حَسينا جي هنج ۾ اُچلائي پنهنجي اُجري صبح جو آرنڀ ضرور ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ هُو سُونهن جو پوڄاري آهي. هُو پاڻ بہ سھڻو آهي تہ سندس ويچار بہ دل کي وڻندڙ آهن. هُو هوٽيئر مان مني ويندي واٽ ۾ فطرت سان ڪچهري ڪري ٿو. فطرت جي فن ۽ قدرت جي ڪمال تي سوچيندي، مني پُڄي ٿو. مني هن لئہ ماءُ جي هنج جھڙو درجو رکي ٿي. مني جنهن کي هن پنهنجين سيڙڪين اکين ۾ ڪجل ڪري پاتي آهي. مني هُن جو خواب نگر آهي جنهن ۾ ڏينهن ڏٺي جو هُو ڪيئي سپنا سرجي ٿو. هُو مني پهچي پنهنجي حجامڪي دڪان کي کولي ٿو جيڪو هن لئہ ڪنهن درگاهہ کان گھٽ ناهي. دڪان کولڻ کان پوءِ حسب معمول اگربتي ڪندي، ايشور در ٻئي هٿ ٻَڌي پرارٿنا ڪرڻ مهل پنهنجي روزي روٽي گھرڻ کان اول مٺيءَ جي امن ۽ هندو مُسلم ڀائيچاري لئہ پرارٿنا ڪري ٿو. هُو چاهي ٿو تہ منهنجي ديس جي رواداريءَ وارو رواج سدائين لئہ روان دوان رهي. ڪنهن بہ ڪٽرپنٿيءَ يا انتهاپسنديءَ جي هوا هن شهر جي ڏيئي کي گُل نہ ڪري. هُو مٺيءَ کي مني ئي ڏسڻ چاهي ٿو. اُها مني جنهن جي گھنٽين ۾ مندرن جا گھنڊ بہ وڄن ٿا تہ مسجدن مان اذان جون پُڪارون بہ اچن ٿيون. هوليءَ جا رنگ بہ هڪ ٻئي تي هارجن ٿا تہ محرم ۾ في سبيل الله

وارا شربت ورهائجن ٿا. هرداس پڳت تي پچن ڳائجن ٿا تہ مصري شاهہ جي مزار تي بہ ماٿا ٽيڪجن ٿا .

جَڳو جي جهوپڙيءَ (دڪان) ۾ هر وقت ڪچهريءَ جا ڪوڏيا وينا ئي وينا هوندا آهن. چاڪاڻ تہ هتي ٻيو ڪجهہ ملي نہ ملي، پر جڳو جو پيار، اڌڙي چانهہ جي ۽ سنڌ ايڪسپريس اخبار ضرور ملندي. ملڻ جي حساب سان تہ هتي پانت پانت جا اديب ۽ شاعر بہ ملي ويندا آهن. جيڪي جڳو سان دلپشُوري ڪري مُفت جي چانهہ بہ پِي ويندا آهن تہ اخبار بہ پڙهي ويندا آهن. بعضي بعضي هيڪڙ ٻيڪڙ اديب تہ اخبار کي بغل ۾ ويڙهي پنهنجي پيءُ جي سمجهي کڻي بہ ويندا آهن. ڇا ڪجي؟ اديب آهن .مُفت جي چانهہ ۽ اخبار تہ انهن جو بہ حقُ ٿئي ٿو. حُڪومت ڪان نہ ٿو پُڇي تہ ڇا ٿيو اسان وٽ جڳو نائي جهڙا جوان ۽ درياءَ دل انسان وينا آهن. جيڪي اهڙن اديبن کي بہ اکين تي رکي عزت ڏيندا آهن جيڪي چانهہ پِي ٻاهر نڪرندا آهن تہ جڳمال نائي کي جڳيو چوندا آهن. پر مجال آهي جو جڳمال ڪڏهن مُنهن ۾ سر بہ وڌو هُجي. هر وقت کلي ملڻ وارو من موهي مزاج هن کي گهٽن ڪان نيارو ڪري بيٺو آهي. جَڳو پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغُول هوندي بہ ڪچهري ڪندو رهندو آهي .ڪنهن گراهڪ جا وار يا ڏاڙهي ٺاهيندي بہ مجال آهي جو ڪچهريءَ مان ڌيان ڪڍي. وارن ٺاهڻ وارو هُنر هن کي موروثيت ۾ مليل آهي. وار سنواريندي جڏهن وارن ۾ آڱرين کي ڪنگي ڪري ڦيريندو آهي تڏهن ائين لڳندو آهي جڻ هُو دردن جي گهاٽي جهنگل ۾ پنهنجي پيٽ جو ڳپو ڳوليندو هجي. هُو گراهڪ کي پل بہ پريشان ٿيڻ نہ ڏيندو. ماڻهو پلي گهران ڪاوڙجي اچي يا رستي ۾ ڪنهن قرضُو چڙائي وڌو هُجي يا وکر وڻڻ جي ڳڻتيءَ ۾ غرق ٿيل هجي پر جڏهن جڳو جي دڪان ۾ پيل ڪُرسي تي ويهي وڏي ٽڪ ۾ پنهنجو چهرو چٽائي ڏسي ٿو، تڏهن جڳو هن سان گفتگو ڪري هن جو هانءُ هلڪو ڪري ڇڏي ٿو. حجامڪي ڌنڌي ۾ گراهڪ سان گفتگو ڪرڻ فطرتي عمل ۾ شُمار ٿئي ٿو پر هن جي ڪچهريءَ ۾ پنهنجائپ وارو پيار جهلڪندو آهي .

جڳو کي حياتيءَ ۾ هڪ ڀيرو وڏي چانس بہ ملي هُئي. نواب شاهہ واري زرداري هائوس تي نوڪري ملي، پر منيءَ جي مُحبت هن کي اُتي مهينو بہ رهڻ نہ ڏنو. ادب سان عشق، اديبن سان پيار ۽ منيءَ جي مُحبت تان هُو وڏي آڇ قربان ڪري وري اُن قينچيءَ واري ڪرت سان لڳي ويو جيڪا هن جي دردن کي شايد ئي ڳٽي سگهي، پر هي اُن سان ناتو نڀائيندي عمر ڳٽي ڇڏيندو.

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لڪيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


نالو: امر رائيسنگھ راجپوت
ذات: راجپوت
ريڊيو پاڪستان مٺي تي بطور ميزبان ڇهه سال ڪم ڪيو.
ڍولا مارو ڏِٺ (خاڪا)
پوسٽل ايڊريس:
پوسٽ آفيس و تعلقو ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر